
يار
ناول
حيدر دريا

# يار

## (ناول)

## حيدردريا

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت ڪتاب گھر جو ڪتاب نمبر: 44

| | |
|---|---|
| نالو: | يار (ناول) |
| ليکڪ: | حيدر دريا |
| ڪمپوزنگ: | آفتاب حسين کوھارو |
| لي آئوٽ ۽ ڊيزائن: | آفتابِ ادب پبليڪيشن |
| ڇپائيندڙ : | موسيٰ پبليڪيشن حيدرآباد |

## Book No. 44 of Sindh Salamat.Com Book House

| | |
|---|---|
| Name: | Yaar (Novel) |
| By: | Haider Darya |
| Composing: | Aftab Hussain Khuharo |
| Layout & Design: | Aftab-e-Adub Publication |
| Published by : | Moosa Publication, Hyderabad |

سنڌ جا سڄڻو سلام ..........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **چوئيتاليهون** (44) ڪتاب، ناول **يار** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ناول جو ليکڪ محترم **حيدر دريا زئور** آهي.

هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، ليکڪ ۽ سنڌ پرست **محترم آفتاب حسين کوهاري** جي آهي جڏهن ته موسيٰ پبليڪيشن حيدرآباد پاران هي ڪتاب ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي. لک ٿورا ياءِ آفتاب جا جنهن ڪتاب جي ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون سائين حيدر دريا جون جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

تاحيات جي ارپنا
سنڌونديءَ جي نانءُ
۽
ان آدم جي نانءُ
جنهن کي خدا پنهنجي صورت تي خلقيو

**حيدر دريا**

# پنهنجي پاران

**عشق** مجاز ۾ پاڻي تي ليڪا ڪڍي پنهنجي محبوب جي تصوير ٺاهيندڙ اهڙي محبت کان محروم رهي ٿو جيڪا محبت روح تي رهڙون ڏئي، محبوب جي تصوير دل تي چٽي ڇڏيندي آهي.

حساس ماڻهو ته برابر سڀ، هڪجهڙو سوچيندا آهن. پر ان سوچ جو مڪمل اظهار سڀ ڪري نه سگهندا آهن ۽ هرڪو ماڻهو ان جو مڪمل اظهار ڪري به ڪون ٿو سگهي.

انساني جلال جو عالم ۽ فنافي الله جو مقام، بني آدم غير جسماني سوچ سان عالم ملڪوت جي منزل جو سفر طئي ڪري ٿو! جنهن کي هن دؤر ۾ ڪوئي به تڪڙو تسليم ناهي ڪندو.

انساني سونهن هڪ اهڙو مجازي محل آهي، جنهن ۾ رعيت روئندي به رهي آهي ۽ کلندي به رهي آهي ۽ ان محل جي اڏاوت ۾ جيڪي رنگ روغن ۽ چٽ گل چٽيل آهن، سي سڀ تصوف مان ورتل آهن.

منهنجو هي ناول، عشق جي اسڪول ۾ نئين داخلا وٺندڙ نوجوانن جي ٿوري ڪجهه رهنمائي ضرور ڪندو ٿوري ڪجهه انهيءَ ڪري پيو چوان، جو خدا جي خدائي کي ڪنهن هڪ عمر ۾ مڪمل ڪرڻ ناممڪن آهي.

انسان کي جيڪي خدا جي طرفان عظيم اختيار مليا، اهي بس انساني عمر جي دنگ تائين، ان کانپوءِ هڪ تسلسل آهي، جنهن جو سلسلو هن ڳالهائيندڙ جانور (انسان) جي وهشت تي اچي موت کائي ٿو ۽ وري نئون جنم وٺي ٿو. ائين اهڙي طرح تصوف پنهنجي سفر ۾ ايڪهين صديءَ جي انسان تائين پهتو آهي.

منهنجي ناول جي هن ڪهاڻي کي، مان هڪ گهڙيل قصو نه چوندس. ڪهاڻي جو وجود عظيم سچ آهي. جيڪڏهن ابن آدم جو وجود ڪوڙ آهي، ته پوءِ ڪهاڻي دنيا جو عظيم ڪوڙ چئي سگهجي ٿي. ها! البت هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جا نالا سڀ فرضي آهن.

ڪنهن حقيقت کي ڪهاڻي جي ويس ۾ بيان ڪرڻ وقت، ان ۾ ڪردارن جا نالا فرضي بيان ڪرڻ، اهو ان سچ جي احترام جو سبب آهي. جيڪو ادب جي ڪهاڻي واري صنف ۾ اخلاقن جائز آهي.

پنهنجي پڙهندڙن لاءِ مان پنهنجي اهڙي سچ کان آگاهه ڪندو هلان ته، پنهنجي لکڻي ۾ مون سان جيئن ڪردار پاڻ ڳالهائيندو آهي، بس اُهو اُهڙو ئي جهڙو تهڙو لکندو آهيان، مون ڪردار کي ڪڏهن به زوري ناهي ڳالهارايو. مهرباني

سنڌ کي دعائن ۾ ياد رکجو.

**حيدر دريا**

**ميرپور بٺورو**

20_05_2012ع

03022315714

hyderdarya@yahoo.com

# مهاڳ

هڪ انڌو فقير فٽ پاٿ تي پنندو هو. قسم قسم جون صدائون ڏئي واٽهڙن کي متوجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. طرح طرح جون دعائون، الله رسول جا واسطا، قرآن جا ڏوهه. منٿون ميڙون ڪندو هو پر سڄي ڏينهن نِڙيءَ تي زور ڏيڻ باوجود ايتري خيرات نه ملندي هئس جنهن سان ٻچا پالي سگهي. هڪ دفعي، اُتان هڪ اديب جو گذر ٿيو. جنهن فقير کي چيو "فقير مان روز هتان گذرندو آهيان، تنهنجون صدائون ٻڌندو آهيان، تنهنجا ايلاز رڙيون ٻڌندو آهيان، مون کي توتي ترس ٿو اچي، اڄ مان توکي هڪ اهڙي شيءَ ٿو ڏيان، جنهن سان تنهنجي آمدني وڌي ويندي ۽ توکي رڙيون ۽ ايلاز منٿون به نه ڪرڻيون پونديون."

فقير چيس، ابا وارو ڪر، اهڙي ڪا ٿل هلاءِ، ڪو قرب ڪر. اديب هڪ ڪاغذ تي هڪ سِٽ لکي ڏنس، چيائينس، هن تختيءَ کي ائين جهلي ويهه ته جيئن هر ايندڙ ويندڙ هن تختي کي پڙهي. فقير، اديب جي ڏنل هدايت تي عمل ڪيو ۽ خاموشيءَ سان اها تختي واٽهڙن کي پڙهائيندو رهيو ۽ تقريبن پڙهڻ ڪانپوءِ هر لانگهائو ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو ويو.

انڌي فقير کي تجسس ٿيو ته آخر هن تختيءَ تي اهڙو ڇا لکيل آهي، جو بنا ڪنهن صدا، الله رسول جي واسطن جي، منهنجي جهولي پئسن سان پرجي وئي آهي، نيٺ فقير هڪ ماڻهوءَ کي جهلي پڇا ڪئي ته هن تختيءَ تي ڇا لکيل آهي؟. هن ماڻهو پڙهي ٻڌايو جنهن تي لکيل هو:

"خدا اوهان کي ڪيڏو نه خوبصورت بڻايو آهي، پر افسوس جو آءُ بينائيءَ کان معذور آهيان ۽ اوهان کي ڏسي نٿو سگهان."

مٿئين مختصر قصي مان جيڪا ڳالهه ڏيان طلب آهي، اُها آهي "فن"! ڪنهن به شيءِ کي فنڪارانه انداز (Artistic Way) ۾ پيش ڪرڻ. دراصل اها پيشڪش يا پيشڪاريءَ جو فن (Presentation) ئي سيڪجهه آهي، چو ته دنيا ۾ (جيئن ٻڌو ۽ پڙهو اٿئون) ڪل موضوع جو تعداد 36 آهي، انهيءَ ليکي، هيل تائين جيڪي به لکين ڪروڙين ڪهاڻيون، ناول يا شاعريون سرجيون ويون آهن، اهي سڀئي انهي 36 موضوعن کان ٻاهر نه آهن. ڳالهه سڄي آهي اٽت جي، بيهڪ ۽ پيشڪاريءَ جي. سنڌ ۾ امرجليل جي ڪهاڻين کي وڏ ۾ وڏ ميڄتا ملڻ جو سبب دراصل اها ڪاريگريءَ واري اٽت آهي، جيڪا اڄ سوڏي منفرد ۽ انوکي آهي.

اسان جو سنڌي ادب ناول جي معاملي ۾ غريب ادب رهيو آهي، انهيءَ جي ڪيترن ئي سببن مان هڪ اهم سبب هي آهي ته اسان جو سمورو ننڍو ڪنڊ شاعريءَ جو سماج رکندڙ خطو آهي، جنهن ۾ وسندڙ تقريبن سموريون قومون شاعري سان رغبت رکندڙ مزاج واريون قومون آهن. هونئن به ادب جي شاعري، شاعريءَ سان ٿي آهي، ۽ خاص طور تي اسان سنڌي ماڻهو جيڪي

ڪيڏي نہ وڏي ميٽرو پوليٽن / اربن شهر جا رهواسي هجون. بنيادي طور ڳوٺاڻي فطرت ( Rural Nature) جا ماڻهو آهيون. جن جي طبيعت شاعري (ان ۾ بيت، گيت ۽ اهڙيون ڪلاسيڪل صنفون وغيره اچي وڃن ٿيون) ڏانهن مائل آهن. ناول سرمائيدار ۽ صنعتي سماج جي صنف آهي، جنهن ۾ 90 سيڪڙو خواندگيءَ جي شرح هوندي آهي. سنڌي ادب جي تاريخ جا پنا اُٿلائي ٿا ڏسجن تہ مرزا قليچ بيگ جي ناول "دلارام" (جيڪو سنڌي ادب جو پهريون طبعزاد ناول چيو وڃي ٿو) کان وٺي هيل تائين بہ اڍائي سو ناول ئي لکيا ويا آهن. جن مان جيڪر ڇانٽي ڪبي تہ ٽوٽل ٽيهہ يا پنجٽيهہ ڪن ناول اهڙا ٿيندا جيڪي ڀرپور ناول چئي سگهجن ٿا. اجا بہ جيڪر عالمي سطح جي ڳالهہ ڪبي تہ پنج ست ناول مشڪل سان مقابلي ۾ ايندا.

حيرت ۽ افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي ادب ۾ نثر يا فڪشن جا تمام وڏا نالا بہ ڪو زبردست ناول نہ ڏئي سگهيا آهن. ان کان بہ وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان پنهنجي تاريخ جي غير معمولي ترين شخصيت شاهہ لطيف تي ان جي قد جيترو ناول نہ لکي سگهيا آهيون. انهيءَ ڏس ۾ مرحوم مراد علي مرزا جو ناول "ساميءَ سج وڙاءَ" پڙهيوسين، تمام سٺو! پر پڙهائي ان کان گهڻو تمام گهٽ ومتي آهي. منهنجي خيال ۾ لطيف جو حق علي بابا يا آغا سليم ادا ڪري سگهن ٿا.

"لفظن جي خواهش" ۽ "رشتن جي آزادي" ڪانپوءِ، حيدر دريا جو هي ٽيون ناول "يار" اوهان جي هٿن ۾ آهي. ٽنهي ناولن جا موضوع مختلف آهن. ٽيئي پڙهڻ ڪانپوءِ اها ڳالهہ تہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ حيدردريا وٽ موضوعن جي ورائٽي آهي. سماجي اڻ برابري، عشق، سياست ۽ مذهب برابر الڳ موضوع هجڻ باوجود هڪ مخصوص لاڳاپو رکن ٿا.

ناول "يار" جو موضوع "عشق، مذهب ۽ سياست" جي دائري ۾ ڦري ٿو ۽ اِهي ٽيئي موضوع انتهائي سنجيده ڳوڙها ۽ حساس هجڻ سان گڏوگڏ سماج جا اهم ترين معاملا آهن. جيڪي انفرادي بہ آهن تہ اجتماعي بہ. ڇو تہ هر انسان عشق، مذهب ۽ سياست سان سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح لاڳاپيل آهي. شعوري توڙي لاشعوري طور تي اهي ٽيئي ماڻهو جي اندر ۾ ٽيئي ڪاتا ڪليل هوندا آهن.

هي ناول گل محمد ملاح نالي هڪ شخص جي هڪ اهڙي گهراڻي جي ڪٿا آهي، جنهن جي گهر ۾ مذهبي بحث، صوفي فڪر، سياسي وابستگين ۽ عشق جي اُڻ تُڻ آهي. گل محمد پيپلزپارٽيءَ جو هڪ مخلص ڪارڪن آهي، جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي عشق ۾ جذباتي طور ورتل آهي. سندس هڪ پٽ ڪنهن سيد زادي ڇوڪري "عدن" جي عشق ۾ گرفتار آهي، جيڪو صوفي ذهنيت رکندڙ آهي، سندس ٻيو پٽ جهادي ٻڌجي مذهبي ڪٽرپڻي جو شڪار آهي.

سنڌيءَ ۾ مون اهڙيون ڪهاڻيون يا ناول تمام گهٽ پڙهيا آهن. جن ۾ حقيقي ڪردار ڪنيل هجن. اصولي طور تي ٿيندو ائين تہ ڪردار پلي حقيقي هجن پر ڪين نالا فرضي ڏنا ويندا آهن.

چو تہ اهو عين ممڪن هوندو آهي تہ ڪنهن بہ شخص يا ڌر کي اصلي نالا ڏيڻ سان اعتراض ٿئي ۽ هو قانوني ڪارروائيءَ لاءِ رجوع ڪري.

هي ناول پاڪستان ۽ سنڌ جي وڏي سياسي تنظيم "پاڪستان پيپلزپارٽي" جي ويجهي ماضيءَ جو عڪاس آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي بينظير ڀٽو تائين، سنڌ جي عوام ديوانہ وار ٻڌجي غير مشروط عشق ڪيو آهي، اهو عشق نج جذباتي بہ آهي تہ عملي بہ. چو تہ گڏريل ڇئن ڏهاڪن کان هنن الهہ لوڪ سنڌين ڪين اقتدار جي ايوانن تائين پهچايو آهي. اسان گڏريل ٽِن ڏهاڪن کان ٻڌندا ٿا اچون تہ قوم تي ڀٽي صاحب جو قرض آهي، جيڪو لهي نٿو لهي، پر اهو ڪنهن جي واتان نٿا ٻڌون تہ ڀُٽن تي سنڌين جو هيڏن اقتدارن جو قرض آهي، اهو ڪير لاهيندو؟ اڄ خود پيپلزپارٽيءَ کي اقتدارن سان گڏوگڏ، ڳڙهي خدابخش جي قبرستان ۾ قبرن جو اضافو مليو آهي ۽ صورتحال اها وڃي بيني آهي، جو منظر تان سڀ "ڀٽا" هٽي ويا آهن. يا هٽايا ويا آهن ۽ هاڻي "غير ڀٽو" کي "ڀٽو" بڻائي ڪم ڪڍڻ جي نوبت اچي وئي آهي. چو تہ سنڌ جي سياسي مارڪيٽ ڀٽو هڪ ٽريڊ مارڪ برينڊ آهي، جنهن کان سواءِ ووٽ وٺڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي، مان سمجهان ٿو تہ اها سموري واويل هن ناول جو حصو هئڻ ڪپندي هئي.

مختصر هن ناول ۾ پ پ پ جي ذوالفقار علي ڀُٽي کان وٺي بينظير تائين، سڀني اقتداري دورن جو ذڪر آهي، جنهن مان اها ڄاڻ تہ ضرور پوي ٿي تہ سنڌي ماڻهن هن سياسي پارٽيءَ سان ڪيترو عشق ڪيو آهي پر اها خبر نٿي پوي تہ هن پارٽيءَ يا هن پارٽيءَ جي اڳواڻن موٽ ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي ڇا ڏنو. گڏريل اڌ صديءَ جون اخبارون ٻڌائين ٿيون تہ سنڌين جي ساده لوحيءَ تي ڪهڙن ڪهڙن سياستدانن سياست ڪئي آهي ۽ وڏي ڀٽي کان وٺي بينظير ۽ زرداري تائين، سمورا سال ساريا پيا آهن. هن ناول ۾ محترمہ بينظير جي شهادت جو ذڪر واضح نموني منظريو ويو آهي ۽ محترمہ کان پوءِ واري پ پ پ جنهن جي اڳواڻي "پاڪستان کپي" جو نعرو هڻندڙ ڪري رهيو آهي ۽ هلندڙ دور جي اقتدار جي جهلڪ پڻ رهيل آهي.

هن ناول ۾ سنڌ جي سياسي حوالي سان اهم شخصيتن جو ذڪر آهي، جنهن ۾ سائين جي. ايم. سيد بہ شامل آهي. جي. ايم. سيد اُهو فقير منش ۽ صوفي سياستدان هو، جنهن پنهنجي علم، عقل ۽ فڪر ذريعي سنڌ جي وستيءَ وستيءَ ۾ وسندڙ ڪروڙين سنڌين تائين سنڌ جو ازلي پيغام پهچايو. خاص طور هن جهور پوڙهي جا ساٿي سنڌ جا نوجوان هئا، جيڪي سيد جي سڏ تي لبيڪ چئي نڪري پيا. مان ذاتي طور اهڙن ڪيترن نوجوانن کي سڃاڻان، جن سيد جي راهہ ۾ پنهنجون سون جهڙيون جوانيون ڳاري ڇڏيون، گهر، ٻار ۽ نوڪريون "سن" واري عشق ۾ وقف ڪري ڇڏيا ۽ سيد جي ڏسيل راهہ ۾ پاڻ ارپي ڇڏيو. ون يونٽ واري دور کان اڄ تائين هزارين سيد ۽ سنڌ جا عاشق جيلن ۾، عذابن ۾ آخر ۾ شهادت تائين پهتا.

جيئن تہ هن ناول جو محور سنڌ جو سياسي پسمنظر آهي ۽ جنهن ۾ سنڌ تي غير معمولي طور اثر انداز ٿيندڙ ٻنهي شخصيتن ذوالفقار علي ڀٽو ۽ جي. ايم. سيد. پر سمورو ناول پ پ پ جي

هڪ ڪارڪن جي محور ۾ سرجيل آهي. پر ايتري هڪ اهم ۽ پر اثر سياستدان جي. ايم. سيد جو ذڪر ايتري تفصيل سان نہ آهي. جيترو هئڻ کپندو هو ڇو تہ پيپلز پارٽي ۽ جيئي سنڌ هلچل جو نہ صرف نظرياتي تڪراءُ آهي، بلڪ هر لحاظ کان الڳ الڳ رستا ۽ منزلون آهن. ڇو تہ تاريخ گواهہ آهي تہ هن ملڪ جي ڪرتا ڌرتائن پ پ کي هميشہ جيئي سنڌ هلچل ذريعي سنڌ جي آزاديءَ ڏانهن وڌندڙ سفر کي ڪچلڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ استعمال ٿيندڙ پاڻ استعمال ڪندڙن جي صعوبتن جو شڪار ٿي ويا ۽ ڳڙهي خدا بخش جي قبرستان ۾ وڃي پهتا ۽ تاريخ ۾ انتهائي تڪراري بڻجي ويا.

حيدر دريا جوهي ناول، سنڌ جي ايندڙ دور جي مورخن ۽ محققن کي سياسي حوالي سان ڪيترن سوالن جا جواب ڏيندڙ ناول آهي. جيڪو نہ صرف سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ هڪ اضافو آهي، بلڪ سنڌي ادب جي صنف ناول جي ڪيتر ۾ غربت واري واويلا جو ڪنهن حد تائين ازالو پڻ آهي. "

**زبير سومرو**

10 ڊسمبر 2012ع

**شڪارپور، سنڌ**

# تاثر

پڇيوئي جان دوست تہ پاسي ڪر پرهيز ڪي
جنين ڏنو هوت، تن دين سپيئي دور ڪيا!
(شاهہ رح)

**انساني** حيات ۾ تصوف جا عجيب و غريب راز وَ نياز جا نت نرالا نقطا سمايل آهن ۽ انهن نقطن جي آڌار تي عاشقن لاءِ اهڙا تہ اشارا و ڪنايا بيان ڪيل آهن، جن مان پڇي پوءِ ٿي عاشق جو جنم ٿئي ٿو، اهڙي ريت سچي عاشق جو جنم وٺندڙ روح چئن منزلن طرف رمندو رهي ٿو، انهن منزلن ۾ سڀ کان اول منزل ”عالم ناسوت“ آهي جا حيوانات جو مقام آهي، ان جا فعل ’حواس خمسہ‘ ۾ پلجندا رهن ٿا، جنهن جون ظاهري نشانيون وري هن ريت هجن ٿيون، ڪائڻ، پيئڻ، سنگهڻ، سڻڻ، هڪ سچي سالڪ/ عاشق کي ان عالم مان گذر ڪندي ”رياضت“ جهڙي منزل طرف ڏيان ڏرڻو پوي ٿو، ان منزل مان پرکجي پوءِ ئي سندس وجود نڪور مکڙي جيئان نکري نروار ٿئي ٿو جهڙي ريت لطيف سائين فرمائي ٿو:

ڪنين ڪنين ماڻهئين، پيئي ڪل ڪائي،
رَسئا جي رمز ڪي، تن پارسائي پائي،
”الانسان سِري وَاَناسَره“، ورتي اِي وائي،
راجا، راڳائي، هَردوئي هيڪ ٿيا!

سچي ٻانهي/ سالڪ کي مٿين تمام صفات جي اوکين منزلن مان رنگجي ريٽو ٿي پوءِ ئي ٻئي عالم واري منزل تي پهچي ٿو، جنهن کي ”عالم ملڪوت“ ڪوٺجي ٿو، جا منزل (ملائڪن جو اعليٰ مقام) آهي جنهن کي (منزلت) جي نانءَ طور ڄاتو وڃي ٿو، انهن سمورن فعلن جا حواس خمسہ منجهہ سمايل رهن ٿا، جنهن ۾ ”تسبيح و تحليل“ جو قول ورجائڻو پوي ٿو، جنهن کان بعد ۾ ”قيام“ جو عمل ورجائڻو پوي ٿو ۽ بعد ۾ ”رڪوع“ کان ويندي ”مسجود“ جي ولايت پار ڪرڻي پوي ٿي، ان منزل تان هڪ سچو عاشق ئي ان مقام کان گذري پار پوي ٿو ۽ تنهن کان پوءِ ئي هو ٽئين عالم ۾ پير پائي ٿو ان عالم کي ”عالم جبروت“ سڏيو وڃي ٿو. هن عالم ۾ ”روح“ جو مقام شامل آهي، ”روح“ جو ڪم وري صفات ”حميده“ سان واسطو رکندڙ آهي، جنهن جي منزل جا ڏاڪا وري ”ذوق“ تي مبني رهن ٿا، تنهن بعد ”محبت“ جهڙو مشروب اوتڻو پوي ٿو، ان مشروب جي

مهڪ وري سالڪ کي ”اشتياق“ جهڙي احساس تائين رسائي ٿي، جنهن ۾ وري ”طلب“ جو تانگهو رهي ٿو جنهن مان ”وجد“ جهڙو واجب امتحان پاس ڪرڻو پوي ٿو ان امتحان کي پاس ڪرڻ کان پوءِ وري ”سُڪر“ ۽ ”محو خيالي“ جي فڪر سان سلهاڙجڻ سان ”فڪر“ جي پختگي جو پايو پوي ٿو پوءِ ئي سچو سالڪ/ پانهو انهن سمورين صفاتن مان گذر ڪري چوٿين مقام تي اچي بيهي ٿو اهو مقام آهي، ”عالم لاهوت“ جو. ان منزل تي جڏهن عشق جو طالب رسي ٿو تہ ان مقام تي هو پنهنجي ”خوديءَ“ کان ”جدا“ ٿو ٿئي، تنهن مقام کي ”لامڪان“ ٿا چون. ان سمورين صفاتن جي منزلن کان پوءِ ئي ”گفتگو “ جي اُڻ تڻ رهي ٿي ۽ ”جستجو“ جهڙي عنصر ۾ اضافو رهي ٿو جنهن مان ”حق“ جو نعرو نروار ٿئي ٿو:

عشق ٿي انسان آيو سيلاني سير تي،
صورت ۾ آدم جي، آدم دم مهمان،
سچا تون سلطان، سنگر سچ سٽايو.
(سچل)

مٿين سمورين منزلن جي ڪٺن مرحلن کان گذر ڪري پوءِ ئي تصوف جي تاريخ ۾ انسان ذات جي امنگن جو امتزاج سندس روحاني ڳانڍاپي سان الک جي عشق ۾ وارد ٿئي ٿو. پوءِ سندس وجود فقط ”حق“ ۽ ”سچ“ جي ڳولا جو متلاشي رهي ٿو ۽ ”الک“ جي ڪائناتي رنگن و روپن جي پيدن کي ڳولڻ ۽ ڦولهڻ ۾ مگن رهي ٿو.

يہ تو گهر هي پريم ڪا، خالہ ڪا گهر نانهہ،
سِيس اُتاري پوئين ڌري، تب بيٺي گهر مانهہ.
(ڪبير)

اهڙين جاوداني رمزن پرکڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ انساني حيات جو مقصد صوفي جي روح ۾ سمائجي ٿو. صوفي وري حق ۽ وحداني شعور ۾ اڙيو پوي جتي هن کي ڪيترين ئي دنياوي ۽ شرعي مسئلن کي منهن ڏيڻو ٿئي ٿو اهڙي ريت تصوف جي تاريخ ۾ جن بہ صوفين جو پالو پيو تن پاڻ کي ”وحدت“ جي جهونگار سان ”الاالله“ جي وائي ورجائڻ جو درس پئي ملندو رهيو آهي.

پِرِ ۾ پُڇيائون، عشق جي اسباب کي،
دارُون هن درد جو ڏاڍو ڏَسيائون،
آخرِ ”والعصر“ جو اِئين اُتائون،
تِهان پوءِ آئون، سڪان ٿي سَلام کي.
(شاهہ رح)

اسان جي سنڌ سونهاري جي سچن سرمستن، صوفين ۽ سرويچن جو تعلق پڻ تصوف جي مول متن سان پئي رهيو آهي. سندن حيات مان ملندڙ درس واحد جي ڏسيل واٽ جي پرچارڪ طور ٿي ملي ٿو:

بزرگ شيخ مشائخ يارو نا مخدوم ٿيا سي،
نڪي قاضي نڪي ملا، معلم پير بڻيا سي،
نڪي ناھ نڀڳيءَ جا ناهي، رنگ رساءِ رکيا سي،
سچا پاڄهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکيا سي.

(سچل)

شاه عبدالڪريم بلڙي وارو، صوفي شاه عنايت شهيد، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، بلها شاه ۽ قلندر لعل شهباز رحمتہ الله عليہ جهڙين عظيم هستين جو ذڪر پڻ ان ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪندي ملي ٿو. سندن ئي حيات مبارڪ جي سبق مان اسان کي وحدت ۽ تصوف جي پڪار ملي ٿي اهڙي ريت ڪبير ڀڳت جو دوهو آهي تہ.

يہ ڪرني ڪاپيد هئہ، نهي ٻڌي بيچارُ
ڳتني تَڄ ڪرني ڪرو توڪِڄُ پاوه سَارُ.

تصوف جي حوالي سان ڏسجي ٿو تہ شاه عبداللطيف وٽ ’تصوف‘ جو تصور پوري عالم جي سمورن صوفين جي وسيع مطالعي کان پوءِ واري صورتحال وٽي بيٺو آهي. سندس ’تصوف‘ بابت فڪر جي پيشڪش (Presentaion) جو مثال تمام اعليٰ نموني جو آهي، تصوف جي جيڪا شفاف معنيٰ لطيف ڏسي ٿو سا ’تصوف‘ جي معنيٰ ٻين صوفين کان بنهہ مختلف ۽ نياري آهي. جيڪر اسان ڏسون تہ موجوده وقت ۾ جيڪا سموري عالم جي صورتحال اچي بيٺي آهي، تنهن تباه شده حالت کي دنيا جي ٻي ڪا بہ طاقت سنواري / نجات ڏياري نہ ٿي سگهي سواءِ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڏيکاريل تصوف جي درس کان.

تاريخ ۾ جنهن بہ ڪردار پنهنجي قومي ورثي جي بقا لاءِ ڪم ڪيو آهي اهو هميشہ لاءِ تاريخ جي ورقن ۾ پاڻ کي امر ڪري وڃي ٿو. هونئن بہ اسان جي ڏات ڌڻين پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت لاءِ هر وقت جاکوڙ پئي ڪئي آهي ۽ ڪندا رهن ٿا. تن ۾ ڪيترائي اهم نالا ڳڻائڻ لائق آهن. جن پنهنجي ادبي ۽ علمي پورهيي سان پنهنجي تهذيب ۽ قومي ورثي کي وقت بوقت اجاگر ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش پئي ڪئي آهي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ انهن ڏات ڌڻين پنهنجي قلمي نچوڙ جو جيڪو بہ پورهيو ڪيو سو سندن ڏات ۽ قلم جي فراسائي ايندڙ نسل لاءِ هڪ انمول تحفي مثل پانئجي ٿي.

محترم حيدر دريا پڻ پنهنجي قلمي پورهيي جو جيڪو هي نادر نمونو ”ناول“ جي صورت ۾ پنهنجي قوم کي ارپيو آهي سو بہ هڪ شاهڪار قسم جي لکڻين ۾ شمار ڪيو ويندو هي ناول ”يار“ جيڪو ڪل 270 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي طرفان هن سماج ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيترين ئي وارتائن جا داستان قلمبند ڪيا آهن، جن ۾ خاص طور تي سياست، مذهب، عشق، تصوف ۽ قومپرستي جهڙا اهم عنصر ملن ٿا. سندس اهڙي علمي و ادبي پورهيي ”يار“ ناول ۾ پڻ اسان جي سماج ۾ جنم وٺندڙ ڪيترين ئي برائين کي ننديو اٿس. سندس قلم جي نوڪ مان خاص طور تي سياسي تاريخ جو تذڪرو ملي ٿو.

سنڌ سونهاري اها سرزمين آهي جتي عرب حڪمرانن کان وٺي ارغون ۽ ترخان جهڙن ظالم حڪمرانن هن سرزمين کي پٽي ڦريو ۽ لٽيو آهي، تنهن کان علاوه انهن سفاڪ حڪمرانن جهڙي ريت سنڌ جي تاريخ و تهذيب کي متاثڻ جهڙو گناهہ ڪيو سو بہ اسان سڀني کي چڱي ريت معلوم آهي، تنهن هوندي اڄ انهن ظالم حڪمرانن جو نالو نشان ئي هن ڌرتي تي باقي نہ رهيو آهي.

هن ناول ۾ ليکڪ پاران شامل ڪردارن جي معرفت جيڪو سماجي ۽ سياسي منظرنامو پيش ڪيو آهي سو بہ ڪيتري ئي حقيقن کي ڳولي لهڻ جو ڏگ ڏسي ٿو. نہ فقط ايترو پر تاريخ ۾ چا وهيو واپريو اهو دور بہ ڪيتري قدر ۽ ڪهڙين سچاين تي مبني هو تنهن جو بہ خاصو احوال مقالمي بازي جي صورت ۾ اسان کي دليلن سان ملي ٿو.

هن ناول ۾ پيش ڪيل مک ڪردار قربان کي ڄاڻايو ويو آهي، قربان جو مرڪزي ڪردار صوفيت جي رنگ ۾ رچيل نظر اچي ٿو ۽ پنهنجي حقيقي عشق جي جستجو ماڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو پر تنهن هوندي بہ ڪيس پنهنجي سچي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي رنڊا روڙا پون ٿا پر زماني جي ويرين ڪيس اهڙي تہ چار ۾ ڦاسائڻ جا سانباها ڪن ٿا جنهن مان هن جو واپس ورڻ ئي محال بڻجي وڃي ٿو تنهن هوندي بہ هو پنهنجي علمي ۽ عقلي دليلن وسيلي پنهنجو دفاع ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهي ٿو، ايتري تائين جو ڪيس هندستان جي سرزمين جو بہ چڪر ڪاٽڻو پئجي وڃي ٿو ڪيس اتي بہ جيڪي اذيتون ڏنيون وڃن ٿيون سي بہ هو برداشت ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي ٿو ۽ آخر ۾ پاڻ اُڪير مان جڏهن ڏيهہ واپس موٽي ٿو تہ سندس محبوبا هن جهان مان گذر ڪري وڃي ٿي، سندس روح پڻ ان ئي صدمي جي سٽ نہ سهندي پرواز ڪري وڃي ٿو.

هن ناول ۾ ٻيو پيش ڪيل ڪردار عدن نالي ظاهر ٿيل آهي، عدن سندس محبت هئي، جا سنڌ جي مشهور ذاتين مان شاهہ ذات جي نينگر هئي، جنهن کي پڻ قربان سان تمام گهڻي محبت

هوندي آهي، سندس سمنڊ ڪناري هڪ ناڪئي جي معرفت قربان سان ملاقاتون ٿينديون هيون ۽ ان پنهي جي محبت جو رخ پڻ ان انجام تي پهچي وڃي ٿو جتي سهڻي ۽ ميهار جو پهتو جتي سسئي ۽ پنهون پنهنجي سورن سان لائون لڌيون، جتي مومل پنهنجي حقيقي محبت راڻي ڪارڻ راتين جي ماندڪائي وارو قيد ڪٽيو هو جتي مارئي جي لڄ کي ليڙون ڪرڻ جون تياريون ٿيون هيون، اهڙي ئي سماج ۾ عدن پڻ پنهنجن جي هٿان لوڙهي وئي جا ناڪئي جي هٿ لڳي ۽ ان ناڪئي پنهنجي يار قربان جي امانت کي باحفاظت طور هڪ جاءِ تي مدفون ڪري رکيو ۽ جڏهن ڪيس يار ملي ٿو تہ ان جي ساڻس آخري ملاقات پڻ ان ناڪئي جي معرفت ٿئي ٿي.

هن ناول جو ٽيون ڪردار نالي گل محمد آهي جيڪو قربان جو پيءُ آهي، سندس واسطو هڪ سياسي پارٽي سان آهي، گل محمد جي بہ اها ئي خواهش آهي تہ جيئن هو هڪ سچو سياسي ورڪر آهي اهڙي ريت سندس پٽ قربان پڻ سندس ئي واٽ وٺي سياسي ڪم جي وارثي ڪري، پر قربان پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور نوجوان آهي، جنهن کي علمي و ادبي چاهہ سياست جي اصل چهري کان اڳ ئي واقف ڪري ڇڏيو هو، سندس علم ۾ اسلامي تاريخ کان سواءِ دنيا جي ڪيترين ئي اهم سياسي ۽ ادبي شخصيتن جا نظريا سندس مطالعي هيٺ هئا، نہ فقط ايترو پر هو تصوف جي تعليم پڻ وڏو چاهہ رکندو هو قومي سياست جي پروڙ بہ کيس تمام گهٽي جاڻ مهيا ڪئي هئي. جنهن سبب سندس والد پاران اختيار ڪيل سياسي واٽ سان بہ چڙ ٿيڻ لڳي هئي. سندس گهڻو رجحان تصوف جي تعليم طرف ٿي رهيو ۽ ان ڪري هو ڪيترين ئي درگاهن ۽ مزارن جا چڪر ڪٽي پنهنجي روحاني تعليم کي مڪمل ڪرڻ تي گهريو. پر اتي بہ جيڪو ماحول هو تنهن مان بہ کيس روحاني تسڪين نہ ملي سگهيو. سندس پيءُ گل محمد پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ سندس پٽ قربان ڪنهن ريت سندن ٻڌايل طور طريقن جو قائل بڻجي پر سندن پاران ڪيل هر ڪوشش ناڪام ٿي.

هن ناول ۾ جيڪو چوٿون ڪردار پيش ڪيل آهي سو آهي رانجهن شاهہ جو جيڪو پڻ ساڱئي شهر جو رهاڪو آهي ۽ عدن جو پيءُ آهي، سندس تعلق شاهہ خاندان سان آهي ۽ سياسي طور تي پڻ مڃيل ورڪر طور جاتو ٿي ويو. رانجهن جو ڪردار پڻ اهو ئي روايتي وڏيرن وارو ڪردار نمايان طور ظاهر ڪيو ويو آهي جيڪو فقط انا جي هوڏ تي قائم رهندي آخر پنهنجي اصليت ڏيکاري وڃي ٿو.

رانجهن کي جڏهن عدن ۽ قربان جي عشق جي خبر پئي ٿي تہ هو وڃي گل محمد کي روايتي طريقي سان ڌانهن ڏئي ٿو پر تنهن هوندي بہ ڪيس ڪو چڱو نتيجو نڪرندي نظر نہ ٿو اچي، تہ


www.sindhsalamat.com

هن پنهنجي انا پرستي واري باهه کي جاري رکندي قربان خلاف ڪيترائي جنگي محاذ کڙا ڪيا پر سندس هر ڪوشش ناڪام رهي.

هن ناول ۾ جيڪو پنجون ڪردار پيش ڪيو ويو آهي سو آهي حافظ امين جو جيڪو قربان جو سڳو ياءُ آهي ۽ حافظ امين جي گهڻي تڻي تربيت مذهبي مدرسن ۾ ٿي هئي. اسلامي تاريخ ۾ ڪيس تمام گهڻي ڄاڻ آهي, هو جڏهن پنهنجي ياءُ قربان جي عشق ۾ گرفتار ٿيڻ واري حالت پرکي وڃهي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي روايتي انداز ۾ واعظ ڪرڻ لڳي ٿو پر قربان سندس پاران ڪيل بحثن کي هر طرح سان دليلن جي آڌار تي ننڌي ٿو ۽ ڪيس اسلامي نظام جي باري ۾ ساڻس ڪيترائي گرما گرم بحثن جا جواب ڏيندي ڪيس لاجواب ڪري وجهي ٿو اهڙيءَ ريت قربان جو ذهن وري فقط تصوف جي گهرائي کي پرکي ٿو ۽ حافظ امين پنهنجي طرفان ڪيس اسلامي نقطن جا دليلن ڏيڻ سان گڏ ڪيس روزي, نماز ۽ ٻين ديني احڪامن جي تلقين ڪندو رهي ٿو. سندس رويو ايترو ته سخت هيو جو قربان ان ڪان بہ نفرت ڪرڻ لڳي ٿو پر سندس والد پاران حافظ امين کي ڪيل تلقين ڪري حافظ امين پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻيندي قربان کي هر ممڪن طرح سان سمجهائڻ جا جتن ڪري ٿو پر هو هر طرح سان ناڪامياب رهي ٿو.

هن ناول ۾ ڇهون ڪردار جمال ذاڪر جو آهي, جيڪو قربان جو هڪ ادبي حلقي جو دوست آهي, سندس ڪيترين ئي ڪچهرين ۾ هو سماجي ۾ پيدا ٿيندڙ براين ۽ ان جي اصلاح بابت هڪٻئي سان گفتگو ڪندا رهن ٿا. جمال ذاڪر پڻ تمام گهڻو علمي انسان آهي ۽ قربان جي سچي محبت واري ڳالهه کان واقف رهي ٿو هو خود بہ ايترو ئي حساس طبع هوءِ اوترو ئي ڪيس قربان جي جذبن جي اهميت هوندي هئي, سندن بحث ۾ اڪثر ڪري رومانوي ۽ ادبي تذڪرن جو بحث رهي ٿو. قربان ڪيس ڪجهه حد تائين ڪيس پنهنجو حال ٻائي سمجهي سندس اندر جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ادبي دوست سان ڪچهريون ڪندو رهي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ احساسن جو ذڪر هميشہ ان دوست سان ئي ونڊڻ ۾ سڪون محسوس ڪري ٿو. جواب ۾ جمال ذاڪر ڪيس پنهنجي طبيعت جو ئي انسان سمجهي ڪيس زندگي جي باري ۾ حل ڳولڻ جا نقطا ڏسي ٿو سندس پاران ڏسيل ڪيترن ئي نقطن تي قربان ساڻس متفق رهي ٿو پر تنهن هوندي بہ قربان کي عشق جي جيڪا تانگهه رهي ٿي سان پوري نہ ٿي رهي.

هن ناول ۾ جيڪي ٻيا لاڳاپيل ڪردار پيش ڪيا ويا آهن تن ۾ قربان جا دوست ناڪئا بہ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا, سندن سچي دوستي واري روايت جو پلي پٽ جائزو ملي ٿو. تنهن کان علاوه هن ناول ۾ هندستان جي جيلر ۽ ٻين ڪجهه اهم ڪردارن جو جائزو پڻ ملي ٿو.

هن ناول ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال کي خاص طور تي فوڪس ڪيو ويو آهي، تنهن کان علاوه سنڌ جي اهم درگاهن تي ڇا وهي واپري ٿو ۽ اتي ڇا ماحول قائم ٿيل آهي تنهن جو جائزو پڻ ملي ٿو ۽ خاص طور تي ساموندي ناڪئن جو احوال تمام تہ خوبصورتي سان چٽيو ويو آهي. نہ فقط ايترو پر ساموندي سرحدن تي ڇا ٿي رهيو آهي تنهن جو بہ مختصر جائزو هن ناول جي مکيہ عنصرن ۾ اچي وڃي ٿو. سندس ناول ۾ تصوف جي اپٽار هر جاءِ تي پسجي ٿي. منهنجي اندازي موجب تہ ليکڪ پنهنجي پاران هن سڄي ناول کي تصوف جي ڪلائمڪس اندر گهمائي ڦيرائي پيش ڪري رهيو آهي. تصوف جا واضح نقطا سموري ناول جي اندر محسوس ٿي رهيا آهن. انڪري بہ تہ اسان جي سماج ۾ تصوف جو تعلق پڻ تمام گهرو رهيو آهي.

محترم حيدر دريا جس لهڻي اهڙي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ ناول لکڻ تي هن نہ فقط ناول ۾ نون موضوع داخل ڪرڻ جي ڪوشش روا رکي آهي، پر تنهن کان سواءِ سندس پاران ڪيل طبع آزمائي لاءِ پڻ ڪيس مبارڪون ڏيان ٿو. سندس مطالعي هيٺ آيل ڪيترن ئي ڪتابن جي ڇاڻ پڻ هن ناول جي نچوڙ ۾ شامل ٿيل نظر اچي ٿي، ان مان سندس علمي ذوق ۽ ادبي قد ڪاٺ جي اهميت جو پڻ پتو پوي ٿو.

**طالب العلم**

**آفتاب حسين ڪوهارو**

20 ڊسمبر 2012ع

**شاهہ لطيف ڪالوني، ڪوٽڙي**

# اداري پاران

**اداري** موسيٰ پبليڪيشن حيدرآباد پاران هي 12 هون ڪتاب اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، هي ڪتاب سنڌي ادب جي صنف ناول تي مبني آهي. سنڌي ادب ۾ ناول تمام گهٽ لکيا ويا آهن تنهن هوندي به هن صنف جي پورائي واري ضرورت کي مد نظر رکندي اداري پاران محترم حيدر دريا جو ناول ”يار“ ڇپائي رهيا آهيون. ان کان اڳ ليکڪ جا به ناول ”لفظن جي خواهش“ ۽ ”رشتن جي آزادي“ پڻ هن اداري پاران ئي شايع ٿي چڪا آهن جيڪي پڻ سنڌي ادب ۾ تمام سني حيثيت ماڻي چڪا آهن.

اسان تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون جو محترم حيدر دريا پنهنجي هن ناول جو مسودو اسان جي حوالي ڪيو ۽ پڙهندڙن کي تمام معياري ناول سرجي ڏنو. هن ناول جو موضوع تصوف، عشق، مذهب ۽ سياست جي گرما گرم بحثن تي مبني آهي، جنهن ۾ ڪيترائي پهلو گذريل وقت ۽ هلندڙ دور جي عڪاسي ڪن ٿا. ان کان اڳ سندس ناولن جا موضوع پڻ تمام دلچسپ رهيا آهن. پر هن ناول ۾ ليکڪ پنهنجي تخليقي سگهه کي نواڻ جو معراج عطا ڪيو آهي. سندس بلند خيالات ۽ گهري مطالعي جو نچوڙ ۽ سندس ذات جو ڪاٿو لڳائڻ اسان لاءِ بنهه مشڪل آهي. تنهن هوندي اسان کي اها به خوشي ٿئي ٿي ته سندس اهڙي بهترين ناول کي ڇپائڻ جو اعزاز پڻ اسان جي اداري کي ئي حاصل آهي.

سندس ناول ئي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ اڻبرابري جهڙي ڪُڏي رسمن، مفادن جي ور چڙهيل سياسي تبديلين ۽ پست حالي جهڙي اذيتناڪ/ شرمناڪ حالتن کان ويندي عشق جهڙي موج پري مهراڻ جو تمثيلي جائزو ڀرپور طرح سان عڪاسي ڪندي ملي ٿو ۽ قومي و فڪري مطالعي جي مرڪزي عڪاسي پڻ هن ناول جو اهم جز آهي. جيتوڻيڪ سنڌي ادب ۾ اڳ ڪيترائي بيمثال ناول لکجي/ ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ سنڌي ادب جي اهم شخصيتن جو ڳاٽيتو شمار ٿئي ٿو پر ان سان گڏ اسان اها اميد به ڪريون ٿا ته محترم حيدر دريا جي اهڙي ڀرپور ڪاوش جنهن ۾ هن جي علمي سگهه کي پرکي سگهجي ۽ خاص طور سنڌي ادب ۾ هن ناول وسيلي نون موضوعن جي ندرت بکي رهي آهي سا پڻ نون ادب دوستن/ سرجڻهارن کي شعور بخشي ٿي ۽ اهڙي ريت اسان جي موجوده ليکارين جي رهنمائي پڻ هن ناول جو اهم مقصد لڳي رهيو آهي ۽ اسان جي معزز ناول نگار شخصيتن کي پڻ سنڌي ادب ۾ اهڙي اعليٰ ناول پڙهڻ کان پوءِ ئي ڪين

اندازو ٿيندو تہ موجوده وقت جا ليکاري پڻ پنهنجي فن ۾ تمام عمده ۽ اهم حيثيت جا حامل آهن.
۽ الله پاڪ کان اها دعا آهي تہ هن ناول جو ڳاٽيتو پڻ اهم ناولن ۾ پنهنجي جاءِ والاريندو.

اداري موسيٰ پبليڪشن پاران ناول ”يار“ جي ليکڪ محترم حيدر دريا کي سندس اهڙي معياري ناول لکڻ تي کوڙ ساريون واڌايون پيش ڪيون ٿا ۽ الله پاڪ جي در اها اميد رکون ٿا تہ ليکڪ جي ذات ۾ اجا بہ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿئي ۽ سندس تخليقي سگهہ اجان بہ سگهاري بڻجي پنهنجي منزل جو عروج ماڻي ۽ گڏوگڏ کيس اهو نماڻو عرض ڪريون ٿا تہ هو آئنده بہ اهڙي قسم جا ڪتاب جنهن ۾ سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ هر صنف تي پڻ طبع آزمائي ڪندو رهي ۽ اهي لکي اداري حوالي ڪري تہ سندس اهڙي خوبصورت ڪوشش کي ڇپائڻ لاءِ ادارو هردم ساڻس سهڪاري رهندو.

اوهان جو خدمتگار

**حبدار علي گاڏهي**

موسيٰ پبليڪيشن حيدرآباد

**0333-2740480**



سنڌ سلامت

# يار

(ناول)

سنڌ سلامت

”**سنڌونديءَ** جي ٻنهي ڪنڌين تہ هميشہ محبتون ورهايون آهن، محبتون ماڻيندڙ ۽ محبتن ۾ شهادتن جو جام پيئندڙ ڪروڙين داستانن جنم ورتا! پر جيڪا محبت زنده انسانن جي ذهنن تائين نہ پهتي تنهن محبت جو باغ، جڻ ڪنهن بي اولاد باغبان هٿ وڻي بي درديءَ سان سڪائي ساڙي ڇڏيو!

او، حافظ سگورا، جيئن خدا پنهنجي محبت ابليس کي ڏيکارڻ خاطر آدم جي اکين ۾ زبان سان اظهاري ڇڏي ائين محبت ڪندڙ ماڻهو سڄي عمر پنهنجي محبت جو اظهار ٻين جي زباني ٻڌڻ واري خواهش ۾ لاچار رهيو آهي!

پلا اُها بہ ڪهڙي محبت؟ جنهن جي خبر رڳو خدا کي هجي ۽ باقي خدا جي مخلوق ان کان اڻڄاڻ هجي!؟

”بس، اهو ئي عاشق ۽ معشوق جي مجاز درميان هڪ اهڙو خاموش درد آهي جيڪو ڪڏهن سرمد بڻايو ڇڏي تہ ڪڏهن ابيچند، ڪڏهن قيس تہ ڪڏهن ليلا، ڪڏهن موسيٰ تہ ڪڏهن فرعون!

شاهہ لطيف کي مُلا نہ وڻيا ۽ سچل سين کي ميڙي سڀ پنهنجي صوفي سَند جي گوڏي هيٺ هٽي ڇڏيا! رڳو مسجد ۾ ويهي تہ محبت کي نٿو سمجهي سگهجي ميان، ماڻهو جي من ۾ تو گهڙڻو پوي ۽ ان جو رستو ڪنهن رنگين شهر ڏانهن ويندڙ ناهي۔ ويران! .... اُهو ويران رستو آهي جنهن جو منظر دنيا جي اکين کي ظاهر نظرئي نہ ايندو آهي! هي تہ اُهو درياهہ آهي جنهن ۾ ٻيڙيءَ بنا عمر جو سفر ڪٽڻو تو پوي.........!“

”چو ٿا مسجد ۾ محبت جي معاملي کي ڇيڙيو؟ مُلا ۽ متولي آهيو تہ مسجد سنڀاليو نہ تہ مندر ۾ ويهڻ جي بہ اهل نہ رهندا۔!“

اهو قربان جي صحبتي سَيلاني، صوفي فقير پي چيو جيڪو ڳوٺ واري مسجد ۾ نماز جو فرض ادا ڪرڻ ويو هو تہ قربان جي پياءُ حافظ امين کيس قربان جي دانهن ڏيندي چيو هو”صوفي فقير پنهنجي دوست قربان کي ڪا هدايت نٿا ڪيو۔ نہ ڏنڊو نہ ڏاڙي اولادي اوڪادي ماڻهو پنهنجي نوڪري تان بہ خيال ڪٽي، رات ڏينهن گهرجي ڪنڊ ۾ منهن مونن ۾ هٽيو وينو آهي ۽ وري جيڪڏهن ڪيڏانهن نڪري وڃي تہ ڏينهن جا ڏينهن گُم!

پيلي محبتون تہ سڄي دنيا تي ڪري، ڪھڙو ماڻھو محبت کان خالي آھي؟ پر ھن جي تہ محبت ئي عجيب آھي! جڻ دنيا ۾ محبت باقي ڪا اھا بتي آھي جيڪا ھن کي ھٿ چڙھي آھي!؟“

قربان جي محبت جون اھڙيون مقالون رڳو مسجد تائين ڪون ھيون پر سنڌونديءَ جي ڀنھي ڪنڌين سان سندس ھجرجو ھُلاچو ھو۔ ۽ ھي اھا سنڌ ملڪ جي ندي ھئي جنھن سڄي دنيا کي انساني تھذيب سيکاري ھئي۔ جنھن جو ھاڻ پاٽي چوري ٿيڻ لڳو آھي ۔ جنھن پنھنجي (9) ارب آمدني مان بہ (2) ارب پورا بہ ڪون پي ڏنا ويا. سياست ۾ سچ جو قحط اچي ويو ھو ۔ ماڻھو بک ۽ بدحالين سبب موت سان محبت ڪرڻ لڳا ھئا. تڏھن ان سنڌي نديءَ جي ساڄي طرف سرسبز ٻنين جي وچ ۾ آباد ملاحن جي ھڪ ڳوٺ جي خوشحال گھراڻي جي شادي شده نوجوان نالي قربان سان ھڪ سيد گھراڻي جي نوجوان عدن نالي ھڪ ڇوڪري سان عشق. اھڙي ھڪ روڳ وندي راند رچائي وڌي، جو سندس عقل، علم، ايمان، سمجھ ۽ فھم سڀ عشق جي پُنيءَ اگھاڙي گھوڙي تي سوار ٿي ويو۔ جنھن سندس سياسي خاندان کي عشق، مذھب ۽ سياست جي ٽڪنڊي ۾ الجھائي دنيا باقي خوبين ۽ خامين کان الڳ رھائي ڇڏيو. نہ عشق ۾ اڳيرائي ٿي، نہ مذھبي ميتا ملي، ۽ نہ خاندان سياست ۾ سُرخرو ٿي سگھيو.

سندس پيءُ گل محمد جنھن سندس جوان جذبي ۽ لڪيي پڙھيي ذھن مان پيار وارو ويراڳي مرض ڪڍي ڪيس پنھنجن اميدن مطابق ٻڌائڻ پي چاھيو. پر قربان پنھنجي جذبي ۽ خيال ٻنھي ۾ پنھنجي يار جي پيار کي سلامت رکي، عشق مجاز جي پُل پار ڪرڻ پي چاھي۔ قدرتي نظارن ۽ تنھا چاندوڪين سندس چاھت ۾ واڌارو پي ڪيو.

سانوڻ ايندو ھو تہ جڻ ڪڪرن تي چڙھي پيو گھمندو ھو بھار ۾ تہ اھڙو بي حال ٿي ويندو ھو۔ جو جھڙو ھر گل مان پنھنجي مجازي محبوب جي رنگت ۽ خوشبوءِ پئي ايندي ھيس. ۽ پاڻ پوپٽ جيئان پنھنجي پرينءَ جي آس پاس پيو ڦرندو ھو.

سرءُ ۾ تہ. جيئن سڄي سنڌ بيمارين ۾ ورنجي ويندي ھئي تيئن سندس ڪيفيت بہ وڻن مان ڇڻيل پنن جيئان بي سِتي ٿي پوندي ھئي ۽ پنھنجي پريم جي پيڙاءُ ۾ وڇوڙي جو ويراڳ وڌي ويندو ھئس، چاھيندو ھو تہ. ڪر سڄي دنيا جو حيا ڇڏي وڃي پنھنجي مجازي يار کي ڀاڪر پائي چميون ڏيان ۽ پنھنجو روح ھميشہ لاءِ سندس ھينيئن ۾ ويھاري ڇڏيان تہ جيئن وڇوڙي جو واءُ وري ڪڏھن بہ منھنجي ڪيفيت ۾ ڪرب پيدا ئي نہ ڪري!

سڄو خاندان، قربان جي عشق آڏو مذھب مان تصوف ۽ تصوف مان سياست جا انوکا بحث مباحثا ۽ تقراري فيصلا ڪندي، ڪندي پنھنجي خانداني خاصيت کي ڪنھن خاص خوبي تائين رسائي نہ سگھيو.

قربان پنهنجي جان جي وجود ۾ نطرون ڊوڙائي رت، هڏڱُڏ ۽ گوشت کان ٿيندو اکين تي اچي پنهنجي خيال ۾ ڪپَي هِٻڪي بيهه ويندو هو.

هِن پنهنجي آواز ۽ نظر جي دنگ کان اڳتي سوچي نظرن جي هُن پار ۽ آواز جي اندروني ڪيفيت پرکڻ ۽ ڏسڻ پي چاهي. جنهن ۾ سندس مجازي محبوبا، ”عدن“ جي عشق، سندس سوچن جي رهبري پي ڪئي- جنهن سندس سوچن ۾ اهڙا ڪئين سوال جاڳائي وڌا تہ ”منهنجي محبوبا کان وڌيڪ ٻيا ماڻهو خوبصورت چو ناهن؟ڇا شاهہ لطيف جو محبوب منهنجي محبوب کان وڌيڪ خوبصورتي وارو هو؟ _ شاهہ عنايت شهيد جو محبوب الائي ڪيترو حسين هوا؟

ٿي سگهي ٿو مخدوم بلاول جو محبوب شايد سِپن کان وڌيڪ سهڻو هو جنهن ڪي هن پنهنجي رت جو وضو ڪري پي ڏيکاريو!

بلي شاهہ کي تہ سندس محبوب جي حسن نچائي ڇڏيو!_ ۽ سچل سرمست تہ، اناالحق تي اچي نڪتو!

”هاءِ، هاءِ هي عذابِ عشق ۽ انسانيت جا پُرلُطف جذبا. سڀ محبوب جي جدائيءَ ۾ گڏجي ڪيَئن نہ هڪ تي ٿا وڃن!؟_ ماڻهو جيئري مري، جيئرن ماڻهن ۾ پنهنجي محبوب کان الڳ، محبوب جون خوشيون ڏسي ڪيڏو نہ اندر ۾ سڪون ٿو محسوس ڪري!؟_ اکين اڳيان هوندي بہ اکين ۾ اکيون وجهي، پنهنجي محبت جو صدقو ڪيس سري عام نٿو ڏئي سگهجي!؟_ هاءِ ڙي انسان، دنيا ۾ چور جيئان دل ۾ محبت جي چوري لڪائي، چور جيان زندگي گذارڻ ۽ ماڻهو چون تہ، هي مومن آهي- دانا ۽ وڏي ڄاڻ وارو آهي!؟_ ڪيڏي نہ لذت ۽ اذيت آهي، اُن چورائي زندگي جي عذاب ۾!؟_ ۽ حيرت آهي انهن عظيم انسانن تي، جن اهڙي گڏيل ڪيفيت ۾ بہ عام انسان جي وچ ۾ پنهنجي ڏڏريل ڏِيل واري عمر جا ڏينهن گهاريا!؟_

محبوب جي بي رُخي، چاهيندڙ جي عذاب کان بي خبر رهي، پنهنجي چاهيندڙ کان وڌيڪ پنهنجي سينگار سان چاهہ رکيو آهي-! سڄيون سڄيون راتيون بي پرواهي سان ننڊون ڪرڻ-!، ڇا اهو سڀ ڪجهہ، محبوب پنهنجي اڻڄاڻائي ۾ ڪندا آهن!؟_ يا رڳو پنهنجن عاشقن کي ڏيکارڻ ۽ انهن کان محبت وٺڻ خاطر!؟_ يا اندر ۾ ڪين بہ عشق جو اثر هجي ٿو!؟_ پر ائين هجي تہ، پوءِ اکين اڳيان هوندي بہ، هي وچ ۾ جدائي جا صدما ۽ صدائون....!؟_ نہ ائين منهنجي خيال ۾ تہ ڪونهي، محبوبن کي محبت، شايد رڳو پنهنجي ملوڪيت سان هوندي آهي!؟“

سندس اهڙي سوچ، سندس عمر جو هڪ ڏهاڪو جڻ ٽڪڙو ڪٽائي پي ڇڏيو- ۽ گهڻو سوچڻ جي ڪري، سندس دل ۽ دماغ جي سوچ ڪيس الڳ، الڳ پي معلوم ٿي.

ڪنهن مهل سوچيائين پي”پيار ڪرڻ جو مقصد اهو ڪونهي ته. دنيا جهان جي سامهون سرعام پنهنجي يار کي پاڪر پائجي ۽ دنيا کي ڏيکارجي ته. هي منهنجو محبوب آهي! ڏسو مان هن سان هيتري محبت ڪندو آهيان.“

ته ڪنهن مهل وري دل پي صلاح ڏنس ته ”يلا سڙي، سڙي جيئڻ مان ڇا حاصل!؟ – ڇا ڪندا دنيا وارا. هُوءَ سيد ۽ آئون اُمتي – پر رت جو رنگ ته هڪجهڙو آهي! – وڏا، وڏا چور، قاتل ۽ لٽيرا، ڦبيرا گناهه ڪري به جهان ۾ جيئرا پيا هلن، انهن کي دنيا ڇا ڪري سگهي آهي!؟ – پنهنجي محبوب سان سرعام ياري نڀائڻ ڪو ڏوهه ته ڪونهي....!؟“

پنهي خيالن جي وچ ۾ وچڙي پي پيو ۽ عملي ميدان ۾ خود کي اڪيلو محسوس پي ڪيائين ته وري به ڪيس خيالن ڪٽي پي ورتو ”خبر ناهي ته منهنجي عدن کي ڪهڙو عمل وڻيڪ ٿو وٽي –؟ – محبت ۾ چور بڻجي زندگي گذارڻ يا عشق کي اهميت ڏئي سرعام محبت جو حق ادا ڪرڻ!؟“

هڪ پيري هن مڪليءَ تي عبدالله شاهه اصحابي جي ميلي ۾ لائوڊ اسپيڪر تي وڏي آواز هلندڙ مذهبي واعظ ٻڌو ته هُل همرچي ڪان هڪ پاسي ٿي هن اوڏانهن پنهنجو ڌيان ڏنو – مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي اهو آواز پٿرن سان ٽڪرائي سندس ڪنن تائين پي پهتو ۽ هي بيهه رهيو ٻڌڻ ته ”انسان جي مخلوق لاتعداد آهي – جيستائين ڳڻي دنگ ٿو ڪجي، تيستائين بيا ڪروڙين پيدا ٿيو پون – ظاهر ۾ ماڻهو مختلف رنگن جا آهن پر سندن رت ۾ هڏ جو رنگ ساڳي هڪڙو آهي – جيئڻ جون راهون هرڪو الڳ الڳ اختيار ڪندو آهي – پر موت سيني لاءِ ساڳي مقرر آهي – سندن اکين ۾ نظرن جون سوچون مختلف آهن، پر دل جو عضوو سين ۾ ساڳيو آهي – نظرن جي سوچن سندس ساڃاهه کي منجهائي سندس لاءِ هڪ ڪان وڌيڪ خدا چونڊي ڇڏيا – ائين هن ڏرتيءَ تي انسان خود کي ورهائي ڌرتيءَ تي دشمني کي آباد ڪيو ۽ خساري کي هٿ ۾ ڪٽي، پنهنجي خدائي جي دعوي ڪري به خونريز بڻجي پيو – سندس سوچون سندس هٿ مان ڇڏائي ويون – نظرون بي قابو ٿي ويس – سندس عقل ۽ نفس پنهنجي گڏيل صلاح سان هن کي هاڃي تائين رسائي ڇڏيو – هن کي پنهنجي رنگ واري هڪجهڙائي وسري وئي ۽ سندس سوچون دنيا جي ظاهري رنگن جيترين ٿي ويون......!!“

واعظ ته اڃا هلندڙ هو پر هن کي اها تقرير انسان سوز پي معلوم ٿي ۽ سندس ڪيفيت ۾ جڻ ڪراهت پيدا ڪري وڌائين – هن جي ڪيفيت کي ته حُسن جي هاڪ ٻڌڻ واري تانگهه هئي – سا ته سنڌ ۾ مسجدن جي ذريعي وڏي آواز ٻڌائڻ اڃا جائز ڪون هئي.

هن عشق ۽ سرڪاري نوڪري سان گڏ جڏهن اڃا سياست به ڪئي پي تڏهن سياست ۾ هي سنڌجو قومپرست اڳواڻ ۽ قوم پرست سياست جي باني – جي. ايم. سيد جو جڻ عاشق هو – ۽ اهڙي قومي سياست هن يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران ئي حاصل ڪئي هئي – هن کي ان قوم پرست

سياست ۾ ڪنهن وڏي عهدي ماڻهن جون جنون ڪون هو. پر جيئي سنڌ واري نعري ڪي هي پنهنجي سر جي قرباني ڏيڻ تائين مطمئن هو. سندس خاندان وچولي طبقي جو زميندار هو. سندس بيا تي پائر جنهن مان ٻه ننڍا مذهبي تعليم لاءِ ڪراچي جي ڪنهن مدرسي ۾ داخل هئا ۽ ٽيو پاءُ حافظ امين جيڪو سندس پٽ جو هو سو قرآن جو حافظ سان گڏ ڪيس عالم جي ٻه سَند هئي* سندس پيءُ گل محمد پيپلزپارٽي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جو جانثار ورڪر هو. ائين سندس سجو خاندان سنڌ جي سياسي طوفان ۾ ورهايو پيو هو. ۽ پاڻ شادي شده, اولادي هوندي ٻه محبت جي چنبي ۾ ائين اچي ويو جيئن سِرڻ ڪڪڙ جي ٻچي ڪي جهڙپي ڪٽندي آهي. تيئن محبت هن ڪي پنهنجي معجزي ۾ قيد ڪري وڌو هو. دنيا جي ٻي هر قيد مان ماڻهو اپيلون, عرضيون ۽ رشوت, رعايت ذريعي پاڻ ڇڏائي ٿو وٺي پر محبت جي قيد ۾ اپيلون ٻه عذاب ٻڻجو سزائن ۾ واڌرو ڪيو ڇڏن. ۽ دنيا جي ڪا ٻه انساني هستي نه ان مان پاڻ ڇڏائي سگهي ۽ نه ٻين لاءِ ڪلف جي ڪنجي ليي سگهيو آهي.

دنيا جو جادو منتر ته اتي ڪُتي ٿو وڃي, پر روزو نماز حج, زڪوات ۽ ڪلمو پڙهي ٻه عشق مان آجپو حاصل نٿو ڪري سگهجي! عقل علم, سمجھ فهم, ۽ فڪر فصاحت, سڀ ڏاهپون محبت جي ڏيهه ۾ اجائي گپ وڦل ۽ ولل وارو ڏُهاڳ ٿيو پون.

محبت ۾ هنرمندي وارا حيلا, ماڻهن ڪي مذاق لڳندو آهي, جيئڻ ۽ مرڻ ٻئي انهيءَ ڪاٽي ۾ ڪپاٽٽا پون ٿا.

زندگي جون رنگين تارن پريون راتيون, حياتي جا خوش ذائقا خوشبودار ڏينهن ۽ جيئاپي جون هزارين حسرتون انهيءَ دل خور محبت جي ماڳ ۾ مريو ڪيپو وسريو وڃن. قسمت سان ڪو شاهه لطيف جهڙي پاڻ سمجهڻ واري انسان ڪي پنهنجو راز ڏئي راضي ٿئي ٿي ته ستارن تي سندن قدم هوندا آهن ۽ ملائڪ سندن دربان ٻڻجي بيهندا آهن.

جان جا بيا سڀ عضوا دل, ڦڦڙ, جيرا, ٻڪيون سڀ وڏي دنگ ڪري بيهه ٿا وڃن ۽ دماغ ته وڌندو ئي رهي ٿو قربان جي دل ته ڪتي دنگ تي بيهٽي هئي. پر سندس دماغ سوچيندو ويو ۽ وڌندو ويو جيڪو زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي قدم رکندو اڳتي وڃي رهيو هو. جنهن سندس منظرن جي نظرن ۾ سوچن جي وجود تي آٽي حيران ڪري وڌو هو هڪ چڱو خاصو پڙهيو لکيو هوندي ٻه محبت جون اِعرابي علامتون سمجهي ڪون پي سگهيو. گهر ۾ مذهبي تعليم هئڻ ڪري سندس ذهن تي مذهبي تصوف جو رنگ ٻه چڙهڻ لڳو. جنهن جي فلسفي کان مڪمل جاڻو ڪون هو.

هن سوچن ڪي پنهنجي روح ۾ جذب ڪرڻ جي بجاءِ, محبت واري دل رهڙيندڙ جذبي ڪي جهڪو ڪرڻ لاءِ نماز پڙهي دل جي دنيا ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

محبت کي ڪوئي وسيلو سمجهڻ جي بجاءِ محبت کي مقصد سمجهي پنهنجي مجازي محبوب عدن کي هميشه حاصل ڪرڻ جون ترڪيبون سوچڻ لڳو- جنهن ڪيس روز نئين پريشاني ۾ ڌڪي ڇڏيو. ان حاصلات ڪيس کي وڌيڪ اڪيلو پڻ محسوس ڪرايو ۽ هن اهو ڪونه پئي سمجهيو ته اهو اڪيلائي وارو احساس منهنجي من ۾ محبت جا وڌيڪ شڪتي وارا شاميانا پيو اڏي جنهن ۾ مونکي سپاٽي جاڳ جي جوڳ ۾ محبت ويهارڻ واري آهي ۽ مان اوڏانهين پيو وڃا جتي انساني عقل جون ڪوششون ڪم ئي نٿيون ڪن.

هي عشق ۽ مذهبي خيالن جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ۽ متاستا ڪرڻ لڳو جنهن ۾ مذهبي خيال ڪيس ڪنهن دائري جي دنگ تي بيهاري پئي ڇڏيو ۽ عشق سندس هر خيال کي وڌائي پئي ڇڏيو مذهبي خيالن جا دروازا هن کي بند ٿيندي نظر پئي آيا پر عشق جي خيالن جو دنگ نظر نه پئي آيس.

جنهن مهل پنهنجي ديني قائدي کي خيال ۾ رکندي نماز ٿي پڙهيائين ته ، وضو ڪان ويندي نماز ۽ پوءِ مسجهد مان ٻاهر نڪرڻ واري دعا به ڪون پئي وسريس. پر نماز پڙهندي جنهن مهل پنهنجي محبوب عدن جي ياد وچ ۾ ايندي هئس ته نماز جون رڪعتون به ساري ڪون پئي سگهيو ۽ زمان و مڪان جي حد به نظر ڪون پئي آيس. نڪي اُن مڪافاتِ عمل جي جزا ۽ سزا جو خيال يا ڪٽڪو پئي جاڳيس ۽ پوءِ ان وقت واري نماز قائدي سان پڙهڻ جي بجاءِ رڳو سجدا ڪري اندازي ۾ نماز مڪمل پئي ڪيائين.

پنهنجي خيال ۽ جذبي جي ميلاپ ۾ هي پاڻ کي عجيب محسوس ڪرڻ لڳو اهو سندس سچي محبت جو سچو اهڃاڻ هو. جنهن کي سمجهڻ لاءِ هن خود ۾ هڪ سٺي استاد دوست جي کوٽ محسوس ڪئي- پر ڪنهن به ماڻهو جي منهن ۾ سندس سڃاڻون ظاهري طرح لڪيل نه هونديون آهن. تنهن ڪري سڃاڻون ڳوليندڙ کي پنهنجا ڪيترائي ثواب ۽ گناهه به ڳڻڻا ٿا پون ۽ سنسار ۾ پنهنجا سُور ولوڙي انهن مان مکڻ جهڙا اُجرا عمل ناهڻا ٿا پون.

عشق جي درياهه ۾ غوطا کائيندي ڦيريون ڦيرو قربان جي من مان مجازي اُڌمي جي ولوڙ سبب سندس دل جو آواز ڪن تي پيو-

هِن يار کان هُن يار تائين
ياد وچ ۾ جا رهي
ڪنهن ڇڏايو پاڻ تنهن کان
جا جگر کي وئي ڪُهي!

پر هن کي اها خبر نه پئي پوي ته ”اهڙا لفظ اندر مان پاڻهي ڪيئن نڪتا. جنهن جي لاءِ شعوري طور ته مون سوچيو به نه هوا؟“

هن ڪافي ڪوشش ڪئي ته اندر جي ان اٽلپ اهڙي رهبر دوست کي ڳولي، پر ڪي ونجي. پر اِنهيءَ خيال ته صدين کان پي سر کپايا. انهيءَ سوچ ته دنيا جي الئي ڪيترن ڏرمن کي ڏوٽا ڏئي انهن مان صوفي ازم جهڙو من شانت ڪندڙ ميوو حاصل ڪيو هو.

هن عشق جي تاريخ پڙهڻ چاهي ته حضرت آدم کان ڪيس پنهنجي حالت تائين داستان جو دنگ نظر نه پي آيو. سندس من ۾ ڪنهن سان حال اورڻ جو خيال جاڳيو پر ڪنهن کان وڃي پڇي، ته مان ساڳيو آهيان يا دنيا ڪي اهڙو نظر نٿو اچان. جهڙو ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ خود کي هر ڪنهن کان سياڻو وڏيڪ سمجهندو هئس. اڳ ۾ دوستن کي ڳولي، ڳولي هاسيڪار انهن سان سياسي، سماجي بحث پيو ڪندو هئس. انهن کي مون ڇڏيو يا مون کي ڇڏي ويا آهن.؟ مان اهو ساڳيو آهيان يا ڪا شئي مونکي اڪيلو ڪندي وڃي!؟"

انهن سيني سوالن جا جواب ملڻ جي اميد ڪيس پنهنجي ناول نگار دوست، جمال ذاڪر ۾ هئس.

هڪ ڏينهن هن شام جي وقت پنهنجي ان ناول نگار دوست جمال ذاڪر کي ڳولي هٿ ڪيو.

هن اهو پنهنجو پاڻ سان قبول ڪري ورتو هو ته "شايد مون ۾ پاڻ سمجهڻ واري ڪوٺ آهي."

ائين ته هر ماڻهو پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن ڪوٺ واري خفي ۾ رهيو آهي. ۽ هي ٻئي دوست ٻه پنهنجي، پنهنجي جستجو ۾ ڪٺل!. گڏجي ويهندا هئا ته قصو ڪٿائيندي، ڪٿائيندي وڏائي ڇڏيندا هئا. ان مهل ٻه وينا ته جمال ذاڪر کيس وقت جي اڀرندڙ سنڌي شاعره. رخسانه پريت جو شعر ٻڌايو.

"ڦهرئين پيار جي جيڪا رات گذري
سا رليءَ جي گهنجن کان پڇي ڏس!"

۽ قربان بغير سوچڻ، ويچارڻ جي هڪدم کيس شعر ۾ جواب ڏنو.

"ڦهرئين پيار جو جيڪو ڏينهن گذريو
سو دل جي ڌڙڪن کان پڇي ڏس!"

اهو سندس دل جي زباني ٻيو شعر هو. جنهن جي تخليقي عمل کان اڻڄاڻ هو ۽ کيس پوري خبر نه هئي ته ڪنهن قائدي موجب اهو هڪ شعر ٻه چئي سگهجي ٿو.

هن جمال ذاڪر کان پڇيو"هي اهڙا خيال منهنجي دل ۾ پاٺهي، پاٺهي اچي ٿا وڃن ۽ پوءِ انهن تي آئون حيران ٿيندو آهيان ۽ اها حيراني مونکي پنهنجي فڪري منجهاري ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. منهنجي شعر و شاعري سان ته ڪا دلچسپي نه رهي آهي، آئون سوچيندو آهيان ته اهو سڀ ڪجهه ڇاپيو ٿئي، ڪڏهن توسان ائين ٿيو آهي؟"

جمال ذاڪر سنڌس منهن ۾ ائين ڏٺو جو سنڌس چهري جي ريکائن ۾ جڻ پنهنجي ڪنهن ناول جي وساريل ڪردار کي ساريندو هجي. پر قربان جي اکين مان ڪيس پنهنجو عڪس نظر آيو ته هو جهڙو پنهنجو ئي حال اورڻ لڳو"هر ماڻهو اهڙي حال ۾ رهي ٿو قربان – پر پنهنجو سچو احوال ٻڌائڻ پنهنجي چرپائپ سمجهي ٿو۔ اِن اهڙي اڻ ٻڌي ۽ گونگي حال تي ئي ناول لکبا آهن ۽ شاعريون ٺهنديون آهن۔ ۽ ماڻهو پنهنجي ان حال کي ڪتاب جي شڪل ۾ ڏسي، ان کي پڙهي، ان کي ان ڪتاب جي سنائي چوندا آهن۔ جيئن تو پنهنجو شعر ٻڌايو پر تون پاڻ تنهن ۾ حيران آهين۔ پر جيڪڏهن توکان اڳ ۾ اهو شعر مان چوان ها، ته تون واهه واهه ڪرين ها! سو انهيءَ ڪري جو تنهنجي دل جو آواز منهنجي زباني پيو نڪتو. اسان سڀ ائين پنهنجي، پنهنجي فڪر ۾ حيران آهيون. پر اسان مان جيڪي پنهنجي دل جو حال، دوستن سان اوريندا آهن، اهي پنهنجي دل جو آواز پنهنجي زباني ڳالهائيندا آهن، ته هڪ عجيب ڪيفيت سان مسرت محسوس ڪندا آهن ۽ اها مسرت، سنڌن اصل جيئاپو هوندي آهي۔ ماڻهو انهن کي شاعر چوندا آهن، انهن سان پيار ڪندا آهن۔ اهي سنڌن ٻولي جي تاريخ هوندا آهن۔ جڻ سنڌن وجود هوندا آهن۔تنهنجو شعر مونکي وڻيو قربان، شايد اهو شعر منهنجي دل سان گڏ ٻين به الائي ڪيترين دلين جو آواز هجي."

جمال ذاڪر جي ان تفصيلي جواب تي ڪيترا ڏينهن سوچي، سوچي هن کي پنهنجي تخليقي صلاحيت جو احساس ٿيو هن ڪجهه سمجهي به ورتو ته "صبح شام، رات ڏينهن پنهنجي محبوبا جي ياد ۾ مان سٺو شاعر به ٿي سگهان ٿو."پر رڳو شاعري ته پنهنجي مجازي محبوب سان شادي ڪون ٿي ڪرائي سگهيس، شاعري ته يار جي وڇوڙي ۽ وصل۔ ٻنهي جي وچ ۾ ڏاهپ جو وسيلو هئي جيڪا ڪيس مومل جي محل جا منڊ۔ ٻيجل جي سُرندي وارا سُر۔ سهڻي جا سڏ۔ مارئي جون منٿون ۽ سسئي جا سور ڪيس سمجهائي پي سگهي عشق ۾ ڏاهپ۔ ڏکن ڪانسواءِ ٻيو ته ڪجهه به ڏئي نه پي سگهيس۔ شاعري ڪري شاعر ٿيڻ کانپوءِ سنڌس احساسن رڳو ڪيس سورن جو ن صلاحون پي ڏنيون، جن جي ابتدا ۽ انتها به ڪيس سمجھ ۾ نه پي آئي. زماني جي نظر ۾ ته اجا چريو ڪون هو پر پنهنجي دل جي دنيا ۾ خود کي ٻنهه ٻي سمجھ پي سمجهيائين پنهنجي دوست جمال ذاڪر جي فلسفياڻين ڪچهرين مان سنڌس اداسي اجا به وڌي پي وئي. سنڌس اندر ايترو اجيو ٿي پي پيو جو ڪيس يقين ٿيڻ لڳو ته شاهه لطيف جي اجياري ڪيفيت لاءِ سمنڊ۔ واقعي به سرڪيائين ڪانه ٿئي ها. ۽ هن پنهنجي وچايل دل جي ڳولا ۾ هاڻ ڪنهن اهڙي پُرڪيف روحاني رهبر جي تلاش پي ڪئي. جيڪو ڪيس پنهنجي دل تي هٿ رکائي ڪيس چوي ته "هي هٿ به تنهنجو آهي، هي دل به تنهنجي آهي۔ پر هن جي ڪيفيت به تنهنجي آهي۔ هن جا سور، سپنا سڀ تنهنجا آهن ۽ هن جي حالت به تنهنجي حالت

آهي- پر هن جي مرضي تنهنجي مرضي ناهي- هن جي حسرت جو هردم خيال رکڻو پوي ٿو- هن جي خيالن تي ڌيان ڏئي، ان مان خود کي خفا ڪندڙ خاميون چونڊي سڀ فنا ڪري ختم ڪرڻيون پون ٿيون- هن جي ايرادن واري اونهائيءَ ۾ لهي، خود کي ان جي لوڙهه کان بچائي- پنهنجي وجود ۾ وسعت پيدا ڪرڻي پوي ٿي.

دل جو راز عشق جون اڻ ڳڻيون صلاحون هونديون آهن- ۽ عشق!! آدميت جي وجود جي انسانيت آهي- جنهن کي پنهنجي هڪ الڳ دنيا آهي- پنهنجو هڪ الڳ دين آهي- جنهن جو امام خود حضرت عشق پاڻ آهي- جيڪو زناني روح جيئان رُسڪڻو ۽ ملان جيان ٻي ڪنهن جي ڪا به نه ٻڌندو آهي!

عشق علم جو بادشاه آهي ۽ عقل تي حڪومت ڪندڙ آهي ۽ دل سندس تخت گاهه آهي- سندس ڪاڏو ماڻهو جو گوشت ۽ اڄ انساني سونهن اٿس.

هو دل تي آڙاهه ٻاري هڏن کي جلائي ڪوئلو ڪري ان مان حسينن جي اکين لاءِ سرمو ٺاهيندڙ آهي.

پر اهو ياد رکڻو پوندو ته دل جو حسد دوزخ جي باه آهي ۽ نيت جو ساڙ ان جو ٻارڻ آهي!"

پر قربان جي دل، پنهنجي مجازي محبوب جو آواز ڪانسواءِ فلحال ته پنهنجي خدا جو آواز ٻڌڻ به پسند ڪون پي ڪيو.

خدا ، جنهن خود کي گناهه بخشيندڙ ٿي- پاڻ کي انسان ۾ ڳجهو ظاهر ڪيو هو ۽ انسان ان ڳجهه جي ڳولا ۾ خود کي وساري ڇڪيءَ جو جبل جهاڳي، تڪيا ۽ طريقتون ناهي، تسبيون پڙهي، خود کي ليڪا پي ڏنا!

قربان به ته اهو ئي انسان هو جنهن ۾ خدا پنهنجون ڳجهيون نشانيون رکيون هيون- سندس من جون ڪوتائون، جيڪي هن لکي انهن تي سوچيو به ڪون پي- اهي پنهنجي اصليت ڏانهن وٺي پي ويس ۽ پنهنجي مجازي محبوب جو آواز جنهن ۾ سندس سچي خدا جي سڏ جا سچا سُر سمايل هئا- سو آواز ته هي جڻ پنهنجي هڏن ۾ ڪا هيڏائي پيو سمجهندو هو.

سندس سوچن ۾ مجازي خيالن جي ٻريل باهه، پنهنجي محبوب جي منهن ڏسڻ سان ٺرندي محسوس ڪندو هو- پر اصل ۾ اُها باهه ٺرڻ جي بجاءِ، پنهنجي محبوب کي وري ڏسڻ لاءِ سندس اکين مان اڃي ايرندي هُئي- ۽ پوءِ سندس اکيون به ساڻس ويري ٿي وڙهڻ لڳنديون هئس- اکين جي ان انگل کي ميڄائڻ ۽ ماٺو ڪرڻ خاطر هن سنڌ جي صوفي بزرگن جي مزارن جا سلام پري اکين کي آسرا به پي ڏنا ته ان درد لاءِ ڪي دلاسا ڏيندڙ ڏاها حڪيم به پي پڇايا.

سڄي سنڌ ۾ نوجوانن جي اهڙي عشق واري آزار لاءِ، پيار جا ڄاڻو پروفيسر اٽلپ هئا- سموري سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اهڙي درد سان هاسٽلون پريون پيون هيون-

ڪيترا اهڙا پريمي هئا جيڪي پنهنجي سچائي ۾ سرمد کان گهٽ ڪون هئا، انهن ۾ سچل سرمست جهڙو ساهه ، بلي شاهه جهڙيون اکيون هيون، شاهه لطيف جي بيت جهڙا پلوڙ برهه جا باوَرا سڙي اڱڙيون پي ٿيا ـ نه رهبر، نه همراهه مسافر ـ!

دل جي اڪيلائي ۽ عشق جي آزار وقت کان اڳ سنڌن عمرين کي پوڙهو پي ڪيو.

سڄي سنڌ، عشق، امن ۽ پيار محبت جي تهذيب ۾ ائين پليل هئي جڻ صدين کان سنڌ جي زراعت ۾ به محبت ۽ امن پوکيو ويندو هو ـ سڪندر اعظم کان به هزارين سال اڳ، سنڌ ۾ آباد سنڌي آدم جي اکين ۾ پيار هو ـ دل ۾ امن هو ـ نيت ۾ نَهنائي هئي ۽ لباس ۾ عشق جي خوشبوءِ هئي.

اهو ئي ساڳيو محبت جو ٻڪن پريو ٻج قربان جي خمير ۾ هو جنهن سندس من ۾ مهراڻ جي موج جهڙيون ڇوليون پري لطيفي لات پي پيدا ڪئي ۽ هن جي من کي جڻ ڪا مصنوعي باهه لڳل هئي، جنهن ڪيس پنهنجي مجازي يار جي قدرتي سونهن جو ساقي بڻائي ڇڏيس ـ جيستائين پنهنجي جانب جون اکيون نه ڏسندو هو تيستائين هن کي ڪوري گهڙي جو پاڻي به ڪون وڻندو هو.

جيستائين ان جا رخسار نڪ ۽ وار نه ڏسندو هو ته هن کي جهان سڄو اونداهه نظر ايندو هو ـ هُن جو آواز سندس اُڌمن کي ماٺار ڏيندو هو.

سندس ڪيفيت کي هڪ عجيب اڄ لڳل رهندي هئي، جنهن کي هن هر وقت اُجهائڻ جي ڪوشش پي ڪئي ـ پر هي ان سڪ جي سمنڊ ۾ اڪيلو اداس ۽ اجيارو ٻيڙيءَ بنا سونهن جي سمنڊ ۾ لُڙهندو هو. سڄو سر ته ماڻهو کان اڙهانگي سفر ۾ ساڃاهه ڪسيو وڃي ۽ اٽڪاٽائي وڃان اوچتو ڪنهن اوڙاهه ۾ پڌڻ وقت، ماڻهو خود ڪي ته ڇا، پر پنهنجي ابي، اولاد ۽ خدا کي به وساري ڇڏي! هي ته ان اوڙاهه ۾ لڙهندو هو، جنهن ۾ تارُو به توبهه ڪري، جيڪي گهڙيا سي ٻڏا ۽ جيڪي تڙ تي رڳو اميد ۾ اکيون اٽڪائي ويٺا تن کي ته سڏون ڪندي سڄ لهي ويو ۽ عمر اونداهين ۾ اجائي گذري!

قربان انهن بدنصيب اونداهين کان اڳ ۾ پنهنجو پيار پائڻ پي چاهيو. پر هي هڪڙو ئي اڪيلو انسان پيار سياست، شادي، اولاد، پيٽ، ساهه، دنيا ۽ وري سڀ کان وڏيڪ وڏو وزن سندس خدا ۽ پوءِ موت!

هي هڪڙو انسان ، جيڪو پنهنجن عضون کان وڏيڪ گهڻن معاملن ۾ ورهايل آهي ـ جنهن جي گهيري ـ زندگي جي هر ضرورت تي ائين گرفت رکي ، ڪين پڪڙي رکيو آهي، جو زندگي جا عضوا ته ٽٽيو وڃن پر ضرورتن جي پڪڙ نٿي ٽٽي ۽ خواهشن جي زنجير نٿي پُري!

عمر کان وڏيڪ خواهشون پوڙهيون ٿيو وڃن، پوءِ عمر مري ٿي پوي ۽ حسرتون ماتم ڪنديون رهجو وڃن!

پر جڏهن محبت ماڻهو جي مانَ ۾ پليڪار ٿي چوي، تڏهن زندگيءَ جون باقي سڀ ضرورتون ان جي اثر هيٺ دٻجي خاموش ٿيو وڃن ۽ هجر جو هُل باقي صدائن کي هيٺ ڪري ڇڏي.

قربان کي پنهنجي سرڪاري نوڪري جي فرض ادائگي کان وڌيڪ پنهنجي محبوبا جي محبتي ملازمت جو شوق وڌڻ لڳو هو. پرسا ته، سيد گهراڻي جي هئي. تنهن جا نوڪري ڪندڙ خادم، خليفا اڳيئي گهڻا هئا، هي ته محبت کان علاوه باقي اُمتي کان وڌيڪ ڪا حيثيت ڪو ن رکندو هو. رڳو سندس سونهن جو مريد هو. چڱ وڏيو مريد ڪون هو. جو ڪنهن بهاني سندس قدمن جي مٽي ٻهاري ها يا حويليءَ جون مَٽيون پيري ها. جنهن جا ماڻهو مُريد هجن اتي محبت واري مريدي پنهنجي اهميت ۽ سڃاڻپ جي لاءِ سواءِ اکين جي باقي زبان ته عام طور ڳالهاءِ ڪون ٿي سگهي.

هُوءَ سيد خاندان جي خليفياڻين جي خاص البيلي، سندس نالو به "عدن" جڻ ته انهيءَ عدن باغ جي حُور هئي، جنهن ۾ قيامت واري فيصلي کانپوءِ خدا جا خاص دوست آرامي ٿيندا. پر قربان ته اڃا رڳو پنهنجي دل ۾ پنهنجي خدا جي دوستي واري دعويٰ جي ڪا مس شروعات ڪئي هئي، سو جيئري ئي بنا ڪنهن پڇاڻي جي هي ڪيئن پي ان باغ ۾ آرامي ٿي سگهيو. توڙي جو عدن جون اکيون به هن لاءِ آتيون هيون. هوُ پنهنجي ڪنهن خاص خليفياڻي جي معرفت قربان سان پنهنجا قرب وندينيدي پنهنجو ساهه، قلب سڀ قربان جي نالي ڪيو ويني هئي. هُوءَ لکي پڙهي ۽ لبرل ذهن واري ڇوڪري هئي. هُن وٽ ذات پات جي ڪا اهميت ڪون هئي. هن وٽ ايم. اي جي ڊگري هئي. شروع ۾ هي اپر سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جا رهندڙ هئا. سندس پيءُ رانجهن شاه زميندار هوندي به وڏو چور هو پوءِ پاٿاريدار ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي علائقي ۾ دشمنيون وڌي وڃڻ جي ڪري اتان لڏي لاڙ ۾ سنڌونديءَ جي ڇوڙ واري ان علائقي ۾ اچي وينو جتي قربان وارا اڳيئي آباد هئا. سندن وچ ۾ ڳوٺ جو فاصلو هڪ ڪلوميٽر کان به گهٽ هو.

رانجهن شاه لوفر ذهن هوندي به هن ۾ اها سنائي هئي. جو هن پنهنجي نياڻين کي سٺي تعليم ڏياري هئي. شايد سو ان ڪري به هجي جو ڪيس پٽ جو اولاد ڪون هو.

سنڌ جي ساحلي پٽي تي اچي ويهڻ کانپوءِ هن جو ڌيان اسمگلنگ واري ڌنڌي ڏانهن ڇڪجي ويو. جنهن ۾ هن ڪراچي جي هڪ وڏي اسمگلر، سيٺ عمر قلياڻي سان پنهنجي لائن ڪنهن طرح سان ناهي ورتي ۽ هاڻ هي ان اسمگلنگ واري ڌنڌي ۾ سيٺ عمر قلياڻي جو اهم ماڻهو هو.

---

کبھی ہوں عاشقوں کا دل، کبھی ہوں راز جانانا!
کبھی ہوں شمع کی صورت، کبھی دل سوز پروانا!

کبھی پیر مغاں بھی ہوں، کبھی زاھد ہوں مسجد میں،
کبھی تسبیح بھی رکھتا ہو، کبھی ہاتھوں میں پیمانا!

خدا جانے کہ میں کیا ہوں، کوئی خبر نہیں مجھکو،
کبھی ہوں شمس تبریزی، کبھی منصور مستانا!

نظام الدین بھی میں ہوں، یے ھے خسرو کی حقیقت،
کبھی پیر طریقت ہوں، کبھی مصلحت مریدانا!
(نظام الدین خسرو)

”**ڪنهن** درست چيو آهي ته, اصل سوال اهو ناهي جنهن جو ڪوئي جواب هجي, پر اصل سوال اهو آهي جنهن جو ڪوئي جواب ئي نه هجي.“
جنهن سوال جو جواب هجي ٿو ان کي وقتي حالت يا ضرورت چئي سگهجي پيو پر ان کي اصل سوال نٿو چئي سگهجي.
اصل سوال ته آدم کان اڳ جو آهي۔ جنهن خدا کي گناهه بخشيندڙ ڪري, آدم جي اکين ۾ جواب لکي ڇڏيو جنهن کي سواءِ عشق جي, باقي نه ڪوئي پڙهي سگهيو نه سمجهي سگهيو.
اهڙو ئي هڪ سوال هڪ پيري قربان کي سندس ياءُ حافظ امين, هڪ روايت بيان ڪندي چرڪائي ڇڏيو هو ته ”اهل بيت جي ڪنهن نياڻي ۾ ڪنهن امتي رڳو هڪ نظر به ڏنو ته قيامت جي ڏينهن, انهن اکين کي جلايو ويندو!“
پر قربان ته قيامت کان اڳ ۾ پنهنجون اکيون ڪڍي پنهنجي پرين جي پيرن ۾ اڇلڻ لاءِ تيار هو۔ يعني قيامت کان اڳ ۾ پنهنجي قيامت ڪرڻ لاءِ تيار هو۔ پر سو به تڏهن نه, جڏهن سندس محبوبا اهي اکيون پنهنجي عاشق جي امانت سمجهي, پنهنجن اکين جيئان سنڀالي رکي. هُوءَ سيد گهراڻي جي ضرور هُئي, پر ولايت حاصل ڪيل ته هُن جي به ڪان هئي۔ اکيون ته هُن جون به اهڙي عجب, عجائب اظهار جو نمونو ٿي پيون هيون. جن قربان کي هاڻ دروزخ جي دڙڪي کان آزاد پي ڪيو۔ جنهن حافظ امين کي به اهو جواب ڏنو ته ”عشق کان وڌيڪ به ڪابي دوزخ آهي؟۔

جيڪو رڳو اڪيون تہ چا، پر انسان جا ڪل عضوا جلائي ٿو ڇڏي ۽ ان دوزخ کان جيڪي اڪيون بچيل هجن. انهن کي اهڙي روايتي دوزخ واري لعنت ملڻ بہ گهرجي. ڇو تہ عشق کان آجيون اڪيون، انسان جون تہ ڇئي نٿيون سگهجن.“

هو ڪيئن نہ اهڙو جواب ڏي ها، جنهن جو محبوب خوبصورت هجي۔ ان جي محبت بہ خوبصورت هوندي آهي ۽ ان جو هر خيال ۽ هر جواب بہ خوبصورت هجي ٿو.

هن جو جنهن سان جيءُ جڙيو هو، تنهن جو تہ نالو ئي بهشتن مان چونڊي عدن رکيو ويو هو۔ ائين رڳو مذاق ۾ تہ هن پنهنجون اکيون ڪيڏي سندس پيرن ۾ ڪون پي اڇلن چاهيون.

جيڪي ماڻهو پنهنجي محبت کي پنهنجي نفس جي لذت سمجهي، پنهنجون اکيون وقتي طور، پنهنجي محبوبن جي قدمن ۾ اڇلائيندا آهن، تہ انهن کي ان در جا ڪتا بہ ڪون سونگهيندا آهن ۽ اهي ماڻهو تہ جڻ خود کي بہ دنيا مان اڇلي ڦٽو ڪندا آهن.

دل تہ ڪميني بہ ٿي پوي ٿي، پر محبت ۾ ڪمينوپن، پوءِ اها دل اُمتي هجي يا اهلبيت، پر دنيا جي لعنت، قيامت کان اڳ ۾ئي سندس نظرن کي جلائي انڌو ڪيو ڇڏي.

پر قربان جي دل ڪميني ڪان هئي، سندس دل ۾ حقيقت پريو اهو عذاب هو جنهن سنڌ جي صوفين جي مزارن تي ڪيس دل سوز سجدا پي ڪرايا جن کي سندس پاءُ حافظ امين ڪفر پي چيو ۽ سندس پيءُ گل محمد کي سندس اهڙي فقيراڻي روش پريشان ۽ نااميد پي ڪيو. جيڪو سندس قوم پرست سياسي سوچ مان اڳيئي ناخوش هو. توڙي جو قربان پنهنجي دل پنهنجي محبوب جي اکين واري اڳڻ تي وڇائڻ ڪانپوءِ، سياست مان دلچسپي ڪافي گهٽائي ڇڏي هئي، هن کي سياست مان ڪو نتيجو نظر ڪون پي آيو. تنهن ڪري سندس سياسي سوچ واري جذبي هن کي سياست کان جڻ خفا پي ڪيو ۽ هن پنهنجي زندگي جي هر سرگرمي کي پنهنجي محبت جي حاصلات لاءِ وقف پي ڪيو پر سو بہ هاڻ هن پنهنجي عقل ۽ سمجهہ مطابق جو ڪجهہ ڪرڻ پي چاهيو، سو تہ اصل ۾ پنهنجي مذهبي جذبي کي عشق ذريعي پاڪ ۽ آزاد ڪري، حقيقت کي پرکڻ جو چاهہ هو ۽ هن جڻ اها ڪوشش پي ڪئي، پنهنجي ان باوفا يار جي حاصلات لاءِ۔ جيڪو صوفين جي سوچ مطابق، بيوفائي ڪندو ئي ناهي.

سو هن پنهنجي پر ۾ صوفين جيئان پنهنجي دل کي پاڻ چمي ڏئي، ڪا خدائي چمي وٺڻ پي چاهي.

هن پنهنجي اڻ ڏٺي روح سان رهاڻ ڪرڻ پي چاهي۔ هن چاهيو پي تہ، منهنجا درد دنيا سان نہ ،مون سان سور ونڊن.

دل سان ملڻ۔ وصل واري ڪيفيت ۽ قلبي سڪون حاصل ڪرڻ۔ ڪمال کي پهچڻ۔ روح جي وسعت ۾ رهڻ ۽ ڪمال جذبي جو اظهار ڪرڻ واري خواهش ڪيس پنهنجي مجازي محبوبا واري محبت کان بہ اڳتي، پنهنجي اڻ ڏٺي غير فاني يار جي وصل واري جذبي جي تڪميل ڏانهن

وٺي وڃي رهي هئي- ائين پئي لڳو ته، هي جڻ پنهنجو پاڻ کان آزاد ٿيڻ واري احساس ۾ وڃي رهيو هو ۽ پنهنجي دل جي الهام ذريعي، پنهنجي عقل کي هن اعليٰ ڪرڻ پئي چاهيو!

پنهنجي شاعري کي پنهنجي وجداني ڪيفيت وارو احساس محسوس ڪرڻ لڳو ۽ سندس شاعري ۾ به، جڻ اهڙي احساس جو اظهار هو-

"اسان رهياسين، رڻ جا راهي،
پر پنهنجي پرينءَ کي پوءِ به هاءِ،
نه چئي سگهياسين، الله واهي!"

۽ اهو سڀ پنهنجي محبوبا، عدن کي ارادن مطابق نه پائڻ واري نااميدي ۽ ان کان الڳ رهڻ واري روڳ سبب، پنهنجي نفيساتي ڪيفيت ۾ خود کي بي يارومددگار سمجهڻ لڳو ۽ ائين پنهنجي خيالن ۾، پاڻ کي پنهنجو پاڻ کان به ڏار سمجهڻ لڳو- سندس اها ڪيفيت ۽ ان جو اظهار ، جنهن کي ماڻهو صرف ڪنهن سٺي شاعر جي تخيل مان سمجهي پئي سگهيو- باقي پنهنجي زباني ان جو اظهار ڪرڻ کان هر ڪوئي لاچار هوندو آهي- خوش خير محمد جيان:

"عشق جيڪي مون سان ڪيون،
ڳالهيون ڪرڻ نه جهڙيون، سلڻ نه جهڙيون."

اهڙي طرح، هن هاڻ پنهنجي (عدن) تي وڌيڪ سوچڻ جي جاءِ تي ان سان عشق ۽ ان عشقيا جذبي تي سوچڻ لڳو ۽ پنهنجي مجازي ڪيفيت پرکڻ پئي چاهي- جيڪي ڪيس پنهنجي عشق جيان سمجهه ۾ ئي ڪون پئي آيون- ايتري تائين جو جنهن مهل پنهنجي نااميدي ۽ محبوبا جي جدائي ۾ رنو پئي، ته ان روئڻ تي به سوچڻ لڳو ۽ ان درد کي ڳولڻ، سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو- پر اهو عضوو ته ڪيس لڌو ئي ڪون پئي جنهن مان سندس درد دکي اڪين تائين پئي آيو- اهڙي جستجو کي، دنيا چرياپ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه شايد نه سڏي- پر اصل ۾ اها ئي انفراديت آهي جيڪا انسان ۾ عشق جي جذبي کي جاڳائي رکندي آهي. جنهن ۾ انسان پنهنجي آزاد حيثيت ۾ بي خوف رهي، پنهنجو پاڻ تي خودمختياري حاصل ڪري، پنهنجي خدا ۽ پنهنجي خودي بابت کُلي اظهار ڪري ٿو.

قربان توڙي جو مجاز جي ڪروڌ ۾ روئي، روئي ان روڳ ۾ هاڻ جهڙو عشق مجاز جي ان پُل تي اچي بيٺو هو جنهن تان اڪري پار ٿيڻ ڪانپوءِ لفظ "انسان" مان بيا سڀ اکر گم، فنا ٿي ٿا وڃن- باقي رڳو هڪ "الف" سلامت رهي ٿو- جيڪو الفي پائي آدميت کي اعليٰ ڪري ٿو.

پر تنها راهه مسافري ۽ عشق ۾ اڪيلو ٿي وڃڻ ۽ اڃاٽائي سبب، قربان هاڻ نه اڳتي وڌي پئي سگهيو ۽ نه واپسي لاءِ ڪا راهه نظر پئي آيس، ائين پئي لڳو ته، پنهنجي ئي خيالن واري طوفان ۾ پاڻ وڃائجي ويو هو.

ڪيئن چئجي تہ سنڌ جي صوفين- پنھنجي خيالن ۾ گم ٿي، پاڻ کي ايستائين وڃايو يا اڃا اڳتي ويا!؟

يا ڪين انھيءَ خيال روڪيو جنھن جي شاھدي سچل ڏني تہ:

”پاڻ ڪيان پڌرو تہ ڪن مڙئي قتلام،
جدا جماعت جي، آھيان پاڻ امام،
دم نہ آڏو دين ٿيو چا ڪفر چا اسلام،
سچل آھيان سچ ۾ ڪونھي حلال حرام.
(سچل)

محبت جي مسافت ۾ ھر ڪنھن کي تہ راھہ پاڻ ڏانھن ڪون سڏيندي آھي- ڪڏھن واٽون ويھہ- ڪڏھن واٽ ھڪ نہ لبي- تہ ڪڏھن ساجن پاڻ سڏيو سيني تي سمھارين! پر قربان کي جڏھن ھڪڙو قدم بہ عدن کي ويجھو وڃڻ جي واٽ نظر نہ پئي آئي تہ ھن سندس خاندان کي ويجھو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا ان خاندان لاءِ خواري کان وڌيڪ ڪجھہ نہ ھو تنھن ڪري ھڪ ڏينھن عدن جي پيءُ رانجھن شاھہ قربان جي پيءُ ۽ سندس ڀاءُ حافظ امين کي- سندن اوطاق تي ھلي اچي دانھن ڏني تہ ”پنھنجي قربان کي سمجھايو اسان ساداتن ۾ اچي اکيون وڌيون اٿس- اسان تان ماٺھو پيو ڪلائي- ھڪ اُمتي، اھلبيت جو احترام نٿو ڪري تہ نہ ڪري، پر ان کي اسان جي ننگن ۾ نظر وجھي، پنھنجي قيامت ڪاري ڪرڻ نہ گھرجي- جيڪڏھن نٿو رھي تہ اسان سادات پنھنجي عزت جو جنازو تہ دفن ڪري ڇڏينداسين پر سندس تہ ڪانڌي بہ ڪير ڪون ٿيندو-“ ۽ وري ٿڌي لھجي ۾ چوڻ لڳو”گل محمد! اوھان جو ھڪ سياسي گھراڻو آھي- اوھان کي اھا سمجھہ آھي- نہ تہ مان پنھنجي خواري ڪٽي- اوھان جي اوطاق تي نہ اچان ھا- تنھنجا ڀيا پٽ حافظ بہ آھن ۽ عالم بہ- ۽ نياڻين جو پيءُ آھين- پنھنجي عزت جو بہ خيال رکو؟“

قربان جي پيءُ گل محمد کي قربان جو اھو عمل تمام ناگوار گذريو ھڪ تہ پاڻ سياسي ماڻھو ھو ۽ ٻيو تہ ھو سادات ھئا- ھن رانجھي شاھ کان معافي ورتي- پر قربان سندس وڏي پٽ ھئڻ جي خيال سان. اُن جي اِن عمل سندس روح رنجائي وڌو ھو- ھن رات جي وقت پنھنجي گھر ۾ قربان کي نصيحت خاطر پنھنجي ٻي پٽ حافظ امين کي بہ سڏي گڏ ويھاري ۽ پنھنجي خانداني شرافت بيان ڪندي ھن قربان سان ڀھريون پيرو سندس ٿي برھہ جو باب کوليو ”قربان، اڄ رانجھن شاھ پنھنجي ٻن مريدن سان گڏجي، پنھنجي اوطاق تي آيو ھو- چوي پيو – تو واري قربان اڄ ڪلھہ اکيون پوري ڇڏيون آھن- اسان اھلبيتن ۾ اچي اکيون اڙايون اٿس- اھو ڇا معاملو آھي- آئون ان بابت پورو تفصيل ڄاڻڻ ٿو چاھيان- پر ان ۾ ڪا بہ اٽڪل بازي يا غلط بياني، پنھنجي

خانداني شرافت ڪي نظر ۾ رکي پوءِ ڪجئين. پر بهتر ائين ٿيندو ته جهڙي جي تهڙي حقيقت بيان ڪرڻ وڏيڪ سٺي ڳالهه ٿيندي؟"

۽ زماني جي ڪهاوت. عشق ۽ مُشق لڪائي نه لڪجي. قربان کي ان ڪهاوت ۾ نسورو سچ نظر ايندو هو ۽ محبت ۾ ڪوڙ.تہ ماڻهو جڻ دل ڪان ئي جدا ٿيو وڃي ۽ قربان ۾ هاڻ وڏيڪ ڪنهن بيءَ جدائيءَ جو جهلو نہ رهيو هو. هن سچ ڳالهايو ۽ اهڙو سچ ڳالهايو جيڪو پيءُ ۽ پٽ واري رشتي ڪان وڏيڪ عظيم سچ هو"بابا سائين. عشق جو قبيلن. قبلن ۽ ڪرامتن سان ڪهڙو تعلق؟ جنهن جي اڳيان دين ۽ ايمان بہ پنهنجي غلط ۽ صحيح هجڻ جا گمان ليندو هجي. اُتي اُمتي ۽ اهلبيت. اُمراءُ ۽ غُربا. بروچ ۽ بانيڻ. سمات ۽ سادات جي ساچاهہ ڪير تو ليي سگهي. جيڪڏهن ابي ۽ اولاد جو خدا هڪ آهي. تہ عشق ان وچ ۾ جيئاپي جون جڙيون جوڙيندڙ آهي. ذات ۽ نسل جو فرق فنا ڪري وحدت جا وسيلا ڳوليندڙ آهي. محبت ڪندڙ ماڻهو انساني گوشت ڪون ٿو وڪڻي نڪو غيرت جو واپار ٿو ڪري. هتي تہ پير. فقير. شاهہ گدا سڀ بي ملها ٿي وڪامن ٿا هڪ مان جيڪڏهن سادات خاندان ۾ وڪاڻو آهيان تہ ڪو سچ اتر ڪان ڪون ايرڻ لڳو آهي. عشق جو سج تہ هر اڱڻ تي هڪجڙو ئي ايرندو آهي. حويلي هجي يا حُجرو بنگلو هجي يا پونگڙي. دين ڌرم توڙي ماڻهپا سڀن تي سج ساڳيو ايري ٿو. اُهو جيڪڏهن منهنجي من جي اڱڻ تي ايريو آهي تہ آئون سندس روشني کي اونداهہ ۾ نٿو بدلائي سگهان."

ايتري ۾ گل محمد پيءُ جي حيثيت سان ڪيس روڪيندي چيو.

"بس. بس گهڻو ٿيو قربان."

"نہ بابا مونکي بڌو." قربان چوڻ لڳو."متان وري توهان کي. مونکي بڌڻ جو موقعو نہ ملي يا آئون اهڙو ساڳي جواب ڏئي نہ سگهان."

تڏهن حافظ امين چيو "ڳالهائڻ ڏيوس بابا"

۽ قربان ان ڪيفيت ۾ چيو "صدين ڪان سج ساڳيو ايرندو اچي پر سنڌ ۾ هر ڪوئي عشق جو اُمتي رهيو آهي. هي بہ اڪيون ۽ ٿيون نڪ ڪنهن کي بہ نهوڙي سگهن ٿا. هي صوفين جي سنڌ آهي. هتي هيٺو ۽ ڏاڍو هرڪو هضم ٿيو وڃي. هتي الست بِربڪُم جي آواز کي قالو بليٰ جو قول ڏيندڙ روح جيان قيدالماءُ ۾ جيٺو پوي ٿو ۽ مجازي محبوب ۾ خدا جو موڪليل ڳجهه ڳولڻو پوي ٿو. جيڪو صرف انسان دوست واري عمل ۾ رهي پنهنجي انسانيت جي سالميت سان. فنا ۽ بقا جي وچ ۾. پنهنجو ۽ پرايو عبد ۽ معبود. عدم ۽ موجود. ننڊ ۽ جاڳ. حيات ۽ موت جي وچ ۾ حقيقت جي ڳولائو ٿيڻو پوي ٿو. خود غرض جذبن جو قاتل بڻجي. طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ پيل حجاب جي پردي کي جلائي. مذهب ۽ وهم. اعتقاد ۽ ايمان سين جا ڪپڙا لاهي سندن سياٽپ ۽ اياٽپ ۾ لڪل ڳجهہ اگهاڙو ڪرڻو پوي ٿو. مون سيد خاندان ۾ اهڙي محبت سان پنهنجون اکيون

اتڪايون آهن. بابا- آئون چوان ٿو تہ اڪيون الئي ڪيئن اتي اتڪي ويون، تہ شايد اهو توهان ڪوڙ سمجهو ها!“

پنهنجي پيءُ جي سامهون ايترو گهٽو ۽ نرالو ڳالهاءِ وجڻ- سندس پاءُ حافظ امين کي سندس اهڙو رويو غير مهذب لڳو- ۽ حافظ امين ننڍو ڀاءُ هوندي بہ هڪ عالم ۽ قرآن جو حافظ هجڻ واري حيثيت سان پنهنجو جڻ فرض سمجهي ڪيس هدايت ڪرڻ لڳو ”تون تہ پاڻ کي جي.ا يم. سيد جهڙي صوفي جو پيروڪار ٿو سڏائين- ان مان ايستائين تو اهو ادب ۽ احترام سکيو آهي- جو هڪ اهلبيت جي نياٽي سان ٿو عشق ڪرين- تون سياست مان وري عشق ڪرڻ لڳو آهين؟ بابا سائين توکان ڪهڙي سليقي سان پڇيو تہ تون وري ان جي جواب ۾ واعظ ڪرڻ ويهي رهيو آهين- توکي جيڪڏهن تنهنجي غلطي واري حوالي سان رڳو ڪا هڪڙي حديث ٻڌايان تہ توکي پنهنجي مسلماني تي بہ شڪ پئجي ويندو!“

”بيشڪ! حافظ امين تون حديث يا قرآن جو نالو ڪٽي، ڪهڙي بہ آيت يا روايت جو اظهار ڪندين تہ آئون ان جو انڪار نہ ڪندس. قربان چيو”آئون سياست ڪندي، ڪندي عشق ڪرڻ لڳو آهيان تہ ان لاءِ مون پنهنجي روح ۽ دل کي ڪون چيو تہ اوهان حضرت عشق کي بہ پاڻ سان گڏ رکو- ڪنهن جي دل ۾ عشق اوطاق اچي اڏي- تہ ان کان ڪير قبضو پوءِ ڇڏائي نٿو سگهي- سرمد کي ڪنهن چيو تہ زندگي جون سڀ آسائشون ڇڏي، پنهنجو عقل ۽ علم انساني سونهن کي خيرات ۾ ڏئي، آدميت جي عشق ۾ اگهاڙو ٿي هل- ڪنهن چيو اويس قرنيءَ کي، تہ پنهنجا ڏند پاڙان پٽي اڇلي ڇڏ- ڪنهن چيو عبدالواحد آريسر کي، تہ تون علم القرآن ڇڏي جي.ايم.سيد واري سچ سان عشق ڪر- ڪنهن چيو ذوالفقار علي ڀٽي کي، تہ تون سنڌ وساري حڪمراني سان محبت ڪر- توکي اها حقيقت شايد سمجهہ ۾ نہ اچي- تہ محبت ۽ عشق بہ الڳ الڳ عمل آهن- عشق مقصد آهي ۽ محبت عبادت آهي. ذوالفقار علي ڀٽي عشق ڇڏي محبت ڪئي. جي.ا يم.سيد محبت ڇڏي عشق ڪيو- ۽ پنهنجي بابا سائين- ذوالفقار علي ڀٽو سان عشق ڪيو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو سان محبت ٿو ڪري- پر هتي توکي هاڻ اها بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪون ايندي تہ عشق ۽ محبت، پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تنظيم جو اتحاد آهي- ڪيئن سمجهايان توکي تہ عشق ۽ محبت هڪڙي تلوار جا بہ پاسا آهن- منهنجا حافظ ڀاءُ، ڪوئي پنهنجي دل مان روح ڪيئي ڏيکاري سگهي ٿو تہ آئون بہ عشق کي دل مان ڪيئي ڇڏيان.

محبت تہ جانور بہ ڪندا آهن. پر انهن جي محبت مان مقصد- تون ۽ اسان حاصل ڪندا آهيون- آئون پنهنجون عادتون تہ مٽائي سگهان ٿو پر اڪين جون عادتون ڪير ٿو سنڀالي سگهي!؟“

پاڪستان جي اڙدو فارسي شاعر علامه اقبال جيان. جنهن خود کي خودي جي فلسفي ۾ ڦاسائي ستارن کان اڳتي وڃڻ پي چاهيو ۽ سنڌ جو سدا حيات شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي, جنهن آدم کان اڳ عزازئيل ۾ عشق ڏٺو. پوءِ ان کي اُتي ڇڏيائين ۽ پاڻ ملائڪن کان اڳتي معراج واري ماڳ تي وڃي نڪتو.

قربان به ائين ئي پنهنجي مجازي معشوقا, عدن جي سونهن ساڻ ڪٽي پنهنجي عشق جو معراج ماڻڻ پي چاهيو پر سندس سوچن جي اهڙي اُڏام ۾ فڪري ڏارا, جڏهن سندس پيءُ گل محمد کي ڪجهه سمجهه ۾ آئي ته ان کي پنهنجي پيءُ, پٽ وارو عظيم رشتو سندس فڪر جي درياه ۾ لڙهڻ جو خوف ٿي پيو. ۽ ان کي قربان جي جواني تي ايترو رحم شايد ڪون پي آيو, جيترو ڪيس پنهنجي پيءُ هجڻ واري رشتي لاءِ, سندس روح ڳري پيو هو. خبر ناهي ته ڪيئن ان مهل ڪيس اها سوچ آئي ته, "قربان کي پنهنجي محبت واري مار, جنهن ماڳ تي هن مهل اچي بيهاريو آهي, اتي هاڻ هن تي منهنجي رشتي جو اثر ته ڇا پر شايد خدا جو واسطو به اثر ڪون ڪندو". ۽ پوءِ پنهنجي رشتي جي عظمت کي نظرانداز ڪندي. نتيجي کان اڻڄاڻ رهي. مجبور ٿي سندس محبوبا جو واسطو استعمال ڪندي, هن جڻ ان سيد خاندان کي به سندس خواري کان بچائڻ جي ڪوشش پي ڪئي.

"قربان, آئون ٻيا سڀ واسطا ۽ وسيلا وساري توکي پنهنجي محبت ۽ محبوبا جو واسطو ٿو ڏيان. ٻيلي انهن اهلبيتن جي در کان دل پلي. پاڻ کي انهن کان پري رک يار. تون پنهنجي دل جي رشتي کي اوليت ڏئي. اسان جي رشتي کي ذليل نه ڪر. بس ان کان وڌيڪ, هاڻ توکي ڪجهه چوڻ اجايو ٿيندو؟"

۽ وڌيڪ چوڻ هو به اجايو. پر گل محمد ايترو چئي, هن پنهنجي نوجوان پٽ جي روحاني خواهش جو قتل جهڙو پنهنجي هٿ سان ڪري. سندس روح مان سيئي راحتون ڪيڏي, هڪ اهڙو نئون روڳ ڪيس ڏئي ڇڏيو. جو ان پابندي واري قيد ۾, هن نه رڳو هاڻ سندس پيءُ واري رشتي کي تياڳي ڇڏيو پر هن پنهنجي زال, ٻار ٻچا.. سياست, سنگت ۽ نوڪري تائين سين کي الوداع چئي سنڌ جي صوفين جي مزارن تي راتيون جاڳي فيض حاصل ڪرڻ ۽ صوفي مت جي مئخانن ۾ محفلون ٻڌڻ لڳو. جيڪي مئخانا به هاڻ پنهنجي روح جي مدد پاڻ ڪرڻ واري بنياد تي آباد هئا.

۽ ان کان علاوه هن پنهنجي محبوبا, عدن جي ان خلفياڻي کي به چئي ڇڏيو ته "عدن کي چئج ته آئون هاڻ رات واريون ملاقاتون ايتريون تڪڙيون نه ڪري سگهندس, جيئن اڳ ۾, هفته هفتي ملنداهئاسين" ۽ ان ٻيڙياتي, ناڪئي قاسم ملاح سان به هن هاڻ ملاقاتون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون هيون, جنهن جي هوڙي تي چڙهي عدن ۽ پاڻ چاندوڪين جون راتيون درياه جي وچ سير ۾ گذاريندا

هئا۔ سندس محبت جا بس اهي ٻه ماڻهو حال محرم هئا۔ هڪ ناکئو قاسم ملاح، جيڪو پنهنجي هوڙي تي قربان کي کڻي پنهنجي محبوبا جي انجام واري هنڌ تي هنن کي پاڻ سان ملائي ۽ پوءِ هوڙي تي ٻنهي کي کڻي درياهه جي حوالي ڪري پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سندن واپسي جو درياهه جي ڪنڌي تي ويٺو انتظار ڪندو هو۔

۽ ٻي عدن جي اها خليفياڻي جيڪا عدن جي حڪم بجاآوري جي منتظر رهندي هئي۔ ۽ اوڙي پاڙي ۾ ٿيندڙ سندن مقال کان باخبر پئي رکندي هئي۔ بس اهي ٻه ماڻهو هئا، جيڪي سندس پائي حال ٻه هوا ته سندن محبت جي نتيجي جا آخري سوال ٻه هئا۔ قربان انهي ٻنهي سان هاڻ ڪو مهيني، ماهه ملاقات ڪندو هو۔ ۽ عدن سان ملندي ڪيس ٽن، ٽن مهينن جو ٻه وقفو پئجي ويندو هو۔ ناکئي قاسم سان ملڻ مهيني ۾ هڪ دفعو ته ضرور ٿيندو هو۔ اهو ان ڪري جو ناکئو قاسم جنهن ڳوٺ ۾ رهندو هو۔ ان ڳوٺ جي صوفي صالح محمد نالي شخص سان قربان جي صحبت اهڙي جُڙي وئي هئي۔ جو مهيني ۾ هن سان هڪ دفعو ڪچهري نه ڪري ته خود کي پنهنجي فڪر ۾ ڪوري جو ڪورو تصور ڪندو هو. ۽ باقي زندگي جي وهنوار جا ڏينهن هي هاڻ مزارن، مئخانن، خانقاهن ۽ صوفي صنف ماڻهن سان رل مل ڪري پيو دل جو پساهه ڪڍندو هو۔ انهن سين کان الڳ ته پوءِ هن پنهنجي گهر جي ڪمري جي هڪ ڪنڊ پنهنجي ذڪر فڪر لاءِ سجائي ڇڏي هئي جيڪا هيٺ فرش تي هئي۔ جنهن ۾ رات جي وقت ۽ واندڪائي مهل پنهنجي سورن کي اتي ورهائي ويٺو انهن تي جڻ ڦيٽا رکندو هو.

هڪ رات هي مڪليءَ جون مزارون گهمندي، گهمندي ڄام نظام الدين جي مقبري کان ٻه گهٽو اڳتي، لُتر ملي جي مزار کان اوپر طرف هن کي هڪ مئخانو متل نظر آيو — جنهن ۾ مئخار پنهنجي ساقي جون صلاحون ٻڌڻ ۾ محو ويٺل هئا۔ هي ٻه پنهنجي اداس من جي منجهه مِٽائڻ خاطر وڃي وچ وٽي ويٺو۔ پنهنجي مسند تي ويٺل پُراثر شخص پنهنجي مريدانا مصلحت موجب پنهنجي فقرا کي هدايتون ڏئي رهيو هو"دنيا ۾ جڏهن کان دل جي ايمان جو واپار هليو آهي. اهو سڀ ڪم دين جي دلالن ذريعي ڪرايو ويندو آهي۔ اصل خريدار ظاهر نه ٿيندا آهن ۽ دلال پنهنجي ٻولي ۾ دين ۽ ڌرم کي استعمال ڪري، خدا جي سچاٽپ رکندڙ عظيم انسان کي ذليل موت واري خواري ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي مُلهه ۽ مانَ نه ڏنو آهي۔ حق جي هدايت ڪندڙ پنهنجي موت کان اڳ ماريا وڃن ٿا۔ ته پوءِ، باقي ڪير دنيا جي خوبصورتي ۽ خالق جي تخليق کي واضح بيان ٿو ڪري سگهي؟۔ انهيءَ ڪري دنيا کي بربادين، تباهين ۽ بدحالين جي سوچ سان ياد ڪيو ويندو آهي۔ سچ ۽ حق کي، دار جي در تي ٽنگيل ڏسي، عام ماڻهو جو ڌرم پنهنجي ايمان سميت مڙهين، مزارن، وڻن ۽ چوڙن جي عقيدن ڏانهن ڊوڙون پائي پنهنجي اڏ مئل ايمان لاءِ پناهه ڳوليندا آهن ۽ پنهنجي ان اڏ مئل ايمان جي سلامتي واري رولڙي سبب ئي، ماڻهو پنهنجي

ماٺيپي جي منجهه ۾ شاهه لطيف، سامي ۽ سچل سرمست جهڙن جي عظيم خيالن ۽ فڪري خوبين کي سمجهي نه سگهيا آهن ۽ انهن کي بس رڳو زندگي جي هر معاملي ۾ پنهنجي ذهني سڪون جي اهل سمجهي سندن شعرن ذريعي پنهنجون ڪيفيتون پيي ٺاريون آهن. بس ائين ٿي پنهنجي فڪر تي پاڻ سوچيندڙ اُداس ماٺهو عشق جي بدلي شوقيه خواب ڏسندا آهن، جن جو اجا تعبير ئي معلوم نه ٿيندو اٿن، ته ذهن جي تباهي اڳ ۾ پهچي ويندي آهي- جنهن ڪان پوءِ اهي ڪٽل خيال، اڌوارا ماٺهو پنهنجو وجايل فڪر ٻين جي نيتن ۾ ڳوليندي پنهنجي اها اڌوري اهميت به وڃايو ڇڏن ۽ پنهنجي فڪر ۾ حق جي راهه واري سلامتي، سلامت بچائي نه سگهندا آهن ۽ سڄي عمر ائين پنهنجي فڪر جي غلام سوچ جا پابند رهندا آهن...

”افسوس! ڪيڏو عذاب آهي انسان سان، پنهنجن عملن جو- هن سنڌ ڌرتيءَ تي هي ڪڏهن حامي نسل جو آريا رهيو، ڪڏهن سامي نسل جو دراوڙ ڪڏهن جپسي ته ڪڏهن سنڌي- پر پنهنجي آزاد انسانيت جو مالڪ ۽ مڪمل خودمختيار ناهي بڻيو....

...هن ڪي پنهنجي سچي خدا ته ائين پيدا ڪون ڪيو پر هن پنهنجي سڃاڻپ وساري، پرائي سڃاڻپ ڪندي، ڪندي پنهنجي سڃاڻپ پنهنجي اکين ۾ ئي وڃائي ويٺو جنهن ڪانپوءِ پنهنجي وجود جي بقا وارو اعتماد به موڪلائي ويس، اعتماد مرڻ ڪان پوءِ پيار، محبت، همت ۽ خلوص، دوستي ۽ يقين وغيره جڻ چور وٺائنس چورائي ويا ۽ پوءِ پنهنجي اکين هوندي به هن پرائي ڪلهي تي هٿ رکيا ۽ پرائي عشق ڪي پنهنجي تهذيب جا ڪپڙا پارايا- جنهن ڪيس باقي سندس شوقيه عقل ڪي به اوجهڙ ۾ وجهي ڇڏيو!“

”قبلا سائين، ٺورو مان ڪجهه چوان..؟ منهنجي رهبري لاءِ مون کي ٻڌو“ هڪ فقير وچ ۾ چيو- پر ڪوئي جواب کيس نه مليو شايد اُها خاموشي، سندس اظهار لاءِ اجازت نامو هئي ”هن انسان سوا لک نبين ڪانپوءِ هيستائين جو زمانو اجا به جڻ ڪنهن نئين ايندڙ غيبي مدد جي آسري ۽ عقيدي ۾ گذاريو آهي- شايد هن کي رڳو پنهنجي دل جي دلاسي ۽ غنيمت جي مال تي گذارو ڪرڻ جي عادت پئجي وئي آهي يا ائين به آهي، ته هن جا ظلم، ستم ۽ ناانصافيون نبين ڪان سواءِ ڪير سهي نه سگهيو ۽ پوءِ ائين هن ڪي پنهنجي ذات تي ظلم ڪرڻ جي عادت پئجي وئي. قابيل هٿان هابيل جي قتل ڪان وٺي ڪربلا جو قضيو ۽ پوءِ منصور حلاج واري سوليءَ ڪان وٺي مخدوم بلاول ۽ صوفي شاهه عنايت تائين پنهنجن هٿان قتل ٿيندو ڏسي سندس من ۾ ويٺل اها سفاڪي حوس اڄ به سندس حلق کي خشڪ ڪريو ڇڏي.

سانوڻ جون برساتون سندس ڪيفيت کي ٺاري نه سگهيون، جاڙي وارين سردين سندس سينو ٺڏو نه ڪيو ۽ پنهنجي ماتمي من جي انصاف لاءِ هي ته اڄ به عيسيٰ نبي جي انتظار ۾ آهي ۽ حضرت علي کي ابرن ۾ پيو ڳولي- مزارن ۽ محرابن ۾ پنهنجو امان پيو ڳولي- ۽ پنهنجي سنائي

جي بجاءِ پنهنجي ندامت ۾ خدا پيو ڳولي- ائين ته ڪڏهن ٿيٺو ناهي، جو هرڻ جي باغ ۾ شينهن کي چوڪيدار ڪري رکجي ۽ هن ائين پي ڪيو آهي! پنهنجي شاه من ۾ چور ۽ ڌاريي خيال کي ويهاريو آهي! مان درست پيو چوان قبلا سائين؟“

”مان ان تي ٿورو ڪجهه ڳالهائيندس!“

سندس قبلي سائين جي جواب کان اڳ ۾ هڪ ٻئي ملنگ چيو جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڳانا، ٻانهن ۾ چوڙا، مٿو اگهاڙو، آڱرين ۾ اڻ ڳڻيون منڊيون پيل هيون. سو انسانيت کي جڻ تنبيهه ڪرڻ لڳو ”انسان پنهنجا اختيار پنهنجي خيالن جي غلامي جي حوالي رکيا آهن. سندس نظرون، ڪنهن اڻ ڏٺي اميد جي آسري ۾ رڳو انتظار ڪندي پليون آهن. هڪڙي خام خيال خواهش حاصل ٿي نه ٿي ته وري من مان ٻيون جٽي ٿو- هن کي هميشه پنهنجن خواهشن ٺڳيو آهي- اها حقيقت ائين آهي جيئن ماڻهو پنهنجي من مان پنهنجي چوري پاڻ ڪري- هن پنهنجو نڳي ڪندڙ اهو عضوو نه پڪڙيو نه سڃاتو- نه ته هي ته باهه پرست به آهي ته بشارتون ماڻيندڙ به آهي- پر سندس سوچن فتني ۽ فساد جو لباس پاتو جنهن جي ميراڻ سندس نئين خيال جي سنائي کي به هميشه ميرو ڪري پيش ڪيو- دنيا جي خوبصورتي سان ياري نڀائيندي پنهنجي عقل کيس اهڙو عليل ڪري وڌس، جو دنيا جي سونهن سان وفا ڪري وينو- جنهن الستي يار هن تي احسان ڪيا- اُهي احسان ڳڻيندي، ڳڻيندي پورو ته نه پيو پر جيترا پيرا اُهي احسان ڳڻيائين اوترا دفعا اُهي وسارياڻين. بس رڳو ياري پڪي ۽ يار ندامت ..... ۽ خود ته جهڙو ڪنهن مداري جيان پنهنجي ولِ ۽ هوڪارين جي هُل ۾ وڃائجي ويو!“

ان ملنگ جي گفتار قربان جي ڪيفيت کي ڪو من ليائيندڙ ڪيف پياري نه سگهي ۽ هاڻ ان محفل ۾ خود کي شمار ڪرڻ واري خواهش کيس کي به ڪجهه ڳالهائڻ تي آماده ڪيو. هن محفل ۾ موجود ماڻهن ۾ هر طرف نظرون ڊوڙائي ان شخص تي پنهنجي نظر کي روڪي ٻيهاريو جيڪو ڪاري لباس ۾ پنهنجي اهميت مطابق، مسند نشين هو جيڪو نه رڳو محفل جو امام هو پر اها محفل به ان جي، اهو تڪيو به ان جو هو ۽ فقرا به ان جي هئي، شايد اُهو اُنهن سيني کي تن تسبيح، من مٽيو ۽ دل دنبورو ڪرڻ واريون ڏياني هدايتون ڏيندڙ سندن حادي هو جيڪو جسماني طور ڏٻرو، سادي صورت، قد ڊگهو چاپُئين ڏاڙهي ۽ سائيڪالوجي ۾ ماسٽر ڪيل هئس- انساني نفسيات جو ڄاڻو ۽ ماڻهو مريد ڪرڻ جو ماهر هو ۽ اها سندس اضافي مهارت هئي جنهن قربان کي پنهنجي مئخاني ۾ نئون ماڻهو ڏسي، سندس نفسيات پرکڻ پي چاهي ۽ قربان جنهن مهل پنهنجي اظهار واري خواهش سان سندس منهن ۾ نظرون وڌيون، ته هن پنهنجي شخصي آدابن کي قائم رکندي، پنهنجون اکيون رڳو نمائيندي، پنهنجي ڪنڌ جو اشارو ائين ڏنو جو

قربان کي سندس اظهار جي آزادي ڏيندي جهڙو ائين چوندو هجي تہ ”ها، ڳالهائي ڳالهائڻ سان ئي ماڻهو سڃاتو ويندو آهي.“

۽ قربان محفل جي موضوع کان هٽي، پنهنجي شروعات سياسي رخ سان ڪئي ”سنڌي ماڻهو ڌارين جي قتل ۽ غارت کان وٺي انگريزن جي غلامي تائين، سندس سوچون پنهنجي آزاد فڪر لاءِ ايتريون تہ رولاڪ ٿي ويون آهن، جو سنڌ ۾ صوفي ازم واري سوچ نہ هجي ها، تہ سندس رت وهنديون حالتون اهڙي قصاب مان گذريو آهن، جو انهن جو موجوده حالتن ۾ اچڻ بہ مشڪل هو. پر اجا بہ تہ سندس پيٽ ۽ ذهن دانهين آهن- پراون جي پيهہ تہ اجا بہ متاثنس لهي نٿي- هن پنهنجي خدا جي راضپي خاطر مهمان نوازي کي ايتري اهميت ڏني، جو رُلي آيل پنهنجي هم شڪل ڌاريي کي پنهنجو سڀ ڪجهہ، پاڻ سخي يار بڻجي ڏئي ڇڏيو. ۽ ان جي بدلي ۾ مليس بک، بدحالي، گولي ۽ غلامي. پر ڪيس اهڙو افسوس پوءِ بہ سندس جيءَ ۾ نہ جاڳيو تہ مون آيل جي آڌرياءُ ڪري، پنهنجي سخاوت ۾ پاڻ فقير بڻجي پنهنجي خودداري جو جنازو رُلائي، پنهنجي خدا کي بہ خفا ڪري وڌو آهي! ۽ هاڻ هي دنيا کي پنهنجي ڏاهپ ۽ امن جو پيغام ڏيندڙ سنڌ جو سخي آدم پاڻ تہ رڳو دعا، پٽ واري وسيلي تي اچي بيٺو آهي، پر ان جو ماتم پڻ بہ صحيح طرح ڪيس نہ پيو اچي. هي تہ اڄ بہ عذابن جي سبب پنهنجي عظمت جي حد لتاڙي ٿو- هن جي مٽي ۾ عربن اها هوا پري ڇڏي تہ، ابليس ۽ آدم بئي غلط هئا- هن زندگي کي ايترو ياد نہ رکيو جيتري موت هن سان ماڻتي نيائي آهي- هن زندگي جا سڀ رشتا رسوا ڪري فنا جي دار تي ڦٽي پي ڪيا، جتان صوفي ازم ڪيس پنهنجي پناهہ ڏانهن سڏيندو رهيس!“

جنهن سوچ ۽ مطلب سان، قربان ان محفل ۾ اچي وينو ۽ جنهن ارادي سان هن اظهار ڪرڻ چاهيو ان موضوع لاءِ ذهن هن کي ساٿ نہ ڏنو – هن کي پنهنجي محبت باقي بين معاملن کان تہ الڳ ڪري ڇڏيو هو پر سندس شعور سان جڙيل ويل قومي سياست وارو جذبو سندس تحت الشعور ۾ جهڙي جو تهڙو قائم هو- شايد ان جو هميشہ لاءِ ذهن مان نڪري وڃڻ ناممڪن هو- جنهن جو وڏو سبب شايد اهو هو تہ، جن مزارن، مقبرن ۽ مڙهين مقامن تي هن اوجاڳا پي ڪيا، تہ اتي بہ سنڌ جي بدحالي، لاچاري ۽ مفلسي صدين کان انهن ماضي جي مزارن تي پنهنجي حالتن جي سڌاري لاءِ فريادي هئي، ائين پي لڳو تہ انهن مزارن تي پنهنجن دردن جا دانهين، پنهنجي آہ و زاري ڪندي پنهنجن حالتن مان تڪڙ لڳا هئا-

اهڙين حالتن ۾ قربان جي ذهن جو سياسي پهلو انهن غريب، مفلس ۽ بي پهچ غلام حالتن کي ڏسي، انهنڪان پنهنجي نظر ڪون پي لڪائي سگهيو سي سڀ تہ ڪيس جيئان محبت جا ماريل ڪون هئا- اُها تہ سنڌ جي حقيقي ۽ اصلي ذهني غربت، سياسي غربت، علمي غربت ۽ سماجي غربت واري محتاجي هئي- جنهن جي ڇوٽڪاري لاءِ ماڻهن جي روئندڙ اکين جا ميلا، مزارن تي

پيا نظر ايندا هئا ۽ انهن محتاجن، بيوس ۽ لاچارن جي ميلن ۾ سندس اکين ـ عام جيان سڀ ڪجهه پي ڏٺو ۽ سمجهيو!

سندس گفتار مان، سندس نفسيات ڪي، محفل جي امام، ڪيس ٿورو ڪجهه سمجهندي، هن سندس ئي موضوع ڪي اڳتي وڌايو "هن ڌرتي تي انسان پنهنجي ذات ڪي بقا ڏيڻ جي ڪوشش پي ڪئي آهي ـ سنڌ ۾ ـ ڌارين قومن جي خواهشن، سنڌي قوم تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن۔ جنهن جي اثر ۾ هن سنڌي آدم سماجي طور تي خود ڪي ذات پرستي جي دائري ۾ ويڙهي ڇڏيو ۽ پيا ـ ڪيترائي ڪارڻ ڇئي سگهون ٿا، جن سندس اهڙي نادان عمل ۾ مدد پي ڪئي آهي ـ جنهن ۾ هن پنهنجي قومي وحدت ڪي ڪمزور ڪيو۔ جنهن ڪانپوءِ سندس پيار تي ڪارو پردو چڙهيو ـ سندس لائبريريون سمهي پيون ـ مئخاني ڪان پوءِ مسجد ۽ مندر ڪي ـ تالو لڳو ـ اوطاقون عذابن جون دانهون ٻڌجي پيون ـ شادي، ازدواجي حيثيت وجائي جنسي چاهه جو چرچو ٻڌجي پيون ـ معاشي حالتون وياج جي وبا ۾ وِهائي* تي ويهي رهيون ـ رشتن ۾ رسامن جو روڳ پيدا ٿي پيو ـ انسانيت ذاتي عقل تائين محدود ۽ علم ۾ چوري ڪاهي پئي ـ فرض ۾ لاغرضي عمل اٽپورو ـ ضرورتن** ضِرار ڪي جنم ڏنو ـ خواهشون خواب ٻڌجي پيون ـ خيال، ڪنير جي ڪچي ٽانءُ جيئان ڪمزور ـ مقصد ۽ ارادا، سڀ ڪنهن واچوڙي جي اُڏايل ڪاغذ جيان رُليل، اُجڙيل ۽ اڌورا!

"هن تـ شاه لطيف جي تسبيح، مُصلي ۽ حُجري ڪان ـ وڏيڪ، پنهنجا حسين خوابگاهه، خوبصورت دسترخوان ۽ يادن جا اڻ ڳڻيا مينار جوڙايا آهن۔ اج سي شاهه لطيف پاڻ اچي جيڪر ڏسي، تـ رڳو ڪراچي ۾ ڌارين جا فليٽ ڏسي حيران رهجي وڃي۔ پر موهن جي دڙي ۽ مڪليءَ جي مزارن جي حالت ڏسي، پنهنجي شاعري جا سيئي سُر، وري نئين سر لڪٽا پئجي وڃنس! ۽ وري وڏيڪ جي پکن ۽ پنهوارن تي نظر پيس تـ ڪيس سنڌ اُهائي ساڳي "ڏڳو پير پيران" نظر ايندس ۽ پوءِ هڪ دفعو وري بيڙياتن جو بيلي ٻڌجي وري ـ چوڏو پوندس.

"ايڏو سور سهي، ننڊ نـ ڪجي ناڪئا"

(شاهه)

۽ اُهي ئي سڏ، اُهائي پڪار ۽ اُهي آيتون ورجائيندو جيڪي اج جهاد جي جنون ۾ انسان پنهنجي مذهبي غيرت سان گڏائي پنهنجي وطن جا سور وساري ويٺو آهي۔ !

رت ۽ تلوار سان گڏجي آيل مذهب تـ هن ڪي ياد آهي۔ پر مخدوم بلاول جي هڏن جا ٽڙڪات هن وساري ڇڏيا.

---

*. وِهائي: زميندار ڪان ڪنيل قرض طور اناج

**. ضِرار: هڪبئي ڪي نقصان پهچائڻ

هن کي سچل جيڪا جوءِ ٻڌائي سا ڪيس ڪاري پٽي نظر اچي ۽ جُوءِ ۾ ڌارين جا ڌڻ پيا پيل ڪن. تنهن غيرت جو تاءُ ڪيس نري ويو آهي! ۽ پنهنجي ننگ جي ندامت جو اثر مٿس نٿو پوي!

”هي جڏهن کان علم چور ٿيو آهي. تڏهن کان پرايا خيال چورائي خود کي پنهنجي عقل جو خدا پيو سڏائي پر فرعون جيئان. پنهنجي خدائي جو پيغمبر مقرر ڪري نه سگهيو نتيجي ۾ پنهنجي ذاتي خاصيت به گم ڪري ويٺو آهي!

هي ته علم چورائي رڳو سَند يافته ٿيو پر تعليم يافته ٿيڻ واري همت هٿان ڇڏائي ويس! ڌرتيءَ تي سڀ کان پهريان هن ئي ڦيٿو ٺاهيو اجرڪ ٽوپي ۽ ٽوپي ۾ امن جي علامت مهراب به ٺاهيو. شهر اڏيا. انهن جون گهٽيون ۽ گٽر به ٺاهيا. سڪو به ايجاد ڪيو واپار ۽ ان جا اصول به جوڙيا . هي ته ٻُڙي جو خالق. وڏو رياضيدان ۽ الجبرا جو مؤجد آهي .

هن سج جي سفر جو به تعين ڪيو ۽ ارض و سما جو علم ايجاد ڪيو. هن ئي. عورت ۽ ڌرتي کي ماءُ جو درجو ڏنو. هي ته اڄ به دنيا ۾ سنڌي پيو سڏجي. هن سڄي دنيا ۾ انساني تهذيب جو علم ورهايو. پر جڏهن سندس اهو علم. عقل ۽ ايجادون دنيا جي ڌارين قومن چورائي پنهنجي مالڪي ڏيکاري. ته هن آهستي. آهستي پنهنجي ان ڏاهپ جي مالڪي تان دست بردار ٿي. ڌارين جي دڙڪن ۽ دلاسن ۾ اچي. واپار ۾ ڪوڙ سڪن ۾ ٺڳي. شهرن ۾ گند ۽ ڳاڙين ۾ ڦرون به ايجاد ڪري ورتيون!

”اڄي ننگ تان نثار ٿيندو هو. هاڻي ڌارين جا اگهاڙا ننگ بازارين ۾ ڏسي. پنهنجو ننگ پنهنجي هٿ سان ڪُهي نثار ٿو ڪري!

اڄي هڪ آڱر ڪني ٿيندي هيس ته وڍي ڇڏيندو هو. هاڻ عورت کي ڪُهي پنج ئي آڱريون ڪنيون ڪندو آهي. ته انهن کي ڌوئيندو به ناهي! اڄي موت کي ميارون ڏيندو هو هاڻ موت جو مياري ٿڻجي پيو آهي!“

محفل جو امام پنهنجي ان ڏکي تقرير کان پوءِ خاموش ٿي ويو. سندس اُها خاموشي. محفل ۾ ڇڻ ڪا صدارتي فتوي هئي. ڪنهن ڪجهه به نه پي ڳالهايو سڀن جون نظرون سندس اکين ۾ هيون. سندس سڄي تقرير مان ڪنهن هڪ نقطي جوبه ڪو انڪاري نه هو تڏهن به ڪيس ته ڄڻ ڪو انتظار هو سندس گفتگو اڃا شايد ڪجهه اڳتي هلڻي هئي پر ائين وچ ۾ اوچتي خاموشي! هن ڄڻ ٻڌندڙن جي ڪيفيت جو جائزو پي ورتو ۽ جو ڪجهه چئي چڪو هو ان جو اختصار ائين هو ته سنڌ جي تعليمي درس گاهن ۾ به. مذهبي مدرسن واري تعليم جيان. رڳو رٽائڻ. ياد ڪرڻ ۽ ورجاءُ وارو عمل هو.

علم جي چوري کي هن. ڪاپي ڪلچر وارو عمل پي سڏيو ۽ تعليمي نساب ڄڻ هڪ اهڙو بي فائدو مذاق. جنهن مان اهڙي هوشياري حاصل نه پي ٿي. جنهن کي ذهانت چئجي. جنهن مان ڪامياب زندگيءَ لاءِ آسان راهون نڪرن ٿيون.

تعليمي ادارن ۾ ان جي ماحول ۾ جوڪجهه بہ هو سو حڪمران طبقي طرفان سياسي عقيدي واري تعليم ۾ سياسي سفارشن وارو نساب، جنهن جي ناڪام نتيجن، نوجوانن جي ذهنن کي، ڪا نواڻ ياتبديلي جوخيال ۾ جذبوئي نہ ڏنو!

قربان سندس خيال کي پوري طرح سمجهي چڪو هو ۽ پوءِ هن قربان کي پنهنجي مريديءَ لاءِ، ڪيس مستقل ميمبر بنائڻ جي سوچ سان- هن پنهنجي تقرير جو پاڻ جائزو وٺندي- هاڻ هن ڪجھ صاف ۽ چٽيون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون ”هر ماڻهو کي حق ۽ سچ جي اظهار ۽ ان جي سوز جي حاصلات لاءِ شديد شوق رهيو آهي. هر ماڻهو حق پرست سڏائي ٿو- پر افسوس هن انسان تي- جو اُها اصل حقيقت واري سوچ، سندس رڳو طبيعت تائين رهي آهي ۽ باقي رڳو وهمن ۽ وسوسن تي اعتماد! مذهبي عقيدي مان جنم وٺندڙ شخصي عقيدو ۽ پوءِ سياسي عقيدي جي پويان پنهنجي توڙي قومي ۽ سماجي آزادي جي بدلي، رڳو جيل، گوليون ۽ قيدخانا!

هن دل جي قيد ۾ محبت جي آزادي وارو معراج نہ ماڻيو- سياسي حج ۽ ان جي معراج واري ذوق تہ سندس سياسي ايمان کي الائي ڪيترن عقيدن ۾ ورهائي ڇڏيو.

”سندس دل جو خدا هڪڙو ، تہ دنيا جو ٻيو- سياسي اثر ۾ حاصل ڪيل تعليمي ڊگريون، سندس دماغ کي علم رڳو ايترو ڏئي سگهيون، جيترا ڪنهن فقير جي ڪشڪول ۾ اچلايل خيراتي سڪا!

سنڌ جي فڪر ۾ تصوف جو اُهو وهندڙ درياهہ رهيوآهي- جنهن کي ڪنهن جي خدا تي ڪڏهن بہ ڪو اعتراض نہ رهيو آهي.

وقت هو سنڌ جي صوفي مزارن تي، پيار محبت جي حاصلات، عقل، امن ۽ ساڃاهہ جي سلامتي لاءِ عاشقن ڪان دعائون گهريون وينديون هيون- اُتي هاڻ رڳو جنسي حوس جا شائق، جُوتين جا چور- لليجا ۽ عزتون وڪڻندڙ دلال نظر ايندا آهن!

”جن ماڳن تي نينهن پچار ۽ خالص نماز جا نفل پڙهيا ويندا هئا، اُتي هاڻ ڪتا سمهي ننڊون پيا ڪن.

اڳي ميلن ۽ ڏڻ ڏيهاڙن تي، رانديون، ادبي رهاڻيون، سگهڙن جا سلوڪ، وٽج واپار ۽ ڪيل تماشن واري تفريح هوندي هئي-اُتي هاڻ لکنوءَ ڪان آيل رقصائن جي اولاد جا اگهاڙا جسم نچندي نظر اچن ٿا!

جن مڪانن ۽ مٿخانن تي، صوفين جون نفس الامر تي صلاحون ۽ ملڪوتي مقالون ٿينديون هيون، اتي هاڻ نشي جا واپاري، نشي جي اگهن جا روز نوان اعلان ڪندي ٻڌا ويندا آهن! سڀ نااهلي ۽ سياسي عقيدن مان غلامي جا نتيجا!

۽ هن کان تہ تاريخ بہ ڪجهہ ڪون لڪايو- ڪيس خبر آهي تہ، زراعت عورت جي ايجاد آهي- انسانيت ۽ زندگي جي خالق هي عورت، جنهن پنهنجي جسم ۽ بدن کان وڌيڪ ڌرتيءَ کي سينگاريو.

هن پنهنجي پيٽ جي ٻج کان وڌيڪ ڌرتيءَ جي پيٽ مان ان اُپايو! هن پنهنجي وارن جي سجاوٽ کان وڌيڪ گهاٽا وڻ پوکي، نظارن کي رونق بخشي!

هن پنهنجي رخسارن جو رنگ، سج جي تپش ۾ تباهہ ڪري، ڌرتيءَ کي رنگين گلن جي خوشبوءِ ادا ڪئي!

هن پنهنجي سيني تي اُپريل نازڪ ۽ نفيس عضون کان وڌيڪ، جبلن، جانارن ۽ ڍنڍن ڍورن جي سنڀال رکي آهي- پوءِ بہ مرد جي مذهب سندس بشارت قبول نہ ڪئي! ۽ عورت کي رڳو پنهنجي مرداڻي نسل ۽ عياشي لاءِ استعمال ڪيو جيڪا اصل ۾ ارض و سما کي سونهن بخشيندڙ ۽ انساني ٻج جي ماءُ آهي، پوءِ بہ سندس الهامي اشارن کي قبوليت نہ ڏنائين!

”عورت نہ هجي ها! تہ نہ عشق نہ اوتار نہ اولياءُ ۽ نہ بيت العلومُ هجي ها! پر هي مرداڻي مذهب جو مالڪ، پنهنجي مسلڪ جو محافظ سڏائيندڙ سنڌي آدم، جنهن حضرت علي رضہ سان گڏجي، اسلامي جنگيون وڙهي پنهنجي انا ۽ اولاد جون قربانيون ڪون ڏنيون هيون!

نہ هي بدر جي جنگ جو سپاهي هو نہ هن احد جبل ۾ جهاد ڪندي ڪڏهن ڪو جان جو صدقو ڏنو هو! هن جي ويهن پيڙهيُن مان بہ ڪو اهڙو ڪون هو جنهن ڪربلا جي مسافرن مان ڪنهن کي رڳو ٽڏي پاڻي جو ڍڪ پياريو هجي!

هن کي تہ بن قاسم پنهنجي تلوار سندس رت سان وهنجاري ان مان دين ڏوئي ڏنو هو- پنهنجي رت مان ڌوتل ان دين جي پوئيواري ڪندي، هن عورت کي خدا جي گهر کان وڌيڪ پنهنجي بستري تائين رهڻ واري امن جو حڪم ڏنو!

”ائين پنهنجي انسانيت سان، رت جون رانديون کيڏائيندي، سنڌ جو هي سپاجهو انسان، اهڙين اوٽاين ۾ منجهي ڦاسي پيو جنهن مُنجهہ سندس جيءَ پي ڪپايو ۽ سندس ماڻهپو قتل پي ڪيو هن کي ان الڪي ۽ انهن عذابن پنهنجي اندر جي انسان ڏانهن سڏيو جتي سندس انسانيت خاموش پريشان ويٺل هئي، جنهن وٽ امن هو- عشق ۽ فڪر جي آزادي هئي- هن کي اوڏانهن وڃڻو پيو ۽ هي اوڏانهن ويو تہ دنيا هن کي صوفي سڏيو ۽ هي مڪمل انسان ٿي پيو ۽ هن کي امن جو باني سڏيو ويو.“

”۽ هاڻ هن خود کي ڪهڙي حد تي اچي بيهاريو آهي- قربان پڇڻ لڳو- سندس ابتدا ۽ انتها جي وچ ۾ باقي اجا ڪي اوٽايون آهن؟ ۽ انهن جو ڪوئي اهڃاڻ!؟“

قربان ٿوري مهلت ملندي ئي پڇي ورتس ۽ هُن هاڻ ڪجھ وڌيڪ شايد ڳالهائڻ نہ پي چاهيو هو پنهنجي رهاڻ جو رس بيهاري چڪو هو جنهن ڪري ڪيس پنهنجي پراڻي مُريديءَ مان ڪنهن اُپتي، سُپتي سوال اچڻ جو امڪان ڪون هئس، هن ڪي هاڻ پنهنجي آسڻ تان اٿي، آرامي ٿيڻ جو خيال هو پر قربان جي سوال سندس ارادي ڪي ڪجھ گهڙيون روڪي ڇڏيو هن قربان ڪي پنهنجي شخصي صلاحيت ڪان متاثر ڪري، پنهنجي شخصي عقيدي جو معتقد بنائڻ واري نيت سان جواب ڏنو "هن ڪي فنا جي ذلت ۽ بقا جي اميد واري پڇتاءُ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجھ نہ مليو بس زندگيءَ جون ڪي، پاڻي تي ڦوٽي جيتريون قيمتي ساعتون مليون آهن_ اسان ائين ڇئي سگهون ٿا تہ ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي زندگي جو مقصد وساري، زندگي جي انهن قيمتي ساعتن ڪي رڳو افسوس سان ڳٽيندا آهن_ پر انهن ساعتن جي وچ ۾ انسان جو انسان سان عشق، جيڪو زندگي جي ساعتن ڪي بقا بخشيندڙ آهي، ان ڪي زندگي جي گهڙين سان گڏائي، ان جو بهتر ڳاٽيٽو نٿو ڪري_ پر انهيءَ ابتدا ۽ انتها جي وچ ۾ پنهنجي دل جي اُها صدا بہ نہ ٻڌي سگهندو آهي تہ،

الله رکي آباد سجڻ ڪي،
جنهن جي عشق،
ادب ۽ سونهن لاءِ سلام سيڪاريو
صبح جو سلام اي سونهن پرستو
شال اوهان جي شام،
پنهنجي پرينءَ جي پيچ ۾ رحمت پري گذري!

اهڙن پاڻ وساريل ماڻهن بابت مان وڌيڪ ڪجھ ڇئي، سمجهائي نٿو سگهان _ ان ڪري جو ڪجھ ماڻهن جي نيتن سان، صبح جي ساعتن ۾ پاراتا ۽ شام جي وقت ڪروڌ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ حاصل مقصد ناهي.

"ڪجھ ماڻهو صبح جو قرآن پڙهن ۽ منجهند جو گلا ڪٽن ٿا!

شام جي مهل پنهنجون سيئي نيڪيون، پراون گناهن ڪي ڳٽي، انهن سان گڏائي ڇڏيندا آهن، ۽ رات جيڪا روحن جي جاڳڻ لاءِ خدا خلقي آهي، سا سندن ننڊ جي نينهن ۾ گذري ٿي.

۽ صبح جو وري بہ سج سندن چڱاين لاءِ اپري ٿو پر اُهي پاڻ وسوڙل ماڻهو هاڻ رڳو جنازو دفنائڻ وارو عمل باقي باقائده ڪن ٿا_ اهڙي باقي عمل ڪان اوجهل آهن تہ عشق نيڪين جو درياهہ آهي_ محبت ان جي آبادي ۽ انسان ان جو اپائيندڙ آهي"

بس! ايترو ڇئي، اهو محفل جو امام اٿي پنهنجي حُجري ڏانهن ائين هليو ويو سندس دل ڄڻ اهو ڪيس يقين ڏياري ڇڏيو تہ،

"هاڻ وڌيڪ پاڻهي پيو نوجوان پڇا ڪندو تہ مونکي پنهنجو مُهتدي سمجهي، پنهنجي مريديءَ لاءِ مُهر ڪڏهن هڻندا؟"

اهو ايترو يقين ڪيس ان ڪري هو جو سنڌس سحر انگيز بيان- قربان جهڙا ڪيترائي لکيا پڙهيا ۽ محبت جا ماريل نوجوان سنڌس ڏاهپ واري ڏاانءُ مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهندا هئا ۽ سنڌس مريديءَ جي وڏي حام پيا هڻندا هئا - پر پنهنجي جوان عمر جي عرصي ۾ اجا ڪو بہ اهڙو نوجوان ڪون هو جنهن کي هن عشق جي اهڙي رمز کان روشناس ڪري اهو پوري طرح سمجهائي ڇڏيو هجي تہ:

"جيڪڏهن تون مقصد لاءِ زنده آهين، تہ پوءِ اهو يقين ڪر، تہ تون سدا حيات آهين."

---

**قربان** توڙي جو محبت واري مار جو مجاهد هو پر پوءِ بہ سنڌس روحاني تعليم اهڙي درجي تائين رسيل نہ هئي-جو چئجي تہ هن کي اصحاب ڪهف وارن ستن اصحابين واري سوچ ۽ فڪر وارو علم هو.

هن صوفين جي محبت ۾ پنهنجي خدا جي پاڪ سوچن ۽ صاف خيالن ۾ دنيا جا پيا سمورا تعلق ۽ مقصد مڪمل فنا نہ ڪيا هئا ۽ اهي هن کي ، پنهنجي راهہ جي رمز لاءِ فنا ڪرڻا بہ ڪون هئا- انهن کي پنهنجي سوچ ۾ سالم رکي پنهنجي پريت جو پنڌ پچائڻو هو- پر هن فڪر جي درياهہ ۾ لهندي ئي خود کي هڪ مايا پرست مرشد جي عقيدي ۾ ڦاسائي وڌو جنهن خود مجازي مار ۾ ڏکن جو اهو ڏيهہ ڏٺو ئي نہ هو جنهن ۾ ڏک ماڻهو کي انعام تي ملندا آهن. ۽ پوءِ اهي ڏک سڀ سنيالي پاڻ وٽ رکيا آهن ۽ پنهنجا سک سيئي سماج ۾ ورهائيا آهن. پر هن کي ان مرشد چرس جي چسڪن ۾ هيرائي، رڳو نشي هاڻو نينهن پي سيکاريو جنهن ۾ سنڌس خيالن جي اڏام تہ سانوڻي ڪڪرن سان پي ڪُڏي، پر حاصلات حقيقت جي ابتڙ ۽ ڪيفيتون ڪروڙي ٻڄڻ لڳيون، هن کي حبيباڻي هجر هدايت ڏئي جنهن راهہ ڏانهن روانو ڪيو هو، تنهن راهہ ۾ رهنڊڙ ڏاهپ تہ چرس جي چسڪن کان ڪوهين ڏور، عشق جي ويران وادي ۽ نينهن جي اگهاڙي نگري ۾ رهنڊڙ هئي، جنهن کي صدين کان سک جا صحبتي ۽ محبت جا مسافر، حضرت آدم ۽ ڏاڏي حواجي گهر کان ڳولڻ پيا ۽ پنهنجي جان جسم تائين ڳوليندا رهيا!

هن تہ محبت ماڻڻ واري تڪڙ ۾، خود لاءِ ان مرشد کي پنهنجو رهبر بڻائي ڇڏيو هو جنهن جي صورت صوفي هئي، پر سيرت سورن جي دشمن، ۽ من مانر ملو هو جنهن جي اظهار ۾ عشق جي تہ ساراهہ هئي پر نيت نپٽ نياڳي ۽ نينهن جو ذرو بہ نہ-

مقالون تہ ملڪوتي هيون پر لاهوتي نہ ڄڻ لوتي هو ۽ تجربو رڳو ڪتابي ٿيوري (Theory) هئي، جنهن قربان جي اصل مقصد کي نہ موت پي ڏنو ۽ نہ جيئرو رکڻ جهڙو پي ڪيو.

ان مرشد جي عقلي ۽ علمي فلسفي جي منجهاري ۾ قربان پنهنجي من جي مقصد کي رول موالين جيان هوائي خيالن ۾ رُلائڻ لڳو سندس ذاتي خيال بہ نشن هن کان کسي پي ورتا.

هن ڏاريا ۽ موالي خيال پنهنجي ذهن ۾ وجهي پنهنجا يار دوست بہ پاڻ کان پري ۽ پريشان پي ڪيا.

ماڻهو پراون خيالن پنيان ڊوڙي، نہ چريو ۽ نہ سياڻو بڻجي پوي تہ ان کي پنهنجو قيمتي وقت ڏيندو بہ ڪير!؟

بس ٿوري ئي عرصي ۾ هاڻ سندس يار دوست بہ بيزاري وچان وقت جي مجبوري وارا بهانا ڏيڻ لڳس ۽ ڪجھ دوست سندس ماڻهپي جي واپسي جا منتظر بہ هئا.

سندس روح، پنهنجي محبوبا، عدن جي عشق مان نااميد ٿي، عدن جي صورت ۾ لڪل، پنهنجي ڳجهي خدا جو ڳولائو هو جنهن جي صحيح سڃاڻپ لاءِ سندس احساسن ۾ ڪائي صورت سڃاڻپ لاءِ نہ پي نهي، بس رڳو وٽس پنهنجي دل جا ڪوڙا دليل هئا ۽ سندس دماغ، آسماني اونداهہ ۽ بادلن جهڙو ٺڏو بڻجي پيو هو. نشن، سندس نرمل جي نينهن کي چرس جي دونهين ۾ دفن پي ڪيو نہ من برندو هئس، نہ اکين ۾ عشق حقيقي جو ٽئو ٽپندو هوا!

موسمن جي ضد ۾ آيل ڏينهن، پنهنجي فطري اصولن مطابق ايندا ۽ ويندا رهيا، اهي سڀ سندس خيالن جي عمر ۾ فڪر جي حياتي ۾ ڪوت پيدا ڪري رهيا هئا.

جيڪو ڏينهن آيو پي، ان جو آذرياءُ ڪون پي ڪيائين ۽ جيڪو ويو پي ان جو افسوس ڪُون پي ڪيائين ٽيهن سالن جي عمر ماڻهو ۾ پنهنجون سيئي قوتون جاڳائي ڇڏيندي آهي. پر هن تہ پنهنجي جان بہ هجڙي جهڙي بڻائي وڌي هئي.

عمر جو اهڙو ٽيون ڏاڪو بهارن جي حسين گلن جي خوشبوءِ ونندي آهي ۽ سانوڻي رُت واري ماڪيءَ جو رس پئندي آهي، سرديءَ ۾ سڪ پريا ٽڏا ساهہ ڪٽندي آهي ۽ سرءُ ۾ جدائي جا گيت ڳائيندي آهي، پر هن کي پنهنجي موالي رهبر، سندس مجبور دل کي، چرس جي ور چاڙهي، سندس غمِ فراق وارا خيال، موالي خيالن سان ملائي ڇڏيا ۽ هن تہ ويچاري اوڏانهن وڃن پي چاهيو جتي ماڻهو خود کي بڻي جنس بڻائي، پنهنجو گناهہ ڪنهن ٻئي وجود مان حاصل ڪرڻ جي بجاءِ، پنهنجو گناهہ، پنهنجي وجود مان ڳولي وٺجي.

ائين پنهنجي گناهہ جي مالڪي وارو تصور، گهرائي ۾ وڃي، پنهنجي وجود جي مالڪي تي حيران ڪري ٿو ۽ ان جي اصليت پرکڻ واري جستجو ۾ پنهنجي وجودي خالق وارو خيال، صاف ڪري انسان پنهنجي اصليت پرکي ٿو ۽ پنهنجي خوديءَ مان خالق ليبي ٿو ۽ خيال پنهنجي

قربان پنهنجي پيءُ هجڻ واري حيثيت بہ هاڻ چڻ مڪمل نظرانداز پي ڪئي، هن ڪان ان رشتي واريون سوچون، ڪنهن بي لغام گهوڙي وانگر چڙواڳ تي چڙهائي ويون هيون. جيڪي سندس پڪڙ کان ايترو پري شايد وڃي نڪتيون هيون، جيترو سسئي کان پنهون پري وڃي نڪتو هو.

ماڻهو کي پنهنجي زندگيءَ لاءِ، جيڪي اميدون، آسون ۽ تمنائون هونديون آهن، سي زندگيءَ جي تبديليءَ واري ڪنهن موڙ تي، ڪڏهن، ڪڏهن پنهنجو منهن ڏيکاريندڀون آهن ۽ وري من ۾ لڪي پنهنجي ساپيان واري وقت جو انتظار ڪنديون آهن ۽ اهڙو وقت هر ماڻهو کي پنهجي سمجهہ مطابق مليل آهي، وقت جي ورچ ۾، وقت جي خالق، ڪنهن کي بہ سندس حصي واري وقت کان محروم نہ ڪيو آهي.

قربان تي بہ پنهنجي خدا جو اهڙو احسان هو ۽ هن ان وقت جي احسان واري وفا ۾ پنهنجي خدا کي ويجهو تي ان سان پنهنجي دوستي لائڻ، نياهڻ واري فڪر ۾ ئي، هن ڪان پنهنجي ان سچي دوست جو اُهو ياري وارو تصور بہ ائين ڏنڌلو تي ويو هو جيئن پنهنجي مجازي محبوبا کي دل تان وسارڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪندي اها ڪوشش بہ ان جي ياد ۾ وساري ويهندو هوا!

هي پنهنجن سوچن ۾ ايترو ونجي ويو هو جو هن کي ڪنهن مهل لائوڊ اسپيڪر تي آذان جو ڪو آواز ڪن تي پوندو هو تہ سندس دل کي ائين لڳندو هو چڻ سندس روح ۾روحاني دوست، کيس پنهنجن چڱاين گڏ ڪرڻ لاءِ صلاحيندو هجي، پر پاڻ نشي گاڏڙ نينهن وارن خيالن کي چڻ صفا ڪندي چوندو هو "ان مُلي کي آذان جي اصل مطلب جي تہ سمجهہ ئي ناهي، نہ تہ ڪر الله اڪبر چوندي ئي سندس ساهہ نڪري وڃي!"

پر اُها تہ عشق واري آذان، جنهن جي خبر کيس بہ اجا مڪمل ڪان هئي، اهي تہ سندس موالي خيال هئا جن جي ڪا بہ شروعات ۽ پچاڙي نظر ڪان ايندي هئي.

اهو تہ سطحي سوچ سان لاڳاپيل، مُلي ۽ موالي جي وچ ۾ خدا ڪارڻ وارو حسد هو.

ائين اهڙن حاسد ۽ بي مقصد خيالن سان کيڏندي سندس اصل سوچ ڪانئس چڏايو پي وئي. ۽ پوءِ سندس اندر اُجهامي ويندو هو ۽ پنهنجو من ڪُتل، ڪتل پيو محسوس ڪندو هو ۽ وري بہ کيس بهتر استاد ۽ ڪامل رهبر جي کوٽ معلوم ٿيڻ لڳي. کيس اهڙي استاد جي ضرورت هئي، جيڪو سندس من جي اکين مان اونداهو ڪيڍي، سندس دل جي ارادن جي سڄاٽپ ڪري، سندس دل جا بند پيل دروازا کولي، اندر جي اکين کي اُجالو پسائي سگهي. هي هاڻ پنهنجي چونڊيل رهبر مان بہ تڪڻ لڳو ۽ پنهنجي من ۾ جهاتي پائڻ ۽ دل جو ڪتاب پاڻ پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر پنهنجي اندر جي عبارت مان جيڪي بہ، چار اکر سندس من اُچاريا پي، انهن جي هجي، رواں ۽ آفاقي علامتون سندس عقلي صلاحيتن کان اونهيون هيون.

سندس من ۾ عشق جي عنايت سان علم جو درياهه تہ وهي پيو هو پر هي ان درياهه مان، ڪائي ساڃاهه پري سُرڪ پري پنهجون اڃايل ڪيفيتون ۽ جلندڙ جيءَ کي مڪمل ٺاري ڪون پي سگهيو.

چون ٿا، هڪ دفعو جيڪر، دل کي عشق جي اڃ لڳي پوي تہ، ان جي لاءِ سڄو سمنڊ تہ ڇا، پر سڄو آسمان پوءِ سڄي عمر پيو وسي، تہ بہ اُها اڃ لهڻ جي نہ هوندي آهي!

ماڻهو جي من ۾ اڏيل علم جو جبل، اُهو جبل هوندو آهي، جيڪو ماڻهو جي پنهنجي من ۾ هوندي بہ، هر ڪو ماڻهو اُن جي جهرڻن مان پنهنجو من وهنجاري، پنهنجو جيءَ مڪمل نٿو ٺاري! ۽ اُن علمي جبل جي چوٽي سَر نٿو ڪري سگهي!

اوستائين تہ صرف ذات جا ڏنگيل ۽ پنهنجي رت جو زهر پيئندڙ عشاق ٺئي رَسن ٿا ۽ هجر کي پنهنجا هڏڙا ڪارائي، پنهنجي حبيب سان هڪ ٿين ٿا!

قربان بہ ڪافي وقت پنهنجي ورهہ مان خيالن جو ونڊ ونڊندي، جڏهن وقت سندس ويري نفس سان ويڙهہ واري حالت تائين پهچائي ڇڏيو تڏهن سندس پيءُ محسوس ڪيو تہ ”شايد قربان جون سوچون بي ترتيب ۽ سمجهہ واري سگهہ ڪمزور ٿي وئي آهي؟“

پر سندس پيءُ واري اها اهڙي سوچ، صرف رشتي جي احساس تائين محدود هئي ۽ اصل ۾ قربان اُن رشتي جي تلاش ۾ هو جنهن جي مڪمل جُڙڻ وچڻ ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجو رهبر پاڻ بڻجي پوي ٿو!

اهڙي رشتي جي تلاش ۾، پنهنجي ورهہ جي وِهائي ڪندي قربان ڪان پنهنجون مرداڻيون موجون بہ، سنڌودرياهہ جيئان سپ سُڪي ويون هيون.

بدن جي سڄي بناوت ٻيلن جي سُڪل وڻن جيئان، ڪو عضوو اهلي پيو هو تہ ڪو ڍرڪي ڍرو ٿي ويو هو.

ڇاتيءَ جي سڪل ڍيڊر ۾ خيالن جا ڏڻ، جڻ پنهنجو وٿاڻ اڏيو وينا هئس، جنهن مان اونداهين ۾ ڪو خيال جهل ڏيندو هئس، نہ تہ باقي سندس من جي اڱڻ تي روشني تہ جڻ روساما ڪري رُسڻ لڳي هئي.

سندس پوين ٽن پائرن مان وڏو پاءُ، حافظ امين پنهنجو مذهبي فرض ادا ڪندي پنهنجي سمجهہ موجب ڪيس چوندو رهيو ”او منهنجا محترم پاءُ، خدا جو قسم، توکي ڪجهہ چوندي مونکي شرم ٿو ٿئي. تون پنهنجي زال ۽ ٻارڙن جي رشتن ڪان لاتعلق ٿي، ڪنهن ٻيءَ حاصلات جي پويان نااميد ٿيندو وڃين. توکان پنهنجي گهر جو سک ۽ سلامتي جو اونو ڇڏائيندو وڃي. توکان تہ مسجد بہ وئي تہ مندر بہ ويو. مون ٻڌو آهي تہ، تنهنجي ذهن ۾، حضرت آدم جي اولاد جيترا مذهب جمي پيا آهن، ۽ تون پنهنجي اندر ۾، پنهنجي لاءِ هابيل ۽ قابيل واري ويڙهہ پيدا ڪري وڌي آهي. تون جنهن ارادي سان پنهنجو نفس قتل ڪرڻ ٿو چاهين، تنهن ۾ تہ شيطان

تنهنجا انساني رشتا قتل ڪرڻ لڳو آهي. خبر نٿي پوي، تہ تون باقي پنهنجي ڪهڙي حال کي جيئارڻ ٿو چاهين؟“

پر هن سندس ڪائي پرواهہ نہ ڪيئي، انهيءَ بيپرواهي ۾، ڪجهہ وقت بعد، جڏهن سندس پار، سندس سچاٽپ لاءِ بابا، بابا چوڻ لڳا تہ هن کي پيءُ هجڻ وارو بہ پڇتاءُ ٿيڻ لڳو ۽ پنهنجي شادي واري عمل تي اجايو سجايو سوچڻ لڳو.

افسوس! ايترو پري وڃڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ پر هاءِ ڙي، بيوسي، نااميدي ۽ نااهل استاد جي رهبري.

۽ پنهنجي فڪر جي گهرائي ۾ گهمي، ڦري نااميد ٿي، پنهنجي من جي مسافري ۾ منزل تان ڪوٺ ڪائي، پنهنجي گهر جي ڪنڊ ۾ مراقبو ڪري ويهڻ!

نا اهل مرشد هٽان، ولايت، ماٺڻ جو شوق، هاڻ جتي ان ڇڏيو هئس، اتي بہ خدا تہ هن سان گڏ هو پر هن خود کي اڪيلو پي ڏٺو ۽ ان اڪيلائي کيس اها صلاح پي ڏنيس تہ، الوداع اي دنيا پنهنجي الوداع!

سنڌ ۾ جڏهن کان روحاني علم جون درس گاهون ۽ صوفين وارا من اُجاريندڙ مئخانا ۽ تصوف جو تار درياهہ وهائيندڙ طريقت جا عالم اڻ لڀ ٿي ويا، تہ مايا ميڙيندڙ روحاني پيشوائن جي بيگهي مچي وئي هئي. جن کي بس رڳو سُر سارنگ سمجهہ ۾ آيو پي، تنهن ۾ بہ سندن نيٽن جي جهڙ رڳو هوائي خيالن جي روڳ جا مينهن پي وسايا، باقي سڄڻ جا سينگار؟ ۽ يار جي وسڻ جا ويس؟

ان جو تہ آگر ئي سندن اکين ۾ نہ هو. انهن تہ رڳو مُلن ۽ موالين جي وچ ۾ جهيڙا پي وسايا! جن، ملن ۽ موالين جي من ۾ نفرت جهڙي مصيبت پي پاري ۽ نوجوانن جا محبتي ذهن، نشي واري سُرور سان صحبت ۽ محبت جوڙڻ لڳا ۽ رهيو ڪيو باقي جو ڪجهہ هو سو سياست ۽ شخصي عقيدي ۾ خوشامد اچي پورو پي ڪيو.

47ع جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيندڙ سنڌ جا حاڪم ٿيڻ لڳا ۽ جن کي ازل کان ئي سنڌ جي مالڪي جو حق حاصل هو سي تہ رڳو وتايو فقير ۽ علڻ فقير جي رتبي تائين پهتا هئا ۽ پنهنجن عظيم شاعرن جي حيثيت عالمي سطح تائين مڃائي نہ پي سگهيا. ان کان اڳ ۾ شاهہ لطيف جر جهنگ جهاڳي، ڏارن، سنگهارن، جتن، جاڙيجن، سمن ۽ سامين کي بہ چيو!؟

هُن، پڙ ۾ پرزا ٿيندڙ کي بہ للڪاريو!؟

تہ، سامهون ڏڪڙا سيڪڻ وارن کي بہ چيو!؟

پر سيني سندس سڏ وساري . پنهنجي پٽ ائين ورائي ڇڏي، جو آخر سندن پنا، ڀورن جيئان ڪتجڻ لڳا ۽ منهن سيڪڻ وارا بہ پنهنجا پنا سيڪڻ لڳا!

انهيءَ مارڪٽ حالتن کي تبديليءَ ڏانهن موڙي ڇڏيو_پر هر ڪوئي ان تبديلي جو رڳو سڪڻو انتظار ڪرڻ لڳو!

ائين پيي لڳو ته، جيڪو حالتن تي فاتح ٿيندو اهو ئي سنڌ جو مالڪ هوندو!

۽ پوءِ اهي ئي ولايت جا ڌڻي، ۽ اهي والي وارث رهندا جن جا هٿ ڇُوٽ هوندا ۽ جن پنا گهڻا ڪٺيا هوندا!

حالتن ٻڌايو پي ته، وقت ديس جي اصل وارثن جا پنا ڪُٽي، ڪُٽي سندن ذهنن مان لطيف جون وايون به وسارائي ڇڏيون، نه سچل جون ڪافيون ياد رهيون، نه مڪليءَ جي شهيدن جا مقبرا!

ديس جو مزدور مري پي پيو ته سندس گهر مان ڪفن جو خرچ به ڪون پي مليو!

ديس جو اديب، شاعر، مفڪر، فلسفي، فنڪار ۽ عالم جيڪي پنهجي سماج جا سونهان ۽ معاشرتي معاملن جا معلم هئا، سي ته سرڪاري اسپتالن ۾ جيئاپي جو آسرو ڪندي، ڪندي، سندن ساهه اسپتالن جي عزرائيلن به قبض ڪيو!

جڏهن قومي حالتون، ان رخ تي اچي بيهيون، ته مار يا مرڻ سڪ، تڏهن قربان ڪي قومي سياست جي ليڊرشپ ۾ قرباني وارو جذبو نظر نه آيو ۽ قومي سياست جي پاليسي ڪي ذاتي مفاد جو برقعو سمجهي سياست مان ٿڪي پيو ۽ سياست کان ڪناراڪشي ڪرڻ لڳو. پر پوءِ سندس ذهني صلاحيت، جنهن ۾ محبت جو به واڌارو ٿي چڪو هو تنهن هن کي ماٺ ڪري ويهڻ ڪون پي ڏنو. جنهن کان پوءِ هن محبت ۽ سياست کي گڏائي انسانيت کي اجارڻ پي چاهيو هن کي سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ بهتر ۽ آزاد وسيلو. صوفي ازم ۾ نظر آيو سندس خيالن صلاحيتس پي ته "اهو ئي هڪ بهتر ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي پنهنجي اندر جو سچ صفائي سان اوري سگهجي ٿو. انسانيت کي عظمت ادا ٿي سگهي ٿي. خدا ۽ بندي جي محبت کي ملائي هڪ ڪري، خفا ڪندڙ خسارن مان جان ڇڏائي سگهجي ٿي_ امن ۽ شانتي وارو مقام حاصل ٿيندو. ڪوڙ گناهه ۽ غيبت جهڙين براين کان بچڻ جو بهانو ملندو. ۽ پنهنجو اندر اوري، رب ريجهائڻ واري رمز ۾، مجازي مرض جي عذاب مان به آجو ٿي سگهجي ٿو...!"

پر انهيءَ نئين خيال ڪيس جذباتي ڪيفيت تي اچي بيهاريو فيصلو ته سندس بهتر هو پر ان تي عمل جي اڳيرائي جا اهڃاڻ به اجا نظر ڪون پي آيس ۽ ان جي صلاح، صحبت جي لاءِ به رڳو اهڙا عقابر پي ڪيس مليا، جن کي صوفين جون رڳو صلاحون ۽ انهن جا داستان ياد هئا!

انهن ته، نه ڪڏهن فقيرن جي گودڙين جا اٽيا ڪاڏا، ڪاڏا هئا، نه سُڄ ۾ روزا رکيا هئا.

نه فاقا ڪيا هئا، نه ننڊون ماريون هيون، اهي ته طريقت جي تار درياهه جا تارو ڪون هئا، نه ئي محبت جي مهراڻ وارين موجن جا معلم هئا.

انهن وٽ رڳو ڪتابي ڳالهيون، صوفي شاعرن جو حفظ ٿيل چونڊ ڪلام جيڪو سنڌ ۾ نسل در نسل، سنڌ جي لوڪ ادب داستانن سان گڏائي عام محفلن ۾ ڳايو وڄايو پئي ويو.

ان کان علاوه سندس نصيب، اجا اتي بيٺو هو جتي سندس موالي مرشد پنهنجن عقيدن جا آڪيڙا چاڙهي جهليو هو.

سندس ان رهبر کي تہ پينگ جي رنگ ۾ خدا نظر آيو هو۽ قربان کي بہ اهڙو ئي درس پئي ڏنائين – "من ۾ يار جي تار وڄائڻ لاءِ، نفس نياڳي کي، نشي جو نينهن ڏيڻو پوي ٿو – ۽ ان ۾ ايترو نشو اوتجي، جو ماڻهو کي پنهنجي عقل جو اختيار تہ ڇا، پر جسم جا ڪپڙا، بدن جا عضوا، زبان جو ذائقو ۽ اکين جي نظر تي بہ اختيار نہ رهي – خيالن جي خفگيءَ کان آجو ٿي، ماڻهو خود کي وساري حقيقت سان هڪ ٿي وڃي – خلق ماڻهو کي خدا کان خفا ٿي ڪري- اونداهين جي اڪيلائيءَ ۾ فقير پاڻ کي اڻلپ ڪري ڇڏيندا آهن. ڪاڏي جو ڍڳ اندر ۾ خودي جون صلاحون ۽ ظاهر ۾ براين ڏانهن سڏيندو آهي – ننڊ ندامت ۽ پڇتاءَ پيدا ڪندڙ آهي. بيائي، خود نمائي، وهم ۽ خواب خيالي، يار جي يادن جي ويري ۽، اندر جي اکين کي انڌو ڪندڙ آهي – هي دنيا اڻ ڳڻيل رنگن جي مصوري آهي – جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ خالق جي خوبصورت مصوري انسان آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ گهڻا رنگ، خالق پنهنجي انهيءَ مصوري ۾ پريا آهن. ۽ اها تصوير دنيا جي پهرين ۽ آخري تصوير آهي – هن تصوير جي وڏي خوبصورتي اها آهي تہ، هي خود ڳالهائيندڙ تصوير آهي – هي تصوير بہ شاهڪار تہ هن جو مصور بہ شاهڪار- هي اها تصوير آهي، جنهن جي خاصيت ۽ خوبي جو بيان مڪمل نٿو ٿي سگهي- هن ۾ سڀ کان وڌيڪ گهاٽو ۽ گهرو نگ، عشق جو پريل آهي- مٽيءَ کي پاڻي نرم ڪندو آهي ۽ لوهہ کي باهہ نرم ڪندي آهي- پر انسان کي عشق نرم ڪندو آهي- ۽ نفرت ڪيس، خشڪ ۽ سخت ڪري ڇڏيندي آهي. حق تي صرف اُهو ئي هوندو آهي، جنهن ۾ قرباني جو جذبو زنده هجي- دنيا ۾ مڪمل حق جي ڳلهہ رڳو هڪ حضرت حسين ع ڪئي، جيڪا قيامت تائين قائم رهندي ۽ انهيءَ خاندان جي در تان، فقير پنهنجي فيض جي خيرات پنندا آهن ۽ ولايت ماڻيندا آهن."

انهن اهڙن انيڪ اڻپورن احوالن ۽ ٽٽل، ڇنل خيالن ئي قربان کي سندس شخصيت جو مطيع بڻايو هو.

هو صوفي شاعرن جا چيل قرآني حوالا ۽ ڪجهہ حفظ ڪيل آيتون ٻڌائي قربان کي پنهنجي ذات جي ٻانهپ جو هاڪاري بڻائڻ لڳو پر اصل ۾ سندس عقل جي وڏي غلطي اها هئي، تہ هن صاحبِ ڪتاب کي چڱي طرح چاهہ سان نہ پڙهيو هو نہ سمجهيو هو نہ تہ ڪر پنجاهہ سؤ حديثون حفظ ڪري، مُلن کي بہ پنهنجو مُريد بڻائي، انهن جي هٿان بہ چرس جو واپار وڌائي پئي

سگهيو. ليڪن پوءِ بہ ايترا مريد، خادم سندس هئا، جن جي ڪمائي مان، هڪ ئي وقت تي پنجاهہ سٺ موالين کي، سندن ضرورت مطابق، چرس يا ٿرو وغيره پيارڻ پي سگهيو.

سنڌ ۾ صوفي ازم جي پرچار ۽ ان جي ذريعي مذهبي انتها پسندي، خام خيالي ۽ دقيانوسي کي ڊوڙائي پنهنجي گهر ويهاري، ان جڳهہ تي پيار محبت، امن اتحاد، سماجي برابري ۽ انسانيت جي سربلنديءَ لاءِ ان جي نيڪ نيتي سان آبياري ڪئي ۽ ان جي دائميت جي لاءِ قربانيون ڏنيون، انهن قربانين جي ڪمائي وارو فيض، سنڌ ۾ هاڻ نئين نسل جي نصيب کي حاصل ڪون پي ٿيو.

اُهو هاڻ رڳو موالي مرشدن جي ناچاري هو ايستائين جو سنڌ اسيمبلي تائين، چرس، ڀنگ ۽ ٿري جا موالي هئا.

قربان جو رهبر سائين بہ اوستائين جي اثر رسوخ وارو شخص هو جيڪو شاهہ لطيف جا بيت پڙهائيندي، جهڙو پاڻ خود شاهہ لطيف ٻڄي چوندو هو "يار جي سار هميشہ پنهنجي ساهہ سان سلهاڙيل هجي، جن يار وساريو سي پاڻ وسري ويا ـ هڪ گهڙيءَ جي ويسر بہ سالن جا وڇوڙا وجهيو ڇڏي. يار جي ياري سندس ياد ڪانسواءِ ، سهڻي جي گهڙي جيان پنهنجو پاڻ سان دوکو آهي ـ يار سان وصل حياتي ۾ نٿو ٿئي، تہ ان جي اميد قيامت تائين رکڻي پوي ٿي!؟"

ان معاملي قربان کي ڪنهن، ڪنهن مهل حيرت ۾ وجهي پي ڇڏيو تہ، ايڪيهين صدي جي ماڻهو کي بہ حقيقت ۽ حق جي رسائي لاءِ قيامت تائين جو انتظار ڏنو پيو وڃي!؟"

ان سوال، سندس ذهن ۾ پنهنجي ڪامل رهبر جون ڪمزوريون پي اگهاڙيون ڪيون ۽ هن سوچيو "يار سان ياري ڪنهن جي ڪونهي؟ هر ڪو پنهنجي حال سارو پنهنجي يارسان ياري پيو نباهي، پورهيت سندس دوستي جي دم سان پيو دل وندرائي ـ ملو تسبيحون پڙهي، سندس تسلي تي پيو تڳي ـ هندو سندس هيڪڙائي واري حيراني تي عقل آرا آهي ـ حاڪم، سندس حڪمت جا شڪرانا پيو ادا ڪري ـ هر ڪوئي پنهنجي حال مطابق سندس حقيقت جو هاڪاري آهي ـ ۽ هُو حال تي هلڻ وارو يار آهي."

اها حقيقت هن جڻ پنهنجي هينئن مان هٿ ڪئي هئي، بس رڳو اُتي ڪون پي پهتو تہ "يار، ڪڏهن بہ، ڪنهن کي بہ ڪون چيو تہ، منهنجي ياري ۾ گهر بہ ڇڏ ـ ٻار ٻچا بہ ڇڏ ـ ماءُ، پيءُ بہ ڇڏ ـ جُوءِ، جوءِ ۽ جواني بہ ڇڏ ـ پنهنجا باقي سڀ تعلق، وسيلا ۽ وطن بہ ڇڏ. جنهن جي محبت ۾ صوفي عالمن رت سان وضو ڪيا هئا!"

قربان پنهنجي انهي ٽہ رنگي محبت! پنهنجي سنڌ وطن سان محبت، عشق الاهي واري محبت، ۽ پنهنجي مجازي محبوبا، عدن سان محبت. انهيءَ ٽہ رنگي محبت جي ٽياڪڙ کي هڪڙي ئي رنگ ۾ نہ پي رنگي سگهيو ۽ ان ۾ پاڻ کان ايڏو پري هليو ويو جو هن هاڻ اناج کائڻ بہ ڇڏي ڏنو ـ اهو هن خود تي جڻ ظلم پي ڪيو هن جي فڪر جي ڦرهي اهي اکر ورجايا تہ "ان جو نشو ننڊ ۾ نهوڙي غفلت جو باعث ٿو بڻائي ـ ۽ غفلت منهنجي ايمان کي بيمار بڻايو ڇڏي ـ

آئون سوچن ۾ ورهائجو ويجان، جنهن ۾ خيالن جا ڏڻ، مونکي وهمن جي وڻاڻ ۾ ٻڏيو ڇڏن ۽ آئون بيوس حالت ۾، پنهنجي جوان عمر جو وقت وسوسن ۾ پيو وڃايان، وهمن جي ان بند وڻاڻ ۾، منهنجي من تي گمان غالب ٿيو وڃي– ۽ دل ڪنهن ديوانگي لاءِ سڏيندي آهي!"

اهو رمضان شريف جو مهينو هو قدر جي رات وارو تصور، هر بي قدري ماڻهو جي ذهن تي، قدر جو احساس، پنهنجي اهميت ۽ ضرورت وارا خيال ڊوڙائي رهيو هو قربان بہ محبت ۾ بي قدري واري درد سبب، هڪ رات، سڄي رات نفل پڙهي، فجر مهل دعا گهري "آئون تنهنجي هن دنيا ۾ خود ڪان وساريل، اڻڄاڻ آهيان پروردگار– دنيا ۾ تو سان گڏ رهڻ وارو علم مونکي ناهي– آئون تنهنجي هوندي بہ اڪيلو آهيان– مونکي اها ساڃاهہ ڏي جنهن ۾ دنيا جو سمورو هُل، تنهنجي هيڪڙائي ۾ هڪ ٿي وڃي تو– ۽ دلي جي هر ڌڙڪن، دوئي ڪان دور ٿي، وحدت، ڪثرت ڪُل ٻڄجي پوي ٿي– آئون پاڻي هوندي اڃيو آهيان– مونکي پريت جو اُهوپيالو پيار پروردگار– جنهن جي پيئڻ سان، انساني عمر، وري اچ نہ ساريندي آهي– انسان، اعظم ثاني، باقي ڇا بقا ڇا فاني– انهيءَ سوال مونکي ڪڏهن پنهنجو پاڻ سان ويجهو ڪيو آهي، تہ ڪڏهن ايڏو ڏور ڪيوآهي، جو آئون انسانيت جو ڇڙ ٻانهو ٿيندو وڃان– ۽ عبد ۽ معبود واري تعلق جي سوچ، مونکي پنهنجي لاءِ اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي – ۽ اڪيلائي، منهنجو وجود مونکان ڪسي ورتو آهي– آئون تہ خبر ناهي ڪيئن ڦرجي فقير ٿيو آهيان– اي الله، مونکي انهيءَ ٻهر جو ڪوانت ادا ڪرا؟"

جنهن در جي، دنيا سڄي مشتاق هجي، ۽ ان جو سلامي هرڪوئي پنهنجي اڪيلي دل سان هجي!؟ تہ من ايترو تڪڙو مطمئن ڪيئن ٿيندو جو ڇئجي تہ، سڀ ڪنهن جي غلامي قبول وڃي ٿي!؟

اهائي اندر جي هورا، ڪورا ۽ اهائي اُڻ، تڻ مشتاقن کي ماٺ ڪري ويهڻ نٿي ڏي، ڪنهن کي واٽون ويهہ نظر آيون، ڪنهن کان سڄ اپريي کان زندگي جي سڄ لٿي تائين پنڌ نہ ڪٽو!

ڪنهن پنهنجو پاڻ سان وڙهندي، جُهرندي، زندگي جو سڄ لاهي ڇڏيو، ڪن جي لاءِ تہ عشق جو سڄ جهڙو اپريو ئي نہ هو. پر ويجها سي ئي وڃي ٿيا، جن جيءَ ۾ جهاتي پائي، پنهنجي نيت سَولي جاڳائي، انهيءَ جاڳ جي پاڳ جو ونڊ وٺي، پراهون پنڌ لهي، واٽون ڪتائي ڇڏيون، نہ جدائي رهي نہ جيءُ ۾ جهيڙو رهيو.

عشق، عجيب ۽ انسانيت – ٽيئي گڏيا پاڻ ۾، آدميت جي عمر بقا ماٽي ۽ موت وري بہ فنا جي فڪر ۾ ڊوڙندو رهيو.

محبت، هر جاندار جو حق آهي ۽ عشق آدم لاءِ انعام ٿي آيو.

هر ماڻهو جو اندر ڳالهائيندو آهي، هن کي بہ پنهنجي اندر جو آواز تہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو پر ان رمز ۾ پنهنجي مقصد جي لاءِ بهتر فيصلي جي چونڊ نہ پي ڪري سگهيو.

سرديءَ ۾ ڏڪندڙ سندس ٻارڙا، سندس ڏيان جا آرزومند هئا، پر هن ڪان رشتن جو احساس ۽ حالتن تي رحم وارو جذبو سندس دل جي ان گونگي رهبر کسي ورتو هو.

فجر واري ان دعا ڪانپوءِ، صبح جي وقت، حافظ امين کيس پنهنجن رشتن جو جڻ احساس ڏياريندي چيو ”تون پنهنجي زال هوندي به، گهرجي دنيا ۾ جهڙو اڪيلو آهي- ۽ پنهنجن تن ٻارڙن جو پيءُ هوندي به تنها!- تو پنهنجو عقل وساري پنهنجي سمجهه ڪُتائي ڇڏي آهي الئي ڇو؟- تنهنجا ٻارڙا ته، تنهنجي قد، بت ۾ حيران آهن- تنهنجي زال، تنهنجي اکين ڪان سواءِ، تنهنجي باقي بدن ڏانهن نظر ئي نه کڻندي آهي - ۽ تون آهين، سو ڪنهن صحرا جي پياسي وڻ وانگر ڪنهن رحمت جي آسري، سو به ان ڏرار جيئان جنهن جي جانورن جو ڌڻ سڄو درياهه جي اُپ ڪپري تان پاڻي پي ٿو وڃي، پر پاڻ خود اُن اُپ ڪپري تان، درياهه ۾ ڪرڻ جي ڊپ کان پاڻي نٿو پيئي ۽ روز سو درياهه جي ڪنڌيءَ تي سڄو سڄ اجيو رهي ٿو!“

پر هن جي دل هاڻ، مذهب پرست ماڻهو کي اهميت ڏيڻ ڇڏي ڏني هئي- سڄي رات واري اوجاڳي سبب، صبح واري سج جي نئين روشني، هن کي جهڙو پنهنجي جان جو قضيو پي محسوس ڪرايو.

هن کي چانهه جي وڏي طلب هئي، پر گهر ۾ به ڪنهن کان ڪجهه گهرڻ هن ڇڏي ڏنو هو!

پاڻهي ته دنيا به ڪنهن کي ڪجهه ڏيڻ لاءِ راضي نه رهي آهي، پوءِ ڪوئي ڪجهه گهرڻ ڇڏي ڏي ته دنيا سان گڏ خدا به کيس ڪجهه نٿو ڏي.

گهر ۾ صبح واري چانهه نهي هئي، چانهه سان گڏ جڏهن هن کي سگريٽ جي ٻاڙ لڳي، تڏهن کيس پنهنجي نوڪري وارا اهي ڏينهن ياد اچڻ لڳا، جن ڏينهن ۾ هن گولڊ ليف جا پاڪيٽ کڻائي پي ڇڏيا ۽ ڪيترن دوستن احبابن کي به پيئاريندو هو پر هاڻ اهي دوست، سندس ذهن تي حيرانگي وچان سوچي، سندس حالتن تي رحم کائڻ لڳا هئا.

ڪنهن کي ڪو وڏيڪ رحم پئجي ويندو هو ته سگريٽن جو پاڪيٽ به وٺي ڏيندو هئس. پر هي ان کي به هاڻ پنهنجي فقيري موجب داتا جو دان سمجهڻ لڳو!

اها ايتري ساري خام خيالي ۽ رحم جوڳي حالت، هن پنهنجي تڏهن ٺاهي وڌي، جڏهن هن کي پنهنجي حادي جي مفاد پرست هدايت موجب پنهنجي يار جي وصل واري خواهش ۾ شدت سان واڌارو آيو ۽ هن نوڪري ڇڏي ڏني هئي- هي ٻيلي کاتي ۾ (رينجر) رينج فاريسٽ آفيسر هو. نوڪري دوران ته سندس هلا پلا لڳي پئي هئي، پر پوءِ موالي خيالن کيس تنهائي ڏانهن ڌڪيو ۽ پنهنجن سوچن ۾ نشي جي سرور ۽ سوز کي ئي پنهنجي جستجو ٺاڻي، خيالن، خيالن ۾ هن لاهوت ۽ ملڪوت جا مزا پي ماڻيا ۽ نشو لهي ويندو هئس، ته پنهنجي اُن جهالت ۾ پنهنجو پاڻ کان نفرت کائڻ لڳندو هو. ۽ وري به ساقي جون صلاحون پيون ساريندو هو.

پر نوڪري وئي، تہ ملطبي مرشد جو رويو بہ بدليو. سڏي گڏ ويهارڻ وارو هيج ويو. هاڻ جتي موالي جوتيون لاهن اتي ويهڻ لڳو. شيرين گفتار ۽ قربتي لهجي وارو سلوڪ ويو. يار سان ياري وارا الهامي احوال ويا. ۽ طريقت وارو وهڪرو بہ ويو. روحاني رمزن ۽ ونحن عقرب واريون ويجهڙايون. سڀ مرشد جي وات مان موڪلائي ويون!

هاڻ هن کي رڳو سُلفيون صاف ڪرائڻ ۽ چرس جا مهانگا اگهہ پي ٻڌايا ويا ۽ پوءِ آخر ڏڪار وچان. ڪچو چرس پياري، سندن دماغ خشڪ ۽ ڪمزور ڪري، ڪيس ڪنهن نہ ڪم جو ڇڏي "هل ڙي سچڻ. هاڻ وڃي پنهنجو وٺي پيءِ پنهنجو عشق ۽ عقل بہ پاڻ سنڀال- وري نہ اچجان اسان جي اوتاري تي."

هاڻ ان مڪان کي، مئخاني جي بدلي، هن کي اوتارو ٻڌايو پي ويو ۽ پوءِ ان کان وڏيڪ جيڪو هن اتي ٻڌو ۽ ڏٺو هو سو شهرن. بازارين ۽ گلين اوطاقن ۽ موالين جي اوتارن تي ٻڌائيندي پنهنجو منهن ڳاڙهو ڪري پي ڇڏيائين.

ان چِت پڻ ۾ هي هاڻ قومي، يا انساني قدر ڪرڻ تہ ڇا پر خود پنهنجي سنڀال ۽ خيال، خدمت ڪرڻ بہ وسارڻ لڳو.

هاڻي هي اڪثر شام جي وقت پنهنجي ناول نگار دوست. جمال ذاڪر وٽ وڃڻ لڳو. ان سان خودي ۽ خدا بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪري پنهنجي محبوبا جي محبت وچ ۾ آڻي، پنهنجي روح کي تسلي ڏيندو رهيو.

هڪ پيري سانوڻي رُت جي شام واري نيرڻي وچين جي وقت سندس دوست جمال ذاڪر ڳالهين. ڳالهين ۾، سنڌ جي صوفياڻي رنگ تي پي ڳالهايو. تہ هن مٿي آسمان تي نظر وڌي، تہ هن کي بادلن مان جڻ ڪا ڇٽنگ پرندي نظر آئي- اهو سندس خشڪ ٿي ويل دماغ جي سبب سندس نظرن جو دوکو هو- هن جمال ذاڪر کي چيو "مٿي ڏس، ڪڪرن ۾ توکي ڪجهہ نظر اچي ٿو!؟"

"ها!" جمال ذاڪر سندس ان عجيب ڪيفيت تي نظر وجهندي، بس سندس دل رکڻ خاطر، ڪنهن مذهبي فرقي جو عقيدو دهرايو. "ڪجهہ عقيدتمند ماڻهن جو خيال آهي، تہ انهن ڪڪرن ۾ حضرت علي رضہ جو روح رهي ٿو!"

هن سڪون جو ساهہ کنيو. سندس عقيدي کي آٿت ملي، هن کي لڳو تہ اهو شايد حضرت علي مولاٰ جي نور جو ديدار هو. ولايت مولاٰ علي جي هٿان ملندي، هو ولايت جو وارث آهي- حوضِ ڪوثر جو ساقي- حسينن جو ابو - ملائڪن جو مرشد- اسان فقيرن جو وارث- مشڪل ڪشا- يار جو ديدار تہ مولاٰ علي جي عنايت سان ٿيندو - رڳو بادلن ۾ ڇو؟- هو تہ فقيرن کي فيض جو ونڊ ڏيندڙ- هر فقير جي فڪر ۾ موجود وينل آهي- علم جو دروازو - اسان سچن جو

سائين۔ حضرت محمد ڪريم پاڻ چيو هو۔ جنهن جو آئون موليٰ آهيان، ان جو علي موليٰ آهي!“

انهيءَ خيال،سندس روح کي تہ وسعت عطا ڪئي ۽ من کي مسرت ميسر ٿيس، پر سا، گهڙي کن لاءِ، بعد ۾ سندس ذهني ڪيفيت وري بہ خشڪ ٿي وئي.

---

**سنڌ** جي قوم پرست سياست کي بہ قربان پنهنجي عمر جا ڏهہ سال ڏنا هئا ۽ ان ۾ هن چڱي طرح سان پڙهيو ۽ پروڙيو هو تہ. ورهاڱي کانپوءِ برصغير ۾، قومن جي جيڪا نئين تاريخ جڙي رهي هئي، تنهن ۾ جيئن سريلنڪا ۾ سنهالي ۽ تامل بن مکيہ جاتين جي پاڻ ۾ وڏي خونريزي ٿي هئي، جنهن ۾ سنهالي ٻڌ ڌرم جا ۽ تامل اڪثر هندو ڌرم جا پوئلڳ هئا.

ٻڌ ڌرم ۽ هندو ڌرم ۾ بنيادي مذهبي اختلاف هئا، جيڪي تاريخي حيثيت وارا هئا.

تامل هندستاني، پورهئي جي سانگي، هندستان مان سريلنڪا ۾ اچي رهيا۔ (جيئن مهاجر سنڌ ۾ آيا) ۽ پوءِ اتي پنهنجي لاءِ سريلنڪا جو الڳ ورهاڱو گهرڻ لڳا، سندن ان ناجائز گهر ملڪ ۾ مذهبي ۽ نسلي مت ڀيد ۾ ايتري تہ خونريزي ٿي، جنهن ۾ سريلنڪا، جيڪو پنهنجي خوبصورتي جو مٽ پاڻ هو جنهن جي نارين تي بغداد ۽ دمشڪ جا حاڪم بہ مست هوندا هئا، تنهن جا ناريلن ۽ چانهہ جا باغ ۽ عاليشان مندر تباهہ ۽ برباد ڪيا ويا ۽ اتي بہ پناهہ گير ڪيمپون لڳيون!

۽ افغانستان، جنهن مان روس جو قبضو ڇڏائي، پنهنجو هٿ، قبضو جمائڻ خاطر امريڪا، طالبنائزيشن ذريعي، افغانستان جا آنڊا اُڊيڙي ڇڏيا هئا.

افغانين پاڻ ڀڄي، پاڪستان ۾ اچي سر لڪايو ۽ سنڌ ۾ هڪ دفعو وري بہ پناهہ گير ڪيمپون لڳيون ۽ پوءِ اهو سلسلو بهارين، بنگالين ۽ هندستانين جي شڪل ۾، ڌارين جو سنڌ ۾ اچي رهڻ شروع ٿي ويو.

ائين افغانستان جو آفيم ۽ هيروئن وارو واپار جرنلن جي ڳجهن ادارن ذريعي سنڌ ۾ عام ڪيو ويو.

انڪان اڳ ۾ سنڌ ۾ آيل لکنو جي ڪوٺن تي ڪؤنرا پريندڙ رقاصائن جا دلال، چور، بشني ۽ ڪيترائي رول، جن جي انديا ۾ ڪا پراپرٽي ڪان هئي، انهن کي سنڌ ۾ اڏيل ۽ آباد ٺيل شهر ۽ واڙين جون ڇڏيل جاگيرون ۽ عمارتون مفت ۾ ڏنيون ويون ۽ جڏهن سنڌ ۾ بکون لاهي ڍؤ ڪيائون، تہ بدمستي ۾ اچيان، پويان آيلن گڏجي، انهن بہ تاملن جيئان، پنهنجي بدنيتي سان سنڌجي ورهاڱي جا نقشا ٺاهڻ ۽ ورهائڻ شروع ڪري ڏنا ۽ سنڌي مهاجر فساد شروع ڪري ڏنو. جنهن ۾ سنڌين جو روڊن تي رت وهايو ويو عزتون لٽيون، ماڻهو شهرن ۾ اغوا ڪري قتل ڪيا پي ويا، عورتن جا ٻُبا ڪپي، انهن جي شرم گاهہ تي سندن تنظيمن جا ٺپا هنيا ويا - ۽ پوءِ ان ويڙهہ دوران سندن ڳجها ادارا، سياسي بليڪ ميلنگ ڪري، آيلن کي وڏا، وڏا قرض ۽ وڏيون وڏيون نوڪريون ڏنيون پي ويون، ۽ انهن کي سنڌ جي وڏن شهرن تي قابض ڪيو پي ويو، انهن شهرن ۾ سنڌي پنهنجي ٽوپي لاهي ورن ۾ لڪائڻ لڳا.

انهن بدنيتي سان ان هٽرادو بغاوت ڪي، نسلي ويڙهہ جو نالو ڏئي وڏن شهرن ۾ پنهنجا تارچر سيل ٺاهي ڇڏيا، جنهن ۾ سنڌي نوجوانن جي عزت، غيرت ۽ سر، ساهہ جولابارو ڪندا رهيا.

ان اهڙي تاريخ جو ڪجهہ عرصو قربان جي اکين اڳيان بہ گذريو هو، پر اهو اذيتناڪ جذبو ۽ ڏارين جو سنڌ بابت رٿيل، سندن مستقل مفاد، سو قربان جي ذهن مان نڪتو تہ ڪون هو، پر سياسي غير سنجيدگي سبب قومي غيرت جو جذبو ڄڻ تہ ٺري ويو هئس.

هي صوفي ازم جي لفاظي، رول ۽ پيداگير پيرن وٽ جهڙو ڦسي ويو هو، ان دوران انهن پيرن جي پڳداري تي ملا آزم اچي منهن وڌو هو.

سنڌ ۾ وهابيت واري فرقي، نہ رڳو صوفي ازم جي تڏا ويڙهہ ڪرڻ واري نيت پي ٺاهي پر پيرن، فقيرن جي ساهہ ۾ بہ منجهہ پيدا ڪري وڌي هئي، ۽ اها ملا ازم بہ جرنلن جي معرفت، طالبان جي مدد سان سنڌ ۾ هڪ نئون مقتل گاهہ ٺاهيو پي ويو.

سڄي سنڌ ۾ صوفين جي مزارن تي، صوفي راڳ جون محفلون ۽ سماء جو هُل ٻڌو پي ويو، پر اُتان بہ سواءِ صوفي شاعري جي، باقي جيئڻ ۽ جيئارڻ وارو درس باقائده ڪنهن تنظيمي شڪل يا ڪنهن نظم و ضبط سان نظر ڪون پي آيو.

ساڳي طرح راڳ تہ، شاهہ لطيف، شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جي درگاهن تي بہ تسلسل سان هلندڙ هو، پر سا، شاهہ لطيف جي وائي، جنهن لئي ۾ ڳائي پي وئي، سا عام کي تہ ڇا پر خواص بہ ان سمجهہ کان قاصر هو. ۽ ايتري بہ سمجهہ ۾ ڪون پي آئي، جو ماڻهو روح جي گهرائي ۾ لهي، پنهنجي خدا، پنهنجي انسانيت، سان، قومي جذبي جي معرفت حاصل ڪري، پنهنجي پياسي فڪر کي آب حيات جو پيالو پياري، ان مان حقيقت حاصل ڪري، سماج ۾ ڪو امن، سڪون، ڀائيچارو ۽ اتحاد قائم ڪري، انسان کي انسانيت تائين رسائي، بس، شاهہ جي ڪلام

جو ماڻهن ۾ رکيو احترام هو! ۽ اهڙي اعليٰ عظمت وارو انسان ته جڻ اڻ لڀ هو جيڪو شاهه لطيف جيئان هڪ دفعو وري به:

وَتَواصَوبِاالحق وَتَواصَوبِالصبر ○

”پاڻ ۾ صلاح ڪندا رهو حق سان ۽ پاڻ ۾ صلح ڪندا رهو صبر سان“

يا۔ العشق حجاب بَين العاشق وَالمعشُوق

”عشق، عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ هڪ پردو آهي.“

ان عميق علم کي عام ۾ صاف بيان ڪري، ماڻهن جون دليون ڌوئي، عشق، انسان ۽ خدا واري فڪري منجهاري وارو منجهيل سٽ ۽ قلب ۾ ڪڙهيل ڪرب کي پنهنجون ڪوتائون ٻڌائي، سنڌ جي ٺري لاش تي ويل فڪر کي پنهنجو پساهه بخشي.

ان اهڙي اٽاٽ جي سبب قربان به پنهنجي يار جي تار ۾ غوطا کائيندي ان حالت کي اچي رسيو جو هن عام سان هاڻ ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو ڪنهن ڪجهه چيس پي يا ڪنهن ڳالهايس ته هن شاهه لطيف جي اٿپورن بيتن سان جواب پي ڏنو.

مثلن۔ جيڪي ڏنائون، سو سر ڏئي سهه جندڙا (شاهه)

يا۔ انا عبد معبود تون، اتي نه شرڪ، شڪ ڪو. (شاهه)

يا وري هيئن به پيو چوي:

سڌ مَ ڪر، سڏڻ ري، هلڻ ري مَ هل،
جلڻ ري مَ جل، روئڻ ري متان روئين.
(شاهه)

اهڙي طرح گهرواري سان رشتو گهٽائي ڇڏڻ، اناج نه کائڻ ۽ پوءِ وري عام سان نه ڳالهائڻ، ائين زندگي جا اٿپورا ۽ مختلف فيصلا ڪندي، پنهنجي عمر جو وقت، ڪنهن پڳل ٿانءَ ۾ پاڻي وانگر وهائيندو ويو.

اٽڪاٽائي ۾، پنهنجو پاڻ تي سختيون ڪندي، مهينن جا مهينا، شاه لطيف جا بيت به چوڻ ڇڏي پي ڏنائين، ۽ وري جيڪڏهن ڪنهن سنگت موالي مفت جو چرس گهٽو پي پياريس ته وري به شاهه لطيف جا بيت، ساڳي طرح سان شروع:

اڳ پوءِ مران، مر مران مارڳ ۾. (شاهه)

يا۔

گڏيي جي هوت، ته دين سيوئي دور ٿيا. (شاهه)

۽ ان سان گڏ ڪنهن، ڪنهن مهل وري پنهنجي شاعري به چوي:

”پنڌ نه پڄاڻي، اڻ ڪوٺي ڪيڏانهن وڃان.“

يا وري-

”رڙهان ۽ رئان، تہ بہ نہ رسان راهہ ڪي“

۽ وري ڪيڏي مهل پيو چوي:

”پيئي پچايان پاڻ جيڏيون،
هڪ جيڏيون
پر آ هرڪا، پاڻ وڏيري!“

اهو سڀ رڳو پنهنجي رهبري ۾ پاڻ پريائڻ ۽ پاڻ وڻائڻ وارن ماڻهن جيان پئي لڳو ۽ اهڙا ڪيترائي نوعمر نوجوان، سنڌ ۾ اهڙين ڪيفيتن ۽ حالتن جو شڪار هئا.

اهڙين حالتن دوران، سياسي نقطي نگاهہ کان، سنڌ کي غلام رکڻ جا وڏيڪ سياسي وار ڪيا پي ويا، ۽ ڪنهن مهل تہ ائين پي لڳو تہ ورهاڱي ڪانپوءِ، آهستي، آهستي اهڙيون حالتون بڻايون پي ويون، جو ملڪ جا سياستدان حڪمرانن سميت، ملڪ جي سيني قومن کي غلامي ۾ رکي، ملڪ کي سلامتي سان هلائڻ وارا وڏا وس ۽ حيلا ڪيا پي ويا، پر آزادي تہ انسان کي ازل کان عطا ٿيل آهي- پوءِ بہ بنگالين پنهنجا ٿيهہ لک ماڻهو کهائي پنهنجي آزادي حاصل ڪري ورتي.

1971ع ۾ ملڪ جي پيڙهہ جو پٽر ائين اُکڙيو جو باقي ملڪ پنهنجا پير سنڀالڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو.

ملڪ جا حڪمران قتل ٿيڻ شروع ٿي ويا.

انصاف جي انتظار ۾، ماڻهن جون نظرون فوت ٿيڻ لڳيون.

انصاف گهرندڙ انصاف لاءِ دانهيندي مري پي ويا، ۽ انصاف وقت کان وڏو ٿي ويو!

سياستدانن تي، ڪوڙن ڪيسن وارو عمل عام ٿيڻ لڳو!

ملڪ، جرنلن ۽ ڪرنلن جي ڪرامت جي ور چڙهي ويو!

رٽائرڊ فوجي، سنڌ جا ڪامورا بڻائي، وڏن عهدن تي مقرر ڪيا ويا ۽ انهن کي سنڌ جون زمينون ڏئي جاگيردار بڻايو پي ويو!

تعليم کي تباهہ ڪري، بيروزگاري وڌائي، سنڌي ماڻهن کي عشر ۽ زڪوات جي نالي ۾ پنائڻ سيکاريو پي ويو!

هر ماڻهو ۾ بک جي وحشيت پي وڌي وئي!

سنڌ جي اڻ پڙهيي زميندار ۽ وڏيري کي وڏن عهدن جون لالچون ڏئي ڳڙ جي آڳر چٽائي، انهن ڪم ظرف جاهلن کي، رڳو نالي ماتر سرڪاري عهدا ڏئي، استعمال ڪري، ڪارو ڪاري جا بهانا ناهي، قبيلن ۾ فتنو ۽ فساد پکيڙي، سنڌ ۾ بدامني پيدا ڪري، قومي نسل ڪشي پيدا ڪئي پي ويئي.

پر، سنڌ ۾ شاهه لطيف ستل هو مخدوم بلاول جو صدقو سلامت هو. سچل سرمست جون صدائون زنده هيون ۽ مڪليءَ تي، سنڌ جا اڻ ڳڻيا عاشق زنده مدفون ٿيل هئا.

انهن سڀن جو پوڪيل، سنڌ ۾ امن، ڪنهن جي فنا ڪرڻ جو نه هو. پارت، افغانستان ۽ بنگال ۾ پنهنجي ڪائيندڙ پيرين اگهاڙا، سنڌ ۾ آڻي آباد ڪيا پئي ويا، ۽ انهن جي ذريعي سنڌ ۾ قتل ۽ غارت ڪري، دهشت ڦهلائي پئي وئي. جنهن سان سنڌ جو نئون نسل پنهنجو مهاڏو اٽڪايل هو.

سنڌي قوم کي نمبردار آزما ٻڌايو پئي ويو. نوجوانن لاءِ نوڪرين جا دروزا بند ڪري، انهن لاءِ نشي جو ڪاروبار عام ڪيو پئي ويو.

تعليمي ادارن ۾، سياسي دهشتگردي کي چوٽ ڏني وئي!

عام ماڻهو پنهنجي اولاد مان پنهنجو پار وڪٽي، گهر جو اٿو لٿو وٺي جهان ۾ جيئڻ لڳو!

قوم جي تهذيب سان چرچا ڪري، ان جي تذليل ڪئي پئي وئي!

سنڌي سياستدان، پنهنجي مرڪزي آقائن جي اندروني حڪمت عملين جا غلام ٻڻجي، پاڻ کي پنهنجن مفادن جي معاهدن ۾ ڦاسائي ڪمتر ٻڻجڻ لڳا!

هر حيلي سان، اليڪشن ۾ پاڻ کي چونڊائي، اسيمبلي ۾ ويهندڙ اهي وڏيرا، انهن مان هڪڙا چرس، پنگ ۽ ٺري جا موالي، ٻيا عورت جا موالي ۽ باقي جيڪي ان مرض کان بتا هئا، سي ڪتن جون مزارون اڏيندڙ شڪار جا مريض هئا.

اهڙي حالات ۾، جيڪي قومي وحدت جا پاسدار هئا، سي بي يارومددگار هئا. انهن لاءِ ملڪ جو ايندڙ هر نئون حڪمران سنڌ جي انهن شڪارين ۽ موالي اقتداري طبقي جي هٿان، موت جا وارنٽ ڪڍي پئي آيو.

حق گهرندڙ کي، ڪڏهن ڌاڙيل سڏي گوليون هنيون پئي ويون ته ڪنهن کي ملڪ دشمن چئي ڪٺو پئي ويو.

ڪڏهن هٿوڙا گروپ ناهي، ماڻهن جا مغز چٽيا پئي ويا، ته ڪڏهن منهن مٿا ڪوڙي، گوڙا هٽي، قيد ڪري ڪمزور ڪيو پئي ويو!

اهو سڀ قربان جي پاءَ، حافظ امين. جيڪو دين جو عالم به هو. تنهن به پڙهيو، ڏٺو ۽ ڪجهه ڏٺو پئي. پر سو ملڪ ۾ مذهبي فرقا بندي واري بي رحم سياست ۾ ويڙهل هو جنهن جي خبر سندس پيءُ گل محمد کي به پوري طرح اڄان ڪون هئي.

ملڪ ۾ ڳجهن ادارن، مذهب ۾ نئون جنون پئي اُڀاريو. چوڏانهن سؤ سالن کان پوءِ، سنڌ ۾ مسلمانن کي وري نئين سري سان مسلمان ڪيو پئي ويو.

مسلمانن جي ايمان جو لائسنس Renew ڪرڻ لاءِ، حافظ امين جهڙن نوجوان جنوني ملن ۽ متولين کي، مذهبي آزادي جي نالي سان منجهايو پئي ويو!

سچي سنڌ. عوام کان اقتداري ڏرين تائين. قوم. پنهنجي قومي وجود واري احساس ۽ قرباني واري جذبي کان محروم ٿيڻ لڳي.

بک ۽ بدحالي ۾ هرڪوئي پنهنجي خدا جي ياري ياد ڪرڻ لڳو.

تڏهن قربان اهو ڪو ڏوهه ڪون پي ڪيو جو شاهه لطيف جي بيتن جي هڪڙي ٽُڪ ياد ڪري، پنهنجي دل کي عشق جو وضو به پي ڪرايو ته سنڌ ۾ صوفي ازم کي زنده رکڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش به پي ڪئي. جيڪا حافظ امين کي هرگز پسند نه هئي، حافظ امين جي سوچ ۾ ته "قربان سارو ڏينهن ڪفر ٿو بڪي!"

ٻنهي ڀائرن ۾ نظرياتي طور به وڏو فرق هو پر اهو رڳو انهن ٻن ڀائرن جي وچ ۾ اهڙو فرق ڪون هو بلڪ سچي سنڌ پنهنجي محروميت جي سبب ڪنهن تبديليءَ جي راهه ڏانهن ڊوڙندڙ هئي.

حافظ امين. جنهن وهابيت واري فرقي جو پرچاري هو سنڌ ۾ صوفي ازم. اهڙا ڪيترا جنوني فرقا پنهنجي فلسفي ۾ فوت ڪري چڪو هو.

قربان چوندو هئس "اوهان ته مسجد ضرار کان. اڄ اجا تائين پنهنجي ايمان جي آزمائش ۾ اٽڪيل آهيو- خدا. جنهن آدم کي پنهنجي صورت ۾ ناهيو اُهو سچو اوهان کي عيبدار ٿو نظر اچي، عبد ۾ معبود. اوهان کي پندرانهن صدين ۾ به نظر نه آيو - توڪل ۽ يقين به ته. مذهب چئبو آهي- رڳو گناهه ڳڻڻ سان. نيڪين ۾ واڌارو ڪون ٿو اچي - سڄي عمر گناهه ڳڻيندي، پنهنجي بيگناهي جي بخشش ۾ گذاريو ٿا - ۽ مرڻ تائين. بخشش جو پورو يقين اوهان کي نٿو رهي - جنهن کي خدا پنهنجي صورت تي جوڙيو اوهان کي برائي رڳو ان ۾ نظر آئي - ماڻهو سان چڱائي ڪر ته ان جو يقين دل کي ٿي پوي ٿو - خدا سان چڱائي ڪندي، اوهان کي ان يقين جي خاطري ڪندي، ڪندي موقت اچيو وڃي. چڱي ماڻهو کي مرندي اوهانکي برائي نظر نٿي اچي - وچينءَ واري وضوءَ جو سانجهي واري نماز تائين يقين نٿو رهي - ۽ سانجهي واري وضوءَ جو سومهڻي واري نماز تائين اوهانکي پليتي پڪڙيو وٺي.

"امام تي جماعتي جو يقين نٿو رهي - انهيءَ ڪري جو هو جيڪا قرات پڙهي ٿو ان جي مطلب، معنيٰ جي ڪيس پوري خبر نٿي رهي- جمع جي خطبي ۾، صوفي شاعرن جا غزل پڙهو ٿا ۽ واعظ ۾ انهن کي ڪافر سڏيو ٿا- انهيءَ اٽپوري ۽ اڌوري نيت، اوهانکي پنهنجي سچي خدا جي دوستي کان پري رکيو آهي- ۽ اوهان انسان کي، خدا کان روز پري ڪندا وڃو."

قربان. جنهن مهل به ائين نيم حڪيم ۽ نيم ملا- واري محاوري تي ڪليل لفظن ۾ آزادي سان ڪيس چوندو هو ته حافظ امين جي تنگ ظرفي، پنهنجي جنونيت ۾ اچي، سڀ ڪجهه مذهب کي ئي سمجهي غيرمهذب انداز ۾ چڙي پوندو هو ۽ وڏو ياءُ هوندي به قربان تي آڪرو ٿي چوندو هو "هوا ته ساهه کڻڻ جي به ڪم اچي ٿي- پر پيٽ جي هوا، پليتي ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي - هوا

سان، باھہ بہ ٻاري سگھجي ٿي۔ پر دماغ ۾ ھوا خودي کي جنم ڏي ٿي، جنھن مان ابليس جو اولاد جنم وٺي ٿو۔ يقين تہ موت جو بہ ھر ماڻھو کي آھي ۔ پر دنيا جي مزي ۾، موت جي خاطري ڪيس مرڻ وقت بہ نٿي رھي!

”قرآن پاڪ، ڪنھن جي پيءُ جي ٻولي ناھي، الله جي ٻولي آھي، ان کي جيئن جو تيئن پڙھي پيش ڪرڻ، سندس احڪامن ۾ شمار آھي ۔ ڪير ان کي نٿو سمجھي، تہ ان کي خدا ڪانسواءِ ڪير ٻيو نٿو سمجھائي سگھي ۔ پر جيڪا نشي جي حالت ۾ ٻولي ڳالھائي وڃي ٿي، سا نہ خدا جي ٻولي آھي نہ بندي جي۔ پر اھا ٻولي وقت سمجھي ٿو ۽ وقت ان ٻولي جو شاھد رھي ٿو۔ جن جون برايون وقت بيان ڪندو آھي۔ پوءِ بہ ٻُرن کي پنھنجي برائي جو يقين نٿو رھي.

جيڪو نشو شفا جي بدلي عادت ۽ عذاب بڻجو وڃي، انھن کي خود جيئان پنھنجو اولاد بہ ياد نٿو رھي.

”شاعرن جون چيل ڳالھيون، سندن ئي سزائون آھن، تڏھن، جڏھن ھو جيڪي چون ٿا، ان تي پاڻ عمل نٿا ڪن، رڳو ٻين کي صلاحون ڏيئن ٿا!“

”او... پنھنجي دل جي دين جا دشمن، حافظ ياءَ۔قربان چوڻ لڳو۔ ھر ٻولي کي پنھنجون ڪيفيتون ھونديون آھن۔ ۽ سندن ھر ڪيفيت کي، لفظن ۽ جملن جي شڪل ۾ نٿو اظھاري سگھجي۔ انسان جي زبان مان نڪرندڙ ٻولي، تنھنجي، منھنجي پيءُ جي ٻولي ناھي۔ الله جي حڪم جي ٻولي آھي۔ اھا بہ جيئن جو تيئن ڳالھائڻ، سندس حڪمن ۾ شمار آھي۔ ھي ابن آدم تہ اڄ بہ الھامي احڪامن جو محتاج آھي۔ پر دين، ڌرم جي اڪرن ۾ اڙيل۔ انسان جي زبان کي ملندڙ روز جي حڪمن کان اڻڄاڻ آھن۔ ان کي تہ رڳو عشق ئي پڙھي، سمجھي سگھي ٿو.

جيڪا ھوا خودي کي جنم ڏي ٿي، ان ھوا ۾ تہ خود خدا رھي ٿو!

موت جي خاطري تہ اُھي ڪن، جن کي تو وانگر ماني سان محبت ھوندي آھي۔ محبت ۾ تہ ماڻھو موت کان اڳ مريو وڃي.

”جيڪي شاعر ڳائن، چون ٿا، سو تہ انھن کي پنھنجي حبيب کان چورايو وڃي ٿو۔ تون تہ اھا ٻولي چئي، ڳالھائي ڏيکار؟

جن کي تون صلاحون ٿو سمجھين، سي تہ عاشقن جون صدائون آھن۔ سي سپ عشق جون ڳالھيون، دين جا دوست سمجھي ناھن سگھندا۔ ھي خدا جي دوستن جون ڳالھيون آھن، منھنجا حافظ ياءُ!“

”آئون سپ سمجھان ٿو۔ پر تنھنجي سمجھ توکان ڪتندي وڃي۔ حافظ امين چوڻ لڳس۔ جن کي تون عاشقن جون صدائون پيو سمجھين، سي تہ سندن غلط عملن جون دانھون آھن۔ بيگناھ تہ ڪيربہ دانھن نٿو ڪري۔ تون بہ تہ، سيدن جي نياڻي سان نينھن لڳائي، پنھنجي

غلطيءَ جو پاڻ فريادي بڻيل آهين- پر پاڻ کي ايتري پڇتاءَ ۾ وني وجڻ سان، تو پاڻ کي دين دنيا مان ڪڍي ڇڏيو- جيڪي پوکيندين، سو ئي لڻندين- ڪجهه ماڻهو سچي دنيا لاءِ پنهنجو عمل پوکيندا آهن ۽ ڪجهه ماڻهن جي پوکي تووانگر رڳو پنهنجي ذات تائين هوندي آهي - خدا جو ته هڪڙوئي دوست آهي، سو آهي انسان، جنهن کي اجا تون سمجهي نه سگهيو آهين!“

بس پوءِ ان مهل حافظ امين جي ان مذهبي مناظري جو منهن ڇڏي، پنهنجي ذهني سڪون ۽ دل جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ، گهرجي ان اونداهه ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو جتي هو پنهنجي اندر ۾ لهندي، خود کي پنهنجي خدا جي ويجهو تصور ڪندو هو.

هي پنهنجن سوچن مان ائين پيو سمجهندو هو ته ”اونداهه ۾ اڪيلو ويهي، پنهنجن خيالن سان پنهنجو اندر جاڳائي ۽ پوءِ پنهجي من اندر ۾ لهي وڃڻ سان، ظاهري توڙي باطوني ڪيفيتن، حالتن ۽ عملن ۾ پائيداري جُڙي ٿي، فڪري گهرائي ۾ واڌارو اچي ٿو- اندر جون اکيون جاڳن ٿيون، ته نت نوان نظارا جڙن ٿا- هر مظهر جو درست علم حاصل ٿئي ٿو- ناپاڪ عملن جي سمجهه پوي ٿي- دل جون بڇڙيون حالتون ڀڪائڻ ڪون ٿيون- نيتن تان ڪپڙا لهيو وڃن، ماڻهو پنهنجن چڱاين ۽ برائين جو ميزان پاڻ توري ٿو ۽ پوءِ بهشت ۽ دوزخ واري جنجهٽ مان جان ڇڏائي، پنهنجي انسان کي، پنهنجي خدا سان گڏ ويٺل ڏسي ٿو!“

هاءِ ڙي عشق تنهنجي امامت ۽ هاءِ ڙي انسان تنهنجي صداقت! هي عشق ۽ انسان گڏجي ٿا پون، ته باقي دنيا ۾ ڪهڙو عملي رشتو آهي؟ جيڪو عبد ۽ معبود جي وچ وارو فاسد خيال فنا ڪري ان الحق جو آواز ٿو ڳالهائي؟

قربان کي به پنهنجي عشق، سندس من جي صلاحن سان، سمورا بڇڙا خيال، ناپاڪ حالتون، ايمان جون بيماريون، نيت جون عياشيون، تماشائي خواهشون، عقل جون صلاحون ۽ سوچن ۾ برايون، اگهاڙيون ڪري پي ڏيکاريون.

هونئن ته هن جيستائين عشق جو احوال نه سمجهيو هو تيستائين وٽس جيڪي ڏاهپ سان پرپيل موجود ڪتاب هئا، تن جي خاموشي ڪيس رڳو اندر ۾ اُڏما پي جاڳايا ۽ سندس سورن سان ڪا به صلاحڪاري نه پي ڪيائون.

ڪتاب ته قرآن پاڪ به وٽس هو پر سو ته جڏهن نازل پي ٿيو ته اصحابن سڳورن به، محمد نبي ڪريم صلي الله عليه وآلہ وسلم کان پي ان جي تفسير پڇي- پر سنڌ ۾ صوفي ازم لاءِ اڄ به اها ٻولي آسان آهي- پر پوءَ هاڻ مذهب ۽ سياست جي گڏجي وڃڻ سان، انسانيت جو قتل عام ۽ قومن جي غلامي جنم ورتو.

ڪتاب جي خاموشي صحبت، قربان کي به خاموشي جي عادت ۾ وڌو ۽ انهن ڪتابن کي خاموش صلاحيتون ادا ڪندڙ انهن ڪتابن جي خالقن جي صحبت ڪيس حاصل ڪون هئي.

هن تہ بس پنهنجو من ماري، پاڻ کي پنهنجي هن شعر مطابق ٻڌائڻ پيي چاهيو:

”مان آهيان قاتل، مان مقتول، مونکي سيني ڪيو قبول!
آدم جي دم ۾ مان دم، آهيان مان مقبول!
مونکي سيني ڪيو قبول.“

هن چاهيو پيي تہ ڪهڙي طرح سان، ماڻهو مونکي پنهنجي نفس جو قاتل سمجهن، تہ آئون مجازي مام مان حقيقت جي حد کي رسي سگهان!

توٽي جو سندس شاعري وارو خيال، هاڻ جهڙو مجازي حدون اورانگهڻ لڳي هئي، پر پنهنجو پاڻ لاءِ، ماڻهن جي نظرن کي حيران ڪرڻ ۽ انهن جي سوچن کي عجب ۾ وجهڻ، سندس نفس جي اها بيچڙائي ڪيس سمجهہ ۾ ڪون پيي آئي ۽ جهڙي، تهڙي حال ۾ پنهنجي من جي جهيڙي سان لڳو رهيو ۽ مقصد کي هٿان وڃڻ ڪون پيي ڏنائين.

ڪهڙو بہ مقصد، برو تہ نہ هوندو آهي، پر برائي ماڻهو مان مقصد تي سوار ٿيندي آهي ۽ مقصد جي وضاحت، مقصد سان مصلحت پسندي کان بچائي ٿي.

ماڻهو ڪيترو بہ ڏاهو هجي، پر مصلحت پسندي ماڻهو جي شعور ۾ لڪل گيدي پڻو هوندو آهي. جيڪا آهستي، آهستي ماڻهو کي هر معاملي جي مقصد ۾ مصلحت پسندي جو مريض بڻايو ڇڏي.

مصلحت پسندي جون هڪ کان وڌيڪ شڪليون آهن، پر قربان شعوري طور تي اهو فيصلو ڪيو تہ ”نفس سان مصلحت پسندي، پنهنجي خودي سان مصلحت پسندي آهي. جيڪا ماڻهو کي هميشہ ڪمزور ۽ نڌڙو ڪري پيش ڪندي آهي. جاهل ڪري پيش ڪندي آهي. هميشہ ڪنهن اڻ ڏٺي خوف ۾ رڪندي آهي. وهم ۽ گمان وارا وسوسا رکي ٿي. ماڻهو جي فڪر لاءِ منو زهر آهي. بهتر مقصد جي دشمن ۽ خواهشن لاءِ غلام بڻايو ڇڏي. ۽ مقصد جي عمر جي پڇاڙي لاءِ پڇتاءُ گڏ ٿيو وڃي!“

هي جيئن ئي حافظ امين جي مذهبي مناظري کان منهن ثاري گهرجي ڪنڊ ۾ اچي وينو هو تہ ڪجهہ دير ڪانپوڙ، حافظ امين بہ گهرجي ان اونداهي ڪنڊ ۾ اچي خاموشي سان سندس ذڪر ٻڌڻ پيي چاهيو پر ڪافي دير خاموش ويهندي بہ قربان جي زبان تي ڪوئي ذڪر ٻڌڻ ۾ ڪون پيي آيس ۽ پوءِ پنهنجي خيرخواهي موجب، پنهنجي پياءُ جي بهتري لاءِ سوچيندي، آهستگي سان کيس چيائين ”زندگي کي ايتري سزا ڏي، جيڪا تنهنجو معصوم اولاد بہ سهي سگهي. روشني هوندي بہ، اونداهين ۾ اونڌو ٿي ويهڻ سان، مايوسين کانسواءِ ڪجهہ نٿو ملي. اونداهين ۾ لڪي بندگي ڪندڙ پنهنجي نفس کان ڊڄندڙ ماڻهو هوندا آهن، جن کي پنهنجي نفس جو سپاهي چئبو آهي. نفس جا حاڪم ميدانن ۾ مرندا آهن!!

تنھنجي صوفين جي صلاح آھي- سسي نيزي پاند، اڇل تہ اڏ ٿئي- نفس ڪان ٻڄي، دل ۾ دوزخ ٻاريندڙ لافاني سوبي نٿا ماڻي سگھن!؟“

پر ھن حافظ امين کي خاموشي سان پي ٻڌو ۽ ٻنھي ڀائرن جي وچ ۾، اونداھي سندن مھانڊن جو رشتو پنھنجي قباحت ۾ لڪائي رکيو ھو ۽ رڳو آواز مان کين پنھنجي رشتي جو احساس ڇڻ ڏنڏلو پي محسوس ٿين. جيئن ڪو ماڻھو اکيون پوري ڳالھائي، تہ پنھنجي پيءُ جو بہ جھڙو ادب نہ رھندو ھجي.

حافظ امين، توڙي جو ھن کان سال کن ننڍو ھو پر ھو حافظ سان، گڏ عالم ھئڻ جي ناتي سان، ھو عربي، فارسي بہ پڙھيل ھو.

شيخ سعدي، امام غزالي ۽ مولانا رومي جھڙ اجراح عالم پڙھيو وينو ھو انکان جان ڇڏائڻ ڪيس ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو ھو- پر قربان جي من ۾ بہ محبت مدرسو اڏيو ھو ۽ اتي عشق، سندس استادي پي ڪئي، تہ پوءِ عشق اڳيان اکرن جو عالم تہ جڻ ڏيئي ۾ پيل تيل ھوندو آھي ، جيڪو وٽ سوريندي نيٺ سڙيو ڪتيو پوي!

۽ عشق تہ خود ڏيئي جي لاٽ آھي، جنھن کي جيترو بہ تيل ڏي سو ڳڙڪايو ڇڏي.

رڳو بس، ماڻھو جو رت جيئرو آھي، جيڪو سندس ٿوري گھٽي اچ اُجھائي ٿو باقي ھن جبل جلائي سُرمو ڪري ڇڏيا، تہ ڪربل ۾ ڪکرن جو پاٽي بہ سُڪائي ڇڏيو!

حافظ امين سندس ڏگھي خاموشي کي، پنھنجي ھدايت جو اثر سمجھي، ھاڻ اتان اٿڻ جي خيال ۾ ھو تہ قربان ڳالھايو ”جھنم ھجي ياجنت، فيصلو تہ ھر ماڻھو جي ذھن ۾ ھڪڙو ئي ھوندو آھي. پر عبادت گاھون، نيڪي جي نيت سان ايترين ڪون جڙيون آھن، جيتريون بھشت جي شوق ۾ جُڙيون آھن- اوھان پنھنجن عملن کان عمارتون وڏيڪ وڏيون ۽ خوبصورت جوڙايون آھن.

سچي دنيا کي تہ بيوقوف نٿو چئي سگھجي- ھڪ رڳو آئون آھيان جيڪو گھر جي ڪنڊ ۾، توکي نفس پرست لڳان ٿو- پنھنجي مرضي سان بندگي ڪرڻ- پنھنجي دل جي دوستي، پنھنجي خدا سان رکڻ، دنيا جو ڪو بہ دين ڏرم منع نٿو ڪري!“

حافظ امين، اٿندي اٿندي ويھي رھيو ڪيس ذاتي عقل جو علم ھو تہ ”نشي جو عادي اِبن آدم ان عورت جھڙي ڪيفيت رکندو آھي- جيڪا ڪنھن بحث ۾ ڪٿي وڃڻ ڪانپوءِ بہ، پنھنجي ھار قبول نہ ڪندي آھي ۽ سندس دل ۾ فتني باز دليلن جا درياھ وھي پوندا آھن“. حافظ امين، پنھنجي سنجيدگي قائم رکندي جواب ڏنو” آئون توکي نفس پرست نہ پيو چوان-۽ غلط ڪون پيو چوين تون بہ- جھنم ۽ جنت جو فيصلو ھرڪوئي ھٿ ڪري، پنھنجي ڪفن ۾ ويڙھي پاڻ سان گڏ کڻي ويندو آھي. ماڻھن وڏيون عمارتون جوڙايون آھن، تہ اھا انسانيت جي بلندي آھي-

ميجان ٿو ان ۾ بهشت جو شوق به گهڙي ويو آهي- پر سوائين، جيئن تون پنهنجي سواءِ ڪنهن استاد جي- رياضتون ڪري، پنهنجي روح کي رهڙون ويٺون ڏيئين- ائين ته دل جي ڪپت، ماڻهو کي خودي جي زهر ۾ ٻوڙيو ڇڏي ۽ اندر جو انسان مريو پوي- تون جيترو جلد پنهنجي واپسي ڪري سگهندين، تنهنجو عشق ۽ ايمان اوترو باقي بچندو- جيتري دير ڪندين، اوترو تنهنجي پڇتاءَ ۾ واڌارو ايندو- جيترو وقت هينئر تووٽ يار پرچاڻ لاءِ باقي آهي-اُهو ڪنهن پُسيل ڪپڙي جيئان هوائي خيالن ۾ سڪندو خشڪ ٿيندو وڃي؟“

هونئن ته، اڪثر حافظ امين جي مذهبي بحث ۾ حافظ جو منهن ڇڏي ڪيڏانهن ٽرڪي ويندو هو پر سندس ڪيفيتن جا سپ سڪون ۽ ڏينهن جي وقت سور ميڙي، رات جي وقت گهر جي ان ونداهي ڪنڊ ۾ اچي گڏ ڪندو هو جتان اٿڻ پنهنجي روح جو رُوسامو محسوس ڪندو هو.

خاموشي، پڇڻ ۽ وڙهڻ، اهي ٽيئي، ڪنهن بحث ۾ هار ميڃڻ جون علامتون آهن.

قربان خاموش ٿي ويو هو پر سندس ڪيفيتن ۾ هڪ وڏي ولوڙ هئي، جنهن ڳالهائڻ لاءِ، سندس حلق ۾ جڻ خارش پئي ڪئي.

حافظ امين کي به انتظار هو ته، پلي ڪجهه ڳالهائي، بحث مباحثو ڪري ته جيئن سندس عشق وارو جنون، شريعت جي شوق لاءِ فيض ياب ڪري سگهان.

ڪافي دير ڪانپوءِ به، جڏهن قربان ڪجهه به نه ڳالهايو تڏهن وري به حافظ پاڻ چوڻ لڳس ”توکي بهشت ۽ دوزخ هڪ تقراري معاملو لڳي ٿو پر اهي رڳو انسان لاءِ ناهن- توکي ٻڌائي ڇڏيان، مروي آهي ته چوڏانهن جانور به جنت ۾ داخل ٿيندا:

1. حضرت صالح نبي جي اها ڏاچي (اُٺڻ) جنهن سندس دعا سان پنهنجي قد جيترو ٻچو ڄڻيو هو ۽ سندس امت جا سپ ماڻهو ان ڏاچي جي کير مان پنهنجا ٿانوَ ڀريندا هئا، ته به کير نه کٽائيندي هئي!
2. حضرت موسيٰ نبي جو ڳئون جي مهاندن وارو اهو ڏڳو جنهن کي ڪهي، ان جي گوشت جي ٻوٽي، قتل ٿي ويل مالدار نالي عاميل بن راحيل جي جسم تي لڳائي هئي، ته ان مقتول پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌايو جيڪو سندس ڀائيٽيو هو. جنهن ڪانپوءِ مقتول جي ڇڏيل ميراث مان، قاتل جو حق ختم ٿي ويو.
3. حضرت ابراهيم جو اهو ڳابو جيڪو هن مهمانن لاءِ ذبح ڪيو هو جيڪي مهمان بعد ۾ فرشتا ظاهر ٿيا هئا ۽ ان مهماني جي صدقي، هڪ سؤ ويهه سالن جي عمر ۾ بي، بي حاجره کي حضرت اسماعيل ڄائو ۽ بي بي ساره مان حضرت اسحاق ڄائو.
4. حضرت اسماعيل وارو دنبو.
5. حضرت يونس نبي واري مڇي، جنهن جي پيٽ ۾ هو چاليهه ڏينهن زنده رهيو هو.

6. حضرت عزيز نبي، جو سواري وارو اهو گڏهه. جڏهن حضرت عزيز پاڻ وفات ڪئي ۽ سؤ سالن کان پوءِ وري کيس زنده ڪيو ويو هو ته پنهنجو اهو گڏهه به وري زندهه ٿيندي پنهنجي اکين سان ڏٺو هئائين.

7. حضرت سليمان واري ميزبان، اُها سردار ماڪوڙي، جنهن کيس چيو هو ته، تنهنجو ڪهڙو نقصان ٿيندو جيڪڏهن اهڙو تخط خدا تعاليٰ ڪنهن ٻئي انسان کي به عطا ڪيو ته؟

8. اٺون اهو بگهڙ جنهن حضرت يعقوب، سان ڳالهائيندي، سچ ٻڌايو ته، حضرت يوسف کي ڪنهن بگهڙ نه کاڌو آهي.

9. حضرت عيسيٰ نبي وارو گڏهه.

10. اُهو هُد هُد پکي، جنهن حضرت سليمان کي، شهزادي بلقيس جو احوال ڏنو هو.

11. اصحابِ ڪهف وارن جو ڪتو خدا تعاليٰ ان کي دنبي جي شڪل سان جنت ۾ داخل ڪندو.

12. حضرت علي موليٰ جو دُلدُل.

13. حضرت ابو حريره واري ٻلي، هي اهو ابو حريره آهي، جنهن کي پنج هزار حديثون ياد هيون.

14. حضرت محمد ڪريم جي ڏاچي.

اهي سڀ جانور جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اسان کان جانورن جيتري به وفانٿي ٿئي.“

هاڻ قربان جي خاموشي، سندس وس ۾ نه رهي ۽ جنت ۽ جهنم جو دليل ڏيندي ڳالهايائين”جانور ويچارا ته جيئري ئي جهڙا جهنم ۾ آهن- پر پوءِ به تو اهو نه ٻڌايو ته، آخرت واري جهنم ۾ جانور به ڪي داخل ٿيندا- تون دين جو دليل ڏئي جنتي ۽ جهنمي جا مثال ٿو ٻڌائين، ته پوءَ تو تاريخ معتبر ۾ اهو به پڙهيو هوندو ته، نمرود پنهنجي بادشاهي دوران، بابل شهر ۾ پنهنجي تخط گاهه جي اردگرد ۾ هڪ تامي جي بدڪ، وڏي هڪ حوض نما پاڻي جي تلاءُ ۾ ٻڌائي رکي هئي، جنهن ۾ حيران ڪندڙ ڇهه خاصيتون هيون:

1. جنهن مهل ڪوئي جاسوس دشمن وغيره، ان شهر ۾ داخل ٿيندو هو ته ان تامي واري بدڪ مان هڪ اهڙو آواز نڪرندو هو جنهن جي ٻڌڻ سان، سندس انتظاميه توڙي سجو شهر اهو سمجهي ويندو هو ته، شهر ۾ ڪوئي ملڪ دشمن داخل ٿي ويو آهي، ۽ پوءِ ان ماڻهو کي پڪڙي وٺندا هئا.

2. اتي هن هڪ نقارو به لڳائي ڇڏيو هو ڪنهن به ماڻهو جي ڪا شيءَ گم ٿي ويندي هئي ته اهو ماڻهو، اهو نقارو اچي وڄائيندو هو ته ان جي طبل مان آواز ايندو هو ته، تنهنجي گم ٿيل شيءَ هن وقت فلاڻي هنڌ پيل آهي.

3. ان تامي واري بدڪ ۾ هڪ آئينو به لڳل هو جنهن مان گم يا غائب ٿي ويل ماڻهوءَ جو پتو ملندو هو ان غرض وارو ماڻهو ان آئيني ۾ اچي ڏسندو هو ته اهو غائب ٿي ويل ماڻهو پنهنجي ان وقت جي حالت ۾ هُليي سميت نظر ايندو هو.

4. اهو جيڪو حوض ٿهيل هو ان جي ڪنڊي تي سال ۾ هڪ ڀيرو هو وڏو جشن ملهائيندو هو جنهن ۾ وڏا وڏا سردار، وڏيرا ۽ شهر جا امير ان ۾ شريڪ ٿيندا هئا. انهن ماڻهن مان جنهن کي جنهن شيءَ کائڻ يا پيئڻ جي طلب هوندي هئي، ته اهي کائڻ پيئڻ واريون شيون، پاڻهي ان حوض ۾ اچي گڏ ٿينديون هيون ۽ جڏهن ساقي اهي پيالا کڻي مهمانن جي اڳيان رکندا هئا، ته انهن بند پيالن ۾ سندن ئي من پسند واريون شيون موجود پيل هونديون هيون.

5. ان کان علاوه اهو حوض نما تلاءَ، سچي ۽ ڪوڙي ماڻهو جي پرک به ڏسيندو هو مثلن به ماڻهو پاڻ ۾ ڪنهن معاملي تان وڙهي پوندا هئا، ته انهن کي ان تلاءَ جو پاڻي رڳو ڌُن تائين ايندو هو ۽ جيڪو ڪوڙو ۽ ڏوهاري هوندو هو سو ٻڏڻ لڳندو هو. پر جيڪڏهن پنهنجو ڏوهه قبول ڪندو هو ته ٻڏڻ کان بچي ويندو هو.

6. ان محل جي دروازي تي، هن هڪ اهڙو وڻ به لڳايو هو جنهن جي ڇانو ۾ درباري ماڻهو اچي ويهندا هئا ۽ ان جي ڇانوَ ۾ هڪ لک ماڻهو ويهي ويندا هئا ۽ هڪ لک کان وڌي ويندا هئا ته ان وڻ جي ڇانءُ بلڪل ختم ٿي ويندي هئي. ۽ اهڙن ڪارنامن تي نمرود کي وڏو شوق هوندو هو ان کي تون ڇاٿو سمجهين، عبادت، عمل، انسانيت يا ڪفر، جنهن کي دنيا ۾ مذهبي تڪرارن ان وقت ان هنر ۽ علم سميت تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو جنهن ۾ نه رڳو ڏاهپ پر عشق، علم ۽ انساني ترقي سان وڏا ظلم ٿيا ۽ انسان کي پنهجي خدا سان ويجهو ٿيڻ ڏنو ئي نه ويو.

”اها ڏاهپ ۽ اها جدت انسان جي جيڪڏهن تباهه ۽ برباد نه ڪئي وڃي ها، ته هن ڌرتيءَ تي ۽ اڄ تون آئون ايترا جاهل ئي ڪون سڏجون ها، جنهن جهالت جي سبب اڄ جي استاد کي اڏورو ٿا سمجهون.

تو ته، اهو به پڙهيو هوندو ته، حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي هٿ مبارڪ جي آڱرين مان جيڪو پاڻي ڦوهارا ڪري نڪتو هو اهو حوض ڪوثر تو سڏجي.

۽ جيڪو پاڻي جو چشمو حضرت اسماعيل جي لاءِ هڪ ويران صحرا ۾ ظاهر ٿيو هو، اهو آب زم زم ٿو سڏجي.

پر ڪربلا ۾ حضرت امام حسين جي ڪافلي لاءِ پاڻي جو هڪ ڦڙو به نه هو.

محشر جو ڏينهن ته رڳو جڻ مسلمانن جي فيصلي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، پر تون ڇا ڄاڻي يار جي ياريءَ جا رنگ.

”۽ اها حقيقت بہ تون چڱي طرح ڄاڻندو هوندي تہ، حضرت آدم جو گناهہ، حضرت آدم جي پيدائش کان چاليهہ سال اڳي، اهو توريت ۾ لکجي چڪو هو ۽ حضرت آدم کي ان جو علم نہ هو.

عشق تہ ابليس بہ ڪيو تہ آدم بہ ڪيو ۽ غلطي بہ ابليس ۽ آدم ٻنهي جڻ ساڳي ڪئي، پر پوءِ هڪ نبي بڻيو ۽ ٻيو قيامت تائين ڪافر ۽ توکي جانورن جي جنت ۾ وڃڻ واري خيال، منهنجي لاءِ قباحت پيدا ڪري وڌي آهي!

آئون سنڌ آزاد نہ ڪرائي سگهيس ۽ پاڻ کي آزاد ڪري گهرجي ڪنڊ ۾ اچي ويٺو آهيان، تڏهن بہ تنهنجي نظرن ۾ نادان آهيان- پر منهنجي وس جيڪڏهن هجي، تہ آئون بہ بي بي بصري وانگر، بهشت جلائڻ ۽ دوزخ وسائڻ جي ڪوشش ضرور ڪريان.

نمرود جي مُئي، اها تاريخ بہ جهڙي مري چڪي آهي، پر اسان اجا اهڙا جديد اوزار ايجاد ڪري، پنهنجي قوم خوشحال ڪري نہ سگهيا آهيون.

۽ تنهنجو اهو مذهبي جنون، هاڻ تہ پنهنجي خدا جي ڳولا واري آزادي کي بہ ڪفر ٿو سڏي.

”عشق! سچ کي ايجاد ڪندڙ عمل آهي، جيڪو آدم ۽ ابليس جي گناهہ واري عمر کان وڏو آهي. عشق جا راوي، روح کان اڳ جا ڄايل آهن، انهن جي روايت اوهان کي سمجهہ ۾ نہ ايندي.“

۽ حافظ امين جي ان وقت فارسي، عربي شايد ڪتي وئي، جنهن مهل قربان چيس تہ، ”ابليس ۽ آدم ٻنهي غلطي ڪئي، پر پوءِ هڪ نبي ۽ ٻيو قيامت تائين ڪافر“۽ ان کان علاوه حضرت آدم جو گناهہ سندس پيدائش کان چاليهہ سال اڳ، توريت ۾ لکجي چڪو هو.“

اهو حافظ امين کي بہ علم هو تہ، ابوداؤد، حضرت عمر فاروق کان اها روايت ڪئي هئي تہ، رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پاڻ اهو قصو ٻڌايو هو.

---

**قربان** هاڻ پنهنجي گهر جي ڪنڊ وسائي، پنهنجي زبان جو ڏکهو روزو رکي، اهو هن هاڻ سڀ ڪجهہ رڳو پنهنجي نجات لاءِ پي ڪيو.

هن ٻن ڄاڙين جي وچ واري عضوي جي ذريعي، ٻن ٽنگن جي وچ واري عضوي تي قابو پائڻ جي بہ ڪوشش پي ڪئي.

هن پنهنجي پيٽ، زبان ۽ شرم گاهہ جي شر کان، پاڻ بچائڻ پي چاهيو پر حافظ امين جي اجائي شري سندس هر شروعات کي ڪمزور پي ڪيو.

حافظ امين تہ قرآن جو حافظ هو پر قربان پنهنجي زبان ڪي، پنهنجي دل جي پنيان رکي، پنهنجي زبان جو حافظ بڻجڻ پي چاهيو.

هن هڪ مڪمل عارف جيئان، زبان جو حافظ ۽ وضح جو پورو رهڻ پي چاهيو. تنهن ڪري هن پنهنجي زبان روڪي پنهنجي دل جي دين جا احڪام ۽ پنهنجي انسانيت جا فرض پرکڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش پي ڪئي.

هن ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو يا ٻڌو هو تہ "زماني جي عارف 'منصور بن معتمر' چاليهہ سالن تائين، سومهڻي جي نماز کان پوءِ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو ۽ 'ربيع بن ختيم' ويهن سالن تائين، دنيا جي ڪا بہ ڳالهہ ڪان ڳالهائي هئي!"

انهن سيني يادن ۽ عارفانا حالن احوالن ڪي ذهن ۾ رکي، اهڙي جوڳ ۾ پنهنجي دل جي سچائي ۽ خيالن جي صفائي حاصل ڪرڻ لاءِ هن اهڙا ڪشٽ پي ڪاٽيا. جيڪي ماڻهو ڪي پنهنجي اڪيلائي ۾ عجيب احوالن ۾ منجهائي، ٿڪائي نااميد ڪري، دنيا جي باقي هر چڱي ڪم تان بہ دل کٽايو ڇڏن.

قربان جي گهر وارن، توڙي سندس دوستن ۽ سندس محبوبا عدن تائين سڀن ڪي ڪيس مان پڻ اهو ئي خوف هو.

پر اها حقيقت آهي تہ، ماڻهو اهڙي روڳ جي جوڳ ۾ پنهنجي سوچ ۽ خيالن جي حد اورهانگي، هڪ اهڙي اٽڪاڻ حد حاصل ٿو ڪري، جتي پنهنجي دلجي سچي مقصد (خدا) جي بجاءِ رڳو پنهنجي خودي ڪي اڪيلو ڪنهن ڪوفت ڪي محسوس ٿو ڪري، ليڪن اصل ۾ اُها خودي جي انت واري حد آهي ۽ من ۾ وينل سچي خدا سان هڪ ٿي وڃڻ واري جاءِ آهي- پر بهتر استاد جي رهبري نہ هئڻ سبب، ماڻهو پنهنجي مت مان بہ ٻاهر نڪري ٿو وڃي!

ظاهر ۾ ائين پي لڳو تہ، هن پنهنجي خيالن ۽ حواسن سان چاهہ رکي جيترو تعلق جوڙيو هو. ان ۾ انسانيت لاءِ ڪو درد، ڪا محبت، ڪا همدردي يا ڪوئي اتساهہ عام ڪي ذري برابر بہ نظر ڪون پي آيو. پر اصل ۾ ائين هو جيئن ماءُ پنهنجي نئين ڄاول ٻار ڪي جنم ڏيڻ وقت، خود پاڻ تہ ڄڻ قبر حوالي هوندي آهي.

انسان پنهنجي انسانيت، پنهنجي من مان حاصل ڪرڻ وقت، اهڙي ساڳي ڪيفيت مان گذري ٿو.

قربان بہ پاڻ ڪي ائين اهڙن خيالن ۾ خود ڪي ڪپائيندي، جهڙو پنهنجي معصوم انسانيت ڪي اپاهج ڪري پي ڇڏيو ۽ ان جي سچائي ڪان ورچي وينو هو پر ائين نہ هو.

اصل ۾ هن پنهنجي وجود مان، هڪ پنهنجو همر عمر انسان پيدا ڪرڻ پي چاهيو جيئن حافظ امين پنهنجي شخصي خاصيت کي به فاني ۽ غير حقيقي تصور پي ڪيو ۽ باقي بقا رڳو ڪيس پنهنجي دين ۽ ايمان جي رُڪنيت ۾ نظر پي آيس.

تيئن قربان کي پنهنجي فڪر ۾ پاڻ فنا ڪري، پنهنجو خدا پاڻ بڻجڻ ۾ بقا نظر پي آئي. شايد سندس ذهن تي، اهو گوتم ٻڌ جي تپسيا واري عمل جو به ڇاپو هو.

هن، سچل، سامي ۽ شاهه عبداللطيف وغيره جهڙن شاعرن جي شاعراڻا فڪر کان ٿيندو، پنهنجي اندر ۾ پاڻ پرکڻ ۽ پنهنجي اصليت واري نرواڻ ماڻڻ پي چاهي ۽ نجات سلطنت حاصل ڪرڻ پي گهري، پر متضاد حالتن واريون يادون وتانئس وسريون ڪون پي.

هن کي مجاز اوڏانهن شايد اجا وڃن ئي نه پي ڏنو جتي محدود رهڻ، محروميت ۽ جهالت آهي، ۽ لامحدود نرواڻ آهي ۽ خودي کان خود ڇڏائڻ آهي.

انسان دنيا ۾ ايندو آهي ته ان مهل پاڻ سورن کان آجو ۽ رڳو ماءُ لاءِ سور ڪٽي ايندو آهي ۽ ٻيو ڪجهه ان مهل نه ڪٽي ايندو آهي. پر واپسي لاءِ ڪجهه ڪٽي وڃڻ ۽ گهڻو ڇڏي وڃڻ، اهو تصوف آهي ۽ اهو ئي صوفي ازم آهي، جيڪو اسلام کان اڳ سنڌ ۾ موجود هو. ۽ سنڌ ۾ ان جي سپاجهائي، ماڻهن جي من ۾ ايترو امن پري ڇڏيو جو حضرت عيسيٰ نبي جيئان، هن به پنهنجي ڳلن تي، زماني جون الئي ڪيتريون لپاٽون سٺيون پر اج تائين هٿ آڏو به نه ڏنو.

سنڌي ماڻهو جي روحاني حالت رڳو واقعاتي ۽ جذباتي حالتن ۾ رهي آهي سندس جوش، جلال ۽ ولولي واري ڪيفيت ۾ مستقل مزاجي جڻ صدين جي سانديل ڪرب، ۽ ڏارين جي ڪوس ڪهي ڇڏي هجي.

ڪوئي غير، سندس ڪا غيرت باز حرڪت ڪري، ته ان کي به وقتي واقعو تصور ڪري وساريو ڇڏي.

ڪوئي گهر کسي ٻي گهر ڪري، زر کسي ٻي زر ڪري يا پلي ڪٽي سر کسي باقي بدن بازارن ۾ اڇلي ڇڏي ته ان کي به پنهنجي امن جي عَلمَ جي بيرق ٻڏائي پيو يادون ملهائيندو پر ويڙهه ۽ وير کي پنهنجي وجود ۾ ويهڻ نه ڏيندو.

شايد اهڙي قومي ڪيفيت تي ئي ڪنهن لکيو ته:

"بس اهو ئي جذبو آَي جبين،
آ، جان تنهنجيءَ پويان لڳو.
مر ته مر، جي اج مرين،
سُيان مري، سو ٿيو ڊِڳُو."

پر اهو سڀ ائين ٻه هو ته، ڏارين جون لوڏون جڏهن دريائي اٿل جيئان لاڳيتو پلٽي پيون هيون تڏهن سنڌ ديس جا اصل ڌڻي پنهنجي ڪنهن بهتر اڳواڻي ۽ اڪائي ۾ نه هئڻ واري حالت سبب، آيل جو آڏرياءُ ته وڏي خوشيءَ مان ڪيو پر بنيادي طور ان اوچتي سياسي طوفان واري اٿل ۾ واٽڙو، منجهيل، بيوس ۽ بي يارومددگار هو. ۽ هر ان جهڙي، تهڙي سياسي اڳواڻ کي پنهنجي اصل قوت سمجهي، ان جي پويان هلي پيو. ائين ڏسندي ئي ڏسندي سنڌي عوام، ڀٽو خاندان جي سياسي سحر ۾ اچي ويو. ۽ ڀٽي خاندان نئون جنم وٺندڙ ملڪ جي سرڪاري سياست ڀي ڪئي، ان سياسي پس منظر ۾ سندس خانداني شان، شوڪت ته عالمي سطح تائي پهچي وئي، پر پنهنجي سياسي طاقت جي ڏک ڀري پڇاڙي کي هن پنهنجي سياسي هُل ۾ نه سمجهو. ۽ اِها مصيبت ٻه سنڌ لاءِ ڪو نئون سياسي قحط ڪٽي اچٽي هئي. جيڪو سنڌ جي نئين جڙندڙ تاريخ جون مکيه خوبيون ۽ خاميون ڪٽي اچٽو هو. ان کان اڳ ۾ ته، سنڌ اڻ ڳڻيل تڪڙين ۽ دور رس تبديلين مان گذري هئي .

جنهن ۾ غير محفوظ ۽ ڪمزور مغل شهنشاهيت، نادر شاهه جا ظلم، ايرانين ۽ افغانين جي مارا ماري ڏسيو ويٺي هئي، اهو اُهو زمانو هو جڏهن ٺٽي ۾ سوين تعليمي درسگاهون هيون. الائي ڪيترا اڻ ڳڻيا عالم، شاعر، صوفي عالم، محقق ۽ مفڪر هئا. ۽ سنڌ ڏکن تي ڏک ڪائيندي، پنهنجا سياسي ۽ صوفي عالم کهائيندي، ۽ هميشه جيئان پنهنجا پراڻا ڦٽ وساري وري نون سورن لاءِ سنڌ انگريزن فتح ڪئي، سنڌ ۾ مذهب کي ٻه پنهنجي سياسي هٿيار طور استعمال ڪيو.

ان سڄي جنگ ۽ جدل واري خونريز عرصي ۾ سنڌ مٿان سر ڏيندڙ صوفي ازم جا عالم، انهن جا هاڻ رڳو نالا ۽ حوالا باقي وڃي بتا. ۽ انهن جون تعليمي درسگاهون، تعليمي طريقيڪار، طريقت جو سلوڪ ۽ سمجهاڻيون ٻه انهن سان گڏ غم خواري جا جهڙا خواب ٿي ويون.

باقي هاڻ بس رڳو شاعري ۽ مذهبي تصوف هو. تنهن قربان جهڙن هزارين صوفي طالبن کي خود کان الڳ ۽ بلڪل اڪيلو ڪري ڇڏيو.

تاريخ جي للڪارهئي، ته سنڌ پنهنجي ڪنهن اعليٰ قرباني جي ڪمال سان، پنهنجي لاءِ پنهنجو ڪو سنڌي فاتح پيدا ڪري؟ جنهن لاءِ، سائين جي. ايم. سيد، ذوالفقارعلي ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو، سنڌي عوام جي نظرن ۾ سواليا نشان بڻيل هئا.

پر سرڪاري سرمايا پرست اسٽيبلشمينٽ ۽ رجعت پرست طلسمي سياست ڀٽي خاندان کي احساس برتري جي ڏٻڻ ۾ هٽي ڇڏيو جنهن ذوالفقار علي ڀٽو کي تختهءِ دار ڏانهن ڀي سڏيو.

قربان ۽ حافظ امين جو پيءُ گل محمد، جنهن کي پنهنجي ٽيهه، چاليهه ايڪڙ کن پنهنجي زمينداري هئي. ۽ سندس سياسي سڃاڻپ پيپلزپارٽي هئي. پر پارٽي ۾ هڪ جيئالي

ڪارڪن ڪان وڌيڪ سندس اهميت ڪان هئي ۽ گل محمد جهڙا اهڙا پيا به ڪيترائي اڻ ڳڻيا زميندار هئا. جيڪي ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي فن ۽ شعلا انگيز تقريرن جا مداح هئا.

گل محمد به سنڌ جي عام زميندارن وانگر نياڻين جي تعليم کي چڏي باقي ٽن پٽن کي ديني تعليم ۽ قربان کي سندس مرضي مطابق تعليم ڏياري. جنهن ۾ قربان ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي ماحول ۾ اٿندي ويهندي، سنڌ جي حالتن ۽ قومي غلامي جي درد کي سمجهي ورتو هو ۽ عشق جي عميق درياهه ۾ لهڻ ڪانپوءِ، اتان ڪيس جيڪا سچائي حاصل پئي ٿي، تنهن ۾ به هن انساني وجود ۽ قومي وجود ۾ ڪوئي فرق ڪون پئي ڏٺو.

گل محمد پنهنجي سڄي گهر کي، پيپلزپارٽي جي سياسي گهرجن لاءِ پابند پئي رکيو هو. پر قربان وٽانئس ڇڏائي قوم پرست سياست ڏانهن هليو ويو هو جيڪو هاڻ سياسي نتيجن کان مايوس ٿي، مجاز جي عشق کي پنهنجو رهبر بڻائي، صوفياٽي چير جي چمڪار ۽ صوفياٽي سوز سماع وارن تڪين تي عشق حقيقي حاصل ڪرڻ پئي چاهيو.

پر اُهي من اجاريندڙ مئخانا به سنڌ جي سياست جٿان چرس جي دونهين ۾ دونهاتجي پيا هئا. ته ڪن تي مذهبي تصوف جي پرچاري ملن. پنهنجون مذهبي حدون انتها کان به چاڙهي ڇڏيون هيون.

نه اهي فقير هئا. جيڪي پير پني جي مزار تي، وجد ۾ اچي نچندا هئا، ۽ نه اهي ملنگ رهيا هئا. جيڪي مستي ۾ اچي، مڪليءَ جي جبلن ۾ مٿا هٽندا هئا ۽ نه اهڙا يغانا يارباقي رهيا. جيڪي قلندر جي ڌمال تي عثمان مروندي جا شعر ٻڌندي، سماع جي لذت ۾ ساٽا تي پوندا هئا.

سنڌ جون اهي اوطاقون، اوتارا به اجڙي ويا هئا. جتي تصوف مان، ديس جي دشمن لاءِ، خطرناڪ سياسي هٿيار به تيار ڪيا ويندا هئا.

سنڌ مان ته ڪفني وارو لباس به ڪفن جيئان دفن ٿي چڪو هو نه ڪشتو نه گودڙي، نه گبري نه ٻڇي ۽ بيرا ڳڻ!

بس باقي رڳو سور ۽ سالڪاڻي سڄ. جڻ لامڪاني سڀ لڏي وڃي موت جي مڪان تي وينا هئا.

نه جلالي نه جمالي، نه سامي نه سنياسي، نه سي جبروتي نه لاهوتي، محبت جا اهي سڀ مسافر فقير الائي ڪهڙي سفر جي راهه ۾ رهجي گم ٿي ويا هئا. جن تي شاهه لطيف به فدا پيو ٿيندو هو.

انسانيت جي اهڙي ڏڪار ۾، قربان ويچاري پنهنجي جيءَ سان جهيڙيندي ڪمايو پئي ته رڳو پنهنجي ياءَ حافظ امين جي ڪروڌ سان گڏ، پنهنجي من ۾ ورهه جي وڄا جي بدلي ويراڳي وروڌ جو ڪشڪول پئي پريو.

ائين پيو لڳو تہ هن پنهنجي حقيقي يار جي حاصلات لاءِ پاڻ تي سختيون ڪنديءَ پنهنجي انسانيت کي ڪجهہ ويجهو رسي چڪو هو توڙي جو سندس ان عشق اُجار عمل واري ڪشٽ، سندس جسم جو گوشت ڳاري ڪيس هڏن تي اچي بيهاريو هو سندس منهن جا هڏڙا چُلهہ جي مارنگ جيئان اپا نظر اچڻ لڳا ۽ سنان پاٽي ڇڏن سان، بدن ۽ ڪپڙا جڻ مچي مارڪيٽ بڻجي پيا ۽ سندس اکين، پنهنجن عزيزن، دوستن جي احساس ۾، جهڙي ڪنهن بخشش لاءِ همدردي پي گهري.

ماءُ جو روح تہ، ستارن کي لتاڙي، قبر جي تهہ تائين وڃي ٿو تنهن جو روح پنهنجي ڏکياري اولاد جي جسم ۽ هڏن جي ڪمزور حالتن کي، خداڪان بہ پهريان ڏسي ٿي وٺي ۽ ان تي رحم ڪائڻ لاءِ سندس خدا جي نظر بہ اجا شايد دير ڪندي هجي.

قربان جي ماءُ ڪان، قربان جي اها اهڙي حالت سَٺي نہ پي ٿي، تنهن پنهنجي دل جي ڏکندي ۽ هينئانءُ جي هيٺائي ڪان، ڪيس چوڻ جي بجاءِ سندس پيءُ ۽ ياءُ حافظ امين کي چيائين "خبر ناهي زندگي ۾ مون ڪهڙو پاپ ڪيو آهي، جنهن جي سزا، منهنجي قربان اهڙي تہ يوڳي آهي، جنهن وٿانئس پنهنجي اولاد جي بہ سڄاٽپ ڪسي ورتي آهي- حافظ امين، ڇا تون بہ ڪانئس نا اميد آهين؟ تون دين اسلام جو عالم آهين- ڇا توکي پنهنجي اهڙي ديني فرض تي يقين ڪونهي، تہ پنهنجي سڳي ياءُ جي اهڙي فقيراٽي حالت بابت، توکان بہ آخرت ۾ پڇا ٿيندي، دين اسلام ۾ تہ، پهرين پنهنجي عزيزن جي سار سنڀال جو حڪم آهي."

حافظ امين جي ذهن مان تہ هڪ ڏينهن بہ قربان ڪون وسريو هو پر قربان ڀين سيني کي وساري ڇڏيو هو سندس ذهن ۾ باقي ڪنهن جي ياد اجا ڪيس ضروري هئي، جيڪا سندس جيئڻ ۽ مرڻ وارو سوال بڻيل هئي. جنهن ڪيس ماٺ ۾ وجهي، اونداهہ ڪنڊي ۾ ڪرونڊڙي حالت سان ويهاريو هو ۽ اها سندس پهرين ۽ آخري پيار واري ياد هُئي.

محبت زندگي ۾ هڪ دفعو ئي ٿيندي آهي. ان ڪانپوءِ تہ ڪجهہ عياشي، ڪجهہ من چلا ۽ ڪجهہ دل جي روايتي ورونهن آهي.

حافظ امين جي ماءُ، حافظ امين مان ڪنهن اميد پريي جواب جي منتظر هئي- سندس اکين ۾ پرجي آيل اولاد جي ارمان مان لڙڪ ڏسندي، حافظ امين پنهنجي شرعي سختي جي خوف وچان چيو "مونکي ديني احڪامن جو علم آهي، منهنجي جيجل امان- دين تہ ائين بہ چيو آهي تہ- تنهنجو اولاد بہ جيڪڏهن ديني احڪامن تي عمل نٿو ڪري، تہ ان ڪان بہ پنهنجا رشتا الڳ ڪري ڇڏيو پوءِ بہ مون ڪيس بار بار سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هو نمرود، فرعون جهڙن نامراد ماڻهن جا دليل ۽ ابليس جا احوال ڏئي مون سان مناظرو ٿو ڪري.

هو چوي ٿو آدم ۽ ابليس غلطي ۾ بڻجي ڪئي. پر هڪڙي کي واري نبي ڪيائين ته ٻئي کي قيامت تائين ڪافر قرار ڏنائين. آئون ڇا ڪريان منهنجي جيجل امان. هاڻ صرف رڳو تنهنجي دعا بس باقي آهي. جيڪا ڪيس پنهنجي ماٺپي ۾ آٽي سگهي ٿي. باقي آئون ته پنهنجي پڳ به سندس پيرن تي رکڻ لاءِ تيار آهيان. پر جيڪڏهن هو مون سان مُناظرو نه ڪري ته؟“

”هو ديني حوالن يا دليلن کي اهميت ڏيندو ئي ڪونه. سندس پيءُ گل محمد چوڻ لڳو. هن سان هاڻ جو ڪجهه به ڳالهائڻو آهي. اُن سان هن جي دل وچان ڳالهائي ۽ سندس سوالن جا جواب انسانيت جي تعلق سان جوڙي، پنهنجي لاءِ سچائي ۽ ايمانداري جو اعتماد منجهس پيدا ڪر. اوهان مذهب کي سياست سان ڳنڍائي، پنهنجو مذهبي اعتماد جهڙو خود ڪان به پيا ڪسيو. آئون ڪجهه ڏينهن کان ڏسان پيو. هو تو منجهان هر قسم جو اعتماد وڃائي چڪو آهي. ۽ آئون ڪيس ڪجهه ڪونه پيو چوان. آئون جيڪڏهن ڪيس ڪجهه چوندس، ته مونکي اهو خوف آهي ته، ڪٿي هو گهر ڇڏي، هنگلاج وغيره منهن ڪري. ڪيڏانهن يڪو نه هليو وڃي ۽ اهو اسان ڪانپوءِ برداشت ڪونه ٿيندو. هونئن ته ڪيڏانهن وڃي ٿو ته گهمي ڦري واپس گهر اچي ٿو. پر منهنجو چوڻ هن کي شايد ڏکيو لڳي.“

حافظ امين کي زندگي ۾ پهريون ڀيرو اهو احساس ٿيو ته ”دين پيغمبر ۽ خدا جي تعلق سان گڏ، اولاد ۽ مائٽ جو تعلق ڪيڏو نه وڏيڪ مضبوط ۽ اٽل آهي. رشتن کي وساري، الله جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ ڪيترو نه اڏورو هوندو آهي ۽ سوچيندي سوچيندي، هن کي صوفين واري اها صلاح به دل سان لڳي ته ”روزو ۽ نماز رڳو وضو ٻڪ، سجدي ۽ اڄ سان تعلق نٽا رکن. ان سان گڏ انسانيت ۽ ان جو تعلق به اهم آهي.“

حافظ امين پنهنجي دل سان پهريون ڀيرو قبول ڪيو ته ”اهو اهڙو صوفي علم، خدا تعاليٰ پنهنجن مقرر خاص عاشقن کي ڏات ڏٺي ڪري ڏيندو آهي. جيڪو هر مذهب کان مٿاهون آهي. هر دليل، سمجهاڻي ۽ عقلي مثالن جي اڪابري کان اتانهون ۽ نرالو آهي.“

هن کي پنهنجي پاءُ قربان، جنهن جي حالت، هجر هلاڪين ۾ وڃهي سندس عقلي هٿيار ۽ علمي هجتون وغيره، سڀ وقتي طور ڪانئس کسي ورتيون هيون.

ان سان هن اڳ ۾ جو ڪجهه ڳالهايو ۽ بحث مباحثا ڪيا هئا، ان ۾ پنهنجي نيت جي سختي سبب، هاڻ ڪيس افسوس ۽ پڇتاءُ ٿيڻ لڳو هو. ان افسوس ۽ پڇتاءُ ۾ هن رات واري نماز پڙهي ته نماز ۾ به ڪيس قربان جي فقيراڻي عشقيا حالت ۽ ان جو احساس هن سان نماز واري سجدي ۾ به گڏ هو.

جمع نماز واري رات، اها نماز پڙهي هي تڪڙو تڪڙو سڌو قربان وٽ ان اونداهي ڪنڊ واري تڪيي تي آيو پر سمجهه ۾ نه پيو اچيس ته "ڪيس چوان ته ڇا ۽ ڪيئن شروعات ڪريان."

قربان ان مهل مونن ۾ منهن هٽي ڪرونڊڙو ٿي ويٺل هو ۽ ان اونداهه ۾ ڪنڊ هيٺ جهڪيل هوندي به، پنهنجي اضافي حِس مان هن اهو محسوس ڪري ورتو ته."ڪوئي آهي، جيڪو مون سان مخاطب ٿيڻ چاهي پيو؟"

پر پوءِ به هن پنهنجو ڪنڌ مٿي نه کنيو هن کي پنهنجي احساس ٻڌايو پي ته، "ضرورت پاڻ ڳالهائيندي آهي۔ مقصد، ماڻهو مان تحمل جا سيئي لوازمات ختم ڪري ڇڏيندو آهي."

سوچ ويچارڪندي، ڪافي دير ڪانپوءِ پنهنجي دل سان رشتن جي اهميت جو احساس، ڳڏائيندي، حافظ امين ڳالهايو "مونکي معاف ڪج منهنجا ياءَ۔ غلطيون اڪثر عاقلن کان ٿينديون آهن۔ جيڪو گهٽو ۽ وڏو علم تو حاصل ڪري، اهو اوتريون ئي گهٽيون ۽ وڏيون غلطيون، پنهنجي علم جي اهميت مطابق ڪندو آهي۔ ۽ اها به حقيقت آهي ته، ڪڏهن، ڪڏهن ته اسان کان قرآني آيتون به وسريو وڃن، ته ڪڏهن نماز جي رڪعت به پلجو وڃون۔ اهي اهڙيون غلطيون به ان نيڪ عمل جي برابر واري اهميت جي درجي واريون آهن، جن جو ازالو هي بني نوح انسان هرگز نٿو ڪري سگهي۔ وڌ ۾ وڌ اها نماز ۽ وساريل آيتون هو وري پڙهي سگهي ٿو۔ پر ڪهڙي خبر ته، جيڪا نماز اڌوري هئي، اهو ئي الله پاڪ وٽ قبوليت جو وقت هو۔ آئون سمجهان ٿو هن کان اڳ ۾، جو ڪجهه به مون توسان پي ڳالهايو آهي، تنهن ۾ منهنجو رويو شايد، تنهنجي دل کي رنج رسائيندڙ هو پر اڄ جو ڪجهه آئون چوان پيو۔ اهو آئون نه پيو چوان۔ اهي پنهنجي جيجل امڙ جا لڙڪ پيا ڳالهائن۔ سڄو گهر تنهنجي معامليءِ هاڻ ڏاڍو ڏکارو ٿي پيو آهي۔ بس هاڻ توکان جي ٿي سگهي، ته پنهنجي جيجل امڙ جي حال تي احسان ڪر۔ هُوءَ تنهنجو صدمو هاڻ نه پئي سنڀالي سگهي، ۽ اسان امان کي ان حال ۾ نٿا سنڀالي سگهون۔ هن جون پوڙهيون اکيون۔ تنهنجي بي حالي جي سبب رات ڏينهن پنل رهنديون آهن۔ آئون پنهنجي عقلي روين تي شرمسار آهيان۔ مونکي اميد آهي ته، مونکي پنهنجي ننڍي ياءُ واري حيثيت سان۔ منهنجي ڪم عقلي ۽ اٽڃاٽائي کي دل تان لاهي ڇڏيندا!"

حافظ امين کي ڪوئي جواب ڪون مليو پوءِ به سندس دل خاطر جمع هئي، شايد اهڙو علم کيس هو ته "پنهنجي خودي کي فنا ڪندڙ فقير، دنيا جي باقي بي مقصد فعل ۽ عمل کي پنهنجي فڪر جي رمز ۾ رهڻ نه ڏيندا آهن."

هن صحيح پي سوچيو پر پوءِ به هي ڪنهن جواب جو منتظر هو ۽ قربان پنهنجي فڪر جي لذت مان پاڻ نڪرڻ نه پي چاهيو. ليڪن پنهنجي پوڙهي ماءُ جي پنل اکين جي پيڙاءُ، فاقاڪشي ۾ ڳري ويل سندس سرير ۽ اوجاڳن ۾ اُجڙي ويل سندس احساسن ۾، جڻ ڪنهن پنهنجائپ وارو

پساهہ وجهي، سندس جيءَ کي جاڳائي وڌو۔ ۽ هن جهڙو پنهنجي وجائجي ويل مئل آواز ۾ ڳالهايو ”جن ماڻهن جون دليون، پنهنجو سچ وساريو ڇڏن، انهن ماڻهن جو باقي پنهنجي جسم جي گوشت ۽ هڏ سان رشتو بہ منافقي کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو آهي۔ آئون پنهنجي امڙ جي اکين کي روسامو ڏئي، پنهنجي اندر جي انسان ۽ من جي محبوب ماڻهپي کي رنجائي نٿو سگهان۔ تون پنهنجي دل ۾ اجايا گمان ڇو پيو گڏ ڪرين؟۔ تون افسوس ڪر تہ، پنهنجي شرعي عملن جو ڪر، جيڪي تنهنجي دل تان لهي، توکي پنهنجي خدا ۽ پنهنجي وطن جي محبت کان پري رکي، توکي تنهنجي انسانيت سان ملڻ واري پنڌ ۾ وڇوٽيون وجهيو ڇڏي۔ آئون پنهنجي امڙ جي اکين ۾ موجود الاالله کان پنهنجو روح الڳ ڪري، پنهنجي لاءِ وڏيڪ ڪنهن ٻئي وچوڙي جو سور سهڻ واري سهپ پيدا نٿو ڪري سگهان.

تنهنجي مهرباني، تو پنهنجو شرعي فرض ادا ڪيو. منهنجا ياءُ. تنهنجي ان احسان جي مسرت، منهنجي دل ۾ تاحيات ڪنهن ياد جو سبب رهندي۔ امڙ کي چئو تہ، آئون صبح جو سندس پيرن جي خاڪ، پنهنجي اکين ۾ پائي۔ سندس اکين جي ان مقدس پاڻي سان پنهنجي روح جون رهڙون ضرور ڌوئيندس!“

حافظ امين پنهنجي روزي، نماز مان حاصل ڪيل، پنهنجي علم، فڪر ۽ نيڪين کي، جڏهن قربان جي انهن چند جملن سان پيتا ڪئي، تہ پنهنجي عقل تي عجب ڪاٺڻ لڳو. انهن چند جملن ۾ ڪيس پنهنجي سوال جي بدلي، الائي ڪيترا جواب ڪيس معلوم ٿيا۔ هن ساڻس ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻ واري حاجت تان هٿ کڻي ڇڏيو ۽ پنهنجي اڻپوري سوچ تي سوچيندي ان اونداهہ ڪنڊ مان نڪري ٻاهر آيو تہ گهر جي ٿلي تي، واسروڪٽ تي ويٺل پنهنجو پيءُ ڪيس پريشان نظر آيو. جيڪو ريڊيو تي هلندڙ سياسي تبصرو ٻڌي رهيو هو.

”چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءالحق، ذوالفقارعلي ڀٽو کي گرفتار ڪري، ملڪ تي مارشلا نافذ ڪري، ملڪ ۾ نوي ڏينهن جي اندر اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو!“

گل محمد ان تي تبصري ٻڌڻ کانپوءِ. ذوالفقار علي ڀٽو جو جيل ۾ هليو وڃڻ ۽ ملڪ تي مارشل لا واري عمل تي سوچيندي، ملڪ جي سياسي مستقبل جي لاءِ ڪيس پريشان ڪنهن اونهي سوچ ۾ ويٺل هو حافظ امين پريشان ڏسي، سامهون پيل کٽ تي ويهي رهيو.

ملڪ تي مارشلا کانپوءِ، سڄي سنڌ سياسي توڙي سماجي حوالي کان هڪدم اهڙي مايوسي ۾ مبتلا ٿي وئي، جو جڻ صدين واري سلسلي موجب، هڪ اهڙو سياسي زلزلو نازل ٿيو هو جنهن سنڌ جي سياسي مستقبل جون سيئي عمارتون ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيون ۽ سنڌ جي ماروئڙن تي مارشل موچڙو اپو تي ويو. صدين کانپوءِ هڪ سنڌي ليڊر دنيا ۾ پنهنجي سنڌي هجڻ واري

شخصيت ميجرائي هئي، جنهن کي هاڻ رجعت پرست اسٽيبلشمينٽ پنهنجي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي وڏو ڦاسائي وڏو ۽ سنڌين تي پنهنجي سنڌي شخصيت بچائڻ وارو امتحان اچي ويو.

”ڇا معاملو آهي بابا سائين- ڪجهه پريشان پيا ڏسجو؟“حافظ امين پنهنجي پيءُ کان پڇو؟“

”مونکي هن ملڪ جو نصيب سمجهه ۾ نٿو اچي-گل محمد چوڻ لڳو- خبر نٿي پوي تہ هن ملڪ جي جنرلن ملڪ جو مُلهه ڪيترو مقررڪيو آهي- هن ملڪ تي عرب اسٽيٽ جا پراڻا اصول ڇو پيا واپرائين- توکي ياد هوندو تہ پنهنجي قربان توساڻ ئي بحث ڪندي چيو هو تہ- هاشميت، امويت، عربيت ۽ قوم پرست عرب مسلمانن ۾ پنهنجي حاصل حاڪميت جي خواهش وار ي باهہ انساني رت ڪانسواءِ اُجهاڻي نہ پي، ۽ ان جنوني باهہ جي ڪيفيت ناڻ لاءِ دنيا سان گڏ سنڌ جي رت بہ شامل ڪئي وئي. تڏهن عرب اسٽيٽ دنيا ۾ سپر پاور هئي. ۽ پوءِ پنهنجي پاور جي سلامتي لاءِ سندن تلوار جي رت جا ڇنڊا، عربن سنڌ تائين پهچائي ڇڏيا. ۽ تي سؤ سالن تائين سنڌ ۾ لٽ مار ڪئي.

مونکي بہ ڪڏهن، ڪڏهن ائين لڳندو آهي تہ. هن ملڪ جي جنرلن کي بہ، عربن جيئان، اسان سنڌي مسلمانن جي مسلماني تي ڪو وڏو شڪ آهي.

آئون سمجهان ٿو سنڌ جي ڪنهن بہ چوندجي اينڊڙ سنڌي ليڊر کي هي جيئڻ ڪون ڏيندا، مونکي سنڌ جومستقبل، الئي ڇو رت جي درياهہ ۾ ٻڏندي نظر پيو اچي.“

حافظ امين، مذهبي معاملي ۾ تہ، پنهنجي پيءُ سان اسلامي تاريخ، ابوجهل کان حضرت علي جي قاتل ابن ملجم ۽ پوءِ ڪربلا جي قضيي تائين، مسلمانن جي پاڻ ۾ قتل ۽ غارت گيري تي ڳالهاءِ پي سگهيو. پر ملڪ جي عوامي سياست ۽ سنڌ جي قومي صورتحال تي، سياست ۽ مذهب جي وچ ۾ خود کي ناڪام ۽ نااهل تصور ڪرڻ لڳو- هن کي ان وقت اهو احساس ٿيو تہ. ”مذهبي ۽ شرعي نقطي نگاهہ کان، سنڌ جي قومي حقن تي خاموشي، ڪنهن وڏي ناانصافي وارو عمل آهي- جنهن کي تاريخ سياڻي شايد معاف نہ ڪري.“

ذاتي عقل جون غلطيون، ماڻهو زندگي ۾ ئي نبيري وٺندو آهي، پر تاريخي غلطين ۾ تہ، پيڙهين جون پيڙهيون پيون لوڙهينديون آهن. انهن جو ازالو تہ ماڻهو محشر ۾ بہ نٿو ڪري سگهي.

ذوالفقار علي ڀٽو جي گرفتاري بہ سنڌ کي، ڪنهن اهڙي عذاب ڏانهن وٺي وڃي رهي هئي، ۽ سنڌ ۾ قومي توڙي عوامي هلچل، وقتي جنرل جي جڻ ڪابي اک جي ڪيمرا ۾ قيد هئي.

حافظ امين جي لاڳيتي خاموشي ڏسي، سندس پيءُ چيو ”حافظ امين، تون مونکي اهڙي معاملي ۾، ڪڏهن ڪڏهن بلڪل نااهل لڳندو آهين. اهڙين حالتن لاءِ، توکان تہ سچي دل سان، ڪا چڱي دعا بہ گهري ڪان ٿيندي- پنهنجي آخرت اجارڻ لاءِ، ماڻهو جيئرن کي جهنم ۾ ڪون جلائيندو آهي- تنهنجي اهڙي بي علمي ۽ قربان کي عشق ۾ ڪڙهندو ڏسي- مونکي ائين لڳندو

آهي ته منهنجي مئي ڪانپوءِ منهنجا هاري به منهنجي سياسي عقل تي ملامت ڪندا ۽ تون خود منهنجي سياسي عملن تي ختما پڙهندين."

حافظ امين پنهنجي شرم ساري وچان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ هن محسوس ڪيو ته "اڻچاٽائي ماڻهو جي عزت ۽ نفس لاءِ هاڃيڪار آهي- ۽ ان جو اقرار نه ڪرڻ ان ڪان به وڏيڪ وڏي بُرائي آهي."

"بابا سائين، توهان جي ڪنهن حڪم جي انحرافي ته مون ڪڏهن ناهي ڪئي- حافظ چيو- ها! باقي آئون قربان ڪي وڏو سمجهي- دنياوي معاملا ان ڏانهن منسوب ڪري، مون پنهنجو ڌيان ديني معاملن ڏانهن وڌائي ڇڏيو- ائين شايدموجوده حالتن ڪان، اوهان ڪي بي علم پيو معلوم ٿيان- ۽ ائين بلڪل به آهي- آئون موجوده سياسي حالتن ڪان واقعي به باخبر نه رهيو آهيان."

گل محمد ڪي، حافظ امين تي گهڙي ڪن لاءِ ڪاوڙ رڳو انهيءَ ڪري لڳي هئي، جو هن ملڪ جي سياسي حالتن تي ڳالهايو ته حافظ امين سندس خيالن سان، پنهنجي خيالن جي پاڳي پائيواري نه ڏيکاري. اصل ۾ گل محمد ڪي، حافظ امين جي سياسي اڻچاٽائي ڪان وڌيڪ، پنهنجي سياسي ليڊر جي گرفتاري وارو ارمان، سندس جيءَ ڪپائي رهيو هو.

هاڻ ذوالفقار علي ڀٽو جي بچاءُ لاءِ ملڪ ۾ هڪ باقائده تحريڪ شروع ٿي وئي هئي. جنهن ۾ سنڌ ٻين صوبن ڪان پنج قدم وڌيڪ تيز هئي، اهو انهي ڪري جو ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جو خمير هو ۽ وقت جي جنرل به سنڌ ڪي پنهنجي لاءِ وڌيڪ خطرو محسوس ڪندي، هن ماڻهن جا عضوا ڪائيندڙ پنهنجي ان مارشل لا جو سڄو رخ سنڌ ڏانهن موڙي ڇڏيو هو. ٽڪٽڪن ۽ ڪوڙن جو مينهن وسائي ماڻهن جي پنن تان کلون لاٿيون پي ويون، مٿا ڦاڙيا ويا، عضوا ڀڳا ويا- روڊن تي هلندڙ مسافر گاڏيون بيهاري، ماڻهن ڪي روڊن تي اونڌو سمهاري، سندن ڳجهن عضون ڪي لانگ بوٽن سان لتاڙي ڇٽيو پي ويو سرڪاري جيل ڀرجي ويا، اسڪولن ۽ ڪاليجن ڪي قيد خانا بڻائي، ماڻهن ڪي انهن ۾ واڙيو ويو.

قيدين جو پيشاب، پاڻي بند ڪيو ويو سڄي سنڌ تي جنرل جي ڪاوڙ ڪوس ڪرڻ لڳي.

هيليڪاپٽرن ذريعي سنڌ جي درياهي ٻيلن تي گن مشين جا منهن کوليا ويا، هاري، مزدور، لاهيارا، پورهيت، مال چاريندڙ ڌرار هر پنڌ پيچري تان ايندڙ ويندڙ واٽهڙو مرڻ لڳا، جن جا لاشا ڳوليندڙ سندن وارث خود گن مشينون مارڻ لڳيون- سڄي سنڌ ۾ انقلاب پنهنجي رت جي خوشبوءِ ڊوڙائي ڇڏي، پر ان انقلابي ٻوءِ ڪان، سنڌ جي امن پسند سياسي اڳواڻن پنهنجا نڪ ويڙهي ڇڏيا.

سنڌ پنهنجي آجپي لاءِ پي دانهيو ۽ ماڻهن پنهنجا ڦٽيل ۽ وڍيل عضوا ٻڌي ڇڏيا.

جيڪي جيلن ۾ هئا، سي ته جهڙا جيئرا ئي ڪون هئا.

واپاري طبقي پنهنجي ڪاروبار جو نقصان سمجهي، پنهنجي غيرت کي خاموش ڪري ڇڏيو.

سنڌ جي شهري آبادي، جنهن وٽ وڙهڻ لاءِ ڪا جڳهه، مُڏي ڪهاڙي بہ ڪان هئي، تنهن کي پنهنجي ذاتي تحفظ جي خوف گهرن ۾ ويهاري ڇڏيو.

هاري، مزدور، پورهيت ۽ شاگرد طبقو، تنهن ڦٽڪن وارا ڦٽ پيي سيڪيا ۽ وقتي جنرل سڄي سنڌ ڦٽي، ڪٽي، سڄائي ساٽي ڪري مضبوط ٿي ويو.

ذوالفقار علي ڀٽو جي روح کي ڦاهي گهاٽ لاءِ سينگاريو پي ويو ۽ امن پسند سنڌ ۾ شرط لڳي ويا.

”ڀٽي صاحب کي ڦاهي ڪون ڏيندا- عربستان اپيل ڪئي آهي- ترڪي اپيل ڪئي آهي، انڊيا اپيل پيو ڪري- آمريڪا بہ چويس پيو- سڄي دنيا جي ملڪن اپيلون ڪيون آهن- ڀٽي کي ڦاهي ڏيندو تہ ملڪ ڪون بچندو- عوام جو درياهہ اٿلي پوندو- باهيون آسمان کي بہ ساڙي ڇڏينديون!“

”سنڌيو هوشيار ٿيو- اهڙو ليڊر وري اسان کي ڪون ملندو- غيرت ڪريو- ليڊر بچايو- يتيم ٿي ويندا سين- غلام ٿي ويندا سين- اڪيلا ٿي ويندا سين- گهرن ۾ نہ ويهو- وڙهو رت منو نہ ڪريو- قرباني ڏيو- سر وڍايو نہ تہ سپاٽي ڌاريا اسان جي زالن جا ٻُبا ڪپيندا- اُٿو مڙسي ڪريو- پنهنجو ليڊر بچايو!؟“

پر، ”مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نہ ڏين!“ (شاهہ)

ڪجهہ بہ ڪون ٿيو.

ماٺهن ذوالفقار علي ڀٽو کي رڳو ووٽ ڏنا، سي بہ انهيءَ ڪري، جو ان ۾ رت ۽ سر جي قرباني شامل ڪون هئي.

ذوالفقار علي ڀٽو جي جسم کي، دار تان گهمائي، لاش فوجي تحويل ۾، ڳڙهي خدابخش ۾ دفنائي ڇڏيو.

جيڪي ماڻهو ان تحريڪ دوران شهيد ٿيا هئا، انهن جا چاليها، ختما بہ ٿي ويا، آهستي، آهستي سنڌ جو انقلابي رت، جيڪو وري پنهنجي ڪنهن اهڙي ئي ليڊر جي اهڙي موت لاءِ، ٺري خاموش ٿي ويو.

۽ تاريخ آواز ڏنو ”ذوالفقار علي ڀٽي، پنهنجي سنڌ نہ سنڀالي ۽ سياسي غلطيون ڪري ويو!“

پر هڪ مڪمل قوم جي، پنهنجي هڪ اهڙي ليڊر جي ڪسڻ سان، سنڌس قومي قدر پوءِ، اڻ ڳڻيل سالن تائين ڪسندو رهي ٿو.

اهڙي ليڊر جي سندس غلطين بجاءِ دنيا تي چانيل سندس شخصي ڏاهپ لاءِ پاڻ کهائي ٻه قوم کي پنهنجي قومي عظمت لاءِ دنيا جي نظرن ۾ مٿانهون رکڻو پوندو آهي.“

پر هاءِ گهوڙا ۽ پنهنجي چاتي جو نصيب پٽڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه ٿيو.

گل محمد ٻه پنهنجو مٿو مڇون ۽ پرون ڪوڙائي، ويهه ڪوڙا پنن تي وسائي، ڪجهه وقت قيد ڪمائي هاڻ گهر اچي ويٺو هو.

قربان پنهنجي ماءُ جا پير چمي، پنهنجي ماءُ جي هدايتن تي عمل ڪندي، هاڻ هڪ ويلو ماني ڪائڻ لڳو هو۔ سندس مئل صحت ۾ پساهه پئجي ويو هو۔ پنهنجي محبوبا عدن سان ٻه ملاقاتون ڪرڻ لڳو هو۔ پر اجا گهر جي اُن اونداهه ڪنڊ مان ڪيس فڪري تسڪين پئي ايندي هئي ۽ ان ڪرب مان ڪڍڻ لاءِ حافظ امين ڪيس، پنهنجي هم خيالي ڏيکاري، سندس سوچن ۾ تبديلي آڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهيو.

حافظ امين کي ڏينهن جي وقت کان وڌيڪ رات جي وقت، ان اونداهه ڪنڊ ۾ ان سان گفتگو ڪرڻ وڌيڪ آسان پئي لڳو شايد هن پنهنجي وڏي ڀاءُ سان، بي حجاب ٿي ڳالهائڻ لاءِ اهڙو حجابي پردو رکن پئي چاهيو جيڪو هن کي ڪنهن هٿرادو پردي ۽ حيا جي جاءِ تي، اهو رات وارو قدرتي۔ اماسي پردو جيڪو ڪڏهن، ڪڏهن ماڻهو سان پنهنجي اڪيلائي ۾ ڳالهائيندو آهي.

حافظ امين، ان پردي جي ڪاري پوش ۾ وڌيڪ بي حجاب ٿي، قربان سان ڳالهائي سگهندو هو ۽ گفتگو دوران پنهنجو لهجو هاڻ ڪافي تبديل ڪري چڪو هو جنهن ۾ ڪجهه هن پنهنجو رويو پاڻ ٻه نرم ڪيو هو ۽ گهڻو اثر مٿس قربان جي عجيب ۽ نرالن خيالن جو ٻه پيو هو.

ائين ٻه ڪو نه هو ته قربان مڪمل نرواڻ ماڻي هئي ۽ الله جو ولي ٿي ويو هو ۽ خدا سندس زبان مان نڪرندڙ لفظن کي ڪرامت يا برڪت عطا ڪئي هئي.

اهڙي ڪرامت، جيڪا ماڻهو کي رڳو پنهنجي ذات جي ڪم اچي، سا ته ماڻهو جي ماڻهپي لاءِ موت آهي، ۽ اهڙي بزرگي جي خواهش قربان کي هرگز ڪون هئي.

هن پنهنجي جيءَ سان هاڻ جيڪي ٻه سختيون ڪيون پي، تنهن ۾ هن پنهنجي سوچ، پنهنجي جسم جي مزاج، نفس جي صحت، ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ ردي ۽ رزيل خيال، طبيعت ۾ بدمزاجي ۽ ان جا ڪارڻ، آواز ڪيئن ۽ ڪهڙي عضوي ۾ رهي ٿو؟“

پنهنجي سڄي سوچ، جان جي اهڙن ارڪانن ۽ سندس فطرت تي پي ڪپاياڻين.

هن خواهش جي شدت ۽ ان جو غضب، ڪاوڙ تي قابو پائڻ، دل جي اختياري ۽ ان جا ارادا، وسوسن جا قسم ۽ انهن جا نقصان، عقل، قلب، نفس ۽ روح. هن ته هاڻ بس انهن تي مجاهدو پي ڪيو.

هن پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي ذات ۾ گم ڪري، قدرت جا سيئي عجائب پرکڻ پي چاهيا.

هن پنهنجي دل کي، خدا جو تحفظ گاهه سمجهي، ان محل ۾ پنهنجي يار سان ملڻ جا درپي ڳوليا.

اهڙي رياضت ۾ هن جو ذهن، پنهنجي قومي مقصد لاءِ به ايترو صاف ٿي ويو هو جو ڪوئي به ماڻهو هن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو ته سندس گفتا ٻڌي، انهن جي گهرائي تي هاڻ حيران رهجي ويندو هو۽ خود کي دنيا جي سواري لاءِ گڏهه سمجهي ويهندو هو.

حافظ امين، جنهن کي ڪجهه اڳ ۾ قربان جي حالت تي رحم پيو ايندو هو۽ سندس خيالن کي ڪفر پيو تصور ڪندو هو تنهن کي هاڻ سندس خيالن تي حسد جاڳڻ لڳو حافظ سوچيو "رڳو ڪتابن جي جاڻ ته شايد ماڻهو جي دلجو دروازو نٿي کولي، ماڻهو شايد خودي، خدا ۽ خود جي خفي ۾ ئي پاڻ کي کولي ٿو۽ اندر جي اونداهه کي روشن ڪري ٿو!"

۽ قربان جي من ۾ اهو سوجهرو پيدا ٿي پيو هو جيڪو سنڌ ۾ صدين کان، صوفين جي قلب کي عطا ٿيندو آيو هو.

فطرت طرفان ڏنل، سنڌ کي ان انعام ۽ ان جي ورهاست کي، زماني جي حوس ۽ حاڪمن جا ظلم فنا ڪري نه سگهيا هئا.

سنڌ جي اهڙي ڏاهپ کان، حسد ڪائي، صدين کان جيڪا بيگناهه انساني رت وهائي وئي، ان کي ميڙي گڏ ڪجي، ته دنيا ۾ هن ڌرتيءَ تي، ايڏو وڏو پاٽي جو درياهه به ڪون ملندو. پر اُهو به وهي سُڪي، خشڪ ٿي گم ٿي ويل رت، سو ته وسري ويو۽ پر جيڪو نئون رت سنڌ ۾ وهڻ لڳو هو تنهن جي به مهذب دنيا کي ڪا ڪراهت، ڪاوڙ۽ ناحق نظر ڪون پئي آيو!

---

**جهڙي** طرح ڪا طوفاني ٻوڏ اچي ۽ گذري وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهو پاڻ سنڀالي، پنهنجون هيڏانهن، هوڏانهن تي لڙهي ويئل شيون ڳوليندا هجن.

اهڙي طرح، ذوالفقار علي ڀٽو جو سياسي قتل ٿي وڃڻ، سنڌ جي هر واهڻ، وسندي ۾ ماڻهن جي ذهنن تي اهڙو طوفاني اثر ڇڏيو هو جو ماڻهن کان جڻ پنهنجو ذهن ۽ عقل به ان سياسي طوفان ۾ اُڏامي ويو هو جيڪو هاڻ ڪين هٿ ئي ڪون پئي آيو!

پنهنجي وڃائجي ويل اها سمجهه ڳولي، ماڻهو اڃا سانتيڪا ئي ڪون ٿيا هئا، ته ڀٽي خاندان جي ٻئي فرد جي شهادت جو وارو آيو ۽ شاهنواز ڀٽو کي زهر ڏئي هڪ اهڙي پُراسرار نموني سان قتل ڪيو ويو جنهن جي خون جو هڪ ڇنڊو به، ڪنهن سرڪاري لباس تي ظاهر ڪون پئي آيو!

اهڙي طرح سنڌ جي ڦاهي چڙهيل خودداري ڪي، هاڻ وري زهر جي ڪفن ۾ ويڙهيو ويو هو ۽ ماڻهن، ڀٽو خاندان جي سياست مان ٻئي فرد جو موت ڏٺو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي واري ڪاوڙ ۾ شاهنواز ڀٽو جي زهر پياڪ موت جي پس منظر ۾ ٻڏتر ۽ منجهاري جو شڪار ڪئي وئي!

ويچاري سپاجهڙي سنڌ! جنهن جي ساهه سان صدين کان رت جي راند ۾ مُنجهه، ڪُپت، مصلحت ۽ ماٺ گڏ ئي گڏ پي آئي، تنهن کي پنهنجي تاريخي شرافت ۽ امن پسنديءَ واري مصلحت شاهنواز ڀٽو جي حادثاتي هٿرادو قتل به منجهائي وڌو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي واري ڪاوڙ ماني تي ويس ۽ پوءِ وري به نئون آسرو نئون اتساهه. سندس امن پسند اميد اجا مُئي ڪان هئي– ۽ بس رڳو موت جي انتظار لاءِ زنده هئي.

هاري، مزدور، ڏرار، ڌوٻي، شاگرد، استاد، عام ماڻهو ۽ عام چؤبول هئي. ”مرتضيٰ ڀٽو وينو آهي، دشمن جا هڏ رولي ڇڏيندو–پنهنجو پلاند ڪندو– چون ٿا سڄو پيءُ تي ويو آهي– افغانستان جو ساٿ اٿس– سعودي عرب جي شهزادن هر قسم جي مدد ڏيڻ جو يقين ڏياريو آهي. انڊيا سان سندس مڪمل رابطو آهي– ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪيس داخل ٿيندو– هي جنرل بس مهمان آهي– مير مرتضيٰ، وڏي ڪنهن سياسي طوفان جي تياري پيو ڪري– سنڌ مان هزارين ماڻهو سندس لاءِ سر ڏيندا!“

سڀ غير سياسي لباڙ ناڪام تجربا. سڀ انومان ۽ سڀ اجايون عام ڳالهيون ۽ سياسي اڳ ڪٿيون.

ويچارو ٻن اکين وارو سنڌي ماڻهو سندس ٻن اکين وارو نظر به وقت جي جنرل ورهاءِ ڇڏيو.

ماڻهن جي هڪ اک مرتضيٰ ڀٽو ۾ ته ٻي اک ذوالفقار علي ڀٽو جي (پنڪي) بينظير ڀٽو ۾ هئي.

نظرون ورهائجن ٿيون، ته سوچون پاڻهي ورهائجي ٿيون وڃن، ۽ ورهايل سوچون، هر قسم جي سگهه ورهائي، انسان کي ڪمزور ڪري ڇڏينديون آهن.

وقت جي جنرل، ائين سنڌ جي پوري سياسي سگهه، وڏي ڪنهن چالبازي سان ورهائي ٽڪرا ڪري ڇڏي هئي. جنهن ۾ سنڌ جي آزادي پسند قوم پرست سياست، جنهن جو هڪ وار به وقتي جنرل پنهنجي ڪاروباري سياست لاءِ خريد ڪري ڪون سگهيو هو.

تنهن لاءِ هن ڳڙ ۽ وات ٻئي استعمال پئي ڪيا. پر صوفي مزاج قوم پرست اڳواڻ سندس صحيح سڃاڻپ ۾ دير پي ڪئي، جنهن ڪري آزادي پسند قوم پرست سياست واري سرگرمي عام کي سمجهه ۾ ڪون پي آئي.

وقتي جنرل جي مذهبي ادارن تہ. جي. ايم. سيد کي مسلماني مان بہ خارج ڪرڻ جون ڪوششون پي ڪيون ۽ جي. ايم. سيد، سنڌ جي سياست کي تصوف جي آب حيات سان ڌوئي صاف پي ڪيو سندس سياسي ۽ ادبي تحريرن ۾ شاهہ لطيف جي وائي جوپڙاڏو هو ساميءَ واري سلوڪ جو آلاپ هو هوشو واريون هڪلون هيون، مخدوم بلاول وارو عشق هو ننگ تان نثار ٿيڻ وارا سچل سرمست جا سڏ هئا.

يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ اسڪولن جي سرڪاري عمارتن تي بہ جيئي سنڌ واري جهنڊي لهرايو پي ۽ سنڌ جي هاري، مزدور ۽ زميندار طبقي کي پاڻ ڏانهن پي سڏيو پر سو اهو طبقو هو جنهن ۾ صدين کان بهتر تعليم جي کوٽ هئي، سياسي شعور جي کوٽ هئي، وسيلن جي کوٽ هئي، سماجي اڻ برابري ۽ معاشي بدحالي هئي. سندس سوچون، خواهشون، ارادا ۽ سياسي جذبا سڀ انهيءَ ڪنهن اڻ هوندي واري باهہ جا پارڻ بڻيل هئا. جنهن ملڪ جي هر جنرل حڪمران جي هٿن کي مضبوط پي ڪيو.

انهن حالتن دوران ملڪ جون مذهبي ڌريون، جنرل جي ضيافت واري سياسي سٽيپ مان، پنهنجي اٽيي سياست ۾ سگهہ پيدا پي ڪئي، جنهن آزادي پسند سياسي قدر گهٽائي، سندس خلاف سنڌ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پي ڪئي.

ملڪ ۾ اسلامي فرقي جي وهابي فرقي ۾ (جنهن کي ترقي پسند مذهبي جماعت سڏيو ۽ سمجهيو پي ويو) تنهن ۾ وهابيت جو جنوني ٻج پوکيو پي ويو ۽ اهو ساڳيو سياسي جنون، پٽو خاندان جي جمهوري سياست ۾ بہ هو جيڪو ملڪ جي تباهي ۽ انسانيت کي فنا ڪندڙ خطرناڪ عمل هو جنهن کي وقتي جنرل وڏيڪ طاقتور پي بڻايو.

قربان جي پيءُ، جنهن پٽو خاندان لاءِ سياست پي ڪئي، تنهن جا قربان کانسواءِ باقي ٽيئي پٽ ان وهابي فرقي جي تبليغي برانچ ۾ شامل ٿي، انهيءَ جي ڳجهين گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا هئا.

سنڌ ۾ پنهنجن وسيلن وارا چڱا، خاصا زميندار فرد بہ پيپلزپارٽي کي الوداع چئي، ڪنهن پنهنجي پارٽي پي ناهي، ڪنهن سياست ڇڏي ڏني، تہ ڪن پيپلزپارٽي کان پنهنجون وفاداريون واپس ورتي، وقتي جنرل جا سياسي ٻولڙيا بڻجي پيا.

ڪي ناظم صلواة بڻيا، ڪي عشر، زڪوات جا چيئرمين بڻيا، تہ ڪن، سنڌ جي لاڙ واري سامونڊي پٽي، شاهہ بندر ۽ جاتي تعلقن مان زمينون حاصل پي ڪيون.

قربان جي محبوبا، عدن جي پيءُ رانجهن شاهہ بہ ائين سَو کن ايڪڙ زمين هٿ ڪري چڪو هو.

اهڙي طرح، زمينو عهدا ۽ اڳواٽيون حاصل ڪري، باقي جيڪي رهجي پيا هئا، انهن کي وقتي جنرل ڏرگ مافيا جو اڳواڻ ڪري، اميورٽ ۽ ايڪسپورٽ جو بزنس مين پي بڻايو ۽ ان ڪاروبار تاريخ ۾ پهريون پيرو قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ چرس ۽ ينگ جي موالين ۾ واڌارو آندو هو.

سڄي سنڌ ۾، جيئن ڳڙ تي مکيون گڏ ٿين. ائين تاريخي سپاجهڙا سنڌي، زڪوات لاءِ ريل گاڏي جيڏيون قطارون ناهڻ لڳا ۽ انهن کي نون آيل ڌارين اڳيان، ائين محتاج بڻايو پي ويو جيئن آرين سنڌي دراوڙن کي محتاج ۽ مجبور ڪري، دنيا جي در، در جو فقير بڻايو هو.

گل محمد کي به پنهنجن بيوفا يارن پي سڏيو "چڏ پيپلزپارٽي کي- اچ عشر جي چيئرميني وٺ-نهيو يونين ڪائونسل جي چيئرمني-يلا ضلعي ڪائونسل تي اچ- سرڪاري سياست ڪانسواءِ ماڻهو تنهنجون مينهون، مال به چورائي ڪاهي ويندا- تون رات جي وقت پنهنجي اوطاق تي به ويهي ڪون سگهندين- چارهيو آهي ، پيپلزپارٽي ۾، پيپلزپارٽي هاڻ پنهنجن ماڻهن جو به بچاءُ نٿي ڪري سگهي- پٽي خاندان جا پنهنجا فرد به پارٽي ڇڏي ويا.

پٽن کي پنهنجي غلط سياست-پٽي مارائي-هنن کي شروع کان ئي رڳو پنهنجي سنڌ جي سياست ڪرڻي هئي- هاڻ ته هنن فوجي جنرلن سان دشمني ڳنڍي آهي، اهي سنڌين جون پراپرٽيون تباهه ڪري ڇڏيندا- چريو نه ٿي- پنهنجي بچاءُ واري سياست ڪر- نه ته جي. ايم. سيد وانگر سڄي عمر جيلن ۾ گذاريندين!؟"

پر گل محمد ويچارو سنڌي عام ماڻهو جيئان، پنهنجي سياسي مذهب ۾، نه هندو نه مسلمان واري ايمان ۾ ڦسي پيو هو. هو پنهنجن پٽن جي مذهبي ۽ خانداني ڪمزوري محسوس ڪري چڪو هو ۽ انهيءَ ڪاوڙ ۾ هڪ رات هن پنهنجي پٽ، حافظ امين کي ان جو ذميوار سمجهي، ان کي وڏي تنبيهه ڪئي "حافظ امين، مون اوهان کي ديني تعليم ڏياري، اوهان کي ته جهڙو مون مسلماني مان به ڪيڏي ڇڏيو. اوهان پنهنجي دين کي روحاني علم سمجهڻ جي بجاءِ، مذهب کي سياست سمجهي، پنهنجي نبي ﷺ جي ڏسيل راهه تان به رُلي ويا آهيو- اوهان کان ته قربان ڪيترا پيرا پلو آهي- هن دين ۽ دنيا جو حوس ڇڏيو. پوءِ به پنهنجي يار جي ياري سان ته سچو آهي ۽ ماڻهن جي ايمان ۾ ڪيس گمان ڪونهي- ۽ رڳو اوهين آهيو جو ماڻهن کان پنهنجو اصل ايمان به پيا کسيو- جن ماڻهن کي ٻين جا ايمان نظر ٿا اچن، انهن جو پنهنجو ايمان، پنهنجي خدا جي معاملي ۾ انڌو ٿيو وڃي- مون سمجهيو هو منهنجي گهر مان هاڻ انسانيت فيض ياب ٿيندي- ماڻهو منهنجن پٽن مان پنهنجي اولاد لاءِ ايمان ۽ نيڪيون حاصل ڪندا- پر اوهان کان ته هاڻ سمجهان ٿو پنهنجون نيتون به ڪون لينديون- سڄي سنڌ، بک ۽ بارود جي باهه ۾ پئي ٻري ۽ اوهان مسلمانن کي به مسلمان ٺيڻ جي سکيا پيا ڏيو وٺو- ماڻهو ويچارا ڪپڙو ٿا وٺن، ته

اٿو ڪون اٿن- اٿو ٿا وٺن ته ٻني، ٻاري جي ڪيڙي جا پيسا ڪون اٿن- ڪيڙي ٿا ڪرائن، ته ٻج جا پيسا ڪون اٿن- ٻج ٿا وٺن ته ڀاڻ جا پيسا ڪون اٿن ۽ ڀاڻ ٿا وٺن ته پاڻي ڪونهي!

ماڻهن جي مغز ۾ موت- اکين ۾ لڙڪ ۽ پيٽ ۾ بک جهڙي عذاب اچي ورايو آهي ۽ اوهين انهن سان ڪنهن همدردي جي بجاءِ، موراڳي انهن جي ايمان ۾ به وهم وجهندا گهمو- جڏهن ماڻهن جون اکيون روئنديون هجن- پيٽ ٻرندو هجي- مغز ڪڙهندو هجي- دليون ڌانهينديون هجن ۽ ٻي وقت موت سندن اڳڻ تي ويٺل هجي- تڏهن ماڻهو دين جون ڳالهيون دل سان نه ڏڪار سان ٻڌندا آهن- ڇاتيو آهي اوهان ڪي- پنهنجي مذهب کي بدنام ڪري، مسجدون به ويران پيا ڪريو!؟"

۽ حافظ امين هميشه جيان، نيڪ اولاد وانگر ڪنڌ جهڪائي پنهنجي پيءُ جي ملامت پيو ٻڌي. ڪا ڳالهه ڪيس ڏکي پئي لڳي، ته ڪا ڳالهه وري جهڙو سندس دل جي ڌڙڪن سان گڏجي پئي ويئي.

ڪڏهن، ڪڏهن اجائي گهڻي خاموشي، پنهنجي غلطي کي مڃتا ڏئي، مخاطب کي خفا ڪري ٿي وجهي.

حافظ امين، جي ان وقت به اجائي خاموشي، سندس پيءُ کي خفا ڪري وڌو ۽ ان ڪيفيت ۾ هن حافظ امين کي پنهنجو چيل ڪم ياد ڏياريو.

"توکي ڪيترو چيو اٿم ته، قربان ڪي وقت ڏي-يلي هُو پنهجي فڪر جي درياهه مان تري ڪنهن ڪنڌي اچي ٿيو آهي- پر سندس علم تي سندس فڪر حاوي ٿي ويو آهي- سندس عقلي صلاحيتون، عاجزي ۽ انڪساري جون حدون به ڇڏينديون وڃن- تون سندس ديني ۽ روحاني رهبري ۾ ڪا مدد ڪر؟- پر ان جي بدلي ۾ تون خود به فرقه بازي جي ڦندي ۾ ڦاسندو وڃين- هي اها تنهنجي جوان عمر، جيڪا توکان تنهنجي بهتر عملن جي گهرجائو آهي ۽ تون پنهنجي مڪمل دين کي وري نئين سري سان ناهڻ جي جنون ۾، ناحق پيو وقت ضايع ڪرين.

پنهنجي جان کي جهنم ۾ وجهي، دنيا کي دين ڪون سيکاريو آهي- ڪجهه هوش ڪر حافظ امين- پنهنجي عقل، ايمان ۽ عمر جو لحاظ رک!؟"

پر ملڪ ۾ ڇڏيل، وقتي جنرل واري مذهبي جنون، مذهبي ذهنن تي وڏو اثر ڇڏيو هو فقه جي اڳواڻن کي سرڪاري سگهارين ۽ ڳجهين قوتن جو چيل هو "پيسي ۽ هٿيار جو فڪر نه ڪريو- بس تنظيمي ڪم ڪريو- پاڻکي مضبوط ڪريو- ۽ ان جا نتيجا ڏيکاريو؟"

پر حافظ امين جهڙا نوان مذهبي نئڙا ماڻهو اهڙين اندروني قوتن جي نيتن کان ناواقف هئا، انهن کي ته بس ر ڳو جهاد جي لفاظي لباڙ روحاني سڪون پئي ڏنو.

مذهبي اسڪالرن ۽ مفڪرن جون ڳجهون تقريرون ٻڌي، حافظ امين به خود کي چڻ جيئري ئي بهشت ۾ پيو تصور ڪيو. پر پنهنجي پيءُ جي ان ملامت ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ گهر ويهي رهيو هو- ۽ سندس اٿ، ويهه هاڻ رڳو پنهنجي ڳوٺ واري مسجد تائين هئي ۽ پنهنجي پاءُ قربان سان ڪچهريون ڪرڻ لڳو جيڪو هاڻ رات، ڏينهن واري رياضت ڪانپوءِ پنهنجي دل جي دريءَ مان ڪنهن روشني جو نظارو ڪري ڪافي تبديل ٿي چڪو هو.

هو پنهنجي فڪري رمز ۾ جتان ٿي موٽيو هو ان کي واپسي چئبو ٿي ناهي ۽ اتان هن هاڻ جيڪي حاصل ڪيو پي- اهو حافظ امين جهڙي مذهبي ماڻهو جي فڪر ۽ عقل کي حاصل ڪون هو.

هڪ ڏينهن شام جو سج لٿي ڪانپوءِ رات پنهنجي اُماس جو پردو جهان کي پي پهرايو ۽ ان جي مقابلي ۾ تارن پنهنجي روشني آهستي، آهستي پي وڌائي. ائين پي لڳو ته دنيا ۾ اونداهه سان روشني جو مقابلو قيامت تائين قائم رهندو- پر ڪير ٿو ڪٽي ۽ ڪير هارائي ٿو؟ اهو سوال اُن روشن ضمير لاءِ هو جنهن دنيا جي انڌير ۾ به پنهنجي انسانيت روشن رکي هئي. ۽ قربان به اهڙي جستجو وارو صوفي هو.

انهيءَ شام جو حافظ امين ۽ قربان، ٻئي پنهنجي پيءُ سان گهر جي اڱڻ تي ڪرسيون وجهي ڪچهري ۾ ويٺل هئا. حافظ امين پنهنجي پيءُ جي ڪنهن سوال واري جواب ۾ پي چيو "خداتعاليٰ حضرت آدم کي هن ڌرتيءَ تي پنهنجو نائب ڪري خلقيو ۽ قدرت پنهنجي حڪمت سان پنهنجي هستي کي سندس سمجهه ۾ ئي لڪائي رکي ڇڏيو ۽ سندس ڪيفيت کي اهو ٻڌائي ڇڏيائين ته انسان منهنجو راز آهي- ليڪن ابن آدم ان معاملي ۾ جاهل ثابت ٿيو- خود کي خساري ۾ وجهي، پنهنجي لاءِ عذاب پيدا ڪري وڌا- دنيا جي حوس هن کي هاڃي ۾ وجهي ڇڏيو- هي پنهنجي حادي جون هدايتون وساري پنهنجي ضروري عقل جي پويان ڊوڙي پيو- هن کي پنهنجي نفس جي لذت ۾ پنهنجي واپسي واري ياد نه رهي ڪان!- چوري، زنا، ڪوڙ حرام، خون خرابو- هن ظلم جا درياهه واهي ڇڏيا ۽ انتهائي ظالم ثابت ٿيو!"

حافظ امين پنهنجي مذهبي ڄاڻ موجب، دنيا جو هر برو عمل، بڇڙائين ۽ بداخلاقين جو ڪارڻ انسان کي ثابت پي ڪيو جيڪو قربان جي ذهن تان ناگوار گذريو- هو عبد ۽ معبود جي وچ ۾ انسان کي بدترين ڪري پيش ڪرڻ جي سخت مخالف هو.

هو حافظ امين جي زباني، انسان تي بيجا لعنت، ملامت واري هلندڙ گفتگو برداشت ڪري نه سگهيو ۽ سندس ان مذهبي پرچار کي سامهون، انسان جي مان، مرتبي جو بچاءُ ڪندي چوڻ لڳو "پنهنجن اکين هوندي، پنهنجي عقل ۾ پنهنجو خدا ڏسندڙ او... منهنجا حافظ ڀاءُ- ابن آدم جو سلسلو اڻ کٽ آهي- ڏاهپ جو درياهه به وهي سمنڊ جي صورت اختيار ٿو ڪري- ضرورتون اڻ

ڪٽ آهن. خواهش واري سمنڊ جو ڏنگ، توکي نظر نہ ايندو- ضرورتون پُڄن ٿيون. مرن ٿيون. وري جمن ٿيون- پرعمرين جي حد مقرر آهي- ان حد تي پهچڻ تائين ويندي، ويندي انسانيت لاءِ عبد ۽ معبود جي وچ ۾ صرف رڳو وصال جي جستجو آهي- عقل، علم ۽ فهم سڀ پاڻ سان ڪٺي ان جستجوءَ جي درياهہ ۾ لهڻو پوي ٿو- مسجد ۾ گهڙڻ ۽ فڪر جي درياهہ ۾ گهڙڻ جو فرق بہ توکي سمجهہ ۾ نہ ايندو-عبد ۽ معبود جي وچ ۾ اُهو سودو سوڏڻو پوي ٿو جيڪا اصل حقيقت آهي-!

”بندي ۽ خدا جي وچ ۾ گناهہ جي ديوار اڏيندڙ ان هجڙي جي مثال آهي- جنهن کي عورت بڻجڻ جو جنون رهيو آهي- اهو جنون ئي اصل اٽڄاڻائي آهي- ۽ حقيقت ڪان اٽڄاڻائي، پنهنجي دين ۽ دانائي ٻنهي لاءِ تباهي جو ڪارڻ- قيامت انسان جي گناهن جو نہ. بلڪ اٽڄاڻائي ۽ جهالت جو ڪارڻ آهي-!

الله چيو تہ، ظالم کي دوست نہ رکو-صوفين چيو تہ. نفس ظالم آهي- دين جي چور ۽ ٻين پنهنجي نفس جي صلاح سان، انسان کي ظالم چئي، متس لعنت. ملامت وارو ظلم آزاد ڇوڙي ڇڏيو- ۽ ماٿهن عذاب ۾ اچي، دين ورهائي ڇڏيو- اهل ڪتاب وارن شروع ۾ سڀ ڪجهہ قبول ڪيو ۽ پوءِ بعد ۾ حضرت عثمان غني جي قتل ڪان ڪربلا تائين. سندن آزاد نفس خدا تعاليٰ تي ڪوڙهٽي- پنهنجي نفس جي حڪمراني کي ظالم ثابت ڪيو!

ائين اهو ظلم آلِ نبي  تان تلوار وهائيندو سنڌ تائين پهتو- جنهن کي سنڌ جي صوفين، تصوف جي مضبوط ديوار ڏئي، امن، ڀائيچارو محبت ۽ برابري جي درس ذريعي، انسان ۽ خدا جي وچ ۾ انسانيت کي سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پر آلِ نبي جي قاتل تلوار سنڌ ۾ صوفين جي سرن جو لاٻارو ڪندي، مخدوم بلاول کان صوفي شاهہ عنايت ۽ پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو تائين اڻ ڳڻيا عالم ڪٺا ۽ اجا بہ نہ سندس اڃ لٿي آهي ۽ نہ سندس تيز ڌار ۾ ڪوڪڪر ڀيو آ! ۽ اجا پئي سنڌ ۾ سچ جا پانڌيئڙا ڳولي- جيڪي ڪيس پنهنجي صدين واري روايتي اڃ ڪاڻ گهربل آهن.

۽ هي سندس اها روايتي مذهبي ويڙهہ آهي-جنهن صدين کان اڃ تائين سنڌ جون وسنديون ويران ڪري، انسانيت کي اگهاڙو ڪري پي نچايو آهي- جنهن جو شاهد سنڌودرياهہ آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنڌين تي انسانيت جو بيگناهہ رت وهايو ويو!

۽ دين لاءِ تاريخ ۾ جن ڪلهہ ڪا بہ قرباني ڪون ڏني هئي، سي اڄ سنڌ ۾ صوفين جا سر قلم ڪرڻ لاءِ دين جا ڏٽي بڻجي- انسانيت ۾ ڪفر جا ڳولائو بڻيل آهن.“

قربان جي ان بحث جو اثر وٺندي، سندن پيءُ گل محمد جڻ پنهنجين غلطين جو پاڻ اظهار ڪندي ڳالهايو ”سچ پيو چوي قربان- هيٺو ۽ ڪمزور موچڙن جي منهن ۾ آهي- اڻ هوند وارن لاءِ انصاف وارو سچ اجا نہ مذهبي اڱڻ تان ايريو آهي ۽ نہ حاڪماڻي محل مان - معاشي تنگي ۾

ماڻهو پنهنجا پار پچا ساڻ کڻي، وڏن شهرن ۾ پنن پيا. بک ۽ بدحالي ماڻهن جا منهن هيڊا ڪري ڇڏيا آهن. ماڻهن جيئي پيتو جي نعري ۾ مڙئي جڻ ساهه پي کنيو. ان نعري جي سزا ۾ ماڻهن کي اڻ پڙهيو ڪري وقتي جنرل، ڪين محروميت جي ڏيڻ ڏانهن پيو ڏکي. رشوت عام ٿيڻ سان، هر ماڻهو جي حق جي سچاٽپ مرڻ لڳي آهي. وسيلن جي کوٽ ۾ ماڻهو پاڻ مارڻ ڪانسواءِ پيو ڪيڏانهن پڄي وڃڻ واري واهه کان به محروم آهن. تاريخ جڻ پاڻ کي دهرائي پئي. ڪلهه جنهن سنڌ ۾ نير، شورو، مڇي، ڪپڙي ۽ چمڙي جي واپار ۾ پرڏيهي ناڻو حاصل ٿيندو هو. اڄ اتي زنده انسان ۽ انسان جي عضون جو واپار عام آهي. علم جي بدلي، وهم ۽ وسوسن ۾ وهاٿيل، علم جي روشني ۽ عقل جي سچائي کان وانجهيل، سنڌ جو ماڻهو اڃا به اهو سمجهي نه سگهيو آهي ته، رات جي انڌاري ۾ ڇڙواڳ ڪتو چور کي باهي، پاڳئي لاءِ پاڳ چو چيو ويندو آهي. عام توڙي خواص ماڻهو عذابن واري ذلت ۾ روئي، پنهنجون اکيون ته ڌوئي پيو. پر پنهنجي اکين واري ٻولي سمجهه ۾ ئي نٿو.

”چوري، ڦر، نشو قتل ۽ عصمت دري جي بازار ۾ ته گهمي پيو — پر سندس بکايل پيٽ ۽ ڏکايل دل ۽ خالي هٿ ڪجهه ونڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي بجاءِ، جهڙو خود کي به وڪڻڻ جي خيال ۾ آهي.

هندو ته هونئن به امن پسند ۽ ڪفايت شعار ۽ گهٽ خرچائو - باقي بيا، تن مان ڪي مسجدن مان دين ۽ عملن جي بجاءِ هٿيار ۽ بارود گڏ ڪرڻ لڳا آهن. ته ڪي وري ڪرسي، عهدو، اڳواٽي، پلاٽ ۽ زمينون حاصل ڪرڻ لڳا آهن. ائين پيو لڳي ته اُهي ماڻهو جڻ ظلم جي احسانمندي لاءِ پاڻ آڇيندا وتن!“

گل محمد پنهنجي ٻنهي پٽن جي وچ ۾ پنهنجون سياسي غلطيون به جڻ ائين پي دهرايون جيئن ماڻهو پنهنجي غلطين جو درستگيون پاڻ نه ڪندو آهي ۽ پنهنجي بهتري لاءِ زماني ۽ حالتن جي اميد ۾ پنهنجي عمر عذابن ۾ گذاري ڇڏيندو آهي.

۽ سڄي سنڌ، پنهنجي عذابن واري ڇوٽڪاري لاءِ گل محمد جيئان جڻ ڪنهن الهامي قيادت جي اميد ۽ آسري ۾ هئي. ۽ حالتون ائين هيون، جو سچ اپريي کان سچ لٽي تائين ڪنهن به ڪنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي ڪان پئي ڪئي. ۽ سچ لٽي کان سچ اپريي تائين ته وري ڪنهن، ڪنهن کي سچاتو به ڪون پي، رات وارا اغوا ڪيل صبح تائين، ديسي دلالن ڪجهه ٽُنگ جي اگهه ۾ وڪٽي پي ڇڏيا ۽ باقي جيڪي بتا، سي سچ ابرڻ ساڻ کهي پي ڇڏيا.

ماڻهو جو ساهه ته مُٺ ۾ به ڪون پي لڪو شاعر، اديب، مفڪر، دانشور سڀ شاهه لطيف جا بيت وساري خود شاهه لطيف کي سڏڻ لڳا.

فنڪار، سگهڙ، هنر باز ۽ راڳي سچل کي ڳائيندي، وڄائيندي به ننگن تان نثار ٿيڻ واري سمجهه وڃائي رڳو پنهنجي انگ، اوگهڙ سان به نباهي ڪون پي سگهيا.

مذهبي ڌرين تہ سنڌ ۾ سنڌي قوم پرستن کي مسلمان ئي ڪون پي سمجهيو. باقي عوام کي، سياستدانن فوج هٿان ڊوڙائي، ڊوڙائي ٿڪائي وڌو هو.

اُن ٿڪ ۽ خوف ۾، روح راڳن ۾ راضي ٿيڻ بجاءِ روئڻ لڳا هئا_ سنڌي شاعرن جي شاعري، شاعر جي رڳو شان تي اچي بيهہ وئي هئي.

صوفين کي تصوف واري وات، پنهنجي من جي ڪوهيڙي مان صاف نظر ڪون پي آئي!

اديب ۽ صحافي جي ٻولي تہ سنڌ هجي جڻ سانڊاٽو پي ٿي!

مفڪر جي فڪر ۾ ڏڪار اچي ويو_ ڪنهن کي سمجهہ ۾ ڪون پي آيو تہ آزاد سنڌ تي انگريزن جي ڪتڪ ڪيئن قابض ٿي هئي، جيڪا هاڻ بہ جنرلن جي حاڪميت ۾ فوجي چانوٽين ۾ بينڪ ٻٽيل هئي.

هوند وارا تہ وقتي حاڪم جي دعوتن ۾ ڪون پي ڏاپيا ۽ اڻ هوند وارا پنهنجي اڱڻ تي بہ پنهنجو انگ ڍڪي ڪون پي سگهيا!

لعنت اصل ۾ ٻنهي سان پي وڙهي، هڪ تي بک جي لعنت هئي، تہ ٻي تي سياسي منافقت جي لعنت سوار هئي. ٻنهي کي آمراڻي سياست، هڪٻئي سان گڏجڻ ۽ هڪٻئي کي سمجهڻ ئي ڪون پي ڏنو!

ٻنهي ڌرين هڪٻئي کي رڳو ٽانڊن، مهڻن تي اچي بيهاريو هو!

وقتي جنرل جي ادارن، پنهنجي وفادارن کي هٽرادو آسودگين جا محل پي ڏيکاريا ۽ سندس وفادارن جا روح پنهنجي ترقيءَ جي حوس ۾ هٻچي ٻڌجي پيا هئا.

اوڪائي جي وقت، پنهنجي قوم کي، سورن سهڻ جي سوَلي سمجهاڻي ڏيندڙ شاعر ۽ دانشور جي حيثيت جا ڏينهن پنهنجي اهميت وڃائڻ لڳا هئا.

شاعري مان ڏاهپ حاصل ڪري، ڏکن جي وقت، پنهنجي قوم کي ڏکيائي مان اڪاري پار ڪندڙ شاعر تہ پنهنجي مجازي مرض جي مرحم بہ ڪري ڪون پي سگهيا!

اديب پنهنجي حاضر دور جو ادبي اظهار جڻ وساري وينو هو_ ۽ دانشور جي خشڪ سوچ مان رومانوي تبديلي جي اميد بہ مرڻ لڳي هئي!

وقت جو شعور، مارشل لا جي دابي ڪلچر ۾ دٻجڻ لڳو هو ۽ پاڙياپ جون بازاريون کلي ويون هيون!

وقت جو استاد، علم ۽ تعليم جي بجاءِ پنهنجي پيٽ ۽ قومي تباهي کي ڊوهڻ لڳو هو!

علم اٽڪل بازي ۽ تعليم رڳو سَند جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي هئي.

اٽي ۾ مٽي، کير ۾ پاڻي، ماکي ۾ گڙ، مرچن سان سرون گڏ پيس ڪري هٽرادو بيمارين جي وبا پکيڙي پي وئي!

واپار ۾ ڪوڙ تور ماپ ۾ بدديانتي شامل ٿي وئي هئي.
بي ايماني، بي حيائي ۽ پڙوت سان گڏ، هترادو بدمعاشيون پيدا ڪيو پي ويون!
ماڻهن کي ملڪ جي اخبارن تان اعتبار کڄي ويو ۽ صحافت جي ساک سڪرات ۾ هلي وئي هئي.
ماڻهن جو باقي جهڙو تهڙو B.B.C جهڙي غير ملڪي خبر رسان اداري تي اچي بيٺو هو.
نوي ڏينهن جو اقرار ڪندڙ جنرل، ملڪ تي يارنهن سال حڪومت ڪري چڪوهو. رات جا اٺ ٿيا هئا ته گل محمد، حافظ امين کي چيو ته ”ريڊيو کول ۽ بي. بي. سي لڳائي.“
۽ بي. بي. سي تي ان رات اهم خبر هئي ”پاکستان کے صدر جنرل ضیاء الحق آج ایک ھوائی حادثے میں فوت“.
يارنهن سالن جي حڪمراني ڪانپوءِ جنرل حڪمران جون هڏيون هوا ۾ اڏامي چڪيون هيون 17 آگسٽ 1988ع واري تاريخ سنڌ جي ماڻهن لاءِ جڻ وري به هڪ نئين آجپي جو سڏ هو.
سنڌو درياهه به ان تاريخ تي، پنهنجي وڏي موج مستي سان، سنڌ جي نئي ضلعي واري سورجاڻي بند ٽوڙي، هُديراڻي ۽ پناهه، ٻئي ٻيلا ٻوڙي ڇڏيا هئا.
ماڻهن وڏي آواز پي چيو ”سوڪ ڪان ٻوڏ ڀلي آهي“ ٻڏي جا ٻيٽا ٽيندا. سدائين سوڪ ناهي رهڻي. سدائين اچ ڪون هوندي. اڄ جنرل جي موت تي، مهراڻ به پنهنجي آزادي جو اظهار ڪيو آهي. هاڻ سالن جا سُڪا، ساوا ٿيندا. ويو ڏڪار ڏيهه مان. ٻجورا سڄي ٻوڙي ڇڏيائين. سڄاول برانچ جا بند وڍيو پر سڄاول شهر کي بچايو. جيستائين انهيءَ آمر جون رُليل هڏيون گڏ ڪري دفن نٿا ڪن. تيستائين درياهه بادشاهه جي مستي شاهه بندر ۽ جاتي تائين ڪنهن کي سمهڻ ڪون ڏيندي – پاڻي کي گس ڏيو ته حرامي ڊوري ڪان عربي سمنڊ ڏانهن هليو وڃي. اچو هاڻ گهرن مان نڪرو. هاڻ لانگ بوٽن وارا ويا. پر پنهنجا وفادار وڏيرا ڇڏي ويو آهي. انهن نانگن جو خيال رکجو. اهي جنرل جي موت جا ڏکايل آهن. انهن جي ڏنگ ڪان پاڻ بچائجو. اهي پنهنجا ٻچا ڪائيندڙ بلائون آهن. انهن ڪان پنهنجا پلاند وٺڻا آهن. اچو اچو جيئي ڀٽو. جيئي ڀيڻ بينظير. اچو پنهنجي ڀيڻ جا پرڄهلا ٿيو!“
ايترو وقت اجا پراڻو ڪون ٿيو هو رڳو ڪجهه سال گذريا هئا، اهڙي ساڳي رومانوي جذبات، سنڌ جي خمير مان جنم وٺندڙ ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي گهاٽ تائين پهچائي ڇڏيو هو!
پنهنجي اهڙي جذباتي ڪيفيت ۽ سياسي چڙواڳي سان، سنڌ جي سياست ۾ ورهايل سنڌي قوم، تاريخ ۾ اهو ثابت ڪندي آئي آهي ته، پنهنجا اڱواڻ ڪهائي، پنهنجي وجود جي بقا لاءِ ڪمزور پي رهي آهي!
ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو جي قتل ڪانپوءِ به نه ڀٽو خاندان سياسي نظريو بدلايو ۽ نه سنڌي عوام ڀٽو خاندان جي سياست ڪان منهن موڙيو هو.

سنڌي عوام ذوالفقارعلي ڀٽو جو ڇڏيل سياسي ورثو بينظير ڀٽو کي ٻڌائي، وري بينظير ڀٽو جي سر جي پوبان ڪاهي پيا هئا.

وقتي جنرل جي موت ڪانپوءِ مير مرتضيٰ ڀٽو به، سنڌودرياهه جهڙي مستي ساڻ ڪٽي، پنهنجي وطن واپس موٽي آيو هو- ۽ پنهنجي پيءُ ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي، پيراندي ۾ کان بيهه، پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل سياسي فڪر ۽ فلسفي ۾ ڪا نواڻ پيدا ڪرڻ جا اقرار ڪري، پنهنجي ڀيڻ بينظير کان الڳ، پنهنجي سياسي راهه اختيار ڪئي! ائين ڀي لڳوان اهڙي سياسي ورهاست ڀٽو خاندان کي سياست جي جنگي ميدان ۾، هر هڪ کي اڪيلو ڪري ڪهڻ پي چاهيو جنهن کي نه سنڌي عوام پي سمجهيو ۽ نه وقت جي سنڌن رومانوي سياست ـ سياستدانن جي سياسي ساک ماڻهن جي دلين مان نڪري رڳو اخباري سُرخين جو سونهن بڻجي وئي. ۽ سياست، عبادت جي بدلي خيانت ۽ قومي رسوائيءَ واري حالت بڻجي پئي هئي. جنهن عوام کي اڪيلو ڪري رڳو جيئي ڀٽو جي نعري ۾ ڇڏي ڏنو هو.

---

**ماڻهن** کي سنڌ به وسري وئي- جنرل هٿان شهيد ٿيل پنهنجا عزيز ۽ سندن ٻچا ڪائيندڙ بلائون، سڀ ڪجهه، سڀ وسري ويو. ۽ ماڻهن وري به سنڌ جي تاريخ لاءِ قلم جو قتِلِ عام – رت سان پنهنجو شنان ڪرڻ ۽ عزت نفس جي ذلت جو انتظار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

گل محمد به هڪ دفعو وري پنهنجا سياسي سور وساري جڻ پنهنجي عادتي سياست لاءِ پنهنجو ذهن ۽ پنهنجي خاندان کي پيپلزپارٽي لاءِ اُپارڻ ۽ مطمئن ڪرڻ لڳو هو- هن ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت سان پنهنجي سچائي نياهڻ پي چاهي.

سڄي سنڌ جي سنڌي عوام اڪثريت سان پنهنجي ننڍڙڪي سوچ ۾ خود کي ذوالفقار علي ڀٽو جي احسانن جو قرضي سمجهڻ لڳي هئي. توڙي جو ڀٽو خاندان خود ته سنڌ جي احسانن جو قرضي هو- جنهن کيس سياسي معراج تائين پهچائي ڇڏيو هو.

جڏهن بينظير ٻن سالن جي جلاوطني ڪاٽڻ کانپوءِ 1986ع ۾ لاهور هوائي اڏي تي اچي لٿي هئي، تڏهن به ماڻهن جي هڪ وڏي سمنڊ ۾ سندس روح چوراڻيندڙ رجعت پرست ملائڪ به ان ڏينهن کان ساٽس گڏ گڏ رهندو پئي آيو.

پنجاب واري باغن جي سرڪاري مالهين ڪي پنهنجي باغن جي گلن کي سنڌ جي رت سان ڌوئڻ ۾ شايد ڪو دلي سڪون پئي مليو.

ذوالفقار علي ڀٽو جي (پنڪي) جنهن کي پنهنجي خانداني وراثت جا اختيار مليل هئا تنهن آصف علي زرداري، جنهن پولو راند ۾ پنهنجا عضوا ڀڃائي ۽ هاڻ جيلن ۾ پنهنجا عضوا پئي ڪپايا. تنهن سان شادي ڪري سا هاڻ باقائده بينظير ڀٽجي پئي هئي.

سنڌ جا غريب، بي حال، بڪايل ۽ بيوس ۽ ملڪ جي ڊڪٽيٽر جي ڦٽڪن، ڪوڙن جا ڪٽيل گل محمد جهڙا ماڻهو سياسي محبت ۾ ڪيس پنهنجي ماءُ جيتري عزت ڏيئڻ لڳا هئا.

سنڌ جو عوام سياسي رومانس ۾ سندس لاءِ به سر آڇڻ لڳو هو- پر اصل ۾ سو بس پنهنجي روايتي محبت موجب، رڳو ووٽ جي قرباني ڏيئڻ لاءِ تيار هو. باقي وڏيڪ ته رڳو اجائي سياسي لٻاڙ هئي-!

قربان واري عدن سان ۽ عوام جي بينظير سان محبت ۾ زمين، آسمان جو فرق هو.

قربان واري محبت جا سور، سنڌ جو اصل روح هو جنهن ۾ پوري جان جيئري ئي قتل ٿيندي رهندي آهي، جيڪا وجودي بقا تي دائميت عطا ڪندي آهي.

۽ رمانوي سياسي محبت، سياسي اڳواڻن کي يتيم ڪري ڪهائي عوام لاءِ نوان عذاب پيدا ڪري، قومي وجود کي فنا جي مڪان تي آڻي بيهاريندي آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي کي ماڻهن ووٽ ڏيندي، سنڌ جا صدين وارا سور ته وساري ڇڏيا هئا پر هاڻ ته خود ذوالفقارعلي ڀٽو به سندن سياسي ڪم لاءِ ڪون رهيو هو. ۽ هاڻ سنڌ جي حالت، بينظير ڀٽو لاءِ به ساڳي هئي.

ڪلهه جيڪو ظلم ٿيو سو ڇتو - اج وارو ظلم سهو - ۽ سڀاڻي واري ظلم جو انتظار ڪريو! — ايئن ماڻهو ڪلهه، اڄ ۽ سڀاڻي واري سوچ ۾ ورهايل هئا. تنهن هوندي به ڪالهوڪي ذوالفقار علي ڀٽي جيئان، سنڌي عوام بينظير ڀٽو کي ڀاڻ ڏانهن سڏي 1988ع ۾ ڪيس اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم چونڊرائي ڇڏيو هو- پر رجعت پرست ملڪ جي تنگ نظري ڪيس ٻن سالن جي اندر، پنهنجي جمهوري ڪابينا سميت گهر پيڙو ڪري ڇڏيو. ۽ سنڌين جو ذوالفقار علي ڀٽو وارو ڦاهي جي بدلي ۾ ڏنل صدق وارو ووٽ سنڌين بي مانو ۽ بي عزتو سمجهيو جنهن ڪري سنڌين وري به وڏيڪ وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏيئڻ وارو جذبو پاڻ ۾ پيدا ڪيو ۽ 1993ع ۾ هڪ دفعو وري به تمام وڏي اڪثريت سان سنڌ مان ووٽ حاصل ڪري بينظير ڀٽو

وزير اعظم چونڊجي وئي۔ ۽ سندس اقتدار دوران سنڌ جي صوفي عالم ۽ قوم پرست اڳواڻ جي. ايم. سيد جڻ عمر ڀر جي نظربندي دؤران هڪ سرڪاري اسپتال ۾ سندس سرڪاري نظرن جي پهري ۾ 1995ع ۾ هن فاني دنيا کان موڪلايو ۽ ان جي ٻي سال سندس اقتدار دوران ئي 1996ع ۾ سندس جگري ڀاءُ مرتضيٰ ڀٽو کي ڪراچي ۾ سرعام قتل ڪيو ويو. ۽ اهو ڀٽو خاندان جو قتل ٿي ويل ٽيون سياسي فرد هو. جنهن کان پوءِ هاڻ ڀٽو خاندان جي سياسي مسند تي آخري فرد خود بينظير ڀٽو ياڻ هئي. جيڪا ملڪ جي ان وقت چونڊيل وزيراعظم هئي، سندس ڀاءُ مرتضيٰ جي قتل کانپوءِ، انهيءَ سال 1996ع ۾ سندس حڪومت کي برطرف ڪيو ويو. پر سنڌ جي عوام ڪنهن انقلابي تبديلي جي بجاءِ بينظير ڀٽو کي هاڻ سنڌ جي راڻي جو لقب ڏئي، وري ٽيون ڀيرو وزيراعظم جي ڪرسي تي ويهارڻ لاءِ پنهنجو جنون وڌائي ڇڏيو هو ۽ اهو ساڳي سياسي رومان گل محمد جي ذهن ۾ بہ هو۔ تنهن پنهنجن پٽن سميت سڄي گهر کي هڪ ڪمري ۾ ويهاري سندن مٿي تي قرآن رکي ساک وٺي ڇڏي تہ ”ووٽ محترمہ بينظير ڀٽو کي ڏيندا ۽ جنهن کي ان ۾ ڪو اعتراض آهي تہ پلي هي گهر ڇڏي هليووڃي؟“

ان مهل قربان کي ائين لڳو تہ ”بابا بينظير جو سر جهڙوڪر ملڪ جي رجعت پرست ڪاسائين جي حوالي پيو ڪري“ پر ڪجيو ڪون ۽ پنهنجي پيءُ جي محبت کي سنڌ جي تاريخي ستم ظريفي سان ڀيٽيندي، مات ڪري ويو.

۽ حافظ امين، کي پنهنجي فقہ جي مذهبي اڳواڻن، پنهنجي جماعت لاءِ اهڙو قرآني قسم اڳ ۾ بہ کڻائي ڇڏيو هو.

ملڪ جي رجعت پرست اسٽيبلشمينٽ ۽ اسلامي مذهبي جنون کي ملڪ تي عورت جي حڪمراني شروع کان ئي قبول ڪان هئي.

جيئن قربان جي محبت، اهلبيت خاندان لاءِ سنڌي سماج کي قبول نہ هئي ۽ حافظ امين جي مسلماني بہ هاڻ ٻن قرآني قسمن جي وچ ۾ ٽنگيل هئي. جنهن سندس ايمان کي مذهبي جنون جي قيد ۾ قابو ڪري رکيو هو۔ جتي اهڙن ڪيترن ئي نون ملن جا ايمان باخوشي قتل ڪيا پي ويا.

اهڙو ساڳي جهڳڙو ملڪ جي رجعت پرست اسٽيبلشمينٽ ۽ بينظير جي وچ ۾ هلندڙ هو. انهن سيني جهڳڙن جي وچ ۾ سنڌ وڏي آواز چئي رهي هئي ”پٽن کي هاڻ سنڌ جي سلامتي لاءِ سياست ڪرڻ گهرجي۔ نہ تہ هاڻ سنڌ لاءِ ڪجهہ ڪون بچندو. نہ ڀٽو خاندان نہ ملڪ ۽ نہ ملڪ جي قومي وحدت۔ بلوچستان اڳ ۾ آزاد ٿيندو۔ سنڌ جا وڏيرا جاهل آهن. انهن کي تاريخ جي سمجهہ ئي ناهي۔ سنڌ غلاميءَ جي طوفان ۾ اُجڙي ويندي۔ جي.ايم.سيد کي حاڪمن جي قيد قتل ڪري ڇڏيو آهي۔ قوم پرست پاڻ ۾ ورهائجي ويندا۔ سنڌ جو ڪو ڌڻي سائين نہ رهندو.“


www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪام

پر وقت جي انهيءَ سچي آواز ڪي- بينظير جي گونجندڙ بي مقصد جيئي ڀٽو جي نعرن ڳڙڪائي ڇڏيو.

جن سياستدانن اهو آواز ٻڌو ۽ سمجهيو پي، تن جڻ پنگ جي نشي ۾ محسوس ڪيو ته بينظير ڀٽو ڪي، سندس سر جي قربانيءَ لاءِ سڏيو پيو وڃي. پر ماڻهن جي جذباتي نعرن وارين صدائن جي وچ ۾ ازل اجا بينظير جي قرباني جو انتظار ائين پي ڪيو جيئن قربان ۽ عدن پاڻ ۾ شادي ڪرڻ جا وجهه پي ڳوليا.

انهيءَ مرڻ مارڻ جي وچ مان جڏهن بينظير ڀٽو 1996ع ۾ پاڻ ڪي وزيراعظم چوندرائي وئي هئي ته سنڌ هاڻ جڻ پنهنجن غلطين ڪي هڪ جاءِ سانتيڪوپي ڪيو ۽ سنڌي قوم پنهنجي ڪيل غلطي جي انتها تي وڃڻ لاءِ، هاڻ ڪجهه سالن لاءِ ساهي پي ڪنئين.

پر قربان ۽ عدن، اهلبيت ۽ اُمتي واري تضاد جي ور چڙهيل هئا- هنن غلطي بس اها ڪئي هئي، جو هنن سچي محبت ڪئي هئي- ۽ هنن ذات، پات ڪي اهميت ئي ڪون ڏني.

۽ پنهنجي پيءَ ۽ ياءُ حافظ امين سان، گهر ۾ ايڏا بحث مباحثا ڪندي، قربان پنهنجي محبت ڪي بحثن ۾ آڻي، پنهنجي گهر ڪي به عدن لاءِ راضي ڪري نه سگهيو هو ۽ ايتري عرصي ۾ عدن لاءِ به ڪيئي رشتا آيا ويا پر عدن لاءِ دنيا ۾ ڪو مڪمل آدم هو ته، اهو قربان ئي هو جيڪو گهر جي سياسي ۽ مذهبي تڪرارن مان به اجا پاڻ ڇڏائي نه سگهيو هو.

بينظير ڪي وزيراعظم چوندرائڻ لاءِ سياسي ماحول جا تڪراري بحث ائين هلندڙ هئا، جيئن قربان هڪ سياسي بحث دوران سنڌ جي سياسي حالتن تي ماضي دُهرائيندي، حافظ امين ڪي چوڻ لڳو "الئي ڪيترين جنگيون حضرت علي وڙهيو تنهن ڪان پوءِ چيائين ته، حق وڙهي وٺبو آهي، پر سنڌ جي مٽيءَ ۾ صوفي ازم پوڪيل آهي. سڪندر اعظم ڪان اج تائين جيڪا تاريخ ملي ٿي، ان ۾ اج تائين هن رڳو ڪُسڻ سکيو آهي. امن هن جي وجود جو حصو ٿي ويو آهي. هن پنهنجا عالم گهاٽن ۾ به پيڙهايا ته به اڏ به ڪرايا. هن ذوالفقار علي ڀٽو ڪي دار تي چاڙهائي ڇڏيو ۽ هن جي.ايم. سيدي ڪي جيئري مارائي ڇڏيو ۽ مڪليءَ تي الئي ڪيترن عالمن جون ڪپيل زبانون دفن ٿيل آهن. هن قوم پنهنجا اڻ ڳڻيا ڪونڌر ڪُهايا ۽ هي مرتضيٰ ڀٽو ڪان پوءِ بينظير ڀٽو ڪي به ڪُهائي ڇڏيندي. ڀُٽي خاندان مان ڪجهه باقي ڪونه بچندو. جي.ايم. سيد ڪان پوءِ هاڻ قوم ڪي پنهنجو وجود ئي وسري ويندو. قومي ليڊر مفادن واري ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ويندا.

"هي اج به پنهنجي قاتل ڪي مهمان سمجهي، پنهنجي وات جو گرهه ان ڪي پيئي ڪارائي. پنهنجي اهڙي سچائيءَ ڪان پوءِ به ڪيس وير، ڪينو حسد ۽ ساڙ جي باهه ۾ ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي. هن ڪي شاهه عنايت، شاهه لطيف، سورهيه بادشاهه چيو هن ڪي سچل به چيو ۽ آلِ نبي جي قاتل تلوار، بن قاسم جي هٿ ۾ للڪاري چيو "وڙهه، نه ته وڄجي ويندين، فنا تي



www.sindhsalamat.com

ويندي“ پر هن پنهنجي صوفياڻي صبر ۽ پنهنجي خمير ۾ پوڪيل پيار ۽ امن کي پنهنجو هٿيار سمجهي ان ۾ پنهنجي بقا پئي ڏٺي آهي ۽ ڪڏهن به پنهنجي ويري تي، اڳرائي ڪري وار نه ڪيو آهي.

او... منهنجا بابا! اسان ۽ توهان سڀ غلطي پيا ڪريون...! او... منهنجا بابل! سنڌ جي پارت اٿوَ هن رڳو مرڻ، پرڻ ۽ ڪُسڻ سکيو آهي.

هن جيڪڏهن ماريو آهي، ته رڳو پنهنجو من ماريو پنهنجو هوڏ هٺ ماريو آهي!

هن پنهنجي فاتح حڪمرانيءَ جي بدلي، تاريخ ۾ رڳو صوفي عالم ۽ نفس جا فاتح پيدا پئي ڪيا آهن ۽ بدلي ۾ هميشه سندس قدر ماريا ويا آهن.

هن کي ڪمزور بزدل ۽ ياڙي سمجهي هيسيو ويو آهي. هن کي سادو ۽ بي سمجهه سمجهي، مذهبي فتوائن سان کُهي خاموش رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

ڇا ڇا نه هن سان ٿيو آهي ۽ ڇا ڇا نه هن سَنو آهي!؟

”او منهنجا بابا سائين، آئون ته چوان ٿو هاڻ هن کي وڏيڪ پنهنجي سهپ کان ٻاهر نه وڃي وڃو ڪٽي ائين نه ٿئي، جو جهڙي تهڙي بقا مان باقي ڪجهه نه بچي، ڏسو شاهه لطيف ڪيڏو سچ چيو آهي.

”سو آئون، سو تون، سو خدا، سو خلق“ (شاهه)

”او... بابا منهنجا، آهي سنڌ، ته آهي الله، نه ته دين، ڌرم سڀ ڌوڙ ڇڻ.“

گل محمد ته، پنهنجي صوفي پٽ جي ڳالهه سمجهي پي، پر حافظ امين کي سندس صوفيائي ڪيفيت سمجهه ۾ نه آئي ۽ خدا کان وڌ سنڌ جي واڪاڻ ٻڌي، سندس مذهبي روح جڻ ال‍ٽيون ڪرڻ لڳو هو. پنهنجي پيءُ جي موجودگيءَ ۾ هو قربان کي ان معاملي تي ماٺ ڪرائي ڪونه پي سگهيو ۽ ان جي بدلي ۾ هن پنهنجي جواب جو شدت سان انتظار پي ڪيو. قربان جي خاموش ٿيڻ کان پوءِ آخر هي وڏيڪ ماٺ ڪري نه سگهيو.

”هن ملڪ جا ماڻهو دين کي پنيرا ٿي، خدا جا به منڪر ٿيندا وڃن. ماڻهو هاڻ جنازي نماز به پڙهڻ ڇڏيندا وڃن. نشو عياشي، گلا، بدنيتي ۽ اوگهڙ ماڻهن پنهنجو شوق بڻائي ڇڏيو آهي. نيڪين کي ايترو پنيرا ٿي ويا آهن، جو پيءُ کي پاڻيءَ جو گلاس به ڪروڌ سان ٿا پيارين“. ۽ پنهنجي پيءُ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ”بابا سائين، قربان پيو چوي ته، سنڌ جي مٽيءَ ۾ صوفي ازم پوکيل آهي، پر ڪيس اها خبر ڪانهي ته، ماڻهن کي وضو ڪرڻ به وسري ويو آهي. هي صوفين جا پيو بيت ٻڌائي، پر ماڻهو ته هاڻ آذان به ڪونه ٿا ٻڌن، سمجهن. پنهنجي خدا سان ڪوڙو ماڻهو پنهنجي ملڪ جا ماڻهو نه ڪُهائيندو ته ڇا امن جا گهر اڏيندو. هندو حقيقت کان هٽندو وڃي. مسلمان منافق ٿيندو وڃي. ۽ قربان ياءُ قوم جي ڳالهه ٿو ڪري. جتي انسان کي پنهنجي آدم

هجڻ جو احساس ئي نہ رهيو هجي، اتي قومي جذبي جي ڳالھ ڪرڻ تہ، ڪدڙي مان پٽ پيدا ڪرڻ واري سوچ آهي. آئون تہ چوان ٿو هاڻ سڀ رڪايو ڏاڙهيون ۽ ملڪ ڏيو اسان مُلن کي- نہ پُٽا سنڌ سنڀاليندا ۽ نہ قوم پرست قربانيون ڏيندا ۽ نہ ڪاروباري سياست مان ڪا چڱائي ملندي. جن پيپلز پارٽيءَ کي ڇڏي، پنهنجون پارٽيون ناهيون، سي پنهنجي مايا ملڪيت جي بچاءَ ۾ سرڪاري خوف ڏاري خدا جو خوف بہ وساري ويٺا آهن. اهو تہ ڪنهن اڏوري دين وانگر، رس حلال ۽ ٻوٽي حرام- سنڌن سياسي ايمان ۾ ووٽ حلال ۽ آزادي حرام واري بنياد تي پارٽيون ٺهيون - ۽ قربان وينو چوي تہ، بابا سائين سنڌ جي اوهان کي پارٽ آهي. اها اهڙي پارٽ، مون کي تہ پٽ جي سڄي پيڻ تي لڳي!"

"مجان ٿو... تون حافظ آهين. تنهنجي دل، دماغ ۾ قرآن آهي، پر منهنجا ياءُ اهو ساڳيو قرآن ڪربلا ۾ بہ هو. قربان چوڻ لڳو- ۽ اُهي نيتون وضوءَ سان هيون، پر يزيد بن معاويہ جي نيراني شراب لاءِ پاڻي موجود هو ليڪن حسين ابن علي جي نماز لاءِ بہ پاڻي ڪونہ هو. رڳو نراڙ گسائي ۽ آذان ڀڏائڻ سان، سنڌ اوهان بہ تہ سنڀالي ڪونہ سگهندا. اڻين تہ من ۾ نيڪين واري حڪومت بہ نٿي جوڙي سگهجي. رڳو منهن ۽ مسجد ڌوئڻ سان من جي ميراڻ نٿي ڌوپجي. مندر ۾ گهنڊ وڄائي، گناهن کي پچائي نٿو سگهجي. سنڌ جي مٽيءَ ۾ صوفي ازم پوکيل آهي، تہ ان کي رت جو ريج ڏيئي پوکيو ويو آهي. تنهنجي ملن کي ملڪ ملي نہ ملي، پر اهي تہ اڄ بہ قرآن پنن تي رکي ماٿهو منجهائيندا گهمن. ڪالھ بہ انهن صوفين کي رت جو وضو ڪرايو ۽ سپاٽي بہ ملڪ ماتم هاٿو ڪندا. سچ لهندو آهي تہ حديثون هٿ ڪندا آهن ۽ سچ اُڀرندو آهي، تہ سنڌي سياستدانن تي فتوائون ڪيندا آهن. باقي اها ڳالھ تنهنجي آئون مجان نہ مجان، پر تاريخ سپاٽي شايد اهو چوندي تہ، سنڌ جي قوم پرست سياست ۾، ووٽ حلال ۽ آزادي حرام واري نيت جنم ورتو. ۽ اها ڳالھ توکي بہ تسليم ڪرڻي پوندي، تہ مذهب ۾ افغان، طالبان، آفيمي سياست کي اڳواٽي ڏيئي، ان جي وهابيت کي سنڌ ۾ صرف رڳو سنڌي بهادر ليڊرن کي کُهڻ لاءِ مقرر ڪيو جنهن جي شروعات جي. ايم. سيد ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کان ٿي ۽ هاڻ بينظير ڀٽو کان بہ اڃا اڳتي پاڪستان کي پرزا ڪرڻ تائين پهچي ٿي. پر اها صورتحال نہ تنهنجي سنڌي ملن جي مت ۾ ٿي اچي ۽ نہ سنڌ جي ڀٽو خاندان کي ۽ نہ قوم پرست سياست کي سمجهہ ۾ آئي آهي. باقي سنڌ ۾ نوان آيل مسلمان، جيڪي الله جي ٻولي پڙهي بہ، آرين واري نيت ڌاريو ويٺا آهن. انهن کي سنڌي ٻولي سيکاري سنڌن نيتن کي نٿو بدلائي سگهجي. اهي بہ تہ سنڌي بهادر سياستدانن جي موت جا، آڳرين تي ڏينهن ڳڻيندڙ ۽ انهن جي موت جا اميدوار ٿي ويٺل آهن".

گل محمد ٻنهي پٽن جي وچ ۾ سنڌن بحث ٻڌندي، پنهنجي خاندان کي سياسي، سماجي ۽ مذهبي سوچن ۾ ورهايل محسوس ڪندي، پنهنجي گهر مان بس هاڻ رڳو خود کي پيپلز پارٽيءَ

جي سياست ۾ شمار ڪرڻ لڳو هو. هاڻ هن جهڙو خود ڪي ان سياست لاءِ اڪيلو تصور پي ڪيو ۽ هو هاڻ پنهنجن پٽن جي سوچن تي پابندي مڙهي ڪونہ پئي سگهيو. هونئن بہ هڪ تہ ڀُٽي سان سندس عشق پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ ٻيو ذوالفقار علي ڀٽي جي وڃڻ کان پوءِ بينظير جي سياست ۾ نوان نوان ليڊر جاڳي پيا هئا، جنهن ڪري اها سياست ڪيس پوري طرح سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آيس، تنهن ڪري هاڻ پنهنجن پٽن کان زوريءَ فيصلا مڃائڻ واري سگهہ سندس پوڙهي ٿي چڪي هئي، ۽ پنهنجن پٽن کان فيصلا مڃائڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪرڻ لڳو. هاڻ هن پنهنجي نوجوان اولاد جي معاملي ۾ وچٿري واٽ پي اختيار ڪئي.

ائين پئي لڳو تہ ڀُٽي خاندان جي خانداني سياست بہ ملڪي سطح تي ڪوئي چورائڻ لڳو هو جنهن ڪري پارٽيءَ ۾ اعتماد جو فقدان بہ جنم وٺي چڪو هو ۽ سنڌ ۾ اهو عام پهاڪو دهرايو پي ويو "مُئي جي ملڪيت مُئي جي پويان".

گل محمد پنهنجي پٽن واري بحث دوران بہ پنهنجي سوچ جو ائين اظهار ڪيو 'آخر هي ڪيترا ۽ ڪيستائين ڳُهندا'.

"جيستائين سنڌي سياستدان ملڪ تي حڪمرانيءَ وارو پنهنجو خيال قائم پيا رکندا." قربان چيو.

"تي سگهي ٿو ائين هجي بہ ڪٽي." گل محمد چيو. "پر آئون چوان ٿو چا اها اهڙي حقيقت سنڌ ۾ آيل موجوده ڏارين ڪي وسري ٿي وڃي تہ صدين کان سنڌ ڪي رت سان وهنجارڻ وارا تجربا ٿيندا آيا آهن، پر سنڌ ۾ سنڌين جي ڏاهپ جو سلسلو ڪُٽي نٿو. ڪهڙي صدي آهي، جنهن ۾ سنڌ پنهنجن بهادر ڏاهن جون قربانيون نہ ڏنيون آهن؟ ۽ هاڻ بہ جنهن وقت ملڪ جي بقا لاءِ سنڌ ٿيو آهي، تہ سنڌ پنهنجا سورهيہ ڪهايا آهن."

"۽ اسان اهي سرن جون قربانيون، موت ۾ قبول ڪرڻ جي هاڻ عادت ڪري ويا آهيون." قربان چيو.

"نہ ائين هرگز ناهي." پيءُ چيو. "اسان جون اهي قربانيون ملڪ جي باقي ٽن قومن جي بقا جو ضامن بڻجي چڪيون آهن. ماڻهو ڪي ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪوئي پنهنجي عقلي صلاحيت موجب ائين نٿو ڪري، تڏهن بہ اهو فطري عمل آهي، تہ هو وڻ ٻين لاءِ ٿو پوکي."

"واهہ بابا سائين واهہ. توهان جي ان جواب جو شايد ڪو ڪنهن بہ پئي وٽ جواب هجي!" قربان چوڻ لڳو. "پر آئون ايترو ضرور چوندس، تہ توهان جن لاءِ وڻ پوکڻ جي ڳالهہ پيا ڪريو اهي تہ اهڙي وڻ پوکيندڙ جي سر جا هميشہ کان واڌارا رهيا آهن. ڪنهن جي لاءِ ٿا وڻ پوکيو؟ مڃجي ڪٽي اهو پراڻو پهاڪو غلط نہ هجي، پر تبديلي بہ فطرت جو عمل آهي. پنهنجي گهر ۾ وٽي پوکي، انهيءَ جي ڇانوَ ۾ ويري نہ ويهاربا آهن. سر شاهنواز ڀٽو جيڪو وڻ پوکيو. سو ويرين وڍي ڇڏيو ۽

ذوالفقار علي ڀٽو جيڪي وڻ پوکيا، اهي ڪجھ وڌجي ويا ۽ باقي ڪي ويري وڍڻ لاءِ روز پنهنجا اوزار نوان پيا ڪن. تيئن انهن وڻن جي به وڍ چالو آهي."

"۽ جي.ايم. سيد جيڪي وڻ پوکيا، سي!؟" حافظ امين وچ ۾ قربان کي چيڙائيندي چيو.

"ها منهنجا پاءُ. جي.ايم. سيد به وڻ پوکيا." قربان جواب ڏنو. "پر سي وڻ سڀ ته ڪدڙا ڪونه نڪتا! جو تون ائين حسد وچان پيو پڇين. ها! باقي ائين آهي جو انهن مان ڪجھ ماديون وڻ ۽ ڪجھ نر نڪتا، پر سي اجا ٻُور ۾ آهن. ميوو ڪونه پچايو اٿن. ميو پچائين ته ڏسون ڪير ٿو کائي!؟"

"ڪهڙو يقين آهي انهن جو ته اهي پنهنجو ميوو پچائيندا." پيءُ چيو. "صحيح پيا چئو توهان." قربان چيو. "شايد اهو توهان انهيءَ ڪري پيا چئو جو انهن کي ڏوٽا ۽ ڏڪ هڻڻ وارا اسين پاڻ آهيون. جيئن بينظير ڀٽو جي پوکيءَ لاءِ پيا نانگن جي ٻُرن مان رستا ناهيون. ۽ اها حقيقت اسان کي وسارڻ به نه گهرجي. ته انهن نانگن جي آکيرن ۾ ڪا اسان جي سلامتي آهي. ان کان علاوه وهابيت جا پاليل جنوني طالبان ۽ سنڌ ۾ اچي رهندڙ نوان مسلمان جن کي فوجي آمرن پنهنجي سر جي پناهه لاءِ سڄي سنڌ جي باغباني پيلڻ لاءِ چوٽ ڏيئي ڇڏي آهي. تن جانورن جيئان سنڌ جي زرخيز آباديءَ جي لتاڙپي ڪئي آهي. سو ان مان يقين اهو پيو جاڳي ته هڪ دفعو وري به ڪو شاهه عنايت به اڏ ٿيڻو آهي. ۽ وري به ڪنهن بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهه اچڻي آهي. وري به صوفي عالمن جون زبانون عام قتل ٿيڻيون آهن. ان لاءِ اهڙي ڪنهن ابڙي جي ضرورت آهي. جيڪو سنڌ کي سام ڏيئي. موهن جي دڙي جي تهذيب سنڀالي. ڀٽائيءَ جي وائيءَ جي وارثي ڪري. مڪليءَ جي مالڪي ڪري! بس اهو ئي هڪڙو تاريخ جو سڌ آهي. ته سنڌ پنهنجو ڪو ڏُر ڏٽي پيدا ڪري."

۽ پوءِ ان ڏينهن اهڙي بحث دوران. قربان ۽ حافظ امين. ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ هڪ اهڙو جذباتي اختلاف ٿي پيو جو پنهنجي پيءُ جي موجودگيءَ ۾ ان جو احترام نه ڪندي ٻئي ڄڻا گهر ڇڏي وڃڻ تان هڪ ٻئي تي اُپا ٿي ويا.

ائين پي لڳو سندن اهو اختلاف. سندن شروعاتي بحثن ۾ ئي ڪٿي ڪا جُوهه وجهي لڪل هو جيڪو هاڻ پنهنجي سخت فيصلي جو نتيجو ڏيکاريندي نروار ٿيو هو.

محبت انسان ۾ آسمان جيتري گنجائش رکندي آهي. پر عشق گنجائش جهڙي ضرورت لاءِ. بزدليءَ کان سواءِ ٻيو ڪو درجو نه ڏنو آهي.

ان ڏينهن بحث بحث ۾ حافظ امين قربان کي چيو. "تنهنجو عمل ته اڄ به اهل بيتن جي اوگهڙ لاءِ اُتاولو آهي ۽ تقريرون وري صوفين جي طريقت واريون پيو ڪندو آهي."

۽ قربان جواب ۾ چيو هو "اڇي وئين نه پنهنجي غيبت واري اصليت تي ۽ ٿي پئين آخر ماڪوڙي جيترو من رکندڙ ملوا!"

بس اهي سندن هڪ ٻئي لاءِ آخري جملا هئا ۽ ٻئي ڏينهن ٻيئي ياڻر پنهنجي گهر کان غائب هئا.

سياست، مذهب ۽ عشق جي عجيب ٽڪراءُ، هڪ آباد گهر کي ائين اُجاڙيو جيئن ڪو سامونڊي طوفان ڪنهن ٻيڙياتي کي پاڻ سان ڪٽندو آهي، ته سندس واپسيءَ جو ٻڌائيندو ناهي.

حافظ امين پناڻن سان اسلامي جهاد ڪندي پي ڏساڻو ۽ قربان پنهنجي محبوبا، عدن سان ڪو پروگرام طئه ڪري، پنهنجي پراڻي رفيق، صوفي صالح محمد جي ڳوٺ هليو ويو. جتي رهي، صوفي صالح محمد سان صوفياڻي رنگ جون رهاڻيون ڪري، ان کان فيض پيو حاصل ڪندو هو ۽ پنهنجي ٻيڙياتي حال محرم دوست، ناڪئي قاسم جي هوڙي تي چڙهي، درياهه جي رستي، عدن سان ملاقاتون به پيو ڪندو هو.

---

**دنيا** ۾ ڪو ديس اُجڙندو آهي ته ان جا شهر، ڳوٺ، آباديون ۽ انسان سڀ ڄڻ ڪنهن باهه جون سڙيل پڙپانگ بنيون نظر ايندون آهن.

سنڌ به سڄي ائين اُجڙيل هئي، ۽ گل محمد جو گهر انهيءَ اُجاڙ جو اهڃاڻ هو.

اُجڙيل ديس جو عشق ۽ غلام محبوبائن جون محبتون، شايد ان کان وڌ ڪاري قيامت ڪا به نه هجي، جنهن ۾ انسان کي پنهنجي گناهه، ثواب واري ساڄاهه به آباد نظر نه ايندي آهي.

سنڌ جي خوشحالي، سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌ کي نصيب ئي نه ٿي آهي. هاڻ به اُها ساڳي حالت هئي. عمرڪوٽ جهڙا سنڌ جا تاريخي عجائب گهر به سرڪاري ايجنسين جون آفيسون بڻجڻ لڳيون هيون ۽ ڏوتين کي ته جهڙي ڏيهه نيڪالي مليل هئي!

سنڌ جو وڻجارو سرڪاري ستائش سبب پنهنجون ٻيڙيون به وڪڻڻ لڳو هو.

گهاتوئن جا ته گهر به سگها ڪونه هئا، ڪاهوڙين ۾ به ڪوٽ اچي ويئي هئي.

ڪونجن جون قطارون، سرڪاري آهيڙين جي شڪار جو شوق ٻڌجي پيون هيون. هنج ويچارا ٻگن ۾ منهن لڪائڻ لڳا هئا.

سرڪاري سرپرستيءَ ۾ ساهه ڪٽندڙ کان علاوه، باقي هر جاندار جي مٿي تي موت رکيو هو!

لاهوتين جو بہ شاهہ لطيف سان جڙ ڪو آخري سفر هو. سسئي پنهون جي محبت واري جاگرافي پنهنجا نقشا بدلائڻ لڳي هئي سرڪاري عملدار اهي جبل جهوري ڪارو ناڻو ڪمائي رهيا هئا. جنهن تان سسئي سيني پر سُري، عشق کي اعليٰ ڪيو هو!

سنڌ جي درگاهن تي، دعا، ڌاڳا ڏيندڙ خليفا، درگاهن جي تجوڙين تي ويهڻ لڳا. فيض لاءِ ايندڙ سهاڳڻيون، پنهنجي سونهن کان پريشان ٿيڻ لڳيون هيون!

سهڻيءَ وارو درياهہ صديون اڳ سڪائي سندس سجاڻپ ئي وڃائي ويئي هئي، پر هاڻ قربان ۽ عدن جي عشق وارو سنڌو درياهہ سڪائڻ وارن جا ارادا بہ اگهاڙا ٿي پيا هئا!

بک تہ سنڌ صدين کان سهندي آئي هئي، پر هاڻ ڪيس بک سان گڏ اُڃ واري عادت بہ سيکاري پي ويئي!

1971ع کان نئون ملڪ اڏيندڙ سياست ڪي، ملڪ جو جيئڻ مرڻ سنڌ ۾ ئي نظر پي آيو ۽ سنڌ جو ساهہ پساهہ رت پت ۾ هڏ گُڏ سڀ ملڪ جي جيئاپي لاءِ جڻ خير ڪڍيو پي ويو. افغاني آفيم جي واپار سان، منافعي لاءِ، ماڻهو مار جنگيون ڪندڙ آمريڪا جي راهہ گذر لاءِ، ملڪ سڄو ان کي جڻ تہ مقاطعي ۾ ڏنو ويو هو.

سنڌ جا قومي قبيلا، سردارن جي حوالي ڪيا ويا. جن جرڳن جي شڪل ٺاهي، فيصلن ۾ انصاف کي واپار پي بڻايو ۽ ماڻهو ڪرايي تي قتل ٿيڻ لڳا هئا.

بيگناهہ قتل جو عيوضو پئسن جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳو. ائين انساني نسل ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو پي ويو.

افغانستان ۾ آفيم جي آباديءَ تان ويڙهہ ڪندڙ آمريڪا ۽ طالبان وڙهندي پاڪستان ۾ اچي، سندن جنگي جنون خودڪش بمبار واري شڪل ٺاهي ورتي هئي ۽ نصيب جو محتاج ملڪ، وري بہ هڪ فوجي جنرل جي حڪمرانيءَ هيٺ اچي ويو. جيڪو ڊالرن جي آڇ ۾ ماڻهو جي موت جو سوداگر بڻجي پيو هو.

بلوچستان صوبي کي، باغيءَ جو نالو ڏيئي، اڪبر بگٽي جهڙا سياسي اڳواڻ قتل ڪيا پي ويا.

سرحد صوبي ۾ انساني سسين جو لابارو عام شروع ڪيو ويو هو. پنجاب صوبو، پنهنجي سر بچائڻ خاطر ۽ طالبان وٽ نياهڻ لاءِ آني واري ڪُڪڙ وانگر، لِڪڻ واريون جايون پي ڳوليون!

۽ سنڌ، جيئي ڀٽو جي نعرن سان، بينظير ڀٽو کي وطن واپس اچڻ جي دعوت پي ڏني ۽ بينظير ڀٽو برطانيا کان دبئي ۽ دبئيءَ کان سعودي عرب ۾ پنجاب رجعت پرست سياست کي پاڻ سان گڏائي، پنهنجي جمهوري سياسي سگهہ پي وڃائي، جيڪا سندس والد ذوالفقار علي واري جڙ ساڳي غلطي پي ڪيائين. ڏسڻ وارن ڏنو ويني، تہ طالبان ۽ ملڪ جي رجعت پرست استبلشمينٽ پڻ هڪ ٻئي لاءِ ساهہ ۽ ڦڦڙن جي مثال ٻڌيل هئا ۽ وچ ۾ ملڪ جو جنرل حڪمران

سندن وعده معاف گواهه بڻيل هو جنهن جو تسلسل افغانستان ۾ 1979ع واري روس خلاف، آمريڪا جي ڊگهي جنگ، جنهن جنگ جو ڪل خرچو آمريڪا افغانستان جي آفيم واري آباديءَ مان حاصل پي ڪيو جيڪو بعد ۾ جنگي سردارن جي نگرانيءَ ۾، آفيم جي آبادي حاصل ڪندڙ ڊرگ ڊيلر ۽ هيروئن جا اسمگلر، طالبان سان پنهنجا واسطا جوڙي رکندڙ هئا، انهن افغانستان جي ان آفيمي سياست کي واپار ۾ تقسيم ڪري، پاڪستاني جرنلن کي خريد ڪيو. جنهن جي سرپرستي هاڻ وقتي جرنل حڪمران جي بڌائي پي ويئي. تنهن ملڪ ۾ طالبان لاءِ آماجگاهه بڻائي، پنهنجي حاڪميت کي طول ڏيڻ لاءِ، ماڻهو ماريو ۽ حڪومت ڪريو، واري پاليسي اختيار ڪري، ملڪ ۾ مذهبي جنون کي آزاد اختيار ڏيئي، سياستدانن کي قتل ڪرڻ جو پروانو ڏيئي ڇڏيو جنهن ۾ بينظير ڀٽو سندن خاص ٽارگيٽ تي هئي، پر اوستائين ڀڇڻ لاءِ ماحول ناهڻ خاطر، مسجدن ۾ شيطان ۽ موت، مُلن جي زد ۾ اچي ويا هئا. سياسي اعتماد کي اسيمبلين مان اغوا ڪري فوجي آمرن جي يتيم خانن ۾ ويهاريو ويو. قانون کي ڏيهه نيڪالي ڏيئي، انصاف کي دفن ڪري، ڏيهه جنوني ڌوهارين جي حوالي ڪيو ويو.

چورن، لُٽيرن، وڏيرن ۽ ڀاتاريدارن کي ادارن جي اڳواٽي ڏني ويئي.

يارت ۽ افغانستان مان لڏي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيندڙ اهي وطن فروش مهاجر، جيڪي پنهنجي وطن سان بيوفائي ڪري پاڪستان آيا، تہ سنڌ ۾ مستقل آباد ڪيا ويا هئا.

تاريخ شاهد رهي آهي تہ هند ۽ عرب کان وٺي ڪ مشهور وطن فروش ۽ غدار قومون، دنيا ۾ اجا پيدا ناهن ٿيون. انهن وطن فروش مهاجرن کي، ترخانن جيان، سنڌ جا فاتح مڃائڻ لاءِ ڪين استعمال پي ڪيو ويو.

۽ سنڌي سماج پنهنجي مادي سماج کان وٺي ڪ روحاني سماج ۾ رهي، پنهنجي مادي وجود کي موت سان پي وهنجاريو!

1947ع کان اڳ ۾ الائي ڪيترا تہ سنڌي بہ وطن فروش هئا، جيڪي سنڌ تي انگريزن جي تسلط جا حامي هئا. 47ع کان پوءِ انهن دغا باز وطن فروشن ۾ فوجي جنرلن جي معرفت واڌارو پي ٿيو.

---

**قربان** جي سوچ اهڙن تاريخي حالاتن تان گهمندي، سنڌ جي حالتن تي اچي، تصوف جي اونهي ساگر ۾ گم ٿي ويندي هئي. سندس مجازي عشق جون اکيون ننڊ نه ڪنديون هيون، جن ڏٺو ۽ سوچيو پي، ته ڪيترائي فرهاد ۽ مجنا نامراد ۽ دل شڪسته ٿي مري ويا پر عشق ته اهڙي مراد آهي، جنهن جو موت ناممڪن آهي، پر نااهل ۽ نادانن جي دل ۾ عشق آباد نٿو رهي سگهي. حضرت موسيٰ عه جي زماني ۾، فرعون پنهنجي فڪر جي سُڪي درياهه ۾ ٻڏندي، ”انا ربکم الاعليٰ“ چئي وقت اڳيان پاڻ کي نادانيءَ سان مارايو هو.

بينظير ڀٽو به پنهنجو اباڻو نعرو، ”ماني، ڪپڙو ۽ اجهو“ ساڻ کڻي، وطن واپس اچي، هاڻ انسان دشمن، وطن فروشن جي گهيري ۾، سياست سان گڏ جڙ پنهنجي زندگيءَ جا به ڏينهن پي ڳڻيا. ۽ سڄي سنڌ هن سياسي رنگ ۾ رڱي چڙهي هئي. قربان ۽ صوفي صالح محمد جي پاڻ ۾ محفل به اهڙي ئي ڪنهن سياسي سوال سان شروع ٿي ۽ پوءِ، ”الله اوري ڇڏيائون، پنڌ پراهين پيا“ واري مڪان جي منزل به شايد اورانگهي ويا. هر مڪان ۽ مئخاني ۾ معاملي جي شروعات هميشه قربان ئي ڪندو هو ۽ صوفي صالح محمد کان به هن سياست بابت پڇندي پنهنجي شروعات ڪئي، ”سنڌ ۾ سياست ڇا، ماڻهن کي سمجهه ۾ ڪونه آئي آهي، ڇا اهڙي سياست کي ڇئجي ۽ ڇا اهڙي قوم کي ڇئجي!؟“. قربان پڇيو.

”جي سياست ۾ وجوديت آهي، ته سياست عبادت، سخاوت ۽ هدايت آهي ۽ جي سياست ۾ شهُوديت آهي، ته سياست نحُوست، نفاق ۽ عداوت آهي... قربان فقير دنيا تمام تڪڙي ڊوڙ ۾ آهي، جيڪي قومون ان ڊوڙ ۾ رهجي ٿيون وڃن، اهي بس رڳو فنا واري موت لاءِ رهجي ونديون آهن. جڏهن زرعي آباديءَ ۾ قحط ايندو آهي، ته زمين ۾ ڇٽيل اَن زمين کائي ويندي آهي ۽ جڏهن قومن جي ذهنن ۾ ڏڪار ايندو آهي، ته ماڻهو پنهنجون سوچون پنهنجن ئي ذهنن کي ڪارائي غلام ٿي ويندا آهن. اسان جنهن رياست ۾ رهون پيا، ان ۾ سياست جو نتيجو ئي ناهي ۽ جيڪي نتيجا آهن، سي بس انساني قتل جي صورت ۾ آهن. جتي پئسي ڪمائڻ لاءِ سياست ڪئي وڃي، اتي ماڻهو جو رت ئي وهندو!“

صوفي صالح محمد کي پنهنجي جواب ۾ مطمئن ڏسي، قربان ڪيس وري ٻيو سوال ڪيو، ”اسان جو عام ماڻهو، تصوف کي پوري طرح ڪونه ٿو سمجهي، ان کي جيڪڏهن عام فهم ۾ بيان ڪريون، ته ڪيئن ٿو ان کي بيان ڪري سگهجي؟“

صوفي صالح محمد مسڪرائيندي چيو ”قربان فقير، محبت ته اونداهي ۽ روشنيءَ جي وچ ۾ اهو وقت آهي، جنهن ۾ دعا ۽ بددعا جو وجود ئي نه هوندو آهي. جڏهن تصوف جي ڳالهه ٿا ڪريون، ته تصوف محبتي خيالن جو هڪ اهڙو ميلو آهي، جنهن جي بدذوقي ۽ بدسلوڪي مان پاڻ بچائي ثابت نڪري ايندڙ اهو ميلو ته خود پاڻ مچائيندڙ هوندو آهي. باقي دنيا ته سندس ان ميلي جي رونق ۾ تماشو بڻيل هوندي آهي. تماشبين کي ڪهڙي خبر ته، ميلي جو مور ڪيتري خدائي جو خريدار آهي، پر شايد اها ٻولي به عام کان مٿانهين آهي. بس صاف لفظن ۾ اسان هيئن چونداسين ته، خودي ۽ بي خودي کي طلاق ڏيڻ تصوف آهي!“

”اڇا ان ۾ محبت جو درجو محبت جو رتبو...!؟“ قربان پڇيو.

محبت هڪ رسدار ميوي جو اُهو ٻج آهي، جيڪو جيستائين جيئرو آهي ته اڪيلو آهي، پر جڏهن زمين ۾ اڇلايو وڃي ٿو ته اتي مري وري جيئرو ٿئي ٿو ۽ پوءِ ان ۾ وڌيڪ گهڻائيءَ واري ڪثرت ايندي آهي. ائين محبت بقا ۽ دارالامان آهي ۽ ڪل انسانيت لاءِ دارالامارت آهي!

”محبت دنيا جي هر سزا کان بالاتر ۽ ناحق کان نجات آهي- انسان محبت ۾ پائمال ٿي انسانيت کي بقا ۽ حيات جاوداني مهيا ڪري ٿو - مثلن جيئن گهٽو ۽ تازو گاهه ڳئون جي خير کي وڌيڪ گهٽو ۽ منو ڪري، ائين محبت ۾ مجاز ماڻهو جي اندر وارين اکين جي نظر وڌائي ٿو- سوچن کي صحت بخشي ٿو – عقل جا بند دروازا سڀ کولي ٿو - هڪڙي ڳالهه تي ڪجهه ماڻهن کي حيراني تڏهن وٺندي آهي، جڏهن عشق مجاز ۾، محبوب جي اکين ۾ الله ڳالهائيندو آهي.!“

”قربان بابا، محبت ته ڏاچيءَ جي نڪ ۾ پيل سوراخ واري اها رسي آهي، جيڪا عشق جي هٿ وس هوندي آهي، ۽ عشق آزاديءَ سان ان جي مسافت مڪمل ڪندو آهي ۽ عشق اُها آزادي آهي، جنهن ۾ حجابن واري مذهب جا سڀ رُڪن رد ٿي وڃن ٿا!“

”ها! اها حقيقت آهي ته، مجازي محبوب، حقيقي محبوب جو گهر هوندو آهي“. قربان چوڻ لڳو ”پر توهان سويل هڪ نئون خيال ٻڌايو ته، روشني ۽ اونداهيءَ جي وچ وارو وقت اهو ڪيئن، اسان ان کي ڪيئن ڄاڻون، ڪهڙي شڪل ۾...!؟“

”ها! توهان شايد اهو خيال ڏيان سان نه ٻڌو“. صوفي چوڻ لڳو ”ان جو خلاصو هيئن بيان ڪيم ته اونداهي ۽ روشنيءَ جي وچ ۾ اهو وقت، محبت آهي، ۽ اهو زندگيءَ جو سجايو وقت آهي، جيڪو هلندو رهي ٿو ۽ ڪنهن جو نه محتاج آهي ۽ نه ڪنهن جو انتظار ڪري ٿو. زمانو ان وقت جي تاريخ مڪمل ڪندڙ آهي، جيڪو انهيءَ وقت جو اکين ڏٺو شاهد آهي ۽ وقت جي پوبان پويان ايندڙ آهي، جنهن سان وقت ڳالهائي به ٿو. جڏهن اسان تسليم ڪريون ته وقت زندگي آهي، تڏهن ان کي گونگو ته چئي نٿو سگهجي. ها! البت جيڪو وقت سان نٿو ڳالهائي، ان لاءِ وقت سان ڳالهائيندڙ چئي ڇڏيو ته.

”جو دم غافل, سو دم ڪافر“ (سچل)

”معاف ڪجو! ... اچا بہ... منهنجي من ۾ ڪجھ رهجي ٿو شايد... ها! وقت جي آواز جي سڃاڻپ...!؟“ قربان چيو.

”وقت هر ساھ واري جي اندر موجود آهي“. صوفي صالح محمد چوڻ لڳو ”جيئن اکين ۾ نظر ـ ۽ اهو آواز اشارن ۽ نظرن جي معرفت نڪرندو آهي ۽ اهو تڏهن ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن ڪوئي پنهنجي محبوب جي جدائيءَ ۾ هوندو آهي، پر اسان هتي ماڻهپي جي ڳالھ پيا ڪريون. ائين وقت جو آواز سمجھ ۾ تڏهن ايندو آهي، جڏهن ماڻهو پاڻ کي وساري، خود کان الڳ ٿيندو آهي. يعني ائين بلڪل جيئن پهرين اڳ مون چيو تہ، خودي ۽ بي خودي کي طلاق ڏيڻ.“ هن قد پنهنجو اندر جهُڪائيندي ۽ ساھ روڪيندي چيو ”پر اهو ياد رهي تہ، اهو هڪ خيال آهي – خيال جيستائين دماغ ۾ نظرن سان گڏيل آهي، تہ اهو يقين آهي، تہ خير آهي، پر جڏهن نظرن جي ذريعي دماغ مان ٻاهر نڪري ٿو تہ ان جي نتيجن جي خبر ضرور پوي ٿي، پر اهو يقين ضروري ناهي، تہ عام ان کي مڃي، سمجھي ۽ قبول بہ ڪري!“

قربان پنهنجو ساڄو هٿ وات تي ۽ ٺونٺ پنهنجي سٽر تي رکي پاڻ کي ٿورو جهڪائي، صوفي صالح محمد ۾ نظرون وجهي ائين ويٺل هو جو ڄڻ پنهنجو خيال صوفي صالح محمد جي من مان ڪڍي وري ان کان ئي پڇڻ لڳو ”عام کان هتي ڪري، جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ لاءِ چئون، تہ خارجي طور انسان ۽ خدا جو پاڻ ۾ تعلق ڪهڙو آهي!؟“.

اِن تَنصرُوا الله ينصُرڪُم

”اوهين الله جي مدد ڪندا تہ الله اوهان جي مدد ڪندو“ (محمد ـ ٧)

اهڙي طرح، انسان ظاهري طور، خدا جي سلامتيءَ جو سپاهي آهي، جنهن جو سپھ سالار حضرت عشق آهي ۽ انسان سپھ گير. ۽ حضرت عشق جيڪو سپھ سالار آهي، تنهن دنيا ۾ انسان کي ڪتي غازي بڻايو تہ ڪتي شهيد! جنهن کي اسلام مسلم تو سڏي ۽ انجيل، سلامتيءَ جو فرزند ٿو چوي.

ائين انسان خدائي بادشاهت جي اصل بينڪ آهي، جنهن انسان کي بہ سلامتي عطا ڪئي“.

”اچا ان ۾ مذهب کي مڪمل پوءِ ڪيئن ڏسجي!؟“ قربان چيو.

”آسماني قانون ۽ انساني جسم جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف نہ هجي، تہ ان کي مڪمل دين چئبو آهي، پر اختلاف جي حالت ۾ عقلي، دليل موت واري حڪم تي اچي ڪُتي ٿا پون.“

”پر ان کي اسان اچا بہ واضح ۽ روشن ڪريون تہ ان جو بہ ڪو دليل آهي!؟“ قربان چيو.

”ها!... مذهب آسماني بادشاهت آهي، ۽ انسان زميني بادشاهت آهي. آسماني بادشاهه جا دليل ڏيندڙ جبرائيل آهي ۽ زميني بادشاهت جا دليل ڏيندڙ انساني عقل آهي ۽ ٻنهي جو پاڻ ۾ ملائيندڙ ۽ سندن قبلو هڪ ڪندڙ سندن عالمي امام حضرت عشق آهي.

دنيا جو ڦهريون ڳالهائيندڙ آسماني ڪتاب (آدم) انسان آهي ۽ آخري مقبول ڪتاب قرآن آهي.

پر انسان رڳو آسماني تعليم جو موضوع ناهي، ڌرتي ۽ سمنڊ به انساني علم جو عنوان آهن. آسماني علم جو آخري باب نبوت آهي، پر ڌرتي زندگيءَ جو علم آهي، ۽ سمنڊ ان جي سفر جو علم آهي.

انسان خارجي شئي آهي، ان جو اصل جوهر، ان ۾ موجود ان جو وجود آهي، جيڪو فنا ٿيڻو ناهي، يعني انسان خارجي طور تي دنيا جو هڪ زنده پاڇو آهي ۽ داخلي طور تي اڄ تائين اها جستجو آهي، جنهن جي تحقيق لاءِ دنيا جو علم اڻپوروئي آهي.“

”انسان ۽ ان جون حدون، آئون اڃا تائين الئي ڇو سمجهي مڪمل نه ڪري سگهيو آهيان؟“ قربان چيو.

”ڪائنات ۽ حاصلات – خدا ۽ ان جي ذات تي سوچڻ، انسان جو بنيادي حق آهي. صوفي هجي، ازڪي هجي، يا عيسائي هجي، ايماندار هجي يا منڪر، الحاج هجي يا ذاڪر، پنهنجي اندر جي ڪائنات ۾ هڪ دفعو هر ڪوئي گهڙي ٿو پوءِ گهٽا اتان تڪڙو ئي نڪري ٿا اڇن ۽ ڪي ٿورڙا اتي هميشه لاءِ رهجي ٿا پون. پنهنجي ڳولا ۾ سچ ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ سچي خدا تائين رسڻ جي لاءِ.“

اهو اندر وارو دروازو ازل کان کُليل آهي، ڪنهن جي لاءِ به بند ناهي. دنيا ۾ بند دروازو بس رڳو قبر جو رکيو ويو آهي، جيڪو به انسان جي ماضيءَ کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان جي حفاظت لاءِ!

ماڻهوءَ جي جيءَ ۾ جو ڪجهه آهي، ان جو اظهار ته هو سڀ جو سڀ لفظن جي شڪل ۾ نٿو ڪري ۽ پر جيڪو ان کي مڪمل طور اظهاري ٿو ته دنيا اهڙي سچ جي آزاديءَ کي جلدي قبول نٿي ڪري، انهيءَ ڪري جو اُهو اظهاريندڙ ان وقت دنيا ۾ سڀ کان متاثهون هجي ٿو ۽ سندس چوڌرد حسد جي باهه ٻاري وڃي ٿي. بس اها اهڙي حسد جي باهه ٻاريندڙن، انسان ئي پنهنجي خساري ۾ ڇيو ويو. انسان مشالچي پاڻ آهي، شاهد پاڻ ۽ مشاهد به پاڻ.

”۽ ائين سڌي ريت سان، انسان اڪثر هڪ حد ۾ رهيو آهي. سندس سوچون، نظرون وغيره سڀ دين ڌرم تائين قيد ۽ قاعدي اندر رهيون آهن. ڪجهه احڪام وقتي حاڪميت جي طرفان، ڪجهه پيغمبري پيغامن جي طرفان!

ڪيس حڪم آهي تہ هي پنهنجي سڌي نظر سان ڏسي. هيڏانهن هوڏانهن جون نظرون ڪيس غافل، غرڪوري ۽ گمراهي جو ڪارڻ ٿيون ويون آهن.

انسان آزاد آهي، اهو چوڻ دنيا ۾ انسان جي اختيار سان هڪ وڏو مذاق ۽ طعنو آهي!

انسان هن دنيا ۾ ڄڻ ابدي ضمانت تي آزاد آهي. جنهن ۾ ڪيس رڳو پنهنجي حال جي گرفتاريءَ جا اختيار مليل آهي!"

"تہ پوءِ دنيا ۾ انسان کي مليو ڇا آهي؟" قربان چيو.

"هر ماڻهو انساني زندگيءَ جي ماحول کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيئي ويندو آهي ۽ ڪجهہ جمع ڪري ويندو. جيڪو ڪجهہ نٿو ڇڏي وڃي، ان کي نہ ڪجهہ هتي مليو ۽ نہ هُتي ملندو ۽ جنهن کي ڪجهہ بہ نہ ملي، اها بدنصيبي آهي. انسان با نصيب آهي. هن کي عشق مليو آهي، حُسن مليو جيڪي سندس قيد زندگي ۽ پابند احڪامن کان نجات ڏياريندڙ آهن. پوءِ بہ اگر ڪوئي چوي تہ ڪجهہ نہ مليو آهي، تہ اِهو اُهو ڪوڙ آهي، جنهن تي ڌرم ۽ ايمان ڪراهت ڪندا آهن ۽ دنيا ان تي پنهنجي نظر جي هڪ گهڙي بہ وقف نہ ڪندي آهي. ڪفن تہ انهن کي بہ ملندو، ڪانڌي تہ انهن لاءِ بہ اچن ٿا. پر نظرن ۽ دلين جي تاريخ ۾ اهي ٻارون واري باندر جو اولاد ٿي رهجي وڃن ٿا."

جيڪڏهن اسان زندگيءَ کي، ڪنهن انتظار جو تسلسل چئون، تہ ڇا ان کي صرف موت ٿي چئي سگهجي ٿو يا منهنجي سوچ ۾ ڪا غلطي آهي؟" قربان چيو.

"اصل ۾ سوچ ۾ غلطي نہ هوندي آهي، بلڪ غلطيءَ ۾ سوچ هوندي آهي. انسان کي غلط پيدا ڪونہ ڪيو ويو آهي. آدم کي مڪمل ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. غلطي آدم ۾ ناهي، آدم کي غلطيءَ ۾ ڇيو ويو جيڪو زندگيءَ جهڙي انعام کان پوءِ بہ موت جي انتظار واري غلطي پڪڙي پنهنجي باغِ عدن واري گهر لاءِ روئڻ لڳو ۽ پنهنجي ممات کي وساري ويٺو. ممات ٻئي جنم جو انتظار آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجي هر عضوي کي ڳالهائيندي ٻڌندو ۽ هر عضوو سندس مڪمل آدميت تي ڳالهائيندو.

ممتاز اها زندگي آهي، جنهن ۾ انسان حسين حلاج واري ڪيفيت اختياري ڪري، حسين ابن علي وارو آخري سجدو ڪن ٿا ۽ پنهنجي وجود کي خدا جي وجود کان الڳ نٿا مڃن. ائين حيات ۽ ممات جي وچ ۾ موت جو انتظار فنا ٿي ٿو وڃي."

"انهيءَ معاملي ۾ جيڪڏهن وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ٻنهي کان راءِ ورتي وڃي، تہ ڇا سندن مؤقف ۾ فرق اچي سگهي ٿو؟" قربان چيو.

"انهيءَ لاءِ ان کي تون پاڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪج". صوفي صالح محمد انهيءَ سوال ۾ خود کي آزاد رکندي چيو. "آئون بس ائين چوندس تہ اهلِ شهود جون نظرون خار جي دائري جي

حد ۾ گھمن ٿيون ۽ اهلِ وجود، خار جي دائري سان گڏ داخلي محور ۾ آزاد نظرن سان، اهو سڀ ڪجهه ڏسي ٿو جيئين آدم کي خدا جي صورت ۾ تخليق ڪيو ويو.

”اهلِ شهود جو يقين بس رڳو دين جي دامن سان سبيل آهي، جنهن کي اهلِ وجود ئي سڀ سوگهيو ڪيو آهي، نه ته اهلِ شهود ناڪارا ۽ نادان عملن جي روڪ ۾ حسد ۽ ساڙ جهڙا هٿيار استعمال ڪري تضاد ۽ فساد جا اڻتا دريا وهائيندڙ آهي، جنهن ۾ فتني باز خيالن کي جڻ پر لڳي ويندا آهن، جيڪي هڪ ذهن کان ٻئي ذهن تائين تيز رفتاريءَ سان پاڻ ئي پاڻ ڊوڙندا رهندا آهن ۽ انهيءَ رفتار ۾ پنهنجي پسند واري حد کان ٻاهر هليا ويندا آهن ۽ اسرار جا راز، تفسير، فقه، حديث، فلسفو ۽ علم الڪلام جي اهم نقطن تان نظرون گُسائي مذهبن جي تقابلي مطالعي کان محروم رهجي ٿا وڃن ۽ هي مرد ۽ عورت جي عشق مان ماڻهن کي خفا ڪندڙ آهي. جڏهن ته ٻنهي جي وچ ۾ خدا موجود آهي، پر ڪيس اهو ياد نٿو رهي ۽ عورت سان عشق فتني بازي ۽ ان سان محبت کي آتشي تصور ڏيندڙ آهي.

توڙي جو اهو تسليم شده آهي ته، محبت جي راهه مسافريءَ ۾ ڪنهن تئين کي رفيق بڻائڻ، اهو ائين آهي جيئن موت ۾ پائيواري رکڻ! زمانيي ۾ ائين نه ڪڏهن ٿيو آهي، نه ٿيندو آهي.

”محبت واري شراب جو ته هڪ ڍڪ به ماڻهو جي دل ڏاهڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي، جنهن کي اهلِ شهود وبجهوئي نٿو وڃي.

جنگين جي فتح انسان جي قتل عام سان ٿئي ٿي، پر زندگيءَ جي عظيم فتح، محبت سان زنده رهڻ ۾ آهي، پر اهلِ شهود ان کي آتشي نظرن جو بدبودار خيال سمجهيو. هن تحت الثريٰ، پاتال کان هيٺ وارو حصو ۽ تحت الارض، زمين جو هيٺيون حصو — ان جي علم کي پنهنجي سمجهه ۾ پوري طرح نه آندو آهي.“

”۽ محبت ۽ دوزخ کي توهان ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟“

”دوزخ عقل وارن جي جاءِ ڪونهي ۽ عقل انسان جو ميراث آهي. انسان تنگن ۽ پيرن سان عالمگير عقل تي پيدا ڪيو ويو ۽ دل، عقل جو نظر آهي ۽ نظر نور آهي ۽ نور عشق جي معرفت آهي. اهڙو عقل ئي ماڻهو جو ڪامل رهبر آهي، جنهن جي رهبريءَ ۾ جيئن ڪائنات جا جسم گردش ڪن ٿا، ائين انسان جڏهن پنهنجي وجود جو طواف ڪري، پنهنجو جوهر ليي ٿو اهو ئي بهشت آهي.“

”۽ ان جو علم...؟“ قربان چيو.

”علمِ اِلاهي نزول آهي ۽ انساني ساڃاهه ان جي سڃاڻپ آهي. ان جي ڄاڻ انسان کي نه پوي ته، اهو ان علم جو موت آهي ۽ علم اهڙو موت انسان لاءِ دوزخ آهي. تو تاريخ ۾ پڙهيو هوندو ته

دوزخ مان باھہ چورائيندڙ يوناني ديوتا کي زنجيرن سان ٻڌي لٽڪايو ويو هو. اهڙو لٽڪاءُ انسان جي لاعلمي آهي!“

”عشق جي سماج ۾، مذهب ۽ عشق ۾ تضاد وارو عام فهم ڪيئن پيدا ٿيو؟!“

”نہ تضاد ڪو بہ ناهي. بس هڪڙي راهہ ۽ بہ مسافر آهن. اصل ۾ انسان پنهنجي وبائي عقل جي ماحول ۾، سڪون جو پرستار آهي، جنهن ۾ مذهبي ماڻهو مذهبي احڪامن تي عمل ڪري، پنهنجي لاءِ عارضي سڪون گڏ ڪن ٿا، پر صوفي پنهنجي خدا جي حاصلات کان سواءِ سڪون محسوس نہ ڪندو آهي. هو سڄي عمر سورن ۾ رهي بہ، هميشہ جي سڪون جو متلاشي آهي، جيڪو پنهنجي وجود جي پرک کان پوءِ حاصل ٿئي ٿو ۽ اهو هڪ ڏينهن وارو سڪون، سؤ سالن واري عارضي سڪون کان وڏيڪ آهي.

ڪوئي بہ مذهبي عقل، ابدي سڪون جو گهٽ ۽ عارضي راحت جو وڌيڪ موالي هوندو آهي، پر پنهنجي عقلي صلاحيت کان اڳتي ويندڙ هميشہ جي نجات حاصل ڪري ٿو جيڪا انسان دوست کان الڳ پنهنجو جيون ماڻي نٿي سگهي.

ماڻهوءَ جي ڪل صلاحيت کان اڳتي معرفت جي واٽ آهي. جيڪا ماڻهوءَ کي پنهنجي عقلي صلاحيت جي اوڄ کان پوءِ پنهنجي حاصلات لاءِ، پاڻ ڏانهن سڏيندي آهي، پر اهو سڏ بنا عشق جي، ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي، جنهن سبب ڪيترائي راهہ رُلي ٿا پون ۽ پاڻ سڃاڻڻ واري واٽ وڃائي، ڪي مصنوعي نشي جا موالي ٿي ٿا وڃن تہ ڪي مسجدن جا متولي بڻجو وڃن، تہ ڪي وري، بس رڳو مزارن جا مريد سڏائين.“

”ائين تہ پوءِ اسان جو سوال وري اسان ڏانهن واپس ٿو اچي تہ، انسان خساري ۾ آهي؟!“ قربان چيو.

”انسان! جنهن کي اسان انسان چئون ٿا، سو جيڪڏهن مڪمل خساري ۾ هجي ها تہ ڌرتيءَ جو زمانو ساڍا چار ارب چيو وڃي ٿو. سمنڊ جو زمانو پنجاهہ ڪروڙ سال بہ چيو ويو آهي. لڳ ڀڳ ساڍا چار لک سال نوح نبيءَ جي طوفان تائين چيا وڃن ٿا. ڌرتيءَ تي حياتي سٺ ڪروڙ سال اڳ چئي وڃي ٿي ۽ انسان ويھہ لک سال اڳ آباد چيو وڃي ٿو ۽ اهو اڄ تائين آباد آهي، تہ پوءِ ان جو خسارو ايتري عرصي ۾ ڪيڏانهن ويو.

انسان تہ ننڊ، سپنو سڃاڳي ۽ الهامي جو گڏيل هڪ زندهہ مجسمو آهي.

ها! البت ائين چئون تہ سپنن کان خالي ننڊ، نامڪمل ماڻهوءَ کي ايندي آهي ۽ الهام کان محروم ماڻهو سڃاڳ نٿو چئي سگهجي، ۽ ائين بہ چئي سگهون ٿا تہ، انسان پنهنجي پيٽ جي باھہ وسائڻ خاطر، هٿيار ايجاد ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ هٿيار سان ئي پنهنجو پيٽ بہ ڪپندو آيو آهي، پر ان سان گڏ هر ماڻهو سان گڏ اها خواهش بہ رهي آهي، تہ موت کان اڳ، هو پنهنجي خدا سان بہ

ملي. توڻي جو آخري ڪتاب ۽ آخري نبي کان پوءِ خدا پنهنجي بندي سان ڪنهن طرح سڌي ريت ڳالهائڻ منتقل ڪري ڇڏيو ليڪن انسان پنهنجي خدا پرست جستجو بند نه ڪئي ۽ خدا پرست ٿي پي رهيو آهي ۽ خدا پرستي يا خدا دوستيءَ جي مراد آهي، انسان دوست رهڻ، جنهن کي خسارو چئي نٿا سگهون. ها! باقي مذهبي نقط نگاهه کان، انسان کي جنهن خساري ۾ چيو ويو آهي، اهو پنهنجي خالق کان غير واقف رهڻ وارو خسارو ئي آهي. پنهنجي وجود کان اڻڄاڻ ۽ غافل رهڻ، ان کان وڏيڪ وڏو دنيا ۾ نقصان ٻيو آهي ڪونه."

۽ پوءِ قربان ڪا نئين ڳالهه ڪري، ان کان اڳ ۾ هو بنا ڪنهن وقفي جي پنهنجي گفتگو جاري رکندي چوڻ لڳو "انسان اڪيلو پيدا ٿيو ان کي اڄ به ڪڏهن، ڪڏهن اڪيلو چئي سگهجي ٿو ۽ تيستائين اڪيلو رهي ٿو جيستائين منجهس انسان دوست واري تهذيبي تخليق پيدا نٿي ٿئي.

اهو ته هاڻ عام به سمجهي ٿو ته انسان جڏهن عقل ۾ آيو ته پهرين هن ۾ خوف جي تصور جنم ورتو ۽ پاڻ کي اڪيلو ۽ ڪمزور معلوم ڪندي هن انساني تهذيب کي جنم ڏنو. ائين پوءِ گڏيل حاصلات سان سندس باقي سڀ خوف ختم ٿيڻ جي ڪيس اميد هئي. اڄ به ان حالت ۾ آهي. اڪيلائي، ڪنهن اڻ ڏٺي خوف سبب سندس وجود وڌيندي آهي، پر تهذيبي تخليق مان دوستيءَ واري تعلق جنم ورتو جنهن جي ذريعي هن پنهنجي اک (نظر) سان خدا کي لڌو ۽ وات (آواز) مان مختلف ڌرم جي وات لڌي. بس نظر ئي آهي، جيڪا حق، سچ کي صحيح سڃاڻي ٿي، پر وات، ماڻهن کي واتن ۾ منجهائي وڌو آهي.

"انسان جيڪڏهن پاڻ کي ڏسي ٿو پاڻ کي محسوسات ۾ ليي ٿو ۽ پاڻ کي سمجهي ٿو ته معنيٰ خدا کي روز ڏسي ٿو محسوس به ڪري ٿو. روز پنهنجي خدا کي سمجهي ٿو پر پوءِ به سندس اها روز خدا جي ڳولا واري جستجو. پنهنجي شڪل کان الڳ ڪنهن خاص شڪل ۾ ڏسڻ واري خواهش ۾، روز خود کي وساري ڇڏي ٿو ۽ اهو هن جو جڻ ڪو هڪ نفسياتي، پنهنجو پاڻ سان ضد آهي.

زمانو ته هن کي، خدا نه ڏسڻ وارو مهڻو ته ڪونه ٿو ڏئي، پر هي پنهنجو پاڻ کي مهڻي هاب ڀڻائي وينو آهي. جيئن ننڍڙو ٻار پنهنجي مائٽ جي دڙڪي کان ڊڄي ٿو ائين انسان پنهنجي بالغاڻي بادشاهي دوران پنهنجي ضد جي خوف ۾ رهي ٿو ۽ بهتر فيصلي کان زندگيءَ کي محروم رکي ٿو.

زماني جي ناانصافي، سندس سوچن ۾ بکيڙو پيدا ڪري، ڪيس انسان دوستيءَ جي راهه ڏانهن موڙي ٿي ۽ انصاف، انسان دوستيءَ ۾ ائين رهي ٿو جيئن ٻج زمين ۾ ضايع ٿيڻ جي بجاءِ زنده ٿي اپرندو آهي ۽ زماني کي پنهنجو رسدار ميوو مهيا ڪندو آهي. ان رسدار ميوي واري وڻ کي صوفي

ازم بہ چئي سگهون ٿا. ۽ صوفيءَ جو ڪنهن فرقي، مذهب سان ڪوبہ ڦڏو يا اختلاف ناهي. دنيا ۾ جيڪي بہ ڌرم جڙيا، انهن جو انسانيت سان اختلاف رهيو آهي. انهيءَ ڪري جو هر ڌرم کي ضرورت وڏيڪ بس رڳو انسان جي رهي آهي، تنهن ڪري ان کي، سندس چونڊيل ڌرمي بينڪ کي غلط چئي، ان کي پاڻ ڏانهن سڏي، ڪيس پنهنجي فرقي ۾ رهائڻ، گڏائڻ سان ان کي درست ٿو سمجهي“.

”اسان ٿورو ڪجھ ان تي اڳ ۾ بہ ڳالهائي آيا آهيون، تہ عام طور تي چيو وڃي ٿو تہ، آدم هيئڻ پيدا ٿيو آدم هوئڻ پيدا ٿيو آدم آزاد پيدا ٿيو پر آئون تہ اڄ بہ ان حقيقت تي گهٽو بيٺل آهيان تہ انسان مرده پيدا ٿئي ٿو. جڏهن محبت ڪري ٿو تڏهن زنده ٿئي ٿو ۽ پوءِ خود کي محبت ۾ پوکي، خود کي ئي لُٽي ٿو. اسان انگور پوکي، اهو الڪو هرگز نہ ڪنداسين تہ انب موروندو!

حضرت آدم جي رهبري بہ تہ عشق، محبت ڪئي. اهو ڪير دل جهلي نٿو ٻڌائي تہ عشق اڳ هو يا خدا، پر خدا عشق جي رضا سان ’ڪُن‘ چئي هيءَ دنيا خلقي، تڏهن اهو ضروري ٿيو تہ آدم ڪان اڳ خدا هو ۽ خدا ڪان اڳ ڪنهن ڪجھ نہ ڏٺو ۽ خدا ڪانپوءِ اُهو سڀ ڪجھ آهي جنهن کي اڄ تائين ڪير بہ مڪمل ڪري نہ سگهيو!.“

۽ پوءِ هن ڪِلندي چيو ”پر اسان ڪُل انسان کي هڪڙي پاسي رکي سنڌي ماڻهوءَ تي جيڪڏهن سوچيون ٿا، تہ ان جي صلاحيت ڏسي ائين لڳندو آهي تہ، زندگيءَ جي شروعات بہ هن ڪان ٿي ۽ زندگي ختم بہ هن تي ٿيندي. هي ڏاڍو عجيب لڳي ٿو دنيا ڪان نرالو لڳي ٿو. هي پنهنجي تواريخ ۾ پنهنجي عمر، ياري باشي ۾ گذاريندڙ رهيو آهي. سياست چا آهي، وطن چا آهي، جمهوريت چا آهي، آزادي چا آهي، ملڪ ۽ قانون چا آهي؟ سو ملڪ چاڻِ قانون چاڻي. ياري باشيءَ ۾ ووٽ تہ چا، سر ساهہ ۽ سڳ سياپا سڀ قربان، گهر آباد رهي يا برباد. ڪوئي آزاد رهي يا غلام رهي، مال مڏيون ۽ ملڪيتون، سڀ يار ۽ ياريءَ تان قربان. حيرت ان ڳالھ جي آهي تہ، ڪيس پوري سڄاڻپ پنهنجي سچي يار جي بہ نہ رهي آهي!

هي سنڌي انسان اهڙي محبت ۾ ئي رهيو آهي، جنهن ۾ محبوب جي ياد، دنيا ۾ جياپي لاءِ جنت پر دنيا جي اکين لاءِ جهنم رهي آهي!“

۽ پوءِ قربان کي پاڻ ڏانهن وڏيڪ متوجهہ ڪندي چوڻ لڳو ”قربان فقير! دل تي عشق جي حڪومت، هڪ اهڙي ساموندي رياست آهي، جنهن ۾ زندگي اگر جي ٻُڏي پوي ٿي، تہ سمنڊ جي تري مان اهڙا موتي ميڙي واپس اچي ٿي، جنهن جي اصل قيمت دنيا جو ڪو بہ علم لڳائي نٿو سگهي.

دل جو سماج ۽ نفس جي تهذيب، عشق جي اصولن مان، صدين ڪان خارج ٿيل آهي...!“

ليڪن قربان. جيڪو پنهنجي دنيا کان افضل نہ هو پر الڳ ضرور هو سو ان مهل صوفي صالح محمد جي ڪنهن خيال تي سوار ٿي پنهنجي سوچ ٻوڙائڻ لڳو هو. هو مئي خوديءَ جي خيال ۾ خوديءَ ۾ خدا ۽ خدا ۾ خوديءَ واري سوچ جي درياھ جو مسافر هو. هو ديوانگيءَ جي لهرن کان آجو هو ۽ سالم واري رتبي ۾ سرمست. پر مجذوب ڪيفيت واري حالت ۾ نہ هو. محبت واري سندس مئي خودي، جنهن ڪي ڪو نالو ڏجي، ان جي لاءِ سندس اهڙي حالت ڪي. سندس ڪنهن نالي جي تجويز ڪنهن دوست تہ ڇا، پر دشمن ڪي بہ سمجهہ ۾ نہ پي آئي ۽ سندس اهڙي حالت سان دشمني بہ ڪهڙي؟ بس عدن جي محبت رڳو جنهن عدن جي پيءُ رانجهي شاھ ڪي هڪ اسمگلر گينگ جي صورت ۾، سندس سر جو دشمن ڪري سامهون آندو هو جنهن هاڻ قربان جي سر ڪي ائين گُم ڪري وڃائڻ پي چاهيو جتان قربان جي سر جو وري هڪ وار بہ واپس نہ ليي.

۽ قربان ڪي ڪڏهن ڪڏهن. پنهنجو پاڻ کان پنهنجو پاڻ تائين هجڻ تي ايڏي ڪاوڙ ايندي هئي جو هي پنهنجو پاڻ ڪي سچ پچ بہ ڪٽي ماري وجهي ها. پر سندس محبوبا جا چيل ڪنهن چنيءَ ۾ هي لفظ تہ:

”خودڪشيءَ جو حق تہ اسان جهڙن جو رهيو آهي. جن زندگيءَ جون نراس راهون لتاڙينديون. راحت ڪڏهن ڏني ناهي!

توهان تہ نصيبن جا خدا ۽ محبت جو معراج رهيا آهيو.

پيار جا پيغمبر ائين ڪندا، تہ خوديءَ جي خليفن جو ڇا ٿيندو؟

پوءِ حسن جي آذان ڪير ڏيندو؟

اهي حُسن جا امامو پنهنجي محبت جا مؤذن زندھ رکو.“

پر پنهنجو پاڻ ڪي، پنهنجي ڪيفيت ۾ ماري بہ ويهندو هو تہ اهو گمان غالب ئي ڪونہ ٿيندو هئس، تہ جيئڻ چاهي ۽ مرڻ چاهي؟ ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي، پنهنجو پاڻ ڪي ڪجهہ چوندي ۽ پنهنجو پاڻ کان پي جواب ورتائين.

”خبر ناهي، خدا پنهنجي بندي کان رُسي ڇو ٿو؟ ۽ رُسوائيءَ جي حالت ۾، پوءِ خدا ٿو پرچي، يا بندو ٿو پرچي؟ هي رُسڻ پرچڻ وارو رواج، ڇا ايستائين خدائي آهي؟ جيڪا حسين حلاج کان سچل سرمست تائين واضح نظر اچي ٿي!؟ خدا پنهنجي سڃاڻپ لاءِ دنيا جوڙي، آئون بہ تہ سندس ائين سڃاڻپ آهيان!“

ائين هو مڪاشفہ ۽ الهام واري عنايت ڪي سمجهڻ تائين پاڻ ڪي وڃي پي ويو.

”ماڻهوءَ جو موت ان وقت هجي ٿو جڏهن خدا هُن ڪي چاهي ٿو پوءِ موت جو نالو خدا جي محبت ڇو نہ رکيو ويو ڇا خدا جي محبت هر بندي سان هڪ جهڙي ناهي!؟

ڪنير جا ٿاهيل ٿانوَ ته ڪنير کي سڀ پيارا هوندا آهن! ڇا خدا انسان جي ديد جو مشتاق آهي!؟

جيڪڏهن ناهي، ته پوءِ ڇو عرش عظيم تي گهرائي هن کي ساراهڻ لاءِ، احمد جو نالو ڏنائين!؟

هُو نماز کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو يا سجدي کي؟

سجدي کي.

تڏهن ته سڄي دنيا ڪنهن طرح سان ساجد به آهي، مسجود به آهي، سجدي ۾ دوست ويجها رهن ٿا.

۽ پوءِ دشمن جو قسم ڪهڙو آهي؟ گهٽا سجدا ابليس ڪيا.پوءِ به آدم انعام وٺي نبي ٿي ويو ۽ ابليس اڄ تائين اڪيلو آهي. آدم کان اڄ به، هرڪو امن جون دعائون ٿو گهري ۽ ابليس سان دوستي ته ڇا دشمني به ڪير دل سان نٿو رکي ۽ پوءِ ابليس نه هجي ها، ته آدم کي ولايت ڪنهن جي مقابلي ۾ ملي ها؟“

هن پنهنجي اهڙي سوچ ۾ ٿي، صوفي صالح محمد کان سوال پڇيو ”ڇا ابليس زنده آهي؟ ابليس فنا ڪونه ٿيندو؟“

”فنا... ڪير فنا ٿيندو موت کان پوءِ وري سڀ اٿاريا ويندا ۽ اهو ڏينهن بقا ۽ فنا جي فيصلي وارو ڏينهن هوندو جنهن کي قيامت جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي، پر مون کان ڪير پڇي، ته ان لاءِ آئون ائين چوندس ته، آسمان جي ڪل لاهيندڙئي قيامت ڪندڙ آهي.

مدعا ۽ بددعا جو مقصد ڪهڙو ڇٽبو ۽ دعا ۾ دغا، شمار ڪيئن ٿي ٿي سگهي، ائين عشق ۾ عداوت جو مثال به ڏيئي سگهون ٿا ۽ خدا، محبت مان عشق ڪيو ته قيامت به ڪري سگهي ٿو.“

”محبت...!؟“ هن سوال کي ان هڪڙي لفظ تي ئي ڇڏي ڏنو ۽ صوفي صالح محمد جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو جنهن سندس پوري جسم تي نظر وجهندي چيو ”جيڪڏهن ڪائنات رڳو وهم ۽ خيالي هجي ها، ته پوءِ اها ته بي مقصد هئي.

اسان جي حواسن جي صلاحيت، جڏهن محدود هجي ٿي، ته الائي ڪيترين حقيقتن جي موجود هوندي به، اسان کي نظر نٿيون اچن. ته پوءِ اهو چئي نٿو سگهجي، ته اسان قدرت جي سڀني حقيقتن کي سمجهڻ جي اهل آهيون.

اسان ته ان حقيقت کي به اڃا ظاهري طور ڏسي نه سگهيا آهيون. ته جڏهن اسان کي موت واقعي اچي ٿو ته نه اسان ان کي روڪي سگهون ٿا ۽ نه ڏسي سگهون ٿا! سو مجبورن اهڙي حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوي ٿو ته اسان ان هستيءَ کي، سواءِ محسوسات جي ڏسي نه سگهياسين.

ائين، ازل ۽ ابد، شروعات ۽ هميشگي، عام انسان ان جي اڳيان مجبور ۽ ان جي پويان مسرور آهي.

”زندگي بہ هڪ تسلسل تہ آهي، پر ان جي صورت بدلبي رهي ٿي. انسان خود کي هميشہ ساڳي حالت ۾ نٿو رکي سگهي، تہ ان کان وڌيڪ ڪهڙي مجبوري آهي، جيڪا انسان کي بيوس بڻائيندي هجي؟

محبت جي عمل ۾ بہ انسان ائين مجبور آهي، جنهن کي هن زندگيءَ کان بہ اتم رکيو آهي، چو تہ اهو هي سمجهي چڪو آهي تہ محبت حيات آهي، فاني ناهي!

محبت اها قيامت ناهي، جيڪا دنيا ۾ ساهوارن جي هوندي معدوم ٿي وڃي.

جيئن ڪو آواز هرطرف ڦهلجي وڃي ٿو ائين محبت انسان جي پوري جسم ۾ قائم رهي ٿي.

جيئن هترادو مشينون، اسان مختلف رفتار سان ڊوڙائيندا آهيون، ائين محبت انساني ڪيفيتن ۾ مختلف رفتار سان قائم رهي ٿي.

۽ جيئن روشني، هر انجڻ جي رفتار کان تيز آهي، ائين محبت وارو خيال، انسان جي ذهن ۾ باقي هر خيال کان تيز آهي ۽ جيئن باھ، پاڻيءَ کان سواءِ باقي هر شئي کي ساڙي ڪِر ڪري ٿي ڇڏي، ائين محبت، انسان جي ذهن کان سواءِ باقي هر ضرور رسا خيال ذهن ۾ ئي فنا ڪري ٿي ڇڏي.“

صوفي صالح محمد کي پنهنجن خيالن ئي، سندس ڪيفيت کي ايڏي ڪا لذت ڏني جو هن هاڻ پنهنجي خاموشيءَ کي جڻ پنهنجي اندر جو ڪرب پي سجهيو يا شايد ائين بہ هو تہ، هڪڙي راھ جا بہ مسافر هڪ ٻئي جي ڪيفيت ۾ داخل ٿي چڪا هئا ۽ محفل جي رنگ سندن روح کي هاڻ هڪڙي ئي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو هو تنهن ڪري ڪير ڪيترو بہ ڳالهائي پر اهو آواز هڪڙيءَ دل جو هو.

يا شايد محبت معاملو ئي اهڙو آهي، جنهن جي ڇيڙڇار سان ماڻهوءَ کي پنهنجو بہ ڇيڙو نظر نہ ايندو آهي.

صوفي صالح محمد بہ خود کي ائين ئي ڇيڙي ويٺو ”قربان فقير، گناھ جي سزا نيڪي آهي، پر بيگناهيءَ جي سزا، ڪيڏي عجيب آهي، جنهن مان اصل انسانيت جاڳي پوي ٿي.

اُهي آڱريا ئي مري ويا فقير، جيڪي محبت جي اوزارن کي پاڻي ڏيئي، انهن کي استعمال ڪرڻ بہ سيکاريندا هئا!

ماڻهوءَ جي صلاحيت مان ئي، دليري ۽ بزدليءَ جي پرک پوي ٿي، بُرائين جي طاقت سان، بهادرين کي شڪست ناهي ڏيئي سگهبي، محبت ۾ حساس ماڻهن مان، ڪجھ ماڻهو روئي رُسندا آهن ۽ ڪجھ کِلي رُسندا آهن ۽ ڪجھ ماڻهن کي رُسامي جي عادت ٿي ويندي آهي، چو تہ رُسڻ ۽ پرچڻ ۾ بہ هڪ عجيب لذت هوندي آهي. اهڙي لذت جا مريض، زندگيءَ ۾ پنهنجي لاءِ بس رڳو روڳ ئي حاصل ڪندا آهن. انهن لاءِ بس اُهو ئي سڀ ڪجھ هجي ٿو. هُو اُن کي پنهنجي محبت

جي تڪميل ئي سمجهندا آهن. پر اصل ۾ اِهو اُهو رومانس آهي، جيڪو بس رڳو روئڻ ئي سيڪاريندو آهي. اهڙي قسم جا مجازي عاشق، محبت جي دنيا کي ٽڪائيندڙ هوندا آهن. اهڙن يارن جي اهڙي حال تي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي!

”اهڙي طرح ڪجهه ماڻهو پرائي ياريءَ مان مزو وٺندا آهن ۽ خود بزدل هوندا آهن. محبت جي قربانيءَ کان خوف کائيندا آهن. بس پرائي پيار جا داستان ۽ قصا، پنهنجي زباني ٻڌائي، محبت واري لذت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر وقت انهن کي پنهنجو ڪري، قبول نه ڪندو آهي. ائين اُهي پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو!

سنڌ ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا نوجوان، جيڪي شاهه لطيف جي سورمين جي داستان مان مزو وٺندا آهن ۽ پاڻ خود محبت جي اهڙي عظيم عمل کان محروم آهن.

خدا جنهن کي، جڏهن چاهيندو آهي، ان کي انسان جي صورت سان محبت عطا ڪندو آهي، پر انسان جيڪي سوچي ٿو سو انسان وٽ ئي رهي ٿو. ماڻهو ته پنهنجي نيت ۾ لڪل آهي، ۽ ماڻهوءَ جي خواهش کي سڀي سلائي نٿو ڪري سگهجي، بلڪ سندس خواهه کي هڪ ٽاڪو به نٿو لڳي. هو نيت ۾ جيڪي چوي ٿو حاصل ڪري ٿو. پوءِ اهو ارادو انفرادي هجي يا اجتماعي – پر انسان سوچي اُهوئي ٿو جتي هن جي نيت سچي ڏينهن جي ماحول ۾ ۽ عمل جي اڳيان پويان ڌڪا کائي ٿي.

”ماڻهوءَ جي اندر ڪوئي جنون حد کان مٿي وڌي ويندو آهي، ته ماڻهوءَ مان پنهنجو ماڻهپو به هٽ ڪيڏي ويندو آهي، پر محبت جو جنون وڌي وڃڻ سان، ماڻهوءَ مان پنهنجي انا، مڪمل ختم ٿي ويندي آهي. دنيا سان عداوت ختم ڪري ڇڏيندو آهي. پنهنجي وجود جي احساس ۾ رهندي، ديوانگي به سندس حصي ۾ اچي ٿي، پر هر حالت ۾ پنهنجي ذات کان سواءِ ڪنهن کي نقصان نٿو رسائي.

حياتيءَ جي آخري گهڙين کان اڻڄاڻ ماڻهو رڳو پنهنجي عمر جا ڏينهن ڳڻيندو هجي، ته ان کان وڌيڪ بيو بيوقوف ٿي نٿو سگهي.

قربان فقير، مون کي سنڌ جو نوجوان پنهنجي مقصد ۾ الئي چو ائين لڳندو آهي، جيئن شيخ شبلي چيو هو ته لفظ لامحدود کي محدود ڪري ڇڏيندا آهن. شايد منصور حلاج تڏهن انا الحق چيو هوا!“

سندس آخري جملي، قربان کي پاڻ ڏانهن وڌيڪ متوجهه ڪري ڇڏيو ۽ قربان جي ڪيفيت جا احساس ڳالهائڻ لڳا ۽ پوءِ پنهنجن احساسن جو ئي اظهار ڪندي قربان چيو. ”منهنجي خيال ۾ شيخ شبلي ۽ بن حلاج جي دؤر ۾ انسان جي آبادي ايتري ڪانه هئي. جيترو انسان جي آبادي

واڌ ڪائيندي اچي، اوترو ئي معاملن ۾ به واڌ آئي آهي، اوتريون ئي سوچون وڌيون آهن، عقل ۽ عشق جون حدون به اوتريون هاڻ ناهن. جيتريون بن حلاج ۽ شيخ شبلي جي دؤر ۾ هيون.

اهو پهاڪو هن دؤر جو آهي ته، ”جيترا وات اوتريون ڳالهيون“ هن دؤر ۾ آباديءَ جي لحاظ سان جيترا وات آهن، عشق جي اپٽار به اوتري آهي. حسن ۾ به اوتري خوبصورت واڌ آئي آهي. ظاهر آهي ته پوءِ محبت ۾ برڪت اچڻ به فطري عمل آهي. اهو ته پورو يقين سان چئي سگهجي پيو ته، هن دؤر ۾ دنيا ظاهري طور وڌيڪ خوبصورت آهي، ته معنيٰ شيخ شبلي ۽ بن منصور واري دؤر کان، هن دؤر ۾ محبت ڪيترائي حصا وڌيڪ وڌي آهي ۽ ان ۾ اڻ ڳڻيون خوبيون شمار ٿيون آهن!

قربان ايترو چئي، جڻ خو کي مطمئن ڪرڻ خاطر، صوفي صالح محمد کان پڇيو ”ڇا اهو آئون درست پيو سوچان؟“

”توکي غلط به نٿو چئي سگهجي.“ صوفي چوڻ لڳو ”ها! البت ان حساب سان ڪجهه شيون تنهنجي فڪر ۾ هونديون به، تنهنجو ذهن شايد اظهاري نه سگهيو آهي. مثلاً، هر هڪ شئي ۾ واڌ آئي آهي، ته ظاهر آهي جهالت ۾ اڻ ڇاٽائي به، ان تناسب سان، پنهنجي واڌ واري مرحلي ۾ آئي هوندي.

قربان فقير، بزدلن جي اندر ۾ ويٺل پنهنجو دشمن نظر نه ايندو آهي، ان ڪري جو هُو ان خوف ۾ ئي مري ٿا سگهن، سو اهڙن انڌين دلين ۾ به واڌ آئي هوندي!

ڏسو دنيا ۾ هڪڙن کي محبتون ڏنيون ويندو آهن، ٻين کي رڳو ڏيکاريون ونديون آهن. محبتون ڏيڻ ۽ وٺڻ جا نتيجا ٻيا، پر ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ جا نتيجا ٻيا هوندا آهن!

دنيا ۾ ڪجهه ماڻهن محبتون رڳو ٻڌيون آهن، اهي ماڻهو به تبديل ٿيا، جن محبتون ڏٺيون. اهي انهن کان وڌيڪ تبديل ٿيا، پر جن کي محبتون مليون ۽ انهن ورتيون، اهي عظيم ٿي ويا. پر ان حساب سان، سنڌ جو نوجوان، مون کي ڪنهن حد تي نظر نه ايندي، ڏاڍي مايوسي ٿيندي آهي!

انسان کي ته رحمت ڪندڙ ڪري موڪليو ويو آهي ۽ پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ ڪري موڪليو ويو آهي.

تنهنجي نظر مان اها حديث ته ضرور گذري هوندي، قربان فقيرا!

حُب الوَطن مِنَ الايمان

”وطن سان محبت ايمان جو حصو آهي“.

جنهن کي وحدت الشهود وارا چون ٿا ته اهو بس رڳو عالمِ ارواح وارو وطن آهي.

”جيڪڏهن ڪجهه دير لاءِ اهو سچ به آهي ته پوءِ خدا تعاليٰ، آدم کي بهشت مان هيٺ ڌرتيءَ تي رڳو خوار ۽ خراب ڪرڻ لاءِ لاٿو؟ ته وچ اوڏانهن، جتي تنهنجو ڪو وطن ئي ناهي!

ڪنهن عربي محبت جو تصوف کٽي ائين چوي ته نيڪ آهي. پر سنڌ جو صوفي چوي ٿو ته نيڪ عملن لاءِ توکي ڌرتي ۽ پنهنجو وطن مليل آهي ۽ ان تي سوچڻ لاءِ توکي کُلو آسمان ۽ آزاد فضا جون هوائون ۽ سمنڊ ۾ ساهه وجهندڙ طوفان تنهنجي احساسن ۽ ڪيفيتن لاءِ ڪافي آهن.

عالم ارواح ته واپسيءَ واري جنم جو وطن. جتان آدم کي محبت جو انعام ڏيئي، پنهنجي ڌرتيءَ واري وطن جي وارثيءَ لاءِ موڪليو ويو. جتي وحدت ۽ ڪثرت واري ڪُل علم جي دعوت پکڙيل آهي.

چا پنهنجي مت مان نڪري ويلن لاءِ اهو ڪافي ناهي:

**لَوَ لَک لَمَا خَلَقْتُ الَاَک**

”اي حبيب. جيڪڏهن تنهنجي ذات مقصود نه هجي ها. ته آئون زمين ۽ آسمان پيدا نه ڪريان ها!“

جيڪڏهن آدم جو ڪو وطن ئي ناهي، ته پوءِ سوا لک انبياء ڪهڙي ديس ۾ انسان ٿي رهڻ جي هدايت ڏيڻ آيا!؟

جنهن کي پنهنجي وطن سان محبت ناهي، ان کي اگر ڪنهن ماڻهوءَ سان محبت آهي، ته اها محبت پنهنجو معراج ماڻي نه سگهندي. بي گهر بندو خدا جي گهر ۾ به بيزاريءَ جو سبب هوندو آهي ۽ بي وطن آبادي، پوري عالم لاءِ عذاب ڪان وڌيڪ عذاب هوندي آهي. جنهن کي نه ديني راهه ۾ ڪا راحت ايندي آهي ۽ نه دنوي مايا ۾ سُڪون. نه وتس شاهي شوڪت رهي ٿي ۽ نه سندس گدائيءَ جي گودڙيءَ ۾ برڪت!“

قربان فقير ڪيس وطن پرستيءَ تي پهريون دفعو پي ٻڌو. هو عمر ۾ هاڻ هڪ صدي پوري ڪرڻ وارو هو پر سندس ڏند سڀ سلامت هئا. هٿ جيڏي ڏاڙهيءَ جا وار چانديءَ جي رنگ کي به مات ڏيو بيٺا هئا. سندس ٻانگ وارو نالو اچا به ڪو بيو هو پر هو صوفي صالح محمد واري نال ڪان پوءِ، پنهنجي ذات سان گڏ پنهنجو اهو اصل نالو به صوفياڻي رنگ ۾ رل مل ڪري ان ۾ الوپ ڪري ڇڏيو. پنهنجي اباڻي ڪرت موجب هي ناڪئو هو ۽ هي ان دؤر جو ٻيڙياتو هو جنهن دؤر ۾ ڪارو چاڻ ۽ ڪيٽي بندر ڪان، حيدرآباد ۽ سکر تائين، سنڌو درياهه جي رستي وڻج واپار هلندڙ هو. سؤ سالن جي عمر کي رسڻ ڪان پوءِ به سندس دهشت سلامت هئي، جنهن کي ٻيون اکيون ڏسڻ سان وسامي ويندڻيون هيون. هو صوفي هو ۽ صوفي به اهڙو جو پنهنجي جان کي صندل جو شربت سمجهي پي وڃڻ وارو صوفي هو پر ظاهري لباس ۾ قداور هڏ. هاٿي جي ڏيکاءَ ۾ عام کي مذهبي ماڻهو نظر ايندو هو. قربان جي هن سان صوفياڻي سنگت، پنهنجي ٻيلي ڪاتي واري نوڪريءَ دؤران ئي جڙي ويئي هئي، جنهن هاڻ ڪيس پنهنجي محبت واري نوڪريءَ جا قاعدا قانون به سڀ سيکاري ڇڏيا هئا.

هنن جي هاڻ ان ڏينهن واري محفل تہ پهريءَ ۾ داخل ٿي چڪي هئي. سچ هاڻ اڪين ۾ نراڙ جي وچ ڪي ويجهو اچي پيو هو پر وچينءَ واري نماز ۾ اجا ڪجھ دير هئي. قربان هن ڪي مسجد ڏانهن لوٽو هٿندي ڏٺو تہ محفل برخاست هئڻ جي گمان ۾ هن بغير سوچڻ ويچارڻ جي چيو "اج اسان مذهب تي ڪجھ وڌيڪ شايد ڪونہ ڳالهائي سگهيا آهيون؟"

تڏهن صوفي صالح محمد ٿڌو ساهہ کڻندي چوڻ لڳو. "قربان فقير. دنيا جا سڀ مذهب، تصوف جي ٽنيي تي بيٺل آهن. ۽ تصوف انسان جي فطري سوچن تي بيٺل آهي. ۽ انسان پنهنجي خدا جي شڪل ۾ فطرت جو هڪ اهڙو اونهو سمنڊ آهي. جنهن جو دنيا ۾ ڪو مثال ئي ناهي!

سوا لک نبين جو ڊگهو سلسلو آخر ۾ جيئن الله لاشريڪ جون سيئي شاهديون حضرت محمد ﷺ ڪريم جي معرفت مڪمل ٿيون. تيئن هندو ڌرم جي ڀڳوت ۽ رامائڻ ۾ ديوتائن ائين چيو تہ. جنهن ملڪ ۾ راجا ناهي، اُتي پٽ پيءُ جي عزت نٿو ڪري، ۽ زال مڙس ڪي مان نٿي ڏئي، ماڻهو مڙي مجلس نٿا ڪن. پر وڻنڊڙ باغ ۽ مندر بنائين ٿا. اميرن ڪي تحفظ حاصل ناهي، ريڍار ۽ هاري رات جو در بند ڪري سمهن ٿا. هڪ بي آب ندي، هڪ بنا گاهہ جي بيلو ڌڻ مال جو ڌنار ڪان سواءِ، اهو ملڪ راجا جو!

سو انساني تهذيب جون پاڙون هر ڌرم ۾ ائين مضبوطيءَ سان کُتل آهن. جنهن ۾ سماجي آزادي يا قومي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ ڪنهن ويڙهہ دؤران. انسان جي اهڙي تهذيب جو احترام ڪرڻ لازمي امر آهي. رام ۽ رحمان. ڪريم ۽ ڪرشن بغير، سنڌ ۽ هند جي بقا ناممڪن آهي. پاڙو پريم سان ئي آباد هوندو آهي.

"انسان جي ڀلائيءَ لاءِ انسان ڪي اهو تسليم ڪرڻو آهي تہ. دنيا جا ڌرم، محض رڳو سورهيائي ۽ پلمانسي جا رومانوي قصا ناهن. بلڪ اهي تہ روحاني هٿيار آهن.

ويدانت ۽ قرآن ڪي ڌيان سان پڙهبو تہ ويدانت هڪ هندو اهم فلسفو آهي، جنهن ڪي اسلامي تصوف سان ڀيٽيو ويجي ٿو.

هندستاني اسان کان پري ويهي بہ اج اهو محسوس پيا ڪن تہ. سنڌي ماڻهو هن وقت ڀڳتي مرڳ ۾ پيو گذاري.

ڀڳتي مرڳ جي معنيٰ آهي، سڀ ڪم ڪار خدا جي حوالي ڪري ڇڏڻ وارو خيال.

۽ بيو جنتا مرڳ آهي، جنهن جي معنيٰ علم ۽ ڄاڻ جي اها واٽ. جنهن ۾ خدا. انسان ۽ روح بابت ويچار ڪرڻ وغيره. ان کان علاوه هڪ ٽيون رستو بہ آهي، ڪرما مرڳ – جنهن ۾ ٻئي جنم جو فلسفو آهي. جنهن لاءِ اسان ائين کٽي چئون تہ. غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ. جنهن ڪي

نرواڻ حاصل ڪرڻ بہ چئجي، پر هاڻ هن ايڪيهين صديءَ ۾ نرواڻ، اسان آزاديءَ کي ئي چونداسين، جنهن ۾ مڪتي آهي، جيڪا انساني حق ۾ پهرين صفت آهي.

”هندو ڌرم ۾ بہ هاڻ اهو دؤر نہ رهيو آهي، جو سماج کي طبقن ۾ ورهائي قائم رکي سگهي، جيئن سنڌ ۾ قبائلي طبقا پاڻ ۾ ورهايل آهن.

دنيا جي پهرئين آدمي مرڻ سان دنيا ختم نہ ٿي سگهي، پر آخري آدم مرڻ سان يقينن دنيا ختم ٿي ويندي.

ائين آدمي مرڻ سان، ماڻهن زندگيءَ کي سمجهڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين ان سوچ کي گڏ ڪري سمجهڻ ۽ کو سليقو اختيار ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي سرخروئي سبب هر مذهبي پيشوا پنهنجو عقل بين ۾ ورهائي پنهنجي من جي مڪتب جو ملعون ٻڻجي پيو آهي!

ڌرم، دلين جا کُليل سڏا دروازا آهن، ان ۾ پنهنجي خدا کي سڏي ويهارڻ، هر ڪنهن جو هڪجهڙو حق آهي ۽ ان جي ادائگي مڪمل انسانيت جي سلامتي آهي.“

”بلڪل درست“ قربان چيو ”پر اڄڪلهہ مذهبي سرخروئي کان علاوه، دنيا جا عالم مادي ۽ روح جي ملت جي لاءِ ملڪو حاصل ڪرڻ خاطر، دنيا کي عجيب بحثن جي بحر ۾ وجهي ڇڏيو آهي؟“

”ها! خدا جي قبضي کان ڪير بہ ٻاهر ناهي، اها هڪ حقيت آهي، جنهن کي دنيا تسليم ڪري ٿي، پر ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ دنيا لاءِ هڪ عجيب عذاب آهي تہ، تصوف ان قبضي مان نجات جو نالو آهي.

دنيا مادي ۽ روح جو سنگم آهي، جنهن جي خوبصورت شڪل انسان آهي.

مادي ۽ روح جي وچ ۾ نور آهي، جيڪو مادي ۽ روح جو سنگم ڪندڙ آهي.

نور جي قبضي کان ڪير بہ ٻاهر ناهي ۽ دنيا کي اها عجيب حيرانيت ضرور آهي تہ، تصوف ان جي قبضي مان نجات جو نالو آهي. مادي ۽ روح کي، نور جي تجلين سان جرڪائي، ان مان حقيقت حاصل ڪندڙ کي صوفي چئبو آهي، جنهن کي خود شعوري حاصل هوندي آهي.

ٻڌمت، ويدانت، صوفي ازم ۽ اسلام، سڀ پنهنجي پنهنجي رياضت واري مسافت سان هڪ مرڪزي دائري ۾ اچي گڏجن ٿا.

قربان فقير، ڪنهن درست چيو آهي تہ، سوڀ نفرت پيدا ڪندڙ آهي. سوڀاري جي ننڊ حرام آهي. هار ۽ جيت کان بي نياز مانيٺو ماڻهو امن ۾ رهي ٿو.

اسان ان کي صوفي چئي سگهون ٿا ۽ اهو صوفي جيڪو ٻڌمت، ويدانت، صوفي ازم ۽ اسلام جي ان چؤڪنڊ جي وچ ۾ بيٺل آهي ۽ مادي ۽ روح کي نور جي تجلين سان پاڻ ۾ ملائي، پنهنجي اصل هستيءَ واري حقيقت حاصل ڪندڙ آهي.

جيڪڏهن اها حقيقت ڪوئي تسليم ڪندڙ آهي تہ مادي ۽ روح بابت جهڳڙو ڪُٽي پوي ٿو بي حالت ۾ خيالن جي آزادي ۽ اختلاف راءِ انسان جو بنيادي حق آهي ۽ ان سان اختلاف رکڻ ناحق آهي. ۽ اهو ضروري ناهي تہ منهنجو نالو صالح محمد آهي ۽ آئون صالح ٿي هجان... ۽ ها! هڪڙي ڳالهہ جيڪا مون کان رهجي ويئي، سا اها تہ روحانيت ئي انسان جو اصل نصيب آهي.“

ايتري ۾ عصر واري آذان جو آواز سندن ڪنن تي پيو ۽ خاموش ٿي خاموش مسجد ۾ گڏجي نماز پڙهيائون. عصر واري نماز کان سانجهيءَ واري نماز تائين صوفي صالح محمد حجري کان ٻاهر ڪونہ نڪرندو هو ۽ سانجهي نماز کان پوءِ گهر ڏانهن هليو ويندو هو. پوءِ وري سومهڻي نماز تي نڪرندو هو. ان ڏينهن بہ پنهنجي معمول موجب سومهڻي نماز تي آيو ۽ پوءِ وري بہ ٻئي اچي اوطاق تي ويٺا، تہ شروعات وري بہ قربان ڪئي.

”ڪو زمانو هو تہ سنڌ ۾ ڪيترين ئي اڻ ڳڻيون صوفي خانقاهون هيون، جن ۾ صوفي عالمن جي علم ۽ فڪر جون مجلسون ۽ محفلون ائين اوڄ تي هيون، جيئن ڪو وقت سنڌو درياهہ جو مست وهڪرو هوندو هو؟“

صوفي صالح محمد جي پنهنجي ڪا مقرر خانقاهہ ڪانہ هئي. هي تہ بس ڪنهن ولر کان وڇڙيل اهو هنج هو جيڪو هاڻ بس رڳو پنهنجي وڇڙي ويل ساٿين جي سار ۾ پيو پنهنجين اکين مان درياهہ وهائيندو هو.

سندس ڳوٺ سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ئي هو. پاڻ بس پنهنجي ڳوٺ واري مسجد سان پاسي ۾ هڪ حجرو قائم ڪري رکيو هئائين، جنهن ۾ پنهنجي يار جون يادون گڏ ڪري، انهن سان پنهنجي روح کي سنڌو نديءَ جي ڇولين جيان وندرائيندو هو.

”قربان فقير کي بہ سڄي سنڌ ووڙيندي، سنڌ جي صوفين مان اهوئي فقير تن ماڻهو صوفي صالح محمد مليو هو جنهن وٽ پنهنجي روحاني ضرورت لاءِ پاڻ هلي ويندو هو تہ صوفي صالح محمد بنا ڪنهن معاوضي، بنا ڪنهن مقرر وقت جي،بي حجاب ۽ بي خوف تي قربان فقير سان پنهنجي علم ۽ فڪر کي هر حوالي سان درياهہ جيان پلٽائي وجهندو هو ۽ قربان بس ائين محسوس ڪندو هو تہ ”سنڌ ۾ صوفين مان شايد هي اڪيلو گمنام صوفي عالم آهي، جيڪو پنهنجي علم کي امانت سمجهي مون جهڙن ضرورتمندن ۾ خلوص سان ورهائي ٿو باقي سنڌ ۾ صوفين جا نالا تہ وڏا آهن، پر سي وقت کي ائين آڏا اچي ويا آهن، جو جڻ اهي وقت کان بہ وڏا ٿي ويا آهن.“

قربان جي صوفي صالح محمد سان ان رات واري اها آخري مجلس هئي. ان ڪان پوءِ سندس قسمت ۾ رانجهي شاهه جي ڪاوڙ ڪاهي پيئي هئي ۽ پوءِ صوفي لا ڪوفي واري مصداق موجب. هِن هُن بنهي ٻڌي ڪٽي هاجي ۾ هنيس.

پر في الحال هن صوفي صالح محمد وٽ پنهنجي فقيريءَ لاءِ فيض حاصل ڪندي، ان ڪي هن پنهنجي قسمت جو احسان پي تصور ڪيو پر چڱائين ڪي سامهون ايندڙ برائين تي هن ڪڏهن سوچيو به نه هو ۽ نه ئي هن ڪڏهن صوفي صالح محمد کان اهو پڇيو هو ته. ”عشق عزازيل سان ڪهڙي حالت چڙائي هئي؟“ هن ڪي بس عشق جي علم واري فيض جي اُڃ هئي. جنهن جي لاءِ ان رات آخري مجلس دوران هن جڏهن. سنڌ جي صوفي خانقاهن بابت ذڪر ڇيڙيو ته صوفي صالح محمد سنڌ جي تاريخ جو هڪ خلاصو بيان ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هن پنهنجي هڪ درد ڀري پُر سوز ڪيفيت بيان ڪندي چيو ”قربان فقير سنڌ ته رهيو ئي صوفين جو ديس آهي. توکي ڪيترين خانقاهن جا نالا ٻڌايان، ۽ انهن سان ڌارين حڪمرانن ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا. جيڪي مون کي هن وقت ذهن تي آهن. انهن مان سنڌ ۾ لعل شهبازي خانقاهه. عثمان مرونديءَ جي موجودگيءَ ۾ قائم ٿي هئي، جنهن تصوف جي علي الاعلان پرچار ڪئي هئي. شيخ حسن ديبلي عرف حضرت پير پنو شيخ نوح بکري، هنن خانقاهن ۾ ته دهليءَ کان مصر تائين جا ماڻهو فيض حاصل ڪندا هئا. پر پوءِ سنڌ تي اُهو ڏينهن آيو جڏهن نئي ۾ سنڌ جو جيد عالم ۽ صوفي شاعر. قاضي قاضن چرين وانگر. ٺٽي جي گهٽين ۾ رڙيون ڪندي پنهنجي اهل اولاد کي ڳوليندو رهيو. چون ٿا اهو سورهين صديءَ جو ڏينهن هو جڏهن تاريخ. بغداد جي تباهيءَ کي ٺٽي ۾ پي دهرايو!

۽ ان کان بعد ٻن ٽن سالن جي اندر مخدوم بلاول کي هڪ لوهي گهاڻي ۾ وجهي پيڙهيو ويو.

”جن خانقاهن سنڌ کي فنا جي راهه تان واپس آندو انهن ۾ مخدوم نعمت الله صديقي عرف مخدوم نوح جي خانقاهه. مخدوم متو عرف مخدوم رڪن الدين صديقي پاتائي ٺٽوي جي خانقاهه. شاهه عبدالڪريم بُلڙيءَ واري جي خانقاهه ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جنهن جي هر سنڌي ماڻهوءَ جي دل ۾ خانقاهه جڙيل آهي ۽ آئون ان کي سنڌ جي آخري صوفي خانقاهه چوندو آهيان. انهن خانقاهن جڏهن خود کي فنا جي راهه تي روانو ڪيو ته سنڌ جي حق ۾ وڙهندڙ صوفين جي رت سان هٿ ڀريا. اها شايد ارڙهين صدي هئي، ته صوفي شاهه عنايت شهيد ڪيو ويو ۽ کهڙن جي مخدوم عبدالرحمان کي ٻه سؤ ماڻهن مريدن سميت مسجد ۾ شهيد ڪيو ويو هو. ان زماني دوران شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻه دفعا قتل جي سازش کان بچي ويو ۽ سامين. سنياسين جي ويس ۾ روپوش ٿي هنگلاج جي جبلن ۾ وڃي نڪتو ۽ بعد ۾ پوءِ سنڌين جي دل کٽڻ خاطر سندس مقبرو ڪلهوڙن ئي نهرايو. ڪلهوڙن حڪمرانن سنڌ وطن بچائڻ کان وڌيڪ. پنهنجي

بادشاهت بچائڻ تي پنهنجي طاقت استعمال ڪئي، پر نادر شاهه هٿان مار ڪائي ويا. جيڪو ظالم، ٻين ڌارين لاءِ به تاوان ۽ خراج حاصل ڪرڻ لاءِ رستو ناهي ڏيئي ويو. جنهن افغانين کي به هتي پهچايو ۽ اتين انگريزن لاءِ به رستو آسان ٿيو. ان کان اڳ ۾ سنڌونديءَ به پنهنجو پيٽ بدلائي چڪي هئي. نصرپور وارو وهڪرو نيرون ڪوٽ ۽ ڪوٽڙيءَ جي وچ مان وهڻ لڳو ۽ پوءِ اها شايد اوٽوبهين صدي هئي ۽ ڪلهوڙن جي هڪ ٻئي لاءِ غداري، مدد خان پناڻ کي وجهه ڏنو جنهن سنڌ جي پراڻن ڇڪن ۾ نوان گهاءُ وڌا. جنهن ڪانپوءِ بني هاشم قبيلي مان پاڻ کي امير حمزي جو اولاد سڏائيندڙ مير، سنڌ جا حڪمران ٿيا. جن جي انگريزي دوستي، انگريزن کي سنڌ جو آقا بڻائي ڇڏيو ۽ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، پير صبغت الله راشدي جو ميت به اڄ تائين هٿ نه آيو آهي، ۽ هاڻ اڄڪلهه پاڻ کي ڏاها ۽ عظيم سڏائيندڙ انگريزن جي پوکيل رشوت خور سياست ذريعي ڦاهيون پيا چڙهن ۽ سنڌ ميرن ۽ انگريزن کان پوءِ وڏيرن، سردارن جي چنبن ۾ پيئي ڦٿڪي ۽ سنڌ کي اتين سڪرات ۾ وڌو ويو آهي، جو صوفين توڙي صوفين جون خانقاهون سڀ کان پهرين پنهنجي موت جو شڪار ٿيا آهن. هن وقت مون کي اهڙي خانقاهه ڪونه ٿي سُجهي، جيڪا تصوف جو باقاعده سليس طريقي سان درس ڏيندي هجي. باقي نينهن جي نالي ۾ ناچو ته گهڻا ئي آهن. سو هي سنڌ جو اهو هڪ اهڙو درد آهي، جنهن کي ڳائڻ وڄائڻ لاءِ سرڪاري اسيمبليءَ ۾ ڇڏيو ويو آهي، جتي وڏي اڪثريت صوفين جي بدلي موالين جي آهي.“

”ته ڇا سنڌ ۾ هاڻ صوفي شاعر يا ان جو موجوده زندهه ڪردار به باقي ڪونه رهيو...!؟“ قربان چيو.

”نه نااُميد ته ٿيڻو ناهي، پر شايد، جيڪو پنهنجي سماج ۾ عذابن، انڌن عقيدن، غلط روايتن ۽ غير جمهوري روين وغيره کي پنهنجي تخيل ذريعي فنا ڪندڙ آهن، ۽ شاعر جو ڪلام جڏهن سُر ۽ سنگيت جو سنگم اختيار ٿو ڪري، تڏهن هن ڌرتيءَ تي پيار محبت، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي عمر وڌائيندڙ ٿيو پوي

ڇئي نٿو سگهجي ته رڳو شاعريءَ ۾ ئي ڪل بقا آهي. ها! البت بس بقاءِ باهمي جو عظيم ربط ضرور آهي، جنهن جو سلسلو ازل کان ابد تائين ۽ ابد کان معبود تائين هڪ سلسلي جي شڪل سان انسان جي ذهن تي ساموندي طوفان واري رفتار جي حالت ۾ رهيو آهي. ان جي رفتار کي صحيح رخ ڏيندي تاريخ ۾ ته ڪجهه شاعرن عظمت ماڻي آهي ۽ اهو ضروري ناهي ته هر شاعر عظيم هجي، پر ٻوليءَ جي سلامتيءَ لاءِ شاعرن جو ڪو چڱو تعداد ضروري هجي.

”اسان وٽ ان تعداد ۾ ڪمي ناهي، پر ان عظمت جي ڪمي ضرور آهي، جنهن کي پنهنجي عوامي سماج جي دل ڪٽڻ وارو معجزو حاصل هوندو آهي. حالتون هر لحاظ کان واڪا ڪري، شاعر کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيون آهن، پر اڄ جو اسان جو شاعر پنهنجي ضرورت واري وقتي قيد مان پاڻ

ڇڏائيندي، پنهنجي قومي قربت حاصل ڪندي ڪنهن اهڙي ڏگ تي رهجي ويو آهي، جتي پوري قوم جڻ تہ پاڻ وڃائي ويٺي آهي.

”چوندا آهن تہ ٻيڙي پاٽيءَ جي پنڌ لاءِ پار اُڪاريندڙ ۽ تار پاٽيءَ تي ترندڙ هڪ گهر آهي. گوتم چواٽي تہ ان کي مٿي تي کڻي هلندا تہ ٻڏي مرندا!

سو ان لحاظ کان، اسان جو شاعر شخصي طور تي، پاڻ کي پنهنجي مٿي تي کڻي هلندڙ ٿي پيو آهي. شايد قوم کيس ٻڏندي نظر پيئي اچي. جنهن ڪري پاڻ ٻڏتر جو شڪار آهي.“

۽ پوءِ سڄي رات سندن ڪچهريءَ جو موضوع سنڌ جي صورتحال تي هو. اها 24 ڊسمبر 2007ع سومر جي رات هئي. ۽ هنن سنڌ جي سياسي صورتحال تي ڳالهائيندي، بينظير ڀٽو تي بہ ڳالهايو. انهن ڏينهن ۾ بينظير ڀٽو سڄي سنڌ جو سياسي موضوع بڻيل هئي. هُوءَ سنڌ ۾ سياسي دؤرا ڪري، سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ گهڙي ويهي رهي، ۽ سڄي سنڌ جو ووٽ هن جڻ اڳواٽ پنهنجي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو هو ۽ گل محمد پنهنجي ٻنهي پٽن جي غير حاضريءَ سبب پريشان تہ هو پر سنڌ ۾ پنهنجي پارٽي ليڊر جو ماڻهن ۾ چاهہ ڏسي، ان پريشانيءَ ۾ بہ سندس روح ڪا فرحت پيو محسوس ڪندو هو. هن هڪ دفعو اچا بہ پنهنجي سياسي قسمت کي، ڀٽو خاندان جو حق سمجهيو هو ۽ 27 ڊسمبر جمع جي رات، قربان جو پنهنجي محبوبا، عدن سان ملاقات جو انجام رکيل هو جنهن لاءِ هن کي پنهنجي دوست ناڪئي قاسم سان ڳالهائي پروگرام طئہ ڪرڻو هو ۽ ان ملاقات ۾ عدن کي هاڻ ڪو اهم فيصلو ڪرڻو هو.

انهيءَ رات ٻنهي صوفين کي ڪچهري ڪندي، هاڻ هنن کي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي وٽڪار ۾ وينل پکين جي هلڪي هلڪي آواز جڻ اهو اطلاع پي ڏنو تہ، “اي صوفيو رات پنهنجي اجوڪي عمر کي پهچي ويئي، نفل وغيره پڙهڻ چاهيو تہ پڙهي وٺو اجهي فجر جي آذان وارو وقت، روايتي ملن کي جاڳائڻ وارو آهي!” ۽ سنڌو نديءَ جي ڪنڌيءَ تي، رات وارو اهو وقت، صوفين جي دلين کي جڻ ائين چوندو هجي تہ، “مان دنيا جو هي، اُهو عظيم وقت آهيان، جنهن صوفين کي، رات جي انهن ساعتن ۾، پنهنجي خدا سان گڏ ڪچهريون ڪندي بہ ڏٺو آهي، تہ سُولين تي چڙهيندي بيگناهہ صوفين جي آخري پساهہ جي شهادت بہ ڏني آهي. مون انهن گهڙين دؤران مجازي عاشقن کي درياهہ جي ڏڏڪن جيان روئندي بہ ڏٺو آهي، تہ محبوبائن جي اکين ۾ سڪون جي ٿڏي ننڊ ۽ سندن چهرن ۾ سندن عاشقن جا عڪس بہ ڏٺا آهن. اي صوفيو مون کي ضايع نہ ڪريو منهنجي هن گهڙيءَ جي راحت کي روح سان ملائي، پنهنجن مجازٽين کي پيار جي نور سان روشن ڪريو. مون کي ضايع ڪندڙ خود کي هميشہ ضايع ڪيو آهي!“

---

**هاڻ** هٿئي صوفي وضو نئون ڪري، مسجد ۾ نفل پڙهڻ لڳا هئا، پر سندن سجدو ايترو تہ طويل هو جهڙو سندن زندگيءَ جو اُهو ڪو آخري سجدو هجي. ۽ جڏهن التّحيات ۾ پي وينا، تڏهن سندن پورو جسم ائين سُن ۽ ساڪن پي معلوم ٿيو جو ڄڻ سومنات مندر ۾ رکيل ڪي عجيب بت هجن. گهڙي ڪن ائين پي معلوم ٿيو تہ ڄڻ سندن ذهن بہ بي جان آهي ۽ ڪين سلام پرڻ واري ياد بہ نہ رهي هوندي! پر وري جنهن مهل سلام پي ورايائون، تڏهن مسجد جو محراب بہ جهڙو اُن طرف ڦري ايندو هجي.

ڪجھ دير ڪان پوءِ پنج وقتي آذان ڏيندڙ مؤذن بہ مسجد ۾ پهچي چڪو هو ۽ هي بہ هاڻ نفل پڙهي فارغ ٿي چڪا هئا.

جڏهن مؤذن آذان مڪمل ڪئي، تنهن مهل وڻن تي ويٺل پکين جي آواز ۾ اوچتو ايترو تہ شور مچي پيو جو فجر واري آذان ۾، انهن پکين لاءِ ڄڻ رات واري قيد ڪان، آزاديءَ جو اعلان هو. بس ٿوري دير ۾ ئي، وڻن تي ويٺل پکي، جيڪي رات جي ڪاڏي لاءِ ڪجھ بچائي بہ نہ رکندا آهن، اُهي وڻ خالي ڪري درياهہ جي ريل تي ائين پکڙي وڃي وينا هئا، جو انهن جهڙو اڳ ۾ ئي پاڻ ۾ درياهہ جي ڪنڌيءَ جا مهاڳا ورهائي رکيا هجن. نہ ڪنهن قسم جي ويڙهہ، نہ حسد، نہ ساڙ. سين جون درياهہ جي ريل تي، پنهنجي پيٽ گذران لاءِ پاٽيءَ ۾ نظرون ائين متوجہ هيون، جو پنهنجي خدا کي ڄڻ التجا ڪري چوندا هجن تہ، "يا خدا! تون اسان جي ضرورت واري مڇيءَ کي ڪناري تي آڻي، ان کي پاڻ مارائڻ ۾ مدد ڪر!"

اها حقيقت آهي تہ، مڇيءَ سان محبت، هر ڪوئي ان کي ماري کائڻ لاءِ ڪندو آهي.

سج اُڀري چڪو هو. ڌراڻن چوپايو مال، چاري لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍيو هو پر اهي چوپايا جانور اتي جي ماڻهن کان وڌيڪ ڪمزور ۽ ڏٻرا هئا.

اڄڙو تتر پنهنجون ٻوليون ٻاهي، ڪيڙو ڪڪ، ڪيڙو ڪڪ جون ٻوليون ٻولي، انهن ڌراڻن کي ڏسي، جهڙو انهن کي ئي پنهنجي ان ٻوليءَ ۾ چوندا هجن، "ڪهڙو ڪم، ڪهڙو ڪم!؟"

تترن جي اُن اهڙي ٻوليءَ مان ائين پي لڳو تہ، هر پکيءَ جي ٻولي انسانن کان ڪو نہ ڪو سوال پڇندي هجي. پر انسان! جيڪو پنهنجي سوال کي پاڻ مڪمل سمجهي نہ سگهيو هو سو تترن جي تنوار ۽ خرگوش جي گوهي سمجهڻ وارو پنڌ تي اجا اڳاهين هو. پر ائين ضرور ٿيو تہ، قربان کي تترن جي انهن تنوارن، پنهنجي محبوبا، عدن جو اهو انجام ياد ڏياري ڇڏيو هو جنهن کي هنن ٻنهي پنهنجي آخري ملاقات جو نالو ڏنو هو ۽ ان ملاقات ۾ هنن کي هاڻ پنهنجي محبت جي

معاملي ۾ ڪو اهم فيصلو ڪرڻو هو. ان لاءِ هن صوفي صالح محمد جي اوطاق تي نيرن پاڻي ڪري، هن پنهنجي بيڙياتي دوست، ناڪئي قاسم جي پڇا ڪئي، جيڪو ڪيس پنهنجي بيڙيءَ تي چاڙهي ان تڙ تي پهچائيندڙ هو جتي 27 ڊسمبر، جمع جي رات، عدن ڪي سندس انتظار ڪرڻو هو. پر هن جڏهن ناڪئي قاسم جي پڇا ڪئي، ته ڪيس خبر ملي ته، سندس اهو بيڙياتو دوست، پنهنجي گهر واريءَ جي ويم سبب سچ اپريي ساڻ، شهر جي ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن ويجي چڪو هو. ۽ پوءِ هي ان بيڙياتي جي واپسيءَ جي آسري ۾ ئي آرام جي خيال سان سمهي پيو. پر عدن واري انجام ڪيس اکين تي ننڊ ڪرڻ ئي نه ڏني ۽ سڄو ڏينهن اُن بيڙياتي جي پڇا ڪندي اڳين لڙي چڪي هئي ته ان مهل اتي جو هڪ پيو سندس پراڻو دوست، ناڪئو صديق هن سان ملڻ آيو. جيڪو سمنڊ جو هڪ سنو معلم هو. ڪيس سمنڊ بابت سني چاڻ هئي. قربان هن سان ڪيترا پيرا اڳ به، عربي سمنڊ جو سير سفر ڪري چڪو هو. پر هي ناڪئو سندس محبت جو حالِ محرم نه هو. درياهي ملاحن مان هي سندس اهو دوست هو. جنهن کي قربان اڪثر چوندو هو "ناڪئا صديق، تون اصل دراوڙ نسل مان آهين!"

اهو قربان کيس انهيءَ ڪري چوندو هو جو سندس لباس ۾ منهن، مهانڊن مان جڻ رامائڻ ۾ شري رام ۽ راوڻ، دراوڙ تهذيب مطابق ان جي عڪاسي ڪئي هئي.

سندس قد ننڍو، مٿو وڏو، نڪ ويڪرو ۽ چپ ٿلها، چمڙي جو رنگ ذري گهٽ عربي سمنڊ جي پاڻيءَ جهڙو هئس.

۽ هن ناڪئي کي پنهنجي سنڌ وطن سان جيڪا محبت هئي، سا جهڙي هن کي شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي بيتن مان حاصل ٿي هئي.

هڪ ڀيري هن ساموندي سفر دوران، قربان کان پڇيو هو "يار اسان پاڻيءَ جا مسافر، اسان کي خبر نٿي رهي ته، هن وقت سنڌ وطن ڪهڙي حال ۾ آهي!؟"

تڏهن قربان کيس ٻڌايو هو ته، "ناڪئا صديق، تاريخ ۾، تلوار سنڌ تي ايترا ته وار ڪيا ۽ ايترو ته رت وهايو آهي، جو سنڌ ۾ هاڻ سک ۽ سچ کي ڳوليندي، اڄ به تاريخ جي ورقن مان رت وهي پوي ٿو پر تلوارن جون تجليون ۽ هاڻ بارود جون باهيون سچ کي سڄو ڪري نه سگهيون آهن ۽ اڄ به سنڌ پنهنجي حق ۽ سچ تي قائم بيٺل آهي."

تڏهن ان ناڪئي جي اکين روئڻ لاءِ ائين رنگ بدلايو هو جو جڻ سمنڊ سندس اکين مان وهڻ وارو هو.

اهو ساڳيو ناڪئو صديق، ان ڏينهن وري به قربان کي، سمنڊ جي سفر ۾ پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ زور ڀري رهيو هو پر قربان کي پنهنجي عدن واري انجام جي اوني ائين خشڪ ڪري ڇڏيو هو جو هن ته جڻ ڳانڍي وانگر نه ڳالهائڻ وارو برت رکيو هو.

گهڻي دير ڪان پوءِ هن جڏهن ناڪئي صديق کي چيو ته ”منهنجو اڄ رات جو پروگرام ناڪئي قاسم سان رکيل آهي، ۽ اڄ رات ان سان پلن جي شڪار تي ويندس.“

تڏهن ناڪئي صديق کيس ٻڌايو ته ”ناڪئو قاسم گهر جي ناچاڪيءَ سبب اڄ شهر جي ڪنهن اسپتال ۾ داخلا ورتي آهي. هير اڄا توري اڳ ۾ خبر آئي آهي ته سندس گهر واريءَ جي ويم لاءِ اڄ ئي آپريشن ٿيڻو آهي، سو ناڪئو قاسم ته اڄ مشڪل اچي.“

انهيءَ خبر قربان کي ڪجهه دير لاءِ پريشان ڪري وڌو. توڙي جو عدن واري انجام ۾ اڄا ڪجهه ڏينهن وچ ۾ هئا، پر آخري ملاقات سا به محبوبا سان، جنهن جا اڻ ڳڻيا نتيجا هوندا آهن. قربان کي ته انهن نتيجن به پريشان پئي ڪيو. جيڪي کيس پنهنجي محبوبا جي حڪم موجب آخري ملاقات ۾ مليا هئا، جن جي کيس پوري خبر نه هئي ته محبت ۾ مجازي محبوبن سان آخري ملاقات ماڻهوءَ کي ڪهڙين حالتن ڏانهن وٺي ويندي آهي.

ناڪئي قاسم کي پنهنجي محبت جو حال محرم رکڻ کان پوءِ هن ڪنهن ٻئي بيڙياتي سان حال اوري پنهنجي محبت اگهاڙي ڪرڻ نه پئي چاهي. بس ناڪئو قاسم ئي سندس حال محرم هو، جنهن نه هن سان ڪڏهن واعدي خلافي ڪئي هئي، نه هن جو اهو راز ڪنهن سان کوليو هو پر هو ان ڏينهن في الحال موجود ڪونه هو.

ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ هن ائين ئي ڪيو جيئن سندس قسمت چيو ”ڪاش! هڪ ٻيو بيڙياتو به منهنجو حال محرم هجي ها. پر خير آهي، اڄ سومر جو ڏينهن آهي ۽ مون کي خميس جي ڏينهن تياري ڪرڻي آهي. تيستائين ناڪئي صديق سان گڏجي ٿو وڃان ۽ سمنڊ جي سفر ۾ دل بهلائي ٿو اچان. ۽ پوءِ تيستائين ناڪئو قاسم به اچي ويندو“.

انهيءَ سوچ ۾ ئي هو ته ناڪئي صديق وري به زور پريندي چيس، ”پوءِ ڇا ارادو آهي؟“

”اوهان جو ڪيترن ڏينهن لاءِ چڪر آهي؟“ قربان پڇيو.

”هونئن ته ٽن ڏينهن جي رهڻ جو ارادو آهي، پر قسمت ڪسي نڪتي ته، ستن ڏينهن جون چڪر لڳي سگهي ٿو“.

قربان جڏهن ٽن ڏينهن جو سفر ٻڌو، تڏهن سندس دل جي طبيعت اهو ساموندي سفر چڙهڻ پنهنجي لاءِ علاج گهري ورتس، ۽ هن هڪدم چيو ”نه، ست ڏينهن نه، مون کي خميس ڏينهن سج اڀريي وقت وري هن ساڳي اوطاق تي هتي پهچائين ته پوءِ ٺيڪ آهي، هلان ٿو نه ته...؟“

”ها ها ٺيڪ آهي... دعا ڪجِ... انشاءَالله خميس ڏينهن اسان وري هن اوطاق تي بس“. ناڪئي چيو.

”ڪيڏي مهل ٽانڪرو؟“ قربان پڇيو.

”اڄ سانجهي نماز پڙهي، نڪرنداسون ۽ حاجي ابراهيم جي درگاهه کي ويجهو واڙي نهر (Creek) تي، يا وقت مليو تہ اڳيان ٿانگر نهر (Creek) تي هلي سومهڻي نماز پڙهنداسين.“

”نيڪ آهي، طبيعت ڪجهہ ڏينهن لاءِ تہ سفر گهري پيئي، پر اُتي تنهنجو ارادو وڌيڪ ڏينهن لاءِ تبديل ٿيو تہ منهنجو رهڻ عذاب ٿي پوندو!“ هن ناکئي کي مقرر ڏينهن لاءِ پابندي ڪندي چيو.

”نہ، توکي خبر آهي، آئون ائين لالچي ناهيان ۽ ان کان علاوه تيل ۽ سيڌو پوري ڏينهن جي سفر لاءِ ئي هوندو ۽ الله ۾ اميد آهي روزي ملندي“ ناکئي چيو.

”بس تہ پوءِ ناکئا صديق، توسان هلندس.“ قربان چيو.

”هلندس نہ، بس اٿو هلو آئون تہ پنهنجن ٻچن سان ملڻ آيو هئس. تنهنجو ٻڌم تہ هليو آيس. آئون هوڙو پنهنجي گهر جي ڪنڌيءَ سان بيهاري آيو آهيان. وچين نماز هلي ٿا چنگيسر تڙ تي پڙهون. آئون پنهنجا خلاصي بہ سڀ اُت لاهي آيو آهيان، اُهي اُتي آهن ۽ اتان ئي چڙهندا“.

ماڻهو جيئن پنهنجي موت کان اڻڄاڻ آهي، ائين قسمت بہ جڻ ڪا بي زبان هوندي آهي، جو نہ انسان کي ڪڏهن ڪا اڳواٽ مبارڪ ڏيندي آهي ۽ نہ ڪنهن اوجهڙ يا عذاب جو اطلاع ڪندي آهي. سڀ ڪجهہ انسان ۾ هوندي بہ، خود انسان بہ ان کان اڻڄاڻ! ۽ سمنڊ جا معلم بہ ائين چوندا ٻڌا ويا آهن تہ، ”سمنڊ جي مسافر کي گهر ۽ قبر واري يقين کي ياد رکڻ، پنهنجي اندر جي سمنڊ کان بي علمي آهي“.

۽ پوءِ قربان، صوفي صالح محمد کان بہ ڪونہ موڪلايو ۽ ناکئي صديق سان هن جنگيسر تڙ تي اچي وچينءَ واري آذان ٻڌي.

نماز کان پوءِ ناکئي جا خلاصي، سَرنگ ۽ پانداري سميت سڄو عملو هوڙي ۾ سنڊ. سامان چاڙهيندي، ان ڏينهن واريون باقي جيڪي گهڙيون هيون، انهن ۾ سڄ پنهنجو ڳاڙهسرو رنگ آڻي جڻ رات ۽ ڏينهن جي وچ وارو فرق پيو محسوس ڪرايو.

هي سنڌ جو اهو ساحلي علائقو هو جنهن ۾ ڪو وقت ڪراچيءَ کان ڪڇ ۽ ڪڇ کان دوارڪا بندرگاهہ تائين يونانين، عربن ۽ انگريزن جا تجارتي ٻيڙا پنهنجو ڪاروبار ڪندا هئا، ۽ جتان ٻين ڌارين کان علاوه رڳو عربن جون ئي، عمر بن خطاب کان حجاج بن يوسف تائين سنڌ تي پندرهن (15) ڪاهون ٿيون هيون ۽ عالمي تجارت جو مرڪز هو. پر هاڻ ڪيٽي بندر تعلقي جي جنگيسر تڙ تي چند پراڻن هوڙن ۽ پڳل ٽنل ٻيڙين ۾ بک، بدحالي ۽ بي علمي ڏسي ملڪي حاڪميت تي ڪراهت پي ٿي ۽ انتظامي لحاظ کان هر ٻيڙيا تو جڻ سرڪاري ڦرلٽ جي باهہ جو سڙيل هجي. ۽ سنڌو نديءَ تي قبضي کان پوءِ کارو ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين سنڌ جي تجارت بند ٿي ويئي. پر کارو ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر کان بحرِ روم، بحر اوقيانوس، بحرِ اسود


www.sindhsalamat.com

(ڪارو سمنڊ) ۽ بحرِ احمر (ڳاڙهو سمنڊ) کان هن پار سينا جبل جي آباديءَ تائين. سنڌ جا تجارتي تعلق وڏيڪ آسان ٿي سگهن ٿا. ليڪن ان تعلق کي بحال ڪرڻ ۾ سنڌ سرڪار جا اختيار بہ ڇڻ وڪاٽل هجن ۽ جنگيسر تڙ تي مفلس ٻيڙياتن کي ڏسي وقت ائين پيو تصور ڪيو تہ "ماڻهن جو وقتي حاڪميت تي ڪوئي حق ناهي، تنهن ڪري جديد تجارتي ٻيڙن کان هنن کي محروم رکيو ويو آهي، ان وقت دل ۾ دماغ اهوئي فيصلو ڏيئي پي سگهيا. تہ اهڙن بيوفا حڪمرانن کي وڪڻي ڇڏڻ جائز آهي، جن جي اصل حالت غلام آهي!"

سنڌو نديءَ جي ان پيرانديءَ کي ڇُهندي دل ۾ دفن ٿيل تاريخ اها شاهدي پي ڏني تہ سنڌو درياهہ جنگيسر تڙ کان ڪانئر نهر (Creek) ۽ ڪانئر کان ٽانگر نهر. ٽانگر کان ڪاجر نهر. ڪاجر کان سير نهر ۽ سير نهر کان حرامي نهر تائين، هي ست آريو سُتاڙو درياهہ آهي، جنهن کان پوءِ بستا آهي، جيڪا ڀارت سرڪار جي سرزمين آهي. جيئن ڀارت جو دوارڪا بندرگاهہ معنيٰ گهٽن دروازن وارو. پر سنڌو نديءَ جي هن ساحلي سرزمين جا دروازا ڳٽي پورا ٽتا ڪري سگهجن. پر حيرت ان ڳالهہ جي پي ٿي تہ پنهنجي هن عظيم خزاني جي مالڪ، هن امير قوم ۾ غربت پنهنجا گهر ائين اڏي ڇڏيا هئا. جنهن لاءِ تاريخ کي مهڻو ڏيڻ پنهنجي منهن ۾ ٿڪ هڻڻ جي برابر پي لڳو.

ڪيٽي بندر تعلقي جي ان جنگيسر تڙ تي هاڻ سج لهي چڪو هو. سج لهڻ کان پوءِ اهڙي تہ مايوس خاموشي محسوس پي ٿي، جو ائين پي لڳو تہ دنيا ۾ قيامت هن ڌرتيءَ کي ويڙهي ڇڏيو آهي ۽ باقي هي چند ٻيڙياتا آهن، جيڪي پاڻيءَ تي زندهہ رهجي وڃڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ تي حيران هجن.

ناڪئي صديق جو اُهو سٺ (60) فوٽ ڊگهو هوڙو هاڻ پنهنجو پڳهہ کولي واڙي نهر (Creek) واري رخ تي پنهنجو سفر روانو ڪري چڪو هو. مشين جي گوڙ تي ڪنهن جو هلڪو آواز ڪنهن کي سمجهہ ۾ ڪونہ پي آيو تہ ان مهل ناڪئي وڏي آواز ڪجهہ ڳالهايو پي، تہ اُهو آواز ائين پي لڳو تہ ڄڻ ڪوئي قبر مان دنيا وارن کي وڏي آواز ڪجهہ سمجهائيندو هجي!

هونئن تہ تاريخ موجب جديد دؤر جو انسان Homosapien هڪ لک پنجاهہ هزار سال اڳي ڌرتيءَ تي آباد هو پر دنيا ۾ هيءَ سنڌ اها سرزمين ڇئي پيئي وڃي، جتي جي آباد انسان پنج هزار سال اڳ سڙهہ ايجاد ڪري، پاڻيءَ جي مٿان ٻيڙين جو سفر شروع ڪيو.

واڙي نهر (Creek) تي پهچندي، ناڪئي ڊرائيور کي مشين بند ڪرڻ جو اشارو ڏنو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ خلاصين کي حڪم ڏيندي چيو "ناتاري وتايو؟"

تڏهن بہ خلاصي جيڪي اڳ ۾ ئي هوڙي جي ڦني وٽ ناڪئي جي اهڙي حڪم لاءِ تيار بيٺل هئا. اهي ناتاري درياهہ ۾ اڇلي هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏسي وري چوڏهين تاريخ واري چنڊ ۾ ڏسڻ

لڳا، ۽ چنڊ جي اُها چانڊاڻ قرآن پاڪ جي جڻ اها شاهدي دوهرائي رهي هئي ته، ”انسان توهان چوڏهين واري چنڊ جيان پنهنجي ڪمال تائين پهچندا“.

هوڙو هاڻ بيهي چڪو هو پر سندس اهل. ڇهل مان ائين پي لڳو جڻ هلندل هجي، ۽ واڙي نهر (Creek) جو ڪارو پاڻي ائين پي ڪليو جڻ عربي سمنڊ جا چانڊاٽا ٿهڪ اُتي اچي پي ڪليا.

ناڪئو هوڙي جي ڦني وٽ آيو جتي قربان وينو هو ۽ هي هوڙي يا ٻيڙي جي اها مقدس جاءِ هئي، جتي ٻيڙياتا شڪراني جا نفل پڙهي پنهنجي خدا کان سفر جي سلامتي گهرندا هئا. ان کان اڳيان مورو هوندو آهي، ٽائيٽانڪ فلم جو هڪ سين پڻ جهاز جي ان حصي جو ڏيکاريووبو هو جيڪو سڄي فلم جي سجاٽپ ٿي پيو هو. ناڪئي قربان سان گڏ ويهندي چيو ”سوچيم ته اسان اتي ئي لنگر پاٽي ڪريون. انهيءَ ڪري مشين بند ڪري، ناتاري ڪئي اٿم. پر هاڻ عقل آيو آهي ته اسان کي ڪجهه اڳتي هلي ٽانگر نهر (Creek) تي ناتاري ڪرڻ گهرجي ها. ڇا خيال آهي تنهنجو؟“

”آئون ان معاملي ۾ ڇا ٿو چئي سگهان. پنهنجن خلاصين کان پڇ، يا پنهنجي سرنگ صلاح ڪري وٺ.“ قربان چيو.

ناڪئي پنهنجي سرنگ کي سڏ ڪري ان کان پڇيو: ”اڄا سانجهيڪو آهي. منهنجي خيال ۾ اسان کي ٽانگر نهر (Creek) تي هلي لنگر ڪرڻ گهرجي؟“

”اصل ۾ اسان کي اتي پهچي ناتاري ڪرڻي ئي. سرنگ چوڻ لڳو ”پر مون سمجهو اسان سان ڪو سيڻ، سنگهاڙي ڪونهي، تنهنڪري تو پڳهه پائڻ جو چيو آهي. پر اسان کي ته ٽانگر نهر (Creek) تي رڇ پوڪڻو آهي. ۽ منهنجي خيال ۾ ٻيو رڇ اسان کي صبح جو فجر کان پوءِ ڪاجر نهر (Creek) تي پوڪڻ گهرجي. ائين اسان ڪنهن سٺي مڇيءَ تي پئي سگهون ٿا؟“

ناڪئي کي اها صلاح دل سان لڳي ۽ ناتاري ڪڻڻ جو چئي، پانڌاري کي چوڻ لڳو ”تون لولي پاٽيءَ جي تياري ڪر. ڪاجر تي پهچون ته ننگر تيار هجي؟“

۽ پوءِ رات جو يارهن وڳي ڌاري ناڪئي هڪ دفعو وري به ڊرائيور کي مشين بند ڪرڻ جو اشارو ڏنو. هاڻ هوڙو ٽانگر نهر (Creek) جي آخري ڇيڙي تي پهچي چڪو هو ۽ اُتي ئي ناتاري ڪري، ناڪئي درياهه جو معائنو ڪندي چيو ”درياهه آلڙ تي آهي. لاڙو رڇ آريا ڪريو. جلدي جلدي، درياهه تکو آلڙ تي آهي. اسان وقت وڃائي پهتا آهيون. پر اها غلطي منهنجي آهي، مون واڙي تي درياهه ۾ نظر ڪانه وڌي. درياهه ان مهل آلڙ تي وريو هو پر هاڻ جلدي ناتاري ڪڻو ۽ لاڙو رڇ آريا ڪريو“.

۽ پوءِ رڇ پوڪائي مڪمل ڪري، جنهن مهل ماني کائڻ ويٺا. تنهن مهل خلاصين کي هدايت ڏيندي چوڻ لڳو. ”صبح جو تقريبن چار وڳي تائين درياهه وير تي اچي ويندو ۽ ان لاءِ هيلو رڇ

تيار رکجو. ائين نہ ٿئي، جو آئون چوان هيلو رڇ پوکيوءِ اوهان ڳُجي رڇ ۾ هٿ وجهو. اهو انڪري پيو چوان جو گهڻن کي صبح وارو سيءُ سندن عقل ۾ ويهي رهندو آهي.“ پر ڪنهن کو خاص جواب ڪونہ ڏنو.

هاڻي رات ۽ چنڊ جي جواني هڪ ٽي ويا هئا ۽ انهيءَ اُتساهہ ۾ درياهہ بہ جهڻ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ پي چاهيون. پاڻيءَ جي مٿاڇري تان گذرندڙ اُتر جي هوا جو آواز ائين پي لڳو، جهڙو رقص جو مها ديو ’شو نٽراج‘ پنهنجي ’تانڊو‘ رقص ۾ محو هجي ۽ سندس چوڦير شرابي شيوڪ نچي رهيا هجن. رات جا ٽي ٿيا تہ ناڪئي نئون حڪم ڏنو ”رڇ هوداريو شاباس بسم الله ڪريو!“

۽ خلاصين رڇ هوداري دنگ ڪيو جنهن ۾ هڪ مڻ کن اچو پاپليٽ لڳو هو باقي صرف پنج پلا هئا. پلا، ناڪئي پانڌاري کي اڇلي ڏنا ۽ هاريل منهن سان چيائين. ”اهي بہ پهر جي مانيءَ لاءِ آهن.“ ۽ سُڪاڻ ڏانهن ويندي چوڻ لڳو. ”هي رڇ هڪڙي پاسي ڪريو ان مان پوءِ مڇي ڪڍي صاف ڪجو. پهرين هيلو رڇ آريا ڪريو!“

سندس اهو حڪم سرنگ کي پسند نہ آيو پر ڪيس چئي نہ سگهيو تہ، ”ناڪئا، تيستائين هيءَ مڇي پلي پئي هتي سُڪي ۽ ڪِن ڪري؟“

هن ناڪئي کي ايترو بہ انهيءَ ڪري ڪونہ چيو جو ڪيس پوري خبر هئي تہ، ناڪئي جو حڪم، بس پهريون ۽ آخري هوندو آهي. تنهن ڪري هن هاڻ خلاصين کي همٿايو پي تہ، ”شاباس بابا هيلو رڇ آريا ڪريو. هن رڇ مان ناڪئو خوش ڪونہ ٿيو شاباس وري نئين بسم الله ڪريو.“

۽ خلاصي هيلو رڇ مڪمل پوکي، اڳ ۾ هوداريل لاڙو رڇ صاف ڪرڻ لڳا. پانڌاري صبح واري چانهہ ناشتو سين کي ڪارائي پياري، پلا ناهڻ ويهي رهيو جنهن کي پنهرن واري سانجاڻ جو سايو هو ۽ ناڪئي سجو ڏينهن سُڪاڻ تي ويهي پنهنجون نظرون پاڻي ۽ رڇ ۾ پوريون ڪندي چار وڳي چيائين، ’رڇ هوداريو؟‘

بس، سڄي ڏينهن ۾ هن صرف ايترو ڳالهايو هو. هونئن تہ سخي طبيعت وارو شخص هو پر پهرئين رڇ ۾ مڇيءَ جو سنو مقدار نہ ملڻ سبب شايد سندس ڪيفيتون درياهہ جي ڪيفيتن سان گڏجي سندس سَنڌ ڪُڙجي پيا هئا.

خلاصين رڇ درياهہ مان ڪٽي مڪمل ڪيو پر ان ۾ بہ مڇيءَ جو ڪو خاص مقدار ڪونہ هو بس ڪا مڻ ڏيڍ، ٽي ڪان چار ڪلو واري دوٿر مڇي ۽ ويهہ پنجويهہ ڪلو کن ڪلي ڏيڍ جي مُسڪو هئي.

هاڻ ناڪئي ڊرائيور کي مشين چالو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ سرنگ کي چيائين، ”ڪاجر نهر (Creek) تي هلنداسين ۽ هي ان مهل ڪاجر نهر کي ويجها ٿي بيٺل هئا. ڪاجر نَر (Creek)

تي اچي هن وري به هيلو رچ پوکڻ جو حڪم ڏنو. شام جا ڇهه ٿيا هئا ۽ اُها اربع جي رات هئي. خلاصي رچ مڪمل درياهه ۾ پوکي رات واري مانيءَ تائين پنهنجي ڏينهن واري ٽڪ لاهي ورتي هئي. ڊسمبر جو مهينو هو اُتر واري ٿڌي واءُ ناڪئي کي ڪنهن ڪنهن مهل پريشان ته ڪيو پي پر ماني مهل هن سين کي پاڻيءَ جي ڪيفيت ڏسندي چيو "صبح تائين هيءُ واءُ ته بيهي ويندو پر موسم جي مرضي ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه پيو اچي". ۽ وري ٿڌو ساهه کڻندي چيائين. "الله سڻائي ڪندو. منهنجو استاد مون کي چوندو هو جمع جي ڏينهن واري شڪار ۾ پهريون رچ پريو نڪتو ته سارو ڏينهن سمنڊ جا جڻ موتي پيا توکي پاڻ ڏانهن سڏيندا. پر نه. قربان سان واعدي خلافي نٿو ڪري سگهان ۽ سڀاڻي اربع ڏينهن شام جو واپس ٿيندا سين. پوءِ وقت هوندو ته ڪانئر نهر (Creek) تي واپسيءَ ۾ ڪجهه دير ڪٽي ويهنداسين پر ڪريم ڪندو اڄ رات ڪاجر مان ڪجهه روزي ملندي. نه ته صبح جو سير نهر (Creek) تي هلنداسين ۽ آخري رچ ان ۾ ڪٽي آزمائينداسين".

۽ پوءِ رات واري ماني کائي ڪجهه دير لاءِ هرڪو ليٽي پيو پر قربان آڌي رات مهل پاڻيءَ جا ڪڙڪا ٻڌا ته شاهه لطيف جي سورمي، سهڻيءَ جو داستان ياد ايندي ئي ان مهل جڻ عدن سندس اڳيان روبرو اچي ويٺي هئي.

ناڪئي کي سجاڳي ٿي ته هن پنهنجن ماڻهن جي ڳڻپ ڪندي، قربان کي جاڳندو ويٺل ڏسي، اچي ان سان گڏ ويٺو ۽ چوڻ لڳو "صوفي قربان. درياهه جي ڪنارن کان وڌيڪ محبت توکٽي نه ڏٺي هوندي. هي گڏ به آهن ۽ جدا به آهن پر دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ طبيعت به هن جي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي ته دنيا ۾ قيامت سمنڊ تي آڻيندو".

ايترو چئي ناڪئي اچا مات ڪئي ته سرنگ کي سجاڳي ٿي، ته اُهو به اچي هنن سان گڏ ويٺو. تڏهن ناڪئي سرنگ جي منهن ۾ ڏسندي وري چيو "منهنجو استاد مون کي چوندو هو ته. سمنڊ تي ڪنهن کي پيادو هلندي ڏسين ۽ اهو جيڪڏهن شريعت جو پابند نه هجي، ته اُن جي اُن ڪماليت ۽ ڪامليت تي اعتبار نه ڪج".

تنهن مهل قربان، جيڪو ناڪئي کي پاسيرو ويٺو هو تنهن ناڪئي ڏانهن منهن ڦيريندي چيو "ناڪئا صديق، زندگي ته ملي ڪنهن محبت جي مسافت لاءِ آهي. جيڪو زندگيءَ جي سفر جون اهم ضرورتون پوريون نٿو ڪري، سو بيڪار ئي آهي. شريعت جو پابند رهي، سمنڊ تي پيادو سفر ڪرڻ عاشقن جي اهم ضرورت ناهي، پر زندگيءَ ۾ محبت جو سفر مڪمل ڪرڻ ضروري آهي. ۽ اها هر زندگيءَ جي خدا جي مرضي آهي. امام حسين ع جو قافلو سفر نه ڪري ها، ته دشت ڪربلا وارو قضيو تاريخ ۾ نه هجي ها!".

هاڻ چنڊ جي ڪُليل چانڊاڻ ۾ رات، سمنڊ ۽ آسمان جو رنگ هڪ ٿي ويو هو. ائين پئي لڳو دنيا جڻ دارالفنا کي رسي هجي ۽ خدا رڳو مڇين ۾ باقي موجود هو جنهن ڪنهن مهل پاڻيءَ ۾ اُڇل ڪائي آواز پي ڪيو.

ماڻهوءَ جي اکين ۾ اونداهيءَ جي دهشت، ماڻهن جي نظرن مان جڻ پنهنجو خدا به گم ڪريو ڇڏي ۽ انسان پنهنجي خاموش مايوسيءَ جي لهرن ۾ لُڙهندي، پنهنجي وجود سميت دارالفنا واري خوف ۾ وڃي وڃي ٿو پر سمنڊ جي ويران سفر ۾، چنڊ جي ڪير جهڙي روشني دوران ماڻهو جي ته منهن ۾ جڻ سندس خدا ڪلندو هجي. پر افسوس هي انسان چنڊ کان پوءِ مريخ ۽ مريخ کان پوءِ معراج کان ڏرتيءَ تي اچي. محبت کي نه سمجهندي ڪيڏو نه نئڙو ٿي پوي ٿو جڻ ته قوت ارادي ۽ پنهنجي ڪل هستيءَ کي ان منزل تي ڦٽو ڪيو اچي.

ان هڪ رنگي رات ۾ هنن ٽن ماڻهن کان علاوه باقي ڪتان به ڪو انساني آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه پي آيو. ڪجهه دير کان پوءِ ان سرنگ ڳالهايو جنهن جا مهانڊا ائين پي لڳا، جهڙو دائود نبي کان لوط نبي جي سامي نسل مان هجي، تنهن چيو "ماڻهو قناعت ڪن ٿا، پر اسان جي ته زندگي خود قناعت آهي."

"هر انسان چاهي ٿو ته، زمين منهنجي پيرن هيٺان پاڻ گذري." قربان چوڻ لڳو "آسمان منهنجو گهر هجي، سمنڊ منهنجي شاهي سواري هجي ۽ جبل منهنجي سيراندي هيٺ هجي، پر ڪجهه اهڙيون حدون آهن، جتي انسان اچي ڪُتي ٿو پوي، ازل کان اج ۽ سياٽي تائين، انسان جو مقدر بس هڪ عجيب سوال ته آهي ۽ اهو نه سمجهي سگهيو آهي، انسان جي قسمت انسان جي خوبصورتي آهي. اسان ان لاءِ پلا ناکئي کان ئي ڪجهه پڇون ٿا" ۽ ناکئي کان پڇيائين، "ناکئا صديق، ڇا توکي پنهنجي ساموندي علم موجب، اها خبر پوندي ته سياٽي ڇا ٿيڻ وارو آهي؟" ۽ ناکئو صديق ڪجهه دير پنهنجي ڪيفيت ۾ ائين گم ٿي ويو جهڙي ڪا خود ۾ وچايل شئي ڳوليندو هجي ۽ پوءِ هڪدم چوڻ لڳو "سمندر پنهنجن وڻجارن سان بي حد محبت ڪندو آهي ۽ پنهنجي ڪيفيت جا سڀ آڪار ۽ ارڪان، وڻجارن جي طبيعت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح سان، چنڊ جي تاريخن موجب، ڏسو درياهه سجو ڪلي پيو ۽ آسمان ۾ چمر ڏسو پيا، هي ايترو واءُ انهيءَ ڪري آهي ۽ درياهه جي ڪيفيت ڪنهن ڪروڌ ۾ آهي، پر سا مايوس ڪندڙ آهي. هينئر اندر بار ۾ ته درياهه باقاعده پرندو هوندو. اسان ان کان ايترا پري به ڪونه آهيون ۽ ويجها به ڪونه آهيون. درياهه جون اهڙيون ڪيفيتون بس دعا ئي گهرنديون آهن ۽ وڻجارن ۾ دعا جي طلب وڌي ويندي آهي."

انهيءَ دوران سندن سيئي ستل ساٿي هاڻ جاڳي پيا هئا ۽ سڀ هاڻ گڏ وينل هئا. پاڻيءَ ۾ رڇ ۽ مڇيءَ جو پاڻ ۾ ڪو پراڻو جهيڙو هلندڙ هو. ناکئي جو دعا وارو لفظ ٻڌندي، سرنگ چيو "ته پوءِ

صوفي قربان دعا لاءِ هٿ کڻي تہ ڪر چمر هٽي وڃي، واءُ سٽاوا تي وڃن ۽ دل تان بار بہ هلڪو ٿي پوي.“

پر ڪنهن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ قربان کي خود دعائن جي ضرورت آهي. پر عشق اڳيان دعائون پاڻيءَ تي ڦوٽي جي برابر بہ بيهي نہ سگهنديون آهن ۽ عاشقن جون دعائون بہ ڪهڙيون، جن جا جيءُ ويڇن وٽ ويني جڏا ٿيندا هجن. پر پوءِ بہ قربان ڪين ماحول موجب مايوس ڪرڻ نہ پي چاهيو تنهن هٿ کڻي دعا ۾ چيو ”اي هن ست رنگي سمنڊ جا خالق، اسان دعائن جي ڏُڪار ۾ هميشہ ئي رهيا آهيون، ۽ تون سڀ ڪجهہ ڏيڻ وارو هميشہ ئي رهيو آهين. اي الله جيئن ذڪريا نبي جي دعا قبول ڪيئي. جيئن يونس نبي جي دعا قبول ڪيئي، ائين اسان جي بہ دعا قبول ڪر.

تو سڀن نبين کي آخري نبي محمد مرسل جي ظهور لاءِ سختيون ۾ سزائون ڏنيون. تو آدم جي اولاد کي نوح نبي جي ٻيڙيءَ تي چاڙهي ان کي بقا ڏني ۽ وري نوح جو اولاد ڪري آباد ڪيو. آدم کان احمد مرسل تائين، تو انسان لاءِ نيڪيون موڪليون، انهن نيڪين جي صدقي ۾، اسان جي دلين جون دعائون قبول فرماءِ ۽ جيڪا اسان جي روزي آهي، سا بنا دير، برڪت سان اسان جي نصيب کي ادا ڪر! آمين“.

خبر ناهي بندو خدا جو يار يا خدا بندي جو يار، پر ڪا ياري آهي ضرور، ڪو تعلق، ڪا محبت، ڪاملن ۾ سنبندي آهي ضرور، جنهن آدم کي پنهنجي شڪل تي ناهڻ جو ارادو ڪيو. اهو تہ ڪير نٿو ٻڌائي تہ آدم جي شڪل ناهڻ کان اڳ ۾ هن آدم جي شڪ ڏني هئي ۽ پوءِ ان کي پنهنجي شڪل تي ناهي، ان ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڏيئي ڇڏي.

۽ اها ياري تہ آدم کي شڪل ۾ اچڻ کان اڳ جي آهي ۽ هاڻ ايڪيهين صديءَ جو آدم ڪنهن اڻ لکي صديءَ جي تاريخ واري پيدائش کان اڳ جي، اُن ياريءَ جي تلاش ۾ قربان جهڙا هزارين هئا پر سندن صوفياڻي ذهن تي رڳو صوفياڻيون صدائون ۽ قلب ڪاڙهيندڙ قول هئا بس!

هاڻ رات ڪافي گذري چڪي هئي. ناڪئي پنهنجو حڪم ڏيئي ڇڏيو هو تہ ”رڃ هودارڻ جي تياري ڪريو.“ خلاصي سڀ پنهنجي ان تياريءَ کي لڳي ويا. چنڊ پنهنجي موڪلاڻيءَ وارو رنگ آهستي آهستي بدلائڻ لڳو هو. قربان کي چنڊ جي اها موڪلاڻي ۽ ان جو اهو ڏڌو روشن رنگ سندس ڪيفيتن ۾ جڻ سمايل ئي رهندو هو. هو عدن سان اڪثر چنڊ وهامڻ تائين ڪچهريون ڪندو هو. ان مهل بہ چنڊ جي ان روشني ڪيس عدن ياد ڏياري ڇڏي هئي، جنهن ۾ سندس اڳ ڪيل ملاقاتون ستائڻ لڳيون هيون.انهن ۾ بہ خاص ڪري اُهي ڳالهيون، جيڪي هنن پنهنجي هر ملاقات دوران پي دهرايون هيون، ۽ اهي اقرار پريون ڳالهيون هميشہ ياد رکڻ لاءِ هڪٻئي کي تاڪيدون پي ڪيائون. قربان ان مهل اهي پنهنجي ذهن ۾ دهرائڻ لڳو هو. هن کي ڪيترين ئي

ڳالهيون ياد آيون. پر سندس ذهن ۾ شروعات هن خيال سان ٿي, "ڇا اهو ضروري آهي عدن, جنهن سان عشق ڪجي ان کي حاصل ڪجي؟"

هن سوچيو مون هُن کي ائين ڇو چيو هو ۽ وري هڪ ٻيو خيال ياد آيس, "تون چپ ڇو آهين عدن, ڏس تنهنجا گناهه ۽ ثواب. سڀ مون هاڻ پنهنجي نصيب جي نالي ڪري لکي ڇڏيا آهن... دوزخ جي باهه کي منهن ڏيڻ هاڻ منهنجو مقدر آهي, تون پريشان نه ٿي. هاڻ ڪجهه ڪِل ته منهنجي اندر ۾ پيل بهشت جي خواهش بيمار ٿي مري پوي!".

تڏهن عدن وارو ان سوال جو جواب ياد آيس, "مون پنهنجن دردن جي ڪتاب کي, قرآن جيان پڙ ڏيئي, ويڙهي, پنهنجي دل جي رحل ۾ رکي ڇڏيو آهي, تنهن کي تون کولڻ جي ڪوشش ڇو پيو ڪرين قربان؟

اکين مان رت جو سمنڊ وهائي, ٽٽل دل جي سلائي ڪرڻ سولو ڪم نه ناهي. پر ان کي پراڻي جتي جيان سبي پنهنجي جيءَ ۾ لڪائي رکڻ ڪان پوءِ, هاڻ سڀ ڪجهه وسارڻ جي ڪوشش پيئي ڪريان. تون ان کي اتان ڪڍي منهنجي منهن ۾ نه هڻ!"

عشق جڏهن انسان جي زباني محبت جو اظهار ڪندو آهي, ته اُها ٻولي زماني کي مڪمل سمجهه ۾ ڪڏهن آئي آهي؟ ان کي ته بس اُهي ئي سمجهندا آهن, جن جي نظرن ۾ نينهن ويٺل هوندو آهي.

هڪ ته رات جو پوين وقت, ٻيو ماڻهو سمنڊ جي سيني تي ويٺل هجي ۽ چنڊ جي مڌم روشني هجي ۽ ٿيون ماڻهو جي ماس واري دل ۾ عشق جهڙي آفت جاڳندل هجي ته پوءِ عافيت ڪٿڙي ۽ پوءِ اهڙي عاجز جي ڪيفيت بيان ڪرڻ آسان نه ڪونه ڇئبي.

هن کي ياد آيو جڏهن هن عدن کي چيو هو "ڇا عدن جو باغ تو جهڙو ئي خوبصورت هوندو. جي ائين آهي, ته پوءِ جن توکي ڏٺو سي هاڻ نمازون ڇو پڙهندا؟"

اهو عدن کي هن تڏهن چيو هو جڏهن محبت ۾ هن کي هاڻ اِهو يقين ٿي ويو هو ته, "عدن جو باغ انسان کان وڌيڪ خوبصورت ٿي نٿو سگهي." ان ڪري ئي هن کي پنهنجو خدا ڪنهن مذهب جي بجاءِ انسان مان ڇتو نظر پي آيو ۽ هن روا پرست ۽ خدا پرست واري جنجهٽ ۾ پوڻ ئي نه پي چاهيو.

هن هڪ حسين ۽ خوبصورت نوجوان ڇوڪري, عدن, مان پنهنجي خدا جي مڪمل خدائي شايد ڏسي ورتي هئي.

هن انساني شڪل کي, عياشيءَ واري نظر کي انڌو ڪري, الاهي واري نظر سان پي ڏٺو ۽ هن کي ان مان قدرت جي اها ڪل شاهڪار شايد نظر آئي, جيڪا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ بس رڳو خدا جي شڪل ۾ جُڙيل هئي.

هن کي مسجد جي رنگين محرابن کان وڌيڪ انسان جو نڪ، خدا جي شڪل سان ويجهو نظر آيو.

هن کي موهن جي دڙي واري مورتي جي الماسي اکين کان انسان جي زنده اکين ۾ پنهنجو خدا وڌيڪ چٽو نظر پي آيو.

هن ته هڪ ڀيري پنهنجي پيءُ کي به چئي ڏنو هو ”جي انسان هن ڌرتيءَ تي آباد آهي، ته اها خدا جي شڪل جي سلامتي آهي!“

هن کي اُهو بحث به ياد آيو جيڪو هن هڪ لڳا عدن سان ڪيو هو ”عدن، جيڪڏهن آئون چوان ته، منهنجو مرشد تون آهين، ته منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم هوندو؟“

”هر محبت ڪندڙ جو احترام ڪجانءِ“. عدن چيو هئس، ”جيڪڏهن پنهنجين اکين ۾ ڏسي سگهين، ته پوءِ عورت جي اکين ۾ ڪڏهن نه ڏسجانءِ!“

”ڇا، تنهنجين اکين ۾ به نه؟“ قربان پڇيو هو.

”منهنجون اکيون ته توکي هر صورت ۾ نظر ايندين ۽ تنهنجي اکين ۾ مان ئي ته آهيان!“ عدن چيو هو.

”ڇا آئون پاڻ کي تنهنجين اکين ۾ ڏسي سگهان ٿو؟“ قربان پڇيو هو.

”گمراهيءَ جون ڳالهيون نه ڪر. اکين جي راهه ۾ رُلي ويندڙ رند پنهنجي منزل وڃائي ويهندا آهن“. عدن چيو هو.

”ڇا تنهنجيون اکيون، منهنجي راهه جي رهبري ناهن؟“ قربان پڇيو هو.

”مون توکي عورت جي اکين ۾ ڏسڻ کان منع ڪئي!“ عدن چيو هو.

”ته پوءِ تون ڇا آهين؟!“ قربان پڇيو هو.

”مان بخشش آهيان. پنهنجي پيءُ جي بخشايل. مون کي عورت واري درجي مان خارج ڪيو ويو آهي، توسان محبت جي ڪري – تون چاهين ته منهنجي اکين ۾ ان نظر سان ڏسي، مون کي عورت بڻائي سگهين ٿو. پر اهو به هاڻ تنهنجي لاءِ شايد مشڪل آهي. مان عدن آهيان. مون کي واقعي به اهو باغ سمجهيو ويو آهي، جنهن جو ميوو ابليس ۽ آدم جهڙي ڪيل غلطي، ڪو به انسان حاصل نٿو ڪري سگهي.“ عدن چيو هو.

”منهنجي توسان محبت آهي، ان باغ سان نه. جنهن جا رستا اُلجهيل آهن. جنهن تان آدم ۽ ابليس کي پاڻ ۾ ويڙهائي بدنام ڪيو ويو.“

”پر مان ته هاڻ اُها تلوار آهيان، جيڪا آدم ۽ ابليس جي هٿن مان ڇڏائي، ڪربل جي مسافرن جي ڪنڌ تي ڪِري آهيان. ۽ مون کي فتور ۽ فتني جو نالو ڏنو ويو آهي. مون کي وري ان درجي ۾

آندو ويو آهي، جيڪو آخري نبيءَ جي زماني ڪان، اڳ منهنجو درجو هو. آلِ رسول جي عاشقن علي جي اولاد کي ڪربلا ۾ ڪُهڻ وقت منهنجي زوجيت کي بہ ڪُهي ڇڏيو.“ عدن چيو هو.

”تہ پوءِ ڇا دنيا ۾ محبت باقي نہ رهي؟ تہ پوءِ هي منهنجي ساهہ اکين ۾ اندر جي احساسن ۾ تنهنجي لاءِ ڇا آهي؟“ قربان پڇيو هو.

”اهي روزِ محشر جي ڏينهن لاءِ شاهديون آهن ان عشق جون، جن ڪوفي ۾ ڪربلا وارن جي وچ ۾ قرآن کي دغا طور استعمال ٿيندي ڏٺو جيڪي تنهنجي ساهہ اکين ۾ اندر ۾ آهي، سو هر محبت ڪندڙ ماڻهو ۾ قيامت تائين قائم رهڻو آهي. پوءِ ڪڏهن اغول ۾ حسين حلاج جي نالي سان، ڪڏهن يوسف ۾ زليخان جي نالي سان. تہ ڪڏهن عدن ۾ قربان جي نالي سان قائم رهندو. ۽ ان کي قائم رکجان، پاڻ کي ڪربلا جي رڻ واري قرباني جيان. بس اهوئي حيات جو مقصد آهي.“ عدن چيو هو.

”ڏس عدن، مون کي پنهنجي محبت مان ابليس وانگر ڌڪاري ڇڏيندينءَ، تہ تون سمجهين ٿي تہ منهنجي سرشاري ۾ گهٽتائي ايندي، نہ هرگز نہ، چاهي اُها ديوانگيءَ تائين بہ ڇو نہ وڃي.“ قربان چيو هو.

۽ پوءِ قربان دل ئي دل ۾ چيو هو ”تہ پوءِ ڪهڙي غلطي اسان ڪئي، جو اسان هڪ ٻئي کي چاهيو. دنيا حالتن کي خراب ۽ غلط چو ٿي چوي، ان ۾ انسان جو ڪهڙو قصور آهي، جنهن کي پنهنجي مرضيءَ سان هڪ نظر بہ ڪيڏانهن ڏسڻ جو اختيار ناهي، نہ ننڊ جو اختيار ۽ نہ مرضيءَ وارو خواب ڏسڻ جي اميد. هي ڪنهن خاص شڪل ۾ جُڙيل دنيا جي آخري ۽ اڪيلي تصوير. جنهن کي ازل کان عبد جو نالو ڏيئي، آٽي عدن جي اڱڻ تي ببهاريو. پر گهر ۾ گهڙڻ جي اجازت گهرڻ لازم ڪري ڇڏي!“ هن خود سان مخاطب ٿيندي، ديوانگيءَ ۾ عدن سان پي ڳالهايو. ”ڪُن“ چئي، دنيا ڇهن ڏينهن تائين بہ تيستائين مڪمل نہ ٿي هئي، جيستائين عدن جي نالي سان عورت تخليق نہ ٿي هئي!“.

پر عدن تہ موجود ڪانہ هئي. هو ان وقت اهي ڳالهيون ياد ڪري ان کان جڻ هادي واري هدايت وٺي، پنهنجن خيالن ۾ واپس موٽيو هو.

محبت ۾ ماڻهو عظيم ٿئي ٿو تہ بہ پنهنجي عظمت کي نٿو ڄاڻي، هن جي نظر ۾ بس محبت عظيم هوندي آهي.

خود ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ، هو انسان جي عظيم ۽ ان جي ماضيءَ تي گهٽو سوچيندو رهيو. ڪيس خبر هئي تہ، جيڪو ماضي وساري ٿو اُهو حال ۾ جهڙو مئل ئي هوندو آهي. ۽ جن جي مستقبل تي نظر هوندي آهي، اُهي ئي اصل زندهہ هوندا آهن.

هي نظر باز عاشق نہ هو. ڪيترا ڀيرا هن جي ذهن تي اهڙا سوال بار بار ايندا هئا تہ، ”مرد ۽ عورت جي عشق مان، ماڻهو ڇو خفا ٿا ٿين، جڏهن تہ ٻنهي جي وچ ۾ خدا موجود آهي!“

۽ سندس ذهن ٿي جواب ڏيندو هو تہ، ”عورت سان عشق، فتني بازي ۽ آتشي خواهش تصور ڪندڙ نالائق آهن!“

۽ عدن کي بہ ڪو غم نہ هو. هن کي خدا جي ڪئي ۾ پورو يقين هو ۽ هن زندگيءَ ۾ بس قربان سان ئي محبت ڪئي هئي، جنهن لاءِ هن کي پنهنجي ماءُ هدايت ڪئي هئي تہ هن پنهنجي ماءُ کي بہ چٽي طرح چئي ڇڏيو هو تہ، ”دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو مرد منهنجي نصيب ۾ آهي، تہ اُهو قربان آهي، ٻي حالت ۾ منهنجو نڪاح موت سان هوندو منهنجي امان“.

۽ هن قربان سان اُها آخري ملاقات رکي انهيءَ ڪري هئي، تہ معاملي کي هاڻ هميشہ لاءِ جوڙيو يا هميشہ لاءِ توڙيو.

توڙي جو هنن ٻنهي کي محبت پنهنجو اُهو راز ڏيئي ڇڪي هئي، جنهن طُور کي سرمو ڪري ڇڏيو هو. هي محبت جي انڌير قيد مان آزاد هئا.

هاڻ ناڪئي جي حڪم موجب خلاصين رڃ مڪمل هوداري ورتو هو پر ان رڃ ۾ پندرهن ڪان ويهہ ڪلو تائين مڇي هئي، جيڪا بہ ڪان تي ڪلو جو ڏنديو مڇي هئي. پر ان رڃ ۾ ڪجهہ ڏاڍا سيري مڇيءَ جا آيا هئا، جنهن خبر ناهي تہ الئي ڪيئن پانداري کي ڏنگي وڌو هو ۽ پانداري جي يڪي ياحسين هئي. اُها سيري نالي مڇي، ان جي ڏنگ ۾ ايترو زهر هوندو آهي، جو ماڻهو ڏهہ ڪان پندرهن ڪلاڪن لاءِ ان درد ۾ سُن لڳو پيو هوندو آهي.

ان ڏينهن اسور جي وقت پانداري وارو اُهو درد، ان ڏينهن واري اُها شروعات جڻ سيني لاءِ درد ڪٽي اچٽي هئي.

ناڪئي جي ڪيفيت اڳ ۾ ئي بڌائي ڇڏيو هو تہ مون کي مايوسي پيئي نظر اچي! پانداري جي رڙو رڙ ٻڌي ناڪئي هن کي بس هڪڙي بروفين جي گوري کارائي سمهاري، ڊرائيور کي مشين چالو ڪرڻ جو چئي هن سُڪاڻ سنيالي ۽ سچ ايريي کان اڳ ۾ سير نر (Creek) تي اچي، هن خلاصين کي هيلو رڃ پوڪڻ جو حڪم ڏنو ۽ سرنگ کي چوڻ لڳو ”پانداري پاڻ وارو پورو ٿيو پيو اٿئي، اهو هاڻ اڄ واپسي مهل مت ۾ ايندو تيستائين ڪاڏي پيتي جو انتظام توکي رکڻو آهي!“

ائين چئي وري چوڻ لڳو ”مون کي پيڻسا اميد هئي تہ پنج ڏهہ ڪلو واري ڏاڻني ملندي، نہ تہ سنگرو يا پنج ست ڪلو واري گولي مڇي ضرور ملندي، پر خير آهي، جيڪي ڏاتار ڏنو.“

تڏهن سرنگ چيس، ”بس الله ۾ اميد آهي. پر اهڙي مڇي تہ مون کي بہ نظر ڪانہ پيئي اچي“.

سرنگ جي اهڙي جواب ناڪئي کي وڌيڪ مايوس ڪري وڌو هو. پنهنجي دل بهلائڻ خاطر هاڻ هي قربان وٽ اچي ويٺو. سچ ايري سنئون ٿي چڪو هو. ناڪئو قربان جي پاسي ۾ ويٺو ئي مس

تہ قربان سندس لتل منهن ڏسي چوڻ لڳو ”ناڪئا صديق، سچ روز انسان جي عدالت لاءِ اپرندو آهي، پر انسان سچ جي روشنيءَ ۾ ئي انصاف وڃايو وينو آهي. ڪو وقت هو جو بهتر انسان ان کي تصور ڪيو ويندو هو جيڪو پنهنجي نسل جي آبادي وڌائي، زمين آباد ڪري، جانور پالي، سمنڊ جو سينو ڪيڙي ان مان موتي ميڙي. سندس ان عمل کي خدا جي عبادت کان وڌيڪ نيڪ عمل چيو ويندو هو. پر پوءِ هاڻ هن پنهنجو ايترو نسل وڌائي ڇڏيو آهي، جو هاڻ خدا جي عبادت کان وڌيڪ بهتر عمل، پنهنجو سر بچائڻ تي اچي بيٺو آهي!“.

ايتري ۾ هڪ هوڙو هنن کي ويجهو ئي اچي لنگهيو جنهن ۾ ڇهہ ماڻهو ويٺل هئا. جيڪي سڀ جا سڀ ناڪئي صديق جا ڄاڻ سڃاڻ وارا هئا. هنن ناڪئي سان سهڻي نموني عليڪ سليڪ ڪئي. اُهي پنهنجي شڪار وارو چڪر پورو ڪري هاڻ جنگيسر ٽڙ تي واپس پئي ويا. ناڪئو انهن سان دعا سلام ڪري قربان سان مخاطب ٿيو ”صوفي! تون صوفي آهين، صوفي پلا ڇا ڪو مذهب آهي؟!“

”دنيا ۾ هر انسان پنهنجي روحانيت ۾ صوفي آهي، پر پنهنجي اهڙي صفت کان اڻڄاڻ آهي ۽ سنڌ جو ماڻهو تہ ازل کان ئي جمال پسند رهيو آهي، جنهن سبب صوفي ازم جهڙي عظيم انسان دوست خيال سنڌ ۾ ئي جنم ورتو ۽ انيڪ قربانين کان پوءِ بہ سنڌ جي سرزمين تي آباد آهي. مذهب تہ عقلي صلاحيت ۽ علمي فائدو رکندڙ اها حد آهي، جنهن ۾ نيڪيءَ جو اُجورو ۽ بديءَ جون سزائون مقرر ڪيل آهن. پر صوفي روحانيت جي رڻ جو مسافر آهي، جتي عقلي صلاحيتون ۽ علمي اڏارون بيهي ٿيون وڃن. اتان کان صوفي جي رمز رواني ٿي ٿئي“.

قربان ۽ ناڪئو صديق صوفي ازم واري موضوع ۾ محو هئا ۽ ڏينهن جو اهو هاڻ ڪو ٻارنهن وڳي جو وقت هو تہ اوچتو اوڀر طرفان کان پارٽ سرڪار جا چار بوٽ (Boat) سندن طرف ايندي ناڪئي کي نظر آيا، پر اُهي ايڏي تيز رفتاريءَ سان پئي آيا، جو اهو صحيح معلوم نہ پئي ٿي سگهيو تہ پاڻيءَ تي ترندڙِ آهن يا هوا ۾ اڏامندڙ. بس چند منٽن ۾ ئي اُهي چارئي بوٽ (Boat) هنن تي گهيرو ڪري، رائفلون تاڻي بيهي رهيا.

ان کان اڳ ۾ ناڪئي ڪوشش ڪئي تہ ريڊيو ٽرانسميٽر (Walkie Talkie) تي ڪنهن ناڪئي کي اطلاع ڪريان تہ اسان کي پارٽي نيوي وارن پڪڙي ورتو آهي، پر اُهو ريڊيو ٽرانسميٽر (واڪي ٽاڪي) هن ڪجهہ دير اڳ ۾ سرنگ جي هٿ ۾ ڏنو هو ۽ سرنگ الئي ڪٿي رکي ڇڏيو هو سو ٽڙ تڪڙ ۾ هٿ اچي نہ سگهيو ۽ پارٽي نيوي وارا گهيرو ڪري ويا هئا.

ناڪئي صديق جي ان هوڙي تي ڪل ڏهہ ماڻهو چڙهيل هئا. هڪ پاڻ ناڪئو هڪ سرنگ، هڪ پانڌاري، هڪ ڊرائيور، هڪ قربان ۽ پنج خلاصي هئا. پر سڀ خاموش، سڀن جي زبان چڻ

(لانگاري) سمنڊ جي اُها گِگ لڳي وئي، جنهن جي لڳڻ سان ماڻهوءَ جو اُهو عضوو سُن ٿي ويندو آهي.

۽ پارٽي نيوي وارا پاڻ ۾ اٺ جوان هئا، جن وٽ پارٽي ساخت جون رائفلون هيون. انهن مان چار ڄڻا، هنن جي هوڙي تي چڙهي آيا ۽ سين کي اونڌو سمهڻ جو حڪم ڪيائون. هنن پاڻ ۾ گجراتي پي ڳالهيو ۽ صرف ٻن ڄڻن ملاحن سان هنديءَ ۾ پي ڳالهايو.

جيڪي چار ڄڻا هوڙي تي ٽپي آيا هئا، انهن مان هڪڙي رڇ جو چيڙو وڏي چڏيو ۽ جهڙپ ڏيئي سُڪاڻ تي وڃي ويٺو باقي ٽي ڄڻا رائفلون تاڻي بيٺل هئا، جن مان هڪڙي سپاهي هڪ خلاصي جي پٺن ڪان پوري وچ ۾ زور سان رائفيل جو ڪنداق هڻي ڪڍيو تنهن دانهون ڪري چيو "گهوڙا ڙي ناڪئا!"

تڏهن سپاهيءَ وري پيو قنداق چيلهه تي هڻندي هنديءَ ۾ چيو، "گاريون ٿو ڏين، رنڊيءَ جا اولاد .... ڊرائيور ڪير آهي اوهان ۾؟ جلدي ۾ جلدي ٻڌايو ڪير آهي؟"

تڏهن قربان جنهن ملاحن جي بچاءُ سبب ڪجهه ڳالهائڻ مناسب نه پي سمجيو پر تنهن نيٺ اردوءَ ۾ ڳالهايو "ڇا؟ ڳالهه ڇا آهي؟!"

"چپ... بڪواس بند ڪر". سپاهيءَ قربان ڪي رائفل سامهون ڪندي داٻي سان چيو ته ان داٻي سان ڊرائيور اٿيو جيڪو هاڻ سمجهي ويو هو ته، اسان هاڻ پارٽي نيوي وارن جي پڪڙ ۾ آهيون ۽ هي هاڻ ڪونه ڇڏيندا، تنهن چيو "آئون آهيان ڊرائيور".

"مشين چالو ڪر، ورنه گولي هڻندس، جلدي ۾ جلدي... جلدي" سپاهيءَ چيو.

هوڙي ۾ لڳل مشين، جيڪا هينو جي انجڻ هئي، تنهن کي ته بس رڳو چالو ڪرڻ جي دير هئي، تنهن بس رڳو سنڌو درياهه کي پٺ ڏني ۽ پوءِ هنن کي سير نهر (Creek) تان ڪٽي، پوءِ پاڏالو نهر (Creek) جنهن کي سنيارڙو به چون، اتان ڪان حرامي نهر (Creek) ۽ حرامي نهر تان ڪاهيندا تقريبن به سؤ ڪلو ميٽر جو مفاصلو هنن ڇئن ڪلاڪن ۾ طئه ڪري هنن کي پارٽ جي بستا نهر (Creek) تي اچي لاٿائون.

---

**هنن** ڪي بستا (Creek) جي ڪنڌيءَ تي جنهن هڪ ننيڙي ڪمري ۾ اڇلي ڇڏيو هئائون. اُها اتي ڪا پارٽ جي معمولي پوليس پوسٽ هئي. ڪمرو تمام بدبودار ۽ ايترو ننيڙو هو جو هي هڪ ٻئي تي چڙهيا وينا هئا ۽ تنگيون ڏکيون به ڪري ڪونه پي سگهيا.

اهو اربع جي شام چار وڳي جو وقت. هاڻي خميس جي رات هئي. هنن کان انهيءَ رات نه ڪجهه پڇيو ويو ۽ نه ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ ڏنو ويو.

ناکئو صديق جيڪو هڪ وڻجاري جي حيثيت سان دلير ته هو سندس دليريءَ تي درياهه ۾ سندس خلاصي فخر ڪندا هئا، پر خطرن جي آمد کان ڪجهه گهبرائيندڙ هو ۽ سخت بڇڙيوال هئڻ ڪري سندس حوصلو ڪجهه ڪمزور هو. سمنڊ جون سختيون ۽ ان جي وير ۽ ورم جون سيئي ڪيفيتون هن ٻچپن کان پنهنجي پيءُ سان گڏ ڪيترن ئي معلم ناکئن سان اندر پار ۾ توڙي سمنڊ جا ڪنڌي ڪنارا ڏسندو سکندو ۽ سهندو آيو هو پر هاڻ هڪ ناکئي جي حيثيت ۽ سرپرست هئڻ جي ناتي سان، غير ملڪي آفيسرن اڳيان پنهنجي ذهني صلاحيت الئي ڇو ساري نه پي سگهيو.

انهيءَ ننيڙي ڪمري جي قيد ۾ جنهن ۾ مڇر جڻ هنن لاءِ هٿ سان ويهاريا ويا هئا، تنهن ۾ آڌي رات کان پوءِ هڪ خلاقي چيو "هن کان سنو هو ته، اسان پنهنجو پاڻ ڪي درياهه ۾ اڇلي ڇڏيون ها، ته گهٽ ۾ گهٽ هنن ڪمينن جي هن قيد ۾ ڪنا تي نه مرون ها".

پر ناکئي کيس هدايت ڪندي چيو "همٿ کان ڪم وٺو يار، نه ته اوهان کي ته خبر آهي، اسان ان مهل سير نهر (Creek) تي انهيءَ هنڌ بيٺل هئاسين، جتان کان ٿوري ئي فاصلي تي پاڪستاني فوجي چانوٽي آهي، پر بدنصيب ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهو نصيب وارا ڪونه سڏبا آهن، تنهن ڪري مڙس ماڻهو ٿيو ۽ ڪجهه پنهنجي مڙسي رکو!"

هنن جو اربع ڏينهن چار وڳي کان خميس جي ڏينهن ٽين وڳي تائين پيشاب، پاڻي سڀ بند هو. خميس ڏينهن ٽين وڳي هنن کي ڪجهه ڪاڌي لاءِ ڏنو ويو پر سا مانيءَ جي بدلي جڻ بک هئي، جنهن کي روح رڙيون ڪري کائيندو هجي، سو ڪنهن ڪاڌي ڪنهن ڪانه ڪاڌي. پر ويچارو پانداري عرس، جيڪو هوڙ تي ڪاڌي جو رڌ پچاءُ ڪندو هو جنهن کي سيري مڇيءَ جي ڏنگ ڏينهن جا تارا ڏيکاريا هئا، سو بک جو به ڪانهلو هو ته کائيندو به ٻين کان گهڻو هو تنهن اڪيون پوري ڍؤ خاطر جڏهن اُها ماني به ڳڙڪائي ڇڏي، ته کيس ڪاڪوس هيڪاندو تنگ ڪرڻ لڳو.

ان مجبوريءَ ڪان هن قربان کي چيو "يار مون کي هاڻ ڪاڪوس ڏاڍو تنگ پيو ڪري. پلا رات کان پيشاب نہ همراهن هن ڪوٺڙيءَ ۾ ئي ڪري ڇڏيو آهي، نہ پوءِ ڪاڪوس ڇو نہ؟!"

سندس انهيءَ خيال تي ناڪئي کي ڪاوڙ لڳي ۽ ڪيس بلائتي ڇڙٻ ڏنائين نہ قربان چيو "ڇو ٿو وڙهين ويچاري سان، آئون ڳالهايان ٿو هنن سان".

قربان اٿي دروازي مان نظر ٻاهر وڌي، نہ ٻاهران سامهون پوسٽ انچارج نظر آيس، جنهن جي شڪل اهڙي هئي، جو ان جو منهن ڏسڻ بہ هڪ سزا هئي. سندس قد ڊگهو مٿو بہ ڊگهو پر ڪياڙيءَ کان وينل، ڪن وڏا ۽ پوئتي وريل، منهن ڪارو ۽ اکيون ڳاڙهيون. سندس نسل سمجهڻ ۾ ئي ڪونہ پي آيو. عمر لڳ ڀڳ سٺ سالن جي اندر پي لڳي ۽ بدن ۾ گوشت گهٽو هئس. قربان ڪيس اردوءَ ۾ قيديءَ واري لهجي ۾ چيس، "سائين اسان رات کان پيشاب نہ هن ڪمري ۾ ئي ڪندا اچون ۽ اسان کان ڪير ڪجهہ پڇڻ وارو ئي ڪونهي. اسان نہ هن ڪمري جي غلاظت ۾ بيمار ٿي پيا آهيون ۽ اڄ اسان کي ڪاڪوس تنگ ڪيو آهي. اسان انسان آهيون ۽ بيگناهہ آهيون. ڪجهہ اسان تي رحم ڪريو".

پوسٽ انچارج ڪرسيءَ تان اٿي هنن وٽ دروازي تي آيو ۽ پنهنجي آڪڙيل منهن کي ڦتائيندي هنديءَ ۾ چوڻ لڳو "ڪاڪوس اوهان کي تنگ ڪيو آهي...هان؟!"

ايترو چئي وڏي آواز هڪ سپاهيءَ کي سڏ ڪيائين. جيڪو تڪڙو ئي اچي وٽس حاضر ٿيو جنهن جي هٿ ۾ هڪ ٿلهي بانس جي لٺ هئي، تنهن کي بہ هنديءَ ۾ چيائين، "هن شهزادي کي ڪاڪوس تنگ ڪيو آهي، هن کي ليٽرين ڏانهن وٺي وڃ. پر ياد رک، هي ليٽرين سان گڏ پيشاب ڪري، تہ هن کي اُتي ئي ختم ڪري ڇڏجان!"

سندس اهو حڪم پانداري عرس ٻڌو تہ ويچاري کي اندر ان ڪمري ۾ بہ موت ۽ ٻاهر بہ موت نظر اچڻ لڳو پر قربان سندس همٿ وڌائڻ خاطر چيس، "اٿي وڃ قيدي آهيون، مهمان ڪونہ آهيون جو پاڻ سان کلي ڳالهائيندا".

پانداري اٿيو ۽ دروازي کان ٻاهر نڪتو تہ سپاهي پويان ڪالر ۾ هٿ وجهي اڳيان ڪيائينس ۽ جنهن ليٽرين ۾ هن کي روانو ڪيائين، ان جي نہ ڇت نہ دروازو. جڏهن پانداري اندر داخل ٿيو تڏهن سپاهي ان کُليل دروازي تي بيهي ڪيس لٺ ڏيکاريندي چيو "ڪاڪوس پلي ڪر، پر صاحب جو حڪم آهي، پيشاب ڪندي تہ هيءَ لٺ ڏسي ڇڏ. پنهنجي گونهہ سان گڏ پيو هوندين!"

ليٽرين واري ڪوٺڙيءَ جو فرش سڌو هو ڪموڊ وغيره ڪجهہ نہ هو پائخاني جي نيڪال جي لاءِ بس رڳو سلوپ تي ديوار جي دنگ سان هينان هڪ ڳڙکو نهيل هو.

هاڻي ڪاڪوس سان گڏ پيشاب نہ اچي، اها اهڙي ڪرامت ويچار پانڌاري ۾ تہ هُئي ڪانہ. سو هن جڏهن ڪاڪوس سان گڏ پيشاب ڪيو تہ سڏي فرش هيٺ سبب اهو دروازي تائين بہ اچي نڪتو تہ ٻاهران بيٺل سپاهيءَ جي ان تي نظر پئجي ويئي، تنهن گار ڏيندي چيو "نيٺ پنهنجي موت کي دعوت ڏنئي، هاڻ ٻاهر اچ... جلدي اچ!"

پانڌاري عرس واندو ٿي، ٻاهر اچي بس اجا سپاهيءَ کي سامهون ئي مس بيٺو تہ سپاهي جيئن هن جي مٿي تي لت ورائي، تہ هن دل واري پاسي جو بچاءُ ڪندي، ڪاٻي پاسي ڏانهن ڪنڌ ڪيڏائي، ساڄو پاسو ڏنو تہ اها لت سندس ڪلهي کان هيٺ ٻانهن تي لڳي ۽ ٻانهن جو ٽونٽ ڪان مٿي ۽ ڪلهي کان هيٺ وارو حصو ڀڄي پيو ۽ پوءِ سپاهي ان ڀڳل ٻانهن کان پڪڙي ڪيس ڪمري ۾ اچي ڇڏيائين ۽ ويچارو پانڌاري جنهن سيري مڇيءَ واري زهر مان مس جان ڇڏائي هئي، تہ وري ڀڳل ٻانهن واري عذاب آزار ۾ وجهي ڇڏيس. نہ دوا، نہ دارون، سچ لهي چڪو هو. رات پئجي ويئي هئي ۽ اها 27 ڊسمبر جمع جي رات هئي. پانڌاري ويچاري پنهنجي ڀڳل هڏ واري عذاب کان پي سُسڙاٽ ڪيا ۽ قربان جي دل پنهنجي محبوبا عدن واري انجام کي ساري پي دانهون ڪيون. ان ننيڙي ڪوٺڙيءَ ۾ ڀڳل هڏ واري عذاب جي دانهن ۽ پنهنجي دل جي درد کي گڏائي قربان چوڻ لڳو "خدا سان محبت انسان جي مجبوري آهي، ڇو تہ خدا جهڙي خوبصورتي ماڻهوءَ کان نٽي جُڙي ۽ انسان جي صورت جيڪا خدا جي صورت آهي، سا نہ ٺاهي سگهيو ۽ خدا، جنهن جي انسان مڪمل سچاٽپ آهي، سا بس انسان جي صورت ۾ ان جي آباديءَ جيتري آهي".

۽ وري ناڪئي کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو "ناڪئا صديق، هر موسم، هر ماڻهوءَ جي هڪ عمر آهي. گرميءَ واري ڪيفيت، ماڻهوءَ جي خيالن جو ميوو پچائي دنيا کي مفت فراهم ڪندي آهي. بهار جي ڪيفيت خوشبودار خيالن جا گل جهلي، رنگين سوچن کي ڇٽيندي آهي. سرد ڪيفيت ۾ محبت جا گيت، نظم ۽ وايون تخليق ڪندي آهي. ۽ سرءُ جي ڪيفيت، بس رڳو روئڻ ۽ پاڻ پرچائڻ، ريجهائڻ وارو قل ڏيندي آهي، جيڪي ماڻهو منهن ويڙهي، پنهنجي جيءَ جي جنازي تي روئندا آهن، اُهي پنهنجي جڻ آدميت وڃائيندا آهن. ۽ پر جيڪي ماڻهو لُڙڪن سان منهن ڌوئي ٻين سان کلندا آهن، اُها انسانيت آهي".

جنهن وقت قربان اهڙي انسانيت تي ويني ڳالهايو ان وقت تائين، بينظير ڀٽو راولپنڊيءَ واري باغ جي عام شاهراهہ تي قتل ٿي چڪي هئي ۽ سڄي سنڌ ماتم ۾ بدلجي ويئي هئي، ۽ ماڻهو ائين رڙيون ڪري پي رُنا، جو ڪجهہ وقت ائين پي لڳو تہ ماڻهن جي اکين مان وهندڙ پاڻي سنڌ کي بہ ٻوڙي ڇڏيندو.

آڌي رات ٿي چڪي هئي. جيئن سڄي سنڌ بينظير جي وڇوڙي ۾ سڏڪا ڀري جاڳي رهي هئي، ائين قربان ۽ عدن بہ هڪ ٻئي لاءِ جاڳي رهيا هئا.

27 ڊسمبر جي ان سرد رات، عدن پنهنجي واعدي مطابق قربان سان ملڻ لاءِ، سنڌو نديءَ جي ڪنڌيءَ سان اُن تڙ تي اچي، قربان جي انتظار ۾ ويٺي هئي. سڄي سنڌ بينظير جي شهادت جو ماتم پي ڪيو سنڌ جو هر ماڻهوءِ هر خاندان ان اوچتي حادثي ۾ وائڙو هو. ڪنهن کي بہ ڪنهن جي ڪا سار ڪانہ هئي ۽ پوءِ بہ عدن پنهنجي محبت کي اهميت ڏيئي پنهنجو گهر ڇڏي پنهنجي قربان جو انتظار ويٺي ڪيو.

سج هميشہ وانگر اوڀر کان ٿي اڀريو پر ان ڏينهن وارو سج، پاڻ سان گڏ اهڙو عذاب کڻي آيو هو جنهن جي ڇوٽڪاري جون اميدون وقت پنهنجي بغل ۾ هٽي ائين گم ڪيون هيون، جو لڳو پي تہ هاڻ گل محمد سميت سنڌ جو ماڻهو ملڪي سياست ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيندو.

سج اُڀري مٿي اچي سنڌ جي هر خاندان کي جاڳايو هو پر عدن گهر نہ موٽي هئي. سندس بسترو خالي ڏسي سڄو گهر پريشان هو. گهر جي نوجوان، ڪنواري ۽ لائق نياڻي گهر مان گم هجي تہ آخر اهو راز گهر ۾ ڪيترو رهندو. جنهن مهل سندس پيءُ رانجهي شاهہ کي سندس زوجہ ٻڌايو "اڄ پنهنجي عدن نيٺ ڪو پنهنجو فيصلو ڪري ڇڏيو خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل گهر مان نڪري ويئي!"

تڏهن رانجهي شاهہ جي انڌي يقين ڳالهايو. "هوءَ قربان مهاڻي کان علاوه ڪنهن سان بہ نٿي وڃي سگهي، پر افسوس پنهي کي پنهنجو موت ياد ڇو نہ رهيو".

"موت جي ڳالهہ تو ڪرين." زال چيس، "مون توکي ٻڌايو هو تہ، هوءَ قربان سان محبت ٿي ڪري، تڏهن توکي سوچي ڪو فيصلو ڪرڻ کپندو هو. هاڻ انهن جو نصيب، ڪو غلط قدم نہ کڻجانءِ، نہ تہ اجايا ماڻهو ڪلائيندا سين".

پر رانجهي شاهہ جو اندر ٻرڪي پيو هو ۽ پنهنجي ذات جي اوچائي سندس اندر ۾ وڌ وجهي رهي هئي ۽ هن پنهنجا پڪا ماڻهو قربان جي پويان لڳايا تہ، "اڄ جو اڄ پڪي خبر کپي تہ هي ڪميڻو قربان ڪهڙن ماڻهن جي معرفت آهي ۽ ڪهڙي پاسي ويل آهي. پر ياد رکجو عام کي اها خبر نہ پوي، تہ رانجهي شاهہ جي غيرت هڪ ڊيڊ مهاڻي جي هٿان پليد ٿي آهي".

رانجهو شاهہ انهيءَ ئي ساڳئي سنڌونديءَ جي ساحلي علائقي ۾ پنهنجي ڪراچيءَ واري سيٺ، عمر قلياڻي جي اسمگلنگ واري ڌنڌي جي اڳواڻي ڪندو هو جتان کان قربان کي پارتي نيوي وارا ناڪئي صديق جي هوڙي سميت ڏهہ ماڻهو پڪڙي کڻي ويئي هئي، جيڪي هاڻ پارتي رياست جا قيدي هئا ۽ بستا (Creek) جي ڪنڌيءَ تي هڪ ننڍڙي ڪوٺڙيءَ ۾ پي سڙيا، جتي هنن کي هاڻ ٽيون ڏينهن هو. ان ڏينهن ٽين وڳي ڏهن سپاهين جي نفري سان هڪ آفيسر آيو جنهن کي بہ ڦول لڳل هئا. ان آفيسر پنهنجي گاڏيءَ مان لهندي پڇيو "مڇي مار ملاح ڪٿي آهن؟"

پوسٽ انچارج ڪيس نمستي ڪندي اشاري سان گڏ گجراتي ۾ چيائين، ”سر هي ... سامهون!“

اهو آفيسر ان ڪونڙيءَ جي دروازي تي اچي بيٺو ته چار جوان جديد هٿيارن سان ليس ان سان گڏ بيٺل هئا. انهن کي حڪم ڏيندي چيائين، ”هنن کي هينئر ئي هتان ڪٺوءِ جام نگر جيل تي پهچايو. پر خيال سان، مون کي ڪا شڪايت نه ملي!“ آفيسر جي گفتگو دوران هنن رڳو جام نگر جيل وارا لفظ سمجهيا، باقي هنن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. آفيسر ائين چئي ڪا ضروري لکپڙهه ڪري واپس هليو ويو ۽ اُهي چار نوجوان سپاهي، پوسٽ انچارج سان لکپڙهه ڪري، انهن ڏهن ئي همراهن کان صحيحون وٺي، ۽ پوءِ سندن اکيون ٻڌي سيٺ کي گڏيل هٿڪڙي سان بڪتر بند گاڏيءَ ۾ چاڙهي جام نگر جيل ڏانهن روانا ٿيا. تقريبن ٽن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ هنن هڪ شهر جي وڏي هوٽل اڳيان گاڏي بيهاري. هنن کي گاڏيءَ مان لاٿائون، پر هاڻ هنن جون اکيون کولي ڇڏيائون ۽ جوڙي جوڙي سان هٿڪڙي هنئي. سج لهي چڪو هو. شهر ۾ رنگين رونق ۽ ماڻهن جي چڱي چهل پهل هئي. پوليس جو هنن سان رويو بهتر ۽ سٺي سليقي وارو هو. جنهن مهل هنن کي هوٽل جي طرف وٺي پي ويا، ته ان مهل ان هوٽل اڳيان هڪ شهريءَ هنن کان پڇيو، ”اوهان سنڌي آهيو؟“ هنن جڏهن کنهن کي سنڌي ڳالهائيندي ٻڌو ته سندن مرده روح ۾ ساهه پئجي ويو.

هي گجرات شهر هو جنهن ۾ سنڌين جي آبادي وڏي تعداد ۾ هئي. ان سنڌي ڳالهائيندڙ شهريءَ کي ناڪئي چيو، ”ها! اسان سنڌي آهيون ۽ اسان کي عربي سمنڊ جي سنڌ واري علائقي مان پڪڙي ڪٺي آيا آهن.“ تڏهن هن سپاهين کي چيو، ”هي ته تمام بکايل پيا لڳن. هنن کي کارايو پياريو ۽ ان جو بل مان ادا ڪندس“.

ان مهل سپاهي، ائين هائوڪار ڪئي، جو ائين لڳو ته، پارت ۽ سنڌ جي پوليس ۾ بس رڳو اهو فرق هو ته پارت جي پوليس جو رويو ان مهل بهتر هو باقي رشوت جي بازار هڪ جهڙي پي لڳي. جڏهن اهو سنڌي، انهن سان گڏ هوٽل تي چڙهيو ته ٻه سنڌي نوجوان پيا ٻه هنن سان اچي مليا. ۽ پوءِ تنهي گڏجي، هنن جي ضرورت مطابق، هنن جي خدمت چاڪري ڪرڻ شروع ڪري ڏني، سواءِ نوان ڪپڙا وٺي ڏيڻ جي. باقي ماني، چانهه ۽ سگريٽ بيڙي کان روڪڙ تائين سندن مدد ڪيائون. ويچارو پاندباري جنهن پنهنجي پيگل پانهن سان عذاب پي ڪاٽا، جيڪا هاڻ ڪڙهي، ڪِني تي خراب ٿيڻ واري هئي، ان جي به هنن ملم پٽي ڪرائي ڪيس دوا دارون وٺي ڏني هئائون.

جنهن وقت هنن هوٽل تي ماني وٺي کاڌي، ان مهل تائين اجا سنڌ ۾ بينظير جي شهادت جو تڏو وڇايل هو ۽ جيئن ڏهه ڇٽا هڪ ننيڙي بدبودار ڪمري ۾ تي ڏينهن سڙيا هئا، ائين سڄي سنڌ رڳو باهيون هئي، آفيسون، بئنڪون، ٽاٽا ۽ سرڪاري بلڊنگون وغيره سڀ دونهين ۾ ويڙهيل

هئا، ۽ شهرن ۾ عام ڦرلٽ ائين هئي، جيئن تاريخ ۾ ٺٽي شهر کي ڦري لُٽي سڄو جلايو ويو هو. گل محمد به بينظير جي شهادت سان گڏ جهڙو پنهنجي پٽن جو تڏو وڇايو ويٺو هو. عام طور تي ڏنو پئي ويو ته، سنڌي ماڻهن جو روئڻ پٽڻ ٽن ڏينهن تائين، يا وڌ ۾ وڌ ڏهه ڏينهن. ڪربلا جي قضيي جا چاليهه ڏينهن به بس عقيدي جي ڪري ڪيس ياد رهن ٿا. اهڙي طرح بينظير جي شهادت واري ڏک ۾ سڄي سنڌ ۾ جيڪو تڏو وڇايل هو. تنهن جو هاڻ ٽيجهو مڪمل ٿي چڪو هو ۽ دعائون پڙهي ڀٽو خاندان جي ان آخري ڏک وارو تڏو هاڻ هميشه لاءِ ويڙهيو پئي ويو. ائين پئي لڳو ته، هاڻ سنڌ ۾ نه ڪنهن ڀٽو خاندان جي فرد لاءِ ڏک ۾ تڏو وڇائبو ۽ نه ڀٽو خاندان جي سياست ۾ شهيد ٿيندڙ لاءِ ڪو سڄي سنڌ ۾ تڏو وڇايو ويندو.

ائين ٽن ڏينهن کان پوءِ سنڌ ۾ ٻرندڙ باهه به ٺرڻ شروع ٿي ويئي ته بينظير جو ارمان به ڳڙهي خدا بخش تائين اچي، هاڻ ڀٽو خاندان جي سياست جو آخري باب ڇڻ بند ٿيڻ وارو هو. پر رانجهن شاهه جنهن کي پنهنجي نوجوان نياڻي عدن جو اجا لاش به ڪونه مليو هو ۽ قربان جو به ڪو ڏس پتو هٿ ڪونه آيو هئس، سو تنهن جي اندر واري باهه گهٽجڻ جي بجاءِ، ڪوريءَ جيان بند ٻاڦ ۾ ٻري رهي هئي. گهٽي هڻ مارڻ وٽ وٺان کان پوءِ ڪيس رڳو اها خبر ملي ته، ”بينظير ڀٽو جي شهادت واري رات کان ٽي ڏينهن اڳ ۾، قربان صوفي صالح محمد جي اوطاق تي ترسيل هو ۽ اتان کان پوءِ هو ڪنهن هوڙي تي چڙهي، عربي سمنڊ ۾ ويل آهي“.

جڏهن ڪيس خبر پيئي ته، قربان عربي سمنڊ جي طرف ويل آهي، ته اُتي قربان کي هٿ ڪرڻ هن لاءِ ڪو ڏکيو ڪم ڪونه هو. پر هن کي شڪ هو ته، هُو ضرور ڪنهن ناڪئي جي معرفت ڪراچيءَ ۾ ئي ڪٿي رهيل آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ ابراهيم حيدري يا ڦشري يا منهوڙو کان ٻاهر نه هوندو. تنهن ڪري هن ڪراچيءَ کان شاهبندر تائين پنهنجا سڀ واسطا استعمال ڪيا ۽ ڪراچيءَ کان شاهبندر تائين هر ناڪئو قربان جو پڇائو هو. آخر انهن کي اُهو ناڪئو مليو جيڪو درياهه ۾ پنهنجو رئڻ پورو ڪري اربع جي ڏينهن واپس جنگيسر ٽڙ تي پي آيو. جنهن ناڪئي صديق سان عليڪ سليڪ ڪئي هئي. تنهن به ڪين رڳو ايترو ٻڌايو ته، ”مون ناڪئي صديق کي ڪاجر نر (Creek) تي بيٺل ڏٺو هو. مون کي شڪ ٿو پوي ته هو اندر ٻار ۾ چڪر تي ويو هوندو. پر ان کي اڄ ڏهون ڏينهن ۽ واپس نه آيو آهي ته پوءِ پڪ سان هو ڪٿي خراب ٿي بيٺل آهي، يا ڪو ٻيو مسئلو آهي، ڇو ته ناڪئي صديق وٽ اڄڪلهه پنهنجي واڻ ۾ رڇ ڪُٽل آهن ۽ ٻيو ته هو هاڻ هفتي کان وڌيڪ ڏينهن جو رئڻ هڻندو ئي ناهي. ضرور ڪو معاملو آهي“.

رانجهي شاهه کي جڏهن اها خبر ملي، تڏهن قربان جي وڌيڪ تصديق لاءِ، ناڪئي صديق جي گهر تائين پڇا ڪرائي، جتان ڪيس اهو پڪو احوال مليو ته، ”ناڪئي صديق جي سڄي برادري خود ناڪئي لاءِ پريشان آهي ۽ نه رڳو ناڪئي صديق لاءِ پر ان سان گڏ صوفي صالح محمد جو مهمان،

قربان ملاح جي نالي سان نوجوان عمر وارو ماڻهو بہ سندس هوڙي تي چڙهيل هو. پر انهن جي هاڻ ڪا قال نڪو قيل. خبر نٿي پوي تہ هو ڪجاڙي لاءِ ڪٿي رنڊيا آهن!“

انهيءَ خبر رانجهي شاهہ کي ٻن ذهنن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪڙو تہ هن کي ڪراچيءَ جو شڪ اڳ ۾ هوءِ ٻيو هن جڏهن ڪاجر نهر (Creek) جي معاملي تي سوچيو. تڏهن هن کي اهو بہ وهم ٿيڻ لڳو تہ. ”ٿي سگهي ٿو هو ناڪئي صديق جي معرفت سرحد پار ڪري انڊيا هليو ويو هجي!“ تنهن ڪري هن کي سرحد جي معاملي ۾ بہ پنهنجي اسمگلنگ واري ڪاروباري لائين کي بہ استعمال ڪرڻو پئجي ويو. ان لاءِ هن پاڻ ڪراچي وڃي پنهنجي اسمگلر سيٺ عمر قلياڻيءَ کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي ۽ اداڪاري ڪندي پنهنجي نوجوان نياڻي عدن جي معاملي ۾ واڳو وارا ڳوڙها ڳاڙي، روئي بہ ڏنائين. سندس اهڙي دڪدائڪ معاملي تي، سندس اسمگلر سيٺ يقين ڏياريو تہ. ”اهو ماڻهو رڳو انڊيا نہ پر، ايران، افغانستان، ملائيشيا يا پلي دبئي ڇو نہ وڃي لڪي. اُهو پاڻ کي ڪٿي بہ لڪائي نہ سگهندو.“ سندس ان اسمگلر سيٺ اهڙو يقين ڪيس اهڙي انداز ۾ پي ڪرايو. جو ڄڻ تہ هُو پنهنجن سڻن پيڙهين کان اهڙي غير ملڪي ڪاروبار سان لاڳاپيل هو.

اهڙو غير ملڪي ۽ غير قانوني ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو. پنهنجي ان ڪاروبار سان لاڳاپيل ملازم توڙي پنهنجي تعلق وارن ماڻهن کي پنهنجي بس ذاتي مقصد تائين رکندا آهن. ان کان وڌيڪ. انهن لاءِ ڪين ڪو ٻيو لاچار نہ هوندو آهي، نہ انسان دوستي، نہ سماجي تعلق ۽ نہ رشتيداري جي اهميت ۽ ان حقيقت کان رانجهو شاهہ چڱي طرح واقف هوءِ خود پاڻ بہ اهڙي خود غرض ذهن وارو ماڻهو هو. تڏهن تہ اداڪاري ڪري، پنهنجي سيٺ اڳيان روئي ڏنائين. جو ڪيس خبر هئي تہ چوراٽي زندگيءَ جي مالڪي ڪندڙ بس شيطان جي مائٽيءَ ۾ رهي ٿو.

شايد اهڙا ماڻهو شيطان اڳيان ئي روئڻ سکيا آهن. جن لاءِ پيار، محبت، عشق ۽ انسانيت بس رؤنشو ئي رهيا آهن. توڙي جو انسان جو اول ۽ آخري وارث خدا آهي، پر اول ۽ آخر جي وچ ۾ عظيم انسان پنهنجي عمر جو رشتو محبت سان جوڙي رکندا آهن ۽ موت تائين سندن مالڪي عشق ڪندو آهي.

۽ اهڙي رشتي کان محروم ماڻهن جي مالڪي، ذلت ڪندي آهي، جن پنهنجي عمر ۾ هميشہ محبتون شهيد ڪيون آهن!

رانجهي شاهہ بہ هاڻي قربان ۽ عدن جي اهڙي شهادت لاءِ تياري پي ڪئي. هن کي هاڻ پنهنجي ڏيءَ بہ زندهہ ڏسڻ جي نيت ئي ڪانہ هئي ۽ نہ قربان جو جياپو هن کي پسند هو. هن هاڻ قربان جي پيءُ گل محمد کي قربان جي زندگيءَ کان لاتعلق ٿي وڃڻ وارا دٻاءُ پي استعمال ڪيا. جيڪو هاڻ ويچارو خود بہ پنهنجي نوجوان پٽ ڪنهن تڪرار جي ضد ۾ وڃايو ويٺو هو ۽ ٻيو سياسي حوالي کان بہ. بينظير جي شهادت کان پوءِ، پنهنجي سياسي اعتماد کي پنهنجن ئي هٿن

سان جڻ پاڻ گهُٽا ڏيئي قتل ڪري، سياست تان هٿ ڪڍي، پنهنجي مڪمل زندگي هارائي ويٺو هو جنهن ۾ سندس سياست سان گڏ گهر به اجڙي چڪو هو. ائين به ڪونه هو ته ڪو هن سان پنهنجي قسمت وفا نه ڪئي، نه ائين نه هو. هن سڄي عمر سياسي مفادن ڪان هٽي پري ڀٽي خاندان جي عشق ۾ سياست ڪئي هئي، جنهن جي فلسفي جي آخري باب، بينظير جي شهادت تي اچي پنهنجو سياسي معراج ماڻي، اهو واضح ڪري چڪي هئي ته، سنڌ جي غلام قوم پنهنجا عظيم اڳواڻ ڪُهائي، رڳو پنهنجو سر بچائڻ سکي آهي.

جيئن اڪثر دانشور چوندا آهن ته، سياست جو ڪو نتيجو ئي ناهي هوندو!

ائين سنڌ جي سياست جو ڪو ڪتاب ته ڇا پر جڻ ڪو مڪمل باب ئي نه هو. بس رڳو چورن، لوفرن، قاتلن ۽ اسمگلرن لُٽيرن جو راڄ، جنهن جي لاءِ ايڪو اتحاد ۽ پيار محبت وغيره سڀ جڻ پئسن سان خريد ڪرڻ واري ڪا بازاري جنس هئي، جنهن ڪي ضرورت جي وقت خريد ڪريو پنهنجو مطلب ڪڍو، پنهنجو ذهني سڪون ۽ پنهنجو شخصي وقار قائم رکو. ان ڪان وڌيڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته ان کي فنا ڪريو. جيئن عدن ۽ قربان جي محبت مان رانجهي شاهه کي پنهنجي غيرت فنا ٿيندي محسوس ٿي ته هن هڪ ڏينهن گل محمد جي اوطاق تي اچي پنهنجي نيت جو مقصد پڌرو ڪندي چيو "گل محمد، مون کي هاڻ پنهنجي نوجوان ڌيءَ جي ضرورت ناهي ۽ نه ئي پنهنجي اهڙي نالائق ڌيءَ جي بڇڙائيءَ کي گهر ۾ رکي پنهنجو سڄو گهر بڇڙو ڪندس، پر ان جو اهو مقصد ناهي ته مان تنهنجي قربان بابت به ائين پيو سوچيان. ان لاءِ توکي بس ڪا پاڙي جي غيرت آهي، ته تون باغيرت پيءُ جي حيثيت سان پنهنجي بي غيرت پٽ کان لاتعلق ٿي وڃ. مون توکي اڳ ۾ چيو هو ته، پنهنجي پٽ کي سمجهاءِ، اسان اهل بيتن ۾ اکيون نه وجهي، پر توکان پنهنجو نالائق پٽ سنڀاليو نه ٿيو ۽ هن آخر اسان اهل بيتن جو زنانو جنازو اگهاڙو ڪري ڇڏيو".

رانجهي شاهه ان وقت پنهنجي اهڙي شيطاني ڪيفيت ۾ پي ڳالهايو جو گل محمد کي بار بار اهو خيال پي آيو ته، سندس زبان ۾ هٿ وجهي پٽي وٺان، پر هن کيس سيد سمجهي احترام پي ڪيو ۽ بيو ته پنهنجي تڏي جي عزت رکڻ سنڌي سماج جي هڪ عظيم روايت رهي آهي.

بنا ڪنهن ثابتي ثبوت جي رانجهي شاهه اهڙو اڻگو ويني ڳالهايو جو هن پنهنجي عدن جي پانهن، قربان جي هٿ ۾ جڻ اکين سان ڏٺي هئي.

هن گل محمد جي صبر ۽ سهپ کي لتاڙي، وري به پنهنجي بداخلاق لهجي ۾ چيو "گل محمد! تون هڪ سياسي ماڻهو رهيو آهيان، پوءِ به جيڪڏهن ماڻهو تنهنجي اوطاق تي ويهي، توکي چون ته، رانجهي شاهه جو فلاڻو مريد، روز تنهنجي لائق نياڻيءَ کي چميون ڏيئي، ان جي ڇاتي مهٽيندو آهي ۽ رات جو روز گڏ سمهندو اٿس، ته اوهان مهاڻن لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، پر منهنجي

خيال ۾ تنهنجي مهاڳڪي غيرت ائين ضرور سوچيندي، جيئن اڄڪلهه منهنجي سوچ تنهنجي قربان بابت آهي!“

”سائين رانجهن شاهه!“ گل محمد پنهنجون اکيون پوري چوڻ لڳو ”بنا ڪنهن ثابتي ثبوت جي، جيڪي تو ڳالهايو آهي، ان حساب سان جيڪڏهن مون وٽ، منهنجي غيرت لاءِ اوهان سيدن جي گناهه جو ڪو ثبوت هجي، تڏهن به آئون اوهان جي پاڪن بابت ائين نه ڳالهائيندس. برابر آئون مهاڳو آهيان، پر ماڻهو آهيان ۽ اهل بيتن لاءِ مون کي احترام اهي. خبر ناهي ڪهڙي بنياد تي اسان کي ڪمينو سمجهي اها دعويٰ پيا ڪريو ته اهو گناهه قربان ئي ڪيو آهي. جڏهن ته قربان ۽ حافظ امين منهنجا بااخلاق پٽ اهن ۽ رات ڏينهن انهن جي ڳولا ۽ پريشانيءَ ۾ سڄي گهر جو ڪائڻ پيئڻ وهڻ تي ويو آهي. اڄ ٻارهون پندرهون ڏينهن آهي ۽ هيستائين مون کي قربان بابت جيڪا معلومات آهي، ته ان مطابق هو تنهنجو گناهگار ناهي، پر جيڪڏهن تو وٽ سندس اهڙي گناهه جي ثابتي آهي، ته توکي سندس قتل جائز آهي، پر .... سندس فوتي جسم جو وارث آئون ئي آهيان“.

”تنهن جي معنيٰ ته منهنجي دعويٰ ڪوڙي آهي، ۽ تون هن مان لادعويٰ نه ٿيندين!؟“ رانجهي شاهه چيو.

”ڪهڙي بنياد تي پنهنجي پٽ کي حرامي چئي، هن مان هٿ ڪيان رانجهن شاهه! اسان يورپي ناهيون، جو عياشي ڪري اولاد ڄڻيون ۽ پوءِ انهن کي حرامي چئي هٿ ڪڍي ڇڏيون. اسان سنڌي آهيون، ننگ تان نثار ٿيڻ اسان جي تاريخ آهي!“

”ها! هرڪو پنهنجي ننگ لاءِ پيو سر سانديي ۽ پاڙي ۾ ڪنهن جو ننگ اگهاڙو ڪري، ان جي غيرت کي راڄن ۾ رُلائڻ، اها الئي ڪنهن جي تاريخ آهي... ڏس گل محمد! منهنجي ننگ جي معاملي کي سياست جو رنگ نه ڏي، منهنجي غيرت کي سياست جو شهر نه گهماءِ، جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو ته ان جا نتيجا توکي سمجهه ۾ به ڪونه ايندا“.

”جيڪا تنهنجي گفتگو آهي، ان حساب سان مون کي ائين پيو لڳي ته، توهان ان سڄي معاملي جا نتيجا، بس رڳو پنهنجي ئي ارادي مطابق ڏسڻ پيا چاهيو انهيءَ ڪري جو توهان جي نظر ۾ اسان مهاڳا آهيون ۽ دنيا جا سڀ گناهه اسان جي نصيب ۾ لکي ڇڏڻ آسان آهن. منهنجو ته اهو خيال هو ته، هاڻ اسان گڏيل طور ان معاملي جي ڪوشش وٺون، پر توهان جو ارادو پنهنجي مرضيءَ مطابق نتيجا وٺڻ آهن ته نيڪ آهي“. گل محمد چيو.

”اڇا، تنهنجي مرضي آهي ته مان پنهنجي غيرت جي يار جو خاندان اڳواڻ ڪري ۽ پوءِ راڄن ۾ رُلي، پنهنجي عزت فقيرن وانگر، راڄن کان پني وٺان. تون ڇا ٿو سمجهين. آئون ايترو ڪمزور آهيان ۽ قربان کي سڀ ڪجهه ڦبي ويندو. آئون تو وٽ تنهنجي اوطاق تي هلي آيو آهيان، ته ان

جو اهو مقصد نہ سمجهہ تہ اوهين منهنجي لڄ جا وارث ٿي ويا ۽ اهل بيتن سان اوهان جي عزازت ٿي ويئي. توکي مون پهريان بہ ٻڌايو تہ مون کي هاڻ پنهنجي ان نالائق ڌيءَ جي رشتي جو ڪو بہ لاچار ناهي، پر مون پنهنجي غيرت کان رشتو ڪونہ توڙيو آهي. منهنجي نالي، ناموس جو جيڪو جنازو تنهنجي قربان ڪيو آهي، اُهوان کي مان آسانيءَ سان دفن ڪرڻ نہ ڏيندس. ۽ مون چاهيو پي تہ ان جي بدلي ۾ ڪيس دفن ڪندس. پر هاڻي لڳي پيو سندس پورو خاندان دفن ڪرڻو پوندو!“

”سائين رانجهن شاهہ...!“ گل محمد چيو.

”ڪجهہ نہ ٻڌندس هاڻي، سڀ ٻڌم ۽ سڀ ڪجهہ سمجهيم. تنهنجي نيت ۾ تہ رانجهن شاهہ ايف.آءِ آر ڪٽائيندو ۽ پوءِ مان سياسي راند ڪري، وڏي صفائيءَ سان پاڻ کي آجو ڪري ويندس. پر اها توکي ڀُل آهي گل محمد. ننگن تان نثار ٿيڻ اسان جي تاريخ آهي، تہ پلاند پراٽا ناهن ٿيندا. اها بہ اسان جي تاريخ آهي. مان ڪيس ڪري، هن ملڪ جي رشوت خور قانون کي، پنهنجي غيرت جهڙو ننگ ڪونہ وڪڻندس. مان تہ مُئي سمجهي ساسائي چڙهي آهي، پر هاڻ ڏسان تہ تون پنهنجي بااخلاق اولاد لاءِ ڪهڙيون قربانيون تو ڏين؟!“

”سائين رانجهن شاهہ...!“ گل محمد چيو.

”رانجهو شاهہ چئو مونکي. تنهنجي قربت جي هاڻ ڪابہ ضرورت ناهي. مان وجان ٿو پر انتظار ڪجانءِ منهنجو چو تہ تون پنهنجي فوتي پٽ جي جسم جو وارث آهين ۽ مان سندس سر جو گهورو آهيان“.

هڪ لائق نياڻيءَ واري اهڙي معاملي ۾ پيءُ جي حيثيت سان هر ماڻهوءَ جو اندر ائين ئي ڪڙهندو جيئن رانجهن شاهہ جو دماغ قربان جي ساهہ جي نس ڪپڻ لاءِ ڪڙهي پيو هو جنهن قربان سان گڏ نوجڻا بيا بہ پارت جي ڪنهن جيل ۾ بيگناهہ پيا سڙيا. هاڻ ان معاملي کي سترهون ڏينهن ٿيو هو تہ رانجهو شاهہ ڪراچيءَ جي ابراهيم حيدري ڳوٺ ۾ ڪنهن ناڪئي سان، ان معاملي تي ويني ڳالهايو تہ سندس موبائيل فون تي رِنگ وڳي. هن نمبر چيڪ ڪيو تہ اهو سندس اسمگلر سيٺ عمر قلياٽيءَ جو هو. هن هڪدم ان سان ڳالهايو تہ هن ڪيس ٻڌايو ”توهان واري معاملي جو ڪجهہ پتو پئجي ويو آهي، اچو تہ اوهان کي روبرو ٻڌايان“.

ان خبر ٻڌڻ ساڻ، رانجهي شاهہ کي جڻ، درياهہ ۾ ٻڏل پنهنجي غيرت جو جنازو ليپي پيو هو ۽ هاڻ رڳو بس ان جي ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻو هئس. سو پنهنجي ان ڪاميابيءَ جي مرده حسرت ڪٽي پنهنجي سيٺ ڏانهن روانو ٿيو. سندس ان سيٺ جي بنگلي تائين ٽئڪسي ڪار کي مُني ڪلاڪ جو فاصلو هو. هي اوڏانهن ويندي رستي ۾ سوچيندو ويو ”هوندا تہ هاڻ پئي

هٽيڪا“. پنهنجي ڏيءَ عدن لاءِ هن سوچيو ”هڪ اولاد جي حيثيت ۾ هُن ڪي مان ڪٿي ۽ ڪيترو وقت بہ رهائي لڪائي سگهان ٿو“.

۽ قربان جي باري ۾ هن سوچيو ”باقي مُهاٽي ڪي تہ مان ڪراچيءَ جي ڪنهن جيل ۾ بہ مارائي سگهان ٿو ۽ پوءِ سندس جنازو ڪنو ڪري ڪنهن طرح سان، پٽس ڏانهن روانو ڪري ڇڏيندس“.

پر وري سوچڻ لڳو ”پوليس ڪان چو مارايان ۽ لاش واپس چو ڪريان. هي ايڏو عربي سمنڊ پيو آهي. هن ۾ سڄي دنيا اڇلي ڇڏجي، تڏهن بہ ڪر ماڻهوءَ جي هڏي بہ هٿ نہ اچي ۽ نہ وري اهڙي قتل جي ڪائي پڇا ۽ نہ پريشاني!“

دنيا ۾ اهڙا ڳڻ ڪان ماڻهو گهٽا آهن، جيڪي پنهنجي ڏوهاري خيالن سان، پنهنجي مخالف ماڻهن کي روز قتل ڪري پنهنجي گنهگار نيت ۾ لڪائي روز اهڙو خيالي گناهہ ڪندا آهن.

هي ڪيڏو نہ عجيب انسان آهي، جتي سندس وس ۽ وسيلا کُٽي ٿا پون تہ اتي پنهنجي خيالن جي بندوق سان، مخالفن جا سينا پروڻ ڪري، پنهنجي انا کي انساني رت جو آسرو ڏيئي، دنيا ۾ پنهنجي گنهگار ڏاڍ مڙسي کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪيڏا نہ خلقڻهار جا هن خلق تي احسان آهن، جنهن انسان کي خيالن جي خوني راند ۾ بہ پاڻ جيئڻ جا جتن سيکاري ڇڏيا.

دنيا ۾ انسان پنهنجن خيالن ذريعي حسرتون حاصل ڪندو آهي، پر خيال ۽ عمل جيڪڏهن الڳ نہ هجن ها، تہ ڌرتيءَ تي اڄ انسان جو نالو بہ باقي نہ هجي ها! پر انسان جي سلامتيءَ لاءِ، قدرت جي اها ساراهہ عظيم آهي تہ، دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جي صورت الڳ آهي ۽ جيتريون دنيا ۾ انسان جون صورتون آهن، اوترا خيال هڪڙي انسان جي دماغ ۾ رکي ڇڏيا اٿس، جيڪي انسان جي جيءَ سان روز وڙهن بہ ٿا، روئاڙين بہ ٿا، خوب کلائين بہ ٿا ۽ سوچن ذريعي خيالي خون ڪري پنهنجي عمر جي دشمن تي فتح حاصل ڪري، ڏکيا ڏنگا رستا سپ ان منزل تائين پهچائين ٿا، جتي سندس آخري خيال، موت، جنهن سان وڙهندي سڄي عمر جي جيت هارائي ويهندو آهي، پر پوءِ بہ خالق انهيءَ انساني خيال کي اهڙو تہ مضبوط ڪري خلقيو آهي، جو هزارن جي موت کي ڏسي، هن انسان پنهنجي هار قبول ناهي ڪئي، ۽ اِهو پاڻ جيئڻ ۽ جيئارڻ وارو صحتمند خيال آهي، جنهن دنيا کي اڄ تائين زندهہ رکيو آهي.

اهڙي طرح رانجهو شاهہ بہ پنهنجي وقار جي بقا لاءِ قربان جو خيالن، خيالن ۾ قتل ڪندي، سندس هڏ عربي سمنڊ ۾ ڳاريندي جڏهن پنهنجي اسمگلر سيٺ جون ڳالهيون ٻڌائين، تڏهن وري بہ سندس هڏ ڳرڻ لڳا.

هن کي پنهنجي سيٽ ٻڌايو "شاهه صاحب، تو جيڪو نالو ٻڌايو هو قربان ولد گل محمد ملاح,اِهو ماڻهو تہ هن وقت پارٽ جي چام نگر جيل جو قيدي آهي!"

تڏهن رانجهي شاهه حيران ٿيندي پڇيو "چام نگر جيل ۾؟". "ها! ۽ اها غلط خبر ناهي، پر ان سان گڏ تہ نو ڄڻا ٻيا بہ آهن".

رانجهي شاهه جي خيال ۾ تہ، عدن بہ تہ اوستائين ويئي هوندي. هن گهر ڇڏڻ کان پوءِ قربان سان هٿ ڪونہ ڪڍيو هوندو. اهو سوچيندي، هن پنهنجي ملازم واري حيثيت وساريندي پڇيو "پر اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟!"

"اهو هيئن آهي تہ، جنهن رات محترمہ بينظير ڀٽو شهيد ٿي، ان کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾، پارٽي نيوي وارن هڪ هوڙو پڪڙيو هو جيڪو ناڪئي صديق جو چيو پيو وڃي. ان هوڙي ۾ تونل ڏهہ ماڻهو چڙهيل هئا، جن ۾ هڪ اهو قربان ملاح نالي نوجوان بہ آهي، پر ان هوڙي تي عورت ڪابہ نہ هئي. توهان جي ڇوڪري بہ ان هوڙي تي نہ هئي!"

"تہ پوءِ اُها...؟" رانجهي شاهه پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ روڪي ڇڏي ۽ سندس سيٽ چيو "شاهہ ساب ان جي تہ ڪا خبر ئي ڪانہ پئي پوي، ڪو پتو ڪونہ پيو ملي!"

هاڻ رانجهي شاهه جي اندر واري ڪيفيت، سيخن ۾ پچندڙ ڪوابن جهڙي ٿي پيئي. سخت سرد موسم ۾ بہ نراڙ تي پگهر تري آيس. ڪجهہ دير خاموشيءَ کان پوءِ، سندس سيٽ ٽيبل تان ٽشو پيپر ڪڍي کيس ڏانهن وڌائيندي چيو "شاهہ صاب، نياڻيءَ جو لائق اولاد گهر ۾ گهڻو وقت ويهارڻ ۽ هي غير قانوني ڪاروبار وارو خطرو ٻنهي جو خوف هڪڙو ئي آهي. فرق بس اهو آهي، تہ غير قانوني ڪاروبار جو ڪارو ناڻو گهر جون خوشيون سڀ کسي وٺندو آهي ۽ قانون جي نظر ۾ چور. ۽ گهر ۾ لائق نياڻيءَ جو اولاد وينل آهي، تہ گهر جون خوشيون بہ ارمان ۽ ماڻهو خدا جي قانون جو چورا!"

رانجهو شاهه ٽشو پيپر سان نراڙ جو پگهر اگهندي، ڪنهن لاچار ۽ بيوس ماڻهوءَ واري حالت ۾ سندس منهن ۾ ڏسندو رهيو. ٿوري دير اڳ ۾ سندس جن خيالن قربان کي قتل ڪري سندس هڏ پي ڳاريا, انهن ساڳين خيالن هاڻ سندس هينئون پي ٻوڙيو. ڪجهہ چوڻ پڇڻ واري سندس سگهہ بہ ڇڻ سندس جان مان نڪري سندس سيٽ جي اڳيان ان ٽيبل تي اچي وينې هئي، جنهن ٽيبل تي لانچن جا خوبصورت ماڊل رکيا هئا.

سندس اهڙي ڪمزور حالت محسوس ڪندي، سندس سيٽ چيو "شاهہ صاب، ڇا توهان کي يقين آهي، تہ ان قربان نالي نوجوان ئي اهو ڪم ڪيو آهي. ڇا ان جي توهان پوري خاطري ڪئي آهي؟" هن سوچيو قربان منهنجو چور آهي يا ناهي پر هاڻ ان تان هٿ ڪڍي پنهنجي ڏيءَ کي وري ڪنهن ٻئي يار جو نالو ڏيڻ پنهنجي اجائي خواري ۽ ڪمزوريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ

حاصل ڪونہ ٿيندو. ان ڪان علاوه، هن کي قربان کان سواءِ پنهنجي علائقي جو ٻيو ڪو بہ اهڙو نوجوان ماڻهو سندس نظر ۾ وهم گمان جي حالت ۾ بہ نہ هو ۽ اهو هن درست پئي سوچيو. ائين بلڪل هو تہ قربان کان سواءِ ٻيو اهڙو ڪو بہ ماڻهو ڪونہ هو جنهن پنهنجي هڪ اک سان بہ عدن جي اکين ۾ ڪو ڏٺو هو ۽ نہ ئي ڪڏهن عدن جون اکيون قربان کي وساري، ڪنهن ٻئي ڏانهن محبت واريون نظرون ڪيون هيون. تنهن ڪري قربان کي پنهنجو ڏوهاري سمجهڻ، سندس اڻجاڻائي بہ هئي تہ پنهنجي غيرت جي پاڻيءَ ۾ بہ ٻڏل هو يا ائين بہ هو تہ، قربان جي قسمت کي حضرت عشق پئي اجا ڪجهہ پڙهايو ڪڙهايو جو قربان بہ منصور حلاج جيئان، خود کي خدا کان الڳ تصور نہ پئي ڪيو ۽ سندس نعرو شمس تبريز وارو هو تنهن ڪري چئي سگهجي پيو تہ، پنهنجي رمز ۾ الاهي اسرار واري راز کي راز سمجهي، دل ۾ لڪائي نہ رکڻ ۽ ان کي عام ۾ فاش ڪرڻ سان، خدا سندس اهڙي خدائيءَ لاءِ ڪا سزا تجويز ڪئي هئي، جو هن حضرت يوسف جيان ظاهري طور تي، بيگناهيءَ جون سزائون پئي ڪاٽيون، جنهن جو فريادي رانجهي شاهہ کي مقرر ڪري، سندس نالو رانجهي شاهہ جي زبان سان ائين سڀ چڙيائين، جو رانجهي شاهہ جي زبان تي ٻيو ڪو نالوئي ڪونہ پئي آيو.

عشق عام لاءِ عظيم ڏوهہ رهيو آهي، پر خدا جي هن خدائيءَ ۾ عشق بنا آدم، آدم جو مڪمل اولاد بڻجي، پنهنجي انسان هجڻ واري خاص حيثيت حاصل نٿو ڪري ۽ ان کان محروم رهي ٿو.

رانجهو شاهہ خود اهڙي خاصيت کان محروم هو ۽ پنهنجي عقل جي ڪوڙڪين ۾ قابو جڪڙيل هو.

هن پنهنجي ذلت ۽ بدناميءَ جو ذميوار قربان کي ئي قرار ڏيندي، ۽ کيس جاني دشمن تصور ڪندي، ان سوچ سان ئي هن پنهنجي سيٺ کي چيو "شايد مون کان ئي غلطيون ٿيون آهن. ڪجهہ وقت اڳ ۾ مون کي ان معاملي جا پسڻ پيا هئا، پر مون انهن کي هڪ دشمن واري حيثيت سان نہ ورتو ۽ اڄ سوچيان پيو ان قربان کي انهن ڏينهن ئي ترڪائڻ ڪپندو هو پر هاڻ ان مُهاڻي مون اهلبيت جي حويليءَ ۾ پنهنجي رت جو ٻچ پوکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن منهنجي عزت وارو جياپو جڻ ختم ڪري ڇڏيو آهي. سندس اهڙي عمل جي مون کي خاطري مليل نہ هجي ها، تہ منهنجو روح سندس رت جو پياسو نہ هجي ها!"

"ٺيڪ آهي، جيڪڏهن ائين آهي، تہ توں دلجاءِ ٿي." سيٺ چوڻ لڳو "جام نگر جيل ڪو ايڏو پري ناهي، جتي اهو نوجوان ڪنهن اهلبيت جي نياڻي ڦٻائي سگهي. خبر پئجي ويندي شاهہ صاب". ائين چئي ڪجهہ دير، ٽيبل تي شيشي هيٺان رکيل عالمي نقشي ۾ ڏسندي هن وري چيو "شاهہ صاب، منهنجي ذاتي رڪارڊ موجب، هن وقت ڪل ٻيانوي پاڪستاني ملاح پارت

وٺ قيد آهن ۽ انهن مان هڪڙو سيد آهي، جنهن جو نالو آهي ڪامل شاهہ، جيڪو پڻ هن وقت ان ساڳئي جيل جو قيدي آهي. اهو ڪامل شاهہ توهان سڃاڻو ٿا؟“

رانجهي شاهہ ڪافي پنهنجو ذهن ڊوڙايو پر سندس ذهن ۾ ان ڪامل شاهہ جي سڃاڻپ ڪٿان بہ ڪيس ڪانہ ڏني ۽ پوءِ بہ هن پنهنجي سيٺ کي آسرو ڏيندي چيو ”نہ اهو ماڻهو منهنجي ڪنهن ويجهي عزازت مان ڪونہ پيو لڳي، پر ان ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ملي ويندي.“

”نہ ان جي سڃاڻپ جي ايتري ضرورت ڪانہ پوندي، پر جيڪڏهن توهان جي پنهنجي سڃاڻپ يا لاڳاپي ۾ هو تہ اهو ڪم وڌيڪ آسان ٿي پوي ها. ڪنهن آفيسر کي هڪڙي قيدي کان ٻئي قيديءَ جو ڪم وٺڻ آسان هوندو آهي. اهو ڪم سمجهہ تہ منهنجو آهي. اميد تہ معاملو چٽو ٿي ويندو!“

سنڌ جي تاريخ پڙهڻ سان اها حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي تہ، واقعي مايا ميڙڻ جي مفاد ۾ سنڌ جي انسانيت، پنهنجن ئي مڇيءَ جي اڳهہ ۾ پي وڪي آهي ۽ سنڌ جو عام ماڻهو مفت ۾ ڪُهايو آهي.

سڪندر اعظم کان عربن تائين ۽ عربن کان انگريزن تائين ۽ انگريزن کان اڄ پنهنجن تائين، تاريخ جو پيٽ بيگناهہ ماڻهن جي رت سان پي پريو آهي، ۽ ائين بہ نہ رهيو آهي، تہ سنڌ ۾ ڏاهپ جو ڏڪار ۽ ڏهيسر مائرن ڄڻيا ئي ڪونہ. سنڌ ۾ ماڻهپو ۽ ڏاهپ اڄ بہ ان بلنديءَ تي آهي. جنهن ڪالهہ ڦيٿو ايجاد ڪيو ٻُڙي تخليق ڪئي، علم رياضي ۽ علم فلڪيات جا ماهر، عالم ۽ وطن جي حب ۾ جاني قرباني جي صدقي وارو درجو ته ڏسجي تہ دنيا ۾ ايترين قربانيون انگريزن ۽ عربن بہ ڪونہ ڏنيون، جيتريون سنڌ ملڪ جي رڳو عام ماڻهوءَ ڏنيون. جيئن ننڍي شهر کي جلائي عالمن جي اولاد کان وٺي هر عام ماڻهوءَ جي جسم کي بہ ڪوئلو ڪيو ويو. ماڻهن کي مظلوم بڻائي ظالم کي فاتح سڏيندڙ ديس جي اهڙن جاهل ماڻهن ئي ائين پي ڪيو. جهڙي طرح سان قربان جو سر ڪپائڻ لاءِ رانجهن شاهہ ۽ سيٺ عمر قلياڻي اسمگلر، انڊيا جي جيلن تائين پنهنجو اثر استعمال پي ڪيو.

قربان ۽ ناڪئو صديق پنهنجن ساٿين سميت جام نگر جي جنهن جيل ۾ قيد هئا. ان جيل جي جيل سپرنٽينڊنٽ تائين سيٺ عمر قلياڻيءَ جا ناجائز ڪاروباري تعلقات پهچي چڪا هئا. هنن کي هاڻ ان جيل ۾ ٽي مهينا ٿي چڪا هئا، پر هنن کان اڃا ڪا بہ پڇا ڳاڇا ڪانہ ٿي هئي.

**مارچ** جو مهينو هو. يارت جي چام نگر ۾ سنڌ ۾ ٿتي جي بهار جي ڪلنڊڙ گلن جي خوشبوءَ ۾ رنگ ته هڪجهڙا هئا. ماڻهن جا مهاندا ۾ محبت ڏسي ائين پي لڳو ته. هن ڌرتيءَ تي آباد ڪل انسان محبت جي هڪڙي ئي ساڳئي ڌاڳي ۾ موتيءَ جيان منڊيل هئا ۾ عشق جي آڌان به دنيا جي ڌرمن جيان فرقي باز نه هئي. اها الڳ ڳالهه آهي ته انسان پنهنجو جسماني لباس. پنهنجي پاڙي واري ڪي پاتل ڏسي. اهڙو ساڳيو پاڻ پائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر دل ڪي لباس ته عشق پارائيندو آهي. جنهن تي بس رڳو محبوب جي تصوير اُڪريل هوندي آهي ۾ يار جي يادن جا گل چٽيل هوندا آهن.

قربان جي جيل ۾. ظاهري حالت هڪ قيديءَ جي حيثيت واري هئي. پر سندس دل ڪي پنهنجي محبوبا واري تصوير جو ويس پاتل هو جنهن سندس ساهه جي آواز ڪي به عدن جي آواز سان گڏي هڪ ڪري ڇڏيو هو.

جيل ۾ جيڪي به عذاب. اذيتون هيون. جن سندس جسماني تڪليف ۾ واڌارو پي ڪيو. انهن جي سهپ ۾ صبر جا سبق. عدن جي ان تصوير پي ڏني. جنهن تصوير ڪي هن. پنهنجي خدا جي نوراني شڪل جو درجو ڏيئي ڇڏيو هو. پر سندس ٻيا قيدي ساٿي. جن ويچارن ڪي رڳو مڇيءَ ڪي مارڻ سان محبت هئي. سي ته هاڻ پاڻ به جڻ ڪنهن بُولي رڃ ۾ ڦاٿا هئا. جيڪو رڃ مڇيءَ ڪي سُڪي تي اچڻ کان اڳ ۾ ماري ڇڏيندو آهي.

اُن جيل ۾ تقريبن ڏيڍ هزار قيدي هئا. جيڪي اڪثر مختلف ملڪن جا هئا. جن قيدين سان قربان جي ويجهڙائپ نهي هئي. انهن مان به قيدي سنڌ جا سنڌي به هئا. جن مان هڪڙو قيدي ”ڪامل شاهه“ نالي سان هو جيڪو قد جو ڊگهو باڊي ۾ پريل. رنگ ڪٽڪائون. اکيون شيريون. ائين پي لڳو جهڙو ڪربلا واري يزيدي فوج جي سپهه سالار شمر جي نسل مان هو. هي اسمگلنگ واري ڪيس جو قيدي هو ۾ ٻيو قيدي نالي مصري ڪولهي هو. هن ڪي ڪڇ واري رڻ کان سرحد پار ڪندي. پڪڙيو ويو هو. هن تي چوپائي مال جي چوريءَ ۾ تي سؤ ڏورن جو ڪيس هو. هي قد جو پورو پنو رنگ سانورو. مٿو گول. منهن ويڪرو. ڪاڏي ننڍڙي ۾ ٻڪيون ٿلهيون. ائين پي لڳو جهڙو آريا ۾ دراوڙ جي گڏيل نسل جو هجي ۾ اهڙو ئي هڪ ٻيو قيدي جيڪو ان مصري ڪولهيءَ جو هم خيال هو ان جو به رنگ سانورو مٿو گول. پر منهن سوڙهو ۾ ڪاڏي مضبوط هي آزادي پسند ڪرد نسل جو هو ۾ ان جو هم خيال جيڪو قيدي هو سو قد جو ڊگهو وچولو مٿو ۾ سنهن پروئڻ وارو هو. اهو ائين پي لڳو جهڙو حضرت نوح نبي جي پٽ حام جي حامي نسل مان هو جن لاءِ

موئن جي دڙي مان لڌل لاش جا بہ اهڙا اهڃاڻ هئا. هن کا پراڪرتي ٻولي پي ڳالهائي، جنهن کي تاريخ ۾ فطري ٻولي چيو ويجي ٿو جيڪا سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي بہ چئي وڃي ٿي. سنڌ هند جي بين ٻولين کي ملائي انهن جو گڏيل نالو 'پراڪرت' رکيو ويو هو. ۽ هڪ ٻيو قيدي جيڪو منهن مهانڊن ۾ شايد ترڪ نسل جو هو جيڪو تاريخ ۾ سنڌو نديءَ جي الهندي ڪناري سان آباد ٿيل ترڪ، ايراني مخلوط نسل، جيڪو سرحدي علائقي کان وٺي بلوچستان، پنجاب ۽ سنڌ ۾ نمايان هو هن جي چمڙيءَ جو رنگ ڪليل، اکيون ڪاريون ۽ ڪجھ پوريو نڪ ڪنهن قدر سنهو ۽ ڊگهو مٿو ويڪرو هڏ ڪاٺ کان مٿيري هاٺي ۽ منهن تي وار پر حيرت هئي، تہ ان جو هم خيال قيدي منگول نسل مان پي لڳو جنهن جي ڏاڙهي ڀُڇي، ڦڪو رنگ، نڪ مِنو ۽ منهن جا هڏا ٻاهر نڪتل، پر سندس ٻوليءَ جو لهجو ڪوهستاني هو جيڪا سوات ۽ سنڌوءَ جي ڪوهستانن جي گڏيل لهجن مان جڙيل هئي. جيئن سنڌ جي تاريخ ۾ ڪٿي شايد هندي ۽ سنڌي نسل جي ست نسلن، گروهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جهن ۾ 1. دراوڙ 2. هندي آريا، 3. ستين دراوڙ گڏيل نسل، 4. آريا دراوڙ گڏيل نسل، 5. منگول نسل، 6. منگول دراوڙ نسل ۽ 7. ايراني نسل.

مطلب تہ پارت جي ان جيل ۾، ماڻهن جي مختلف مهانڊن هوندي بہ جڻ سنڌ جي جيئري جاڳندي تاريخ پي گهمي ڦري ۽ انهن ۾ هڪ عجيب طبيعت ۽ نرالي سوچ وارو قيدي بہ هو جنهن پانداري عرس جي پڳل ٻانهن جو جيل جي داروغي جي چوڻ سان علاج ڪيو هو. انهيءَ مغربي هندي پي ڳالهائي، جيڪا گنگا دوآبي ۽ ان سان لڳ اتر ۽ ڏکڻ ۾ ڳالهائي پي ويئي. هي پارسي هو. زرتشتي مذهب جو پيروڪار هو. 10 صدي عيسوي درميان اسلام جي پرجوش ڪاررواين سبب، جيڪي زرتشتي خاندان ايران مان هجرت ڪري هندستان ۾ اچي آباد ٿيا هئا، هي انهن مان هو. هن بمبئيءَ ۾ هڪ پوليس آفيسر جو قتل ڪيو هو. 'جيو هزار سال' اهو سندس تڪليو ڪلام هو پر اهڙي انداز ۽ اهڙي ادا سان پيو چوندو هو. جو جيل ۾ جڻ هر قيديءَ کي پنهنجي ڊگهي عمر جي دعا لاءِ دعوت ڏيندو هجي.

اهڙي طرح ان جيل ۾، رڳو مختلف ڏوهن وارا قيدي ڪونہ هئا، پر مختلف مذهب ۽ مختلف ٻولين وارا قيدي رکيا ويا هئا. ڪنهن بہ ڪنهن جي ٻولي مڪمل طرح ڪونہ پي سمجهي، جنهن ڪري جيل اندر ڪنهن قسم جي ڪا بدنظمي نہ هئي، پر جڏهن قربان ۽ سندس ساٿين کي ان جيل ۾ قيدي ڪري رکيو ويو هو تہ ٻن مهينن تائين سين اُهو ڪاڏو پي ڪاڏو، جيڪو بس رڳو دال مانيءَ جي شڪل ۾ هو پر دال ۾ پٿريون، ننڍڙا جوتين وارا ڪوڪا ۽ دال جا بس رڳو ڪي ڪڻا هوندا هئا، باقي رڳو پاڻي، جنهن ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن مئل ڪيڙا ۽ جيت وغيره بہ هوندا هئا. توڙي جو قربان هڪ صوفي هجڻ جي نسبت سان، هن جي ان جيل جي داروغي سان سُٺي جُڙي ويئي هئي، جنهن مغربي هندي ٻولي پي ڳالهائي.

ڪڏهن ڪڏهن شام جي وقت ان داروغي ۽ قربان جي پاڻ ۾ سٺي ڪچهري به مچندي هئي، جنهن ۾ جيل جا ڪجهه قيدي به داروغي جي رضا سان ويهندا هئا ۽ جيلر انهن تي ايڏي سختي نه ڪندو هو. قربان جي صلاحيت جي ڪري يا ڪو بيو معاملو به هو جنهن جي ڪري جيل جي ان داروغي جا سيني قيدين سان رويا بهتر ۽ سليقي وارا هئا. خاص ڪري ان وارڊ سان اجا وڌيڪ بهتر هئا جنهن وارڊ ۾ قربان ۽ سندس ساٿي هئا. قربان کي ته چوندو ئي وارڊ ليبڊر هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هاسيڪار وارڊ ۾ اچي قربان کان پڇندو هو "صوفي ليبڊر، کهڙا حال آهن، ڪا تڪليف وغيره؟"

۽ قربان، ڪا شڪايت هوندي هئي ته، ڪيس هجت واري انداز ۾ ٺي چئي ڏيندو هئس.

اُهو جيلر هاڻ اهو معلوم ڪري چڪو هو ته، صوفي قربان نه مچيارو آهي ۽ نه سمندري ماڻهو بس رڳو قربان واري عشق کان غير واقف هو. هن کي في الحال ائين پئي لڳو ته، هن صوفي کي شايد سرمد واري سوچ جي سزا آهي، جنهن ڪيس هتي اچي هتيڪو ڪيو آهي.

هڪ ڏينهن شام جي وقت هنن جي خوب محفل لڳي. مارچ مهيني جون آخري تاريخون هيون. سج لهي چڪو هو. بجلي هرويرو ڪانه ويندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن قيدين جي سزا خاطر ڪجهه ڪلاڪن لاءِ بجلي بند به ڪري پئي ڇڏيائون.

ڪنهن جيل جي قيدي ۽ ڪوهه ۾ پيل ڏيڏر کي آسماني نظارا بس اوترائي نظر ايندا آهن، جيترا سنڌي سماج جي گهر ۾ بند هڪ سنڌي عورت کي نظر ايندا آهن.

فضا عام وٽندڙ هئي، پر پوءِ به ڪيفيتون، قيدي ۽ آفيسر واري فرق کي بدلائي نه سگهيون هيون، ۽ جيلر انهيءَ شام ايترو ته خوش طبيعت نظر پئي آيو جو جهڙو سندس ڪو پروموشن ٿي ويو هو.

جيل جي مين آفيس، جيل جي مين دروازي کان ڪجهه قدمن تي اوپر کان اتر طرف هئي ۽ ان آفيس سان لڳ اوپر طرف کان هڪ وڏو لان هو جنهن ۾ غير ملڪي قيدين جا وارث، ملاقات واري وقت جو ويهي انتظار ڪندا هئا. هي جيلر ان وقت اُن لان ۾ ٺي وينل هو ۽ هُن هڪ سپاهيءَ کي چيو "صوفي قربان وارا مڇي مار قيدي، انهن کي هتي وٺي اچ. پر ان کان اڳ ۾ سيني سپاهين کي چئي ڇڏ ته، پنهنجي ڊيوٽيءَ کان غافل ڪير به نه رهي!"

ان سپاهيءَ جڏهن ڊيوٽي واري عملي کي اطلاع ڪري، قربان وارن جي وارڊ ۾ اچي ڪين چيو "هلو توهان کي ڪمار صاحب گهرايو آهي." ته هي سڀ هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا. هنن کي شڪ پيو ته، "ڪالهه جيڪا قربان قيدين سان گڏيل صلاح ڪئي آهي ته، هن بيڪار ۽ بيمار ڪندڙ کاڌي جي خلاف بک هڙتال ڪنداسين" شايد جيلر کي اُن جي ڪڙڪ پئجي ويئي آهي ۽

اسان کي ڪنهن سزا جي لاءِ گهرايو اٿس. تنهن ڪري قربان ان سپاهيءَ کان پڇيو "ڇا ڳالهه آهي، ڇو گهرايو اٿس؟!"

۽ ان سپاهيءَ ڪنهن فلمي اداڪار وانگر آڪڙ مان چيو "اهو ڪمار صاحب کان هلي پڇو. هلو... نڪرو ٻاهر".

تہ ان وچ ۾ انهيءَ خلاصي ڳالهايو جنهن جو نالو الهڏنو هو جنهن کي سڀ صوبيدار سڏيندا هئا. ان جي ڇوٽي ڪرٽي، هلٽي چلٽي پوليس آفيسر جهڙي هوندي هئي. جنهن ڪري ان کي چرچي طور صوبيدار سڏيندا هئا. تنهن پنهنجي انهيءَ فطري انداز سان سپاهيءَ کي چيو "پهرين اسان کي اهو تہ ٻڌايو هي سڄ لٿي اسان کي ڪيڏانهن ٿا وٺي هلو؟" پر اهو سڀ هن سنڌيءَ ۾ چيو جيڪو سپاهيءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو پر سندس چوڻ واري انداز مان. ان سپاهيءَ کي جهڙو پنهنجي جيلر صاحب وارو رويو محسوس ٿيو. تنهن پنهنجي رائفل کُلهي مان ڪيندي قربان کان هنديءَ ۾ پڇيو "هي ڇا پيو چوي؟"

قربان ان سپاهيءَ سان ڳالهائي ان کي مطمئن پي ڪيو تہ قربان جي پويان ناڪئو صديق ۽ ناڪئي جي پويان اهو صوبيدار نالي خلاصي ۽ ان جي پويان اهو پانڊاري عرس بيٺل هو جنهن کي ڪاجر نهر (Creek) تي سيري مڇي ڦٽڪندي زهريلو ڏنگ هنيو هو. تنهن ان الهڏني عرف صوبيدار کي پنهنجي ٻنهي هٿن سان پويان پنيءَ کان اڳتي وارڊ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ زور ڏيندي چيو "خير آهي، خير آهي، هلو هلو خير آهي!"

ان مهل سپاهيءَ جي نظر الهڏني ۾ هئي ۽ اٺين هي سڀ پنهنجي وارڊ مان نڪري هاڻ ان لان تي اچي سڀ ٻانهون ٻڌي لان ۾ جيلر جي اڳيان بيٺل هئا. تہ جيلر قربان جي منهن ۾ ڏسي ڪلي ڏنو ۽ چيائين. "صوفي قربان. ڀائي پنهنجي وارڊ جي ماڻهن کي تو باقاعده قيدي هجڻ واريون عادتون بہ سيکاري ڇڏيون آهن. ويهو ويهو سڀ ويهو هيٺ" ۽ پوءِ پاڻ بہ پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي هنن سان هيٺ ٿي ويٺو ۽ سپاهيءَ کي بہ چيائين. "تون بہ ويهي رهو."

هاڻ سيني، سندس سپاهيءَ سميت ان جيلر جي منهن ۾ ويٺي ڏٺو. جيل ۾ چوطرف خاموشي هئي. لان ۾ تہ ڪٿان ڪنهن پکيءَ جو آواز ڪونہ پي آيو سڀ سندس اظهار جي انتظار ۾ اٺين ويٺل هئا. جو ان لان ۾ ڇپر جي بدلي جڙ ديسي، پرديسي ماڻهن لاءِ بس رڳو انتظار ئي پوکيو ويو هو جنهن ۾ ڏينهن جي پهرئين پهر ۾ قيدين سان ملاقات واري وقت جو انتظار ۽ ملاقات کان پوءِ ٻي پهر ۾ انهن قيدين بابت آفيسرن سان آفيشلي ڳالهہ ٻولهہ ۽ تہ پهري جو جيل جي مين دروازي کُلڻ جو انتظار. اهڙي صورتحال ڏسي اٺين پي لڳو تہ زندگيءَ جو اصل نالو ئي ڪو انتظار هجي. ۽ ماڻهو پنهنجي عمر کي هلائيندي هلائيندي انتظار جي پنوَر ۾ گم ٿيو وڃي. جيئن عدن انهيءَ رات

قربان جو انتظار ڪندي ڪندي گم ٿي هئي ته، سندس ڪو اتو پتو ئي اچا ڪونه هو. زندگي به ائين شايد انتظار جي اوڙاهه ۾ گهمندي گهمندي موت گم ڪيو ڇڏي.

قربان وارا به ان جيلر جي اکين ۾ انتظار سان ائين وينل هئا، جهڙو ڪنهن قبرستان ۾ وينا هجن ۽ پوءِ آخر قربان کي مخاطب ٿيندي هن ڳالهايو "صوفي قربان. اچ آئون تمام خوش آهيان. اڄ مون کي پٽ ڄائو آهي، ۽ اها منهنجي آخري اميد هئي. ٻيو ڀڳوان مون کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي. اڄ دل چيو ته اوهان سنڌ وارن سان ڪا ڪچهري ڪريان. توڙي جو مون کي سنڌي نٿي اچي، پر منهنجو خمير سنڌي آهي. منهنجو ڏاڏاڻڪو ورهاڱي جي وقت سنڌ مان لڏي هتي ڀارت ۾ آيا ۽ منهنجي ماءُ کتري آهي!"

تاريخ ٻڌائي ٿي ته، مها ڀارت جي لڙائيءَ ۾ ڪجهه قبيلا بيدخل ٿي ويا. ٻيا ٻاهران آيل قبيلن ۾ ضم ٿي ويا. ڏارين فاتح قبيلن کي آريا هندو سماج ۾ کتري ذات جو درجو ڏنو ويو هو. سندس ماءُ، ان کتري خاندان مان هئي ۽ رگويد ۾ کترين کي حڪومتي نظام لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. برهمڻ علم لاءِ ۽ شودر گند غلاظت واري صفائيءَ لاءِ، تجارت ۽ زراعت لاءِ ويش هئا. پر انسان جي هن سماجي دؤر ۾، علم انسان شناسي لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو ۽ انسان ۾ اوچ نيچ واري خيال کي فنا ڪري ڇڏيو آهي.

جنهن مهل جيلر چيو ته "مان سنڌ جو خمير آهيان". ان مهل هڪ خلاصي جنهن جو نالو لڪانو هو جنهن جي منهن مهاندن مان ائين پيي لڳو ته سندس نسل منڇر جي اصل مهاڻن مان هو. جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ قديم سنڌي نسل رهيو آهي، تنهن جيلر کي پنهنجو سنڌي سمجهندي، پنهنجي بي عقلي وچان چيو "سائين اوهان سنڌي آهيو پوءِ به اسان رڳو ڳڌرون پيا ڪائون؟!"

جيلر کي سندس شڪايت، ٻوليءَ جي ڪري سمجهه ۾ نه آئي ۽ ان جو هن مقصد پڇڻ پي چاهيو. سندس نظرون سيني قيدين تان ترڪڻ لڳيون. شايد هن ڪنهن کان ڪجهه پڇڻ پنهنجي ڪمزوري پي سجهي ۽ قربان اهو محسوس ڪندي، لڪاني خلاصي جي بي عقلي ۽ سادگيءَ تي ڳالهائيندي ٻڌايس، "سائين هي اڻ پڑهيو ماڻهو آهي، هن کي بس جيڪي سمجهه ۾ ايندو آهي، سو پنهنجي عقل جي سادگيءَ سان چئي ڇڏيندو آهي. توهان چيو ته، منهنجو ڏاڏاڻڪو سنڌ جو هو سو هي توهان کي سنڌي ٿو سمجهي، بس."

جيلر ڪمار ان وقت ان لڪاني خلاصي جي سادگيءَ کان متاثر ٿيندي ساموندي ملاحن جي سماج تي هڪ تاريخي حوالو ڏيندي چيو "صوفي قربان توهان لکيا پڙهيا ماڻهو آهيو هاڪڙو درياهه توهان ضرور پڙهيو ٻڌو هوندو جنهن کي سرسوتي به سڏيو ويو آهي. ان سرسوتي جو سنگم ٽن مشهور ندين سان ٻڌايو ويو آهي، گنگا ندي، جمنا ندي ۽ سنڌو ندي. انهن درياهن جي ڪنڌيءَ سان آباد انساني سماج پنهنجي پنهنجي مذهب ۽ ريتن رسمن جي متا ستا ڪندي خود

۾ سڌارو ۽ تبديلي آندي. اچ سرسوتي ان جو وجود هڪ خشڪ رڻ جي شڪل ۾ آهي. پر ان وقت کان ايندڙ تهذيب اچ ايڪيهين صديءَ ۾ زنده مثال بڻيل آهي. اصل ۾ سرسوتي هڪ هندو ديويءَ جو نالو آهي، جنهن جي نسبت اگني ديوتا سان آهي، جنهن سنسڪرت ٻولي ۽ ديوناگري لپي ايجاد ڪئي هئي. ان جي نسل مان راجپوت پيدا ٿيا پر هن جيل ۾ گهٽائي قيدين جي، سمندري ملاحن جي رهي آهي، انهن کي ڏسي مون کي بس ائين لڳندو آهي ته هي سمندر جو سينو ڳاهيندڙ اصل هاڪڙي، سرسوتي نديءَ جي نسل وارا ملاح آهن. پر ٻنهي ٻي علم ۽ ٻي سمجهه، سندن عقل ۽ نظر بس مڇيءَ جيترو ئي آهي".

قربان سوچيو ته، "هڪ جيل عملدار پنهنجي جيل جي قيدين بابت، انهن جي عقل ۽ عادتن کان وڌيڪ ٻيو سوچيندو به ڇا. ان کي ڪهڙي خبر ته، هيءَ دنيا هڪ اهڙو جيل آهي، جنهن ۾ هر ڪو پنهنجي قيد جي سزا پاڻ تجويز ڪري پنهنجي عمر جا ڏينهن پورا ڪندو آهي. جنهن ۾ ماڻهو قيدي به پاڻ آهي، ته ان جو جيلر به پاڻ ۽ ان جو منصف به پاڻ!"

قربان بس سندس دل رکڻ خاطر چيو "توهان درست پيا چئو. شينهن جو شڪار ڪندڙ شينهن جي دل ڏاريندڙ آهي. ۽ هڪ مڇي مار جنهن جو گهر ئي مڇيءَ جي اک آهي، سو سرسوتي ديوي جي اولاد جيان، راجپوت حاڪم ته ڪونه ٿيندو".

قربان جو هر خيال ان جيلر جي جيءَ ۾ پنهنجي جاءِ ناهي ڇڏيندو هو جنهن ڪري جيلر جي ذهن مان نڪرندو ئي ڪونه هو. هُن کي بار بار اهو خيال پيو ايندو هو ته، "آخر هي ماڻهو هنن مڇي مار ماڻهن سان هن جيل تائين ڪيئن پهتو آهي!"

ڪنهن مهل سوچيندو هو "شايد هي ڪنهن تاجر خاندان مان آهي. وڻج واپار جي سانگي سان، هنن ملاحن سان تعلق اٿس". ڪنهن مهل قربان جي عقل ۽ علم کي ڏسندي، ڪيس شاهي خاندان جو فرد پي سمجهيائين، ته ڪنهن مهل وري، سندس صورت شڪل ۽ سوچ صلاحيت مان، سنڌ جي انهن صوفي عالمن جي نسل مان پي سمجهيائين، جن جون نئي ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ تان، زبانون ڪپيون ويون هيون. ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ به هي قربان کي سمجهي نه سگهيو هو ۽ هر دفعي هن کي نئون نظر پي آيو. ان مهل به هن قربان جي قيدي ڪردار کي پرکڻ خاطر، ڪچهريءَ جو رخ سياسي پهلوءَ ڏانهن وٺي وڃڻ خاطر چيو "صوفي قربان، ڪڏهن سوم رس پيئڻ جو خيال توهان کي آيو آهي؟"

سوم رس، جنهن کي پارت جي ڪن علائقن ۾ پنگ به چيو پي ويو. پر آرين جي عقيدي موجب، سوم رس پيئڻ سان عمر وڌي ٿي، ۽ آريا ڪنهن جنگي معرڪي دؤران، پنهنجن ويڙهاڪ فوجين کي اهو سوم رس پياري ڪين جنگ لاءِ استعمال ڪندا هئا ته اهي ڦڙتيءَ سان وڙهندا هئا.

سوم ٻوٽي، رات جو چنڊ وانگر چمڪندي هئي. سندس پن ڳاڙهسرا پورا چيا ويا آهن. هي ٻوٽو هماليه جبل جي چوٽين تي ڏٺو ويو هو ۽ سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي پڻ ڏٺو ويو هو. هن کي گهوٽي پيئڻ وارو طريقو ساڳيو ڀنگ وارو هو.

سوم رس جي استعمال کي آريا ڌرم ۾ ڌرمي ڪردار مليل هو. آرين جو اِندر ديوتا، سوم رس جو پيالو پيئندي چوي ٿو:

”مان پنهنجي شان شوڪت ۾،

ڪُل آڪاش ۽ پرٿويءَ کان پار اُڪريو آهيان!

ڇا، مان سوم ٿي پيندو آهيان!؟“

پر هاڻ اها سوم ٻوٽي اڻلڀ هئڻ سبب، سنڌ ۽ هند جي ماڻهن ڀنگ کي سوم رس جو درجو ڏيئي پنهنجي نشي وارو سرور حاصل پي ڪيو ۽ جيلر ڪمار قربان کي صوفي سمجهي اهو سوال نہ ڪيو هو. هن جي ذهن ۾ سياسي عياشيءَ وارو خيال هو پر قربان سندس صوفياڻو سوال سمجهي ان مطابق ڪيس جواب ڏيندي چيو ”نہ، آئون انهن صوفين مان ناهيان“.

”پوءِ تون ڪهڙن صوفين مان آهين. مون کي تہ تون صوفي نظر اچين ٿو“.

جيلر جي ان سوال مان ائين پي لڳو، جهڙو هو ڪنهن ڪيس جي تفتيش ڪندو هجي، پر قربان جي جواب ڪيس عجب ۾ وجهي ڇڏيو ”آئون تہ پنهنجي ڪاوڙ جو نشو پي، پنهنجي سرير جو سُرور هاصل ڪندڙ صوفين مان آهيان. مصنوعي نشو واپرائڻ تہ حاڪماڻو عمل آهي“.

”اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي تہ اهو بس رڳو حاڪمانو عمل ئي آهي؟“ جيلر پڇيو.

”توهان برصغير جي تاريخ ضرور پڙهي هوندي تہ مغل شهزادا آفيم کائي سجو ڏينهن ستا پيا هوندا هئا. ڪيترا حڪمران خاندان پچاڙي افغاني آفيم ماري ڇڏيا. نشي جي ننڊ ۾ قومون ئي فنا ٿيو وڃن، خاندان ڇا جهٽ جهيلندا. صوفي مصنوعي نشي جا هيراڪ نہ رهيا آهن!“ قربان چيو.

”منهنجو والد صاحب چوندو هو سنڌ ۾ ڪجيون ڪير ڏهائيندو هيون، جنهن مان تاڙي ٺهندي هئي، جنهن ۾ هڪ عجيب سُرور هوندو هو. صوفي بہ تہ ڪنهن اهڙي سرور ۾ رهندا آهن“. جيلر چيو.

”مون کي اهڙو علم ناهي، تہ ڪجيون ڪير ڏهائينديون هيون. ها باقي ائين ضرور هو تہ ڪجين جي ٽڙ مان رس ڪڍي، ان مان تاڙي ناهي ويندي هئي، پر ان جو سرور بيئر Bear جهڙو چيو ويندو هو. پر هاڻ تہ سنڌ ۾ نروءِ ڀنگ عام آهي، سو تہ پارٽ ۾ بہ جام هوندو. پر اهو اهڙو عام نشو تہ غلام قومون ئي واپرائينديون آهن. صوفين جو اهڙي نشي سان ڪهڙو تعلق؟“ قربان چيو.

”انسان کي تہ عورت، موسم ۽ نشي کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ شئي پسند نہ رهي آهي؟!“ جيلر چيو.

”نہ، ائين تہ انسان ورهايل آهي. دين ڌرم کان وٺي پنهنجي پسند ۽ خواهش تائين. جيئن مسلمان مسجد ۾ خدا کي سمجهن ٿا ۽ هندو پنهنجو خدا ڪنهن مورت جي شڪل ۾ پنهنجي پنهنجي گهر ۾ موجود رکي ٿو بلڪ سفر ۾ بہ پاڻ سان گڏ کڻي هلن ٿا. هي انسان آتش پرست، پوءِ خيال پرست، پوءِ بت پرست سڏجي ٿو ۽ ايندڙ وقتن ۾ هي ڪهڙي پرستي ۾ رهي ٿو ان لاءِ انسان آزاد آهي ۽ اهڙو علم بہ حاصل ڪري وٺندو جنهن ۾ هي پنهنجي زندهہ بت ڪدي ۾ ويهي، پنهنجي بت شڪني ڪري پنهنجو خدا لهندو“ قربان چيو.

”ها! توهان تمام بهتر ڳالهہ ڪئي. مان پاڻ ان تي سوچيندو آهيان ۽ مون کي ائين لڳندو آهي تہ انسان کي پوري دنيا ۾ هڪڙي ئي اقتدار هيٺ تابع آڻڻ جي لاءِ اهڙي عالمگير نظام کي قائم ڪرڻ جي لاءِ دنيا ۾ انسان جو هڪ طويل قتل عام ٿيڻو آهي. دنيا هڪ عجيب اٿل پٿل ۾ آهي. توهان پنهنجي ملڪ جي حالت ڏسو ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي بينظير ڀٽو جي قتل تائين؟“

بينظير ڀٽو واري قتل جي معاملي کان قربان وارا پوري طرح اڃا ايترا واقف ڪونہ هئا. جيلر ڪمار جڏهن بينظير ڀٽو جي قتل جي ڳالهہ ڪئي، تڏهن قربان پاڪستان جي صورتحال کان واقف ٿيڻ خاطر، جيلر کان پڇيو ”محترمہ بينظير ڀٽو جي قتل بابت، پارت جو هن وقت، پاڪستان بابت ڇا تصور آهي؟“

هڪ جيل عملدار ۽ سرڪاري ماڻهو هئڻ جي ناتي سان، هُن پنهنجي ملڪي پاليسي ڦيدين سان ويهي اورڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ هن پنهنجي رخ مطابق چيو ”پارت جو ان بابت ڪهڙو ردعمل هوندو؟ ڏسو پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي، عوامي مفاد لاءِ ايترو گهٽو ڪونہ سوچيو جيترو هن پنهنجي پارٽي ۽ ملڪ جي بچاءُ لاءِ وڌيڪ سوچيو ۽ ڪيو!“ جيلر چيو.

”ڇا پارت پيپلز پارٽي کي عوامي پارٽي تصور نٿو ڪري؟“

”اصل ۾ ڇاهي تہ، پاڪستاني سياست، رڳو سياست تي ئي ٻي سوچيو آهي، ۽ جيترو ان تي گهٽو سوچيو آهي، اوترين ئي گهٽيون پارٽيون ۽ اوترا ئي گهٽا سياسي گروپ ۽ قومون ورهائجن ٿيون ۽ ڪو بهتر فيصلو ڪري نہ سگهيو آهي، جنهن سبب رياست ۾ هڪ پارٽي نظام قائم ٿي وڃي ٿو جيڪو سامراجي مفادن جي حق ۾ هوندو آهي ۽ ڊڪٽيٽر حڪمرانيءَ کي جنم ڏئي ٿو ۽ پارٽي ميمبر تي پارٽيءَ جا چڙڻ خريد ڪيل غلام هوندا آهن. جيئن جرمن نازي پارٽيءَ ۾ 1934ع دؤران پارٽيءَ جي آزاد خيال ميمبرن کي گوليون هنيون ويون هيون ۽ روس ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اهڙن آزاد خيال پارٽي ميمبرن تي غداريءَ جا مقدما هلائي ڦاهيون ڏنيون ويون هيون.

اهو بہ تہ، پاڪستاني سياست جو فيصلو آهي نہ، تہ ملڪ جي قومي ٻولي اردو جڏهن تہ ملڪ ۾ اردو ڪا قوم ئي ناهي. سو پارٽ ۾ اهڙي سياست جي ڪهڙي اهميت، بس ان تي نٿو ڳالهائجي“. جيلر چيو.

”۽ پر ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي دوران، چون ٿا پارٽ جي پاليسي تمام بهتر هئي؟“ قربان پڇيو.

”نہ، اهو تہ هڪ ملڪي رويو هو. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب هڪ عالمي شخصيت هو جنهن لاءِ پارٽ جي وقتي حڪمران جا رويا مثبت هئا، پر ڏسو نہ...“ ايترو چئي پنهنجو خيال هن روڪي ڇڏيو ۽ هن ڪچهريءَ جو موضوع بدلايو صوفي قربان، جن معاملن تي اسان ڪي نہ ڳالهائڻو هو انهن تي ڳالهائي ويا آهيون. اصل ۾ مون کي صوفياڻن خيالن سان دلچسپي آهي. توهان سان منهنجو هي پنهنجائپ وارو تعلق بہ ان لحاظ سان آهي ۽ مون کي اميد بہ آهي تہ، منهنجي ڊيوٽيءَ دؤران توهان ان نسبت جو لحاظ رکندا!“

ڪنهن غير ملڪي قيديءَ سان، جيلر جا رويا بهتر هجن تہ، جيل جا عذاب ڪٽي نہ گهٽجن پر تڪليف ۾ ڪجهہ گهٽتائي ضرور اچي ٿي. قربان ڪيس ان لحاظ سان ئي چيو ”توهان جي انهيءَ بهتر رويي جي ڪري ئي، اسان پنهنجون تڪليفون سيراندي ڪري سمهندا آهيون. جڏهن کان اسان کي هن جيل ۾ رکيو ويو آهي، تڏهن کان توهان کي ڪا اسان جي شڪايت ناهي ملي. توٽي جو اسان جي ڪا وارثي اچا تائين نہ ٿي آهي. خبر ناهي تہ، اُن جو الئي ڪهڙو ڪارڻ آهي؟!“ قربان چيو.

”ڏسو پارٽ ۾ ڪو اوهان جو عزيز آهي، تہ ان جو اطلاع توهان اسان کي نہ ڏنو آهي، باقي ملڪي سطح تي توهان جي رپورٽ سفارتي سطح تائين جي لاءِ مڪمل ٿي، اجا آفيس ۾ ئي پيل آهي. سو انهيءَ ڪري، جو توهان ڏهن قيدين جي ڪيس جي تفتيش باقي رهيل آهي. ان لاءِ توهان کان ضروري پڇا ڳاڇا اجا ٿيڻي آهي ۽ اها جاچ ڪهڙي آفيسر کي ڏنل آهي ۽ ڪڏهن تي اها جاچ مڪمل ٿئي، ڪا خبر ناهي. توهان بس جيترا پنهنجا رويا بهتر رکندا، توهان لاءِ اوترو ئي بهتر رهندو“.

هاڻ قربان کي پهريان خيال آيو تہ، بک هڙتال بابت ڪيس ٻڌائجي ۽ جيل ۾ ان ڪاڏي پيتي واري معاملي کان ڪيس تفصيلوار واقف ڪجي. پر ان کان اڳ ۾ جڏهن جيلر چيو تہ، ”مان سپاڻي کان بہ ڏينهن موڪل تي پيو وڃان. ان دؤران توهان کي ڪا تڪليف، ڪا شڪايت درپيش اچي وڃي، تہ منهنجي اچڻ تائين اُها پاڻ وٽ رکجو ان جو تدارڪ مان پاڻ اچي ڪندس“ تڏهن قربان اهو سوچي ماٺ ڪري ويو تہ، ”هاڻ اهو وڌيڪ بهتر رهندو تہ اسان سندس غير حاضريءَ ۾ ئي بک هڙتال ڪريون“ ۽ پوءِ قربان خاموش ٿي ويو.

هاڻ شام وارو وقت موڪلائي رات کي اهميت ڏيڻ لڳو هو. وقت جي رفتار ۾ ته ڪو فرق ڪونه هو پر ڪنهن قيد ۾ محبت دوران ماڻهوءَ کي پنهنجي آزاديءَ لاءِ وقت جي رفتار جڻ مٺل محسوس ٿيندي آهي.

هي انسان ويچارو عجيب حالتن ۾ گذريو آهي. جنهن سان سندس دل جون نسون ڳنڍيل هونديون آهن. اتي وقت جون سيئي وصفون سندس قسمت کان جڻ غير واقف هجن! ۽ جتي عذاب، اذيتون ۽ زندگيءَ جا اگهاڙا امتحان هوندا آهن، اتي ان لاءِ وقت جهڙو جنازو نه دغا نه وفا!

جيل ۾ هاڻ رات واري مانيءَ جو وقت ٿي چڪو هو. انهيءَ رات ڪاڏي ۾ چانورن جي رب ۽ پاڻيءَ ۾ اٽليب دال هئي. ٻنهي جي شڪل ۽ رنگ روپ هڪجهڙو هو. خبر ڪانه پيئي پوي ته چانور ڪهڙا آهن ۽ دال ڪهڙي آهي؟

هاڻ هنن کي جنهن مهل به دال ملندي هئي، ته ان ۾ آڱريون هڻي، ان مان پٿريون، ڪوڪا ۽ مٺل جيت ڪيڏي، پوءِ زنده رهڻ جي لاچار کان اکيون پوري کائيندا هئا. هونئن ته جيل انتظاميا کي پربٽ پيا پٽيندا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائندا هئا. پر ڪاڏي جي شڪل ڏسي ڪڏهن هڪ ٻئي کي به گاريون ڏيندا هئا. ۽ اُهي گاريون سندن مجبور حالتن ۾ اها مدد ڪنديون هيون ته هُو اُهو جانورن وارو کاڌو به گارين، گارين ۾ پيٽ پري کائي ويندا هئا.

صبح جو نيرن ۾ جيڪا چانهه هنن کي ملندي هئي، ان جو رنگ ڏسي هنن کي سنڌو نديءَ جو سانوڻيءَ وارو لُڙ پاڻي ياد اچي ويندو هو.

انسان عظيم آهي، پر دنيا جا عذاب ڪيس پنهنجي عظمت کان اڻڄاڻ رکندا آهن. انهن عذابن ۾ پنهنجي اهميت قائم رکڻ ئي بزرگي ۽ ڪرامت آهي.

۽ پنهنجي وجود سان وڙهي، پنهنجي ذات جي گلا ڪري پاڻ مان خفا ٿيڻ، زندگيءَ سان اختلاف رکڻ اِهو زندگيءَ جو اُهو مغرور گناهه آهي، جنهن جي لاءِ هيءَ دنيا هڪ دوزخ جو مثال آهي. پر اهو ضروري ناهي ته ڏهه ماڻهو هڪڙي ئي قيد خاني ۾ گڏ رهندا هجن ۽ اهي سڀ زندگيءَ جي عظمت جا عالم هجن ۽ سندن زندگيءَ جا گناهه يتيم ٻڄي، قيدِ تنهائيءَ ۾ ماتم ڪري، پنهنجي گناهگار وجود تي لعنت وجهي پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيندا هجن ها، ته انسان کي خطرناڪ سمجهي، دنيا کي جيل خانن اڏڻ جي سوچ ئي نه هجي ها!

هي ڏهه ڄڻا به ائين. سواءِ قربان جي، باقي جيل جي سختي جنهن مهل سندن ڪيفيتن کي ڪاڙهيندي هئي، ته ان مهل سندن سوچن مان هر اُهو خيال موڪلائي ويندو هو جيڪو سندن رفاقتن کي جوڙي پيو رکندو هو.

جنهن ڏينهن جيلر موڪل تي هو ان جي پهرئين ڏينهن تي رات واري مانيءَ کان پوءِ، هڪ خلاصي جنهن جو نالو مورڙو هو ۽ طبيعت جو ڪروڌي هو ۽ ٻيو سرنگ، جنهن جو نالو بصر هو.

اهي پاڻ ۾ انهيءَ ڳالهه تان اٽڪي پيا. جو خلاصي مورڙي چيو ته. ”مون ڪيڏي گهوڙا گهوڙا پي ڪئي هئي ته. اسان کي سير نهر (Creek) تان هاڻ واپس ٽيڻ گهرجي. ناڪئي ته منهنجي ڳالهه سمجهي پي پر هن اسان جي سرنگ بصر کي ان مهل الئي ڪهڙي وَهَر اچي ڪنيو هو جو ڪنهن جي ڪانه پڌائين. هاڻ ڏسوس حالت التيون ڪري ڪري سيني کي بيمار ڪري ڇڏيو اٿس“.

تڏهن هڪ ٻئي خلاصي، نالي عارب بيزاريءَ مان چيو. ”يار هن ڪان بهتر هو اسان سمنڊ جي ڪنهن گرداب ۾ ڦسون ها. مورڙي جي ڳالهه وانگر هتي اچي هي ڪُتن وارو ڪاڏو ڪونه ڪائون ها. پر هن اسان جي سرنگ بصر لالچ ۾ اچي سيني جو سر ڪڍيو. هاڻ جهڙو نالو بصر اٿس، ته ڏپ به هاڻ اوهڙي ڪڍي اٿس!“

”شرم اوهان کي ڪُتي جيترو به ڪونهي“. بصر سرنگ ڪاوڙ مان چوڻ لڳو ”جڏهن پنجن ڏينهن جي به پنج پنج هزار پتي پيا وٺندا هئا، ته به ڏينهن به ٻچن ۾ رهڻ ڪونه ڏيندا هئا. ۽ منهنجو پيشاب پي ويندا هئا. سرنگ، ناڪئي کي چئو هلو رئون تي، هلون رئون تي، ۽ جڏهن پادرن ۾ پيا آهيو تڏهن مون منجهان اوهان کي ڏپ پيئي اچي. لخنا هجي اوهان جي عمر تي!“

ائين اهڙي گرما گرمي ۾ گار گند ڪندي هڪ ٻئي کي ٻکين پئجي ويا ته ناڪئي صديق، قربان کي چيو ”يار هنن بي عقلن کي ته سنڀال، هي سين جا ڀُنا ڇِلائيندا. هنن اجا الئي ڪهڙي ڦتي ڏٺي آهي، جو هڪ نه ٻئي ڏينهن تي ڏاڙهين ۾ هٿ اٿن“.

۽ قربان سندن وچ ۾ اچي ڪين تڏو ڪري چوڻ لڳو ”ڏسو هتي خوشيءَ مان ڪير ڪونه آيو آهي ۽ نه ئي سڄي عمر لاءِ هتي آيا آهيون. اها اميد آهي ته، هڪ ڏينهن ڇوٽڪارو ملندو. نااميد ماڻهو نامرد هوندو آهي. جيڪڏهن هڪ ٻئي لاءِ اهو رويو اسان جو رهيو ته هي جيل انتظاميا اهڙا مرچ ڏيندي جو سڀ ڪدڙن وارو ٻُل ڏيندا. اسان جي قسمت ڀلي آهي جو اسان کي جيلر چڱو ماڻهو مليو آهي، پر هي جي اها اوهان جي حالت رهي ته ڪتن وارو ڪاڏو ته ڇا پر گڏهه وارو ڪاڏو به کائڻو پوندو. مون ڪهڙي پتي پي ورتي، جو قسمت جو ڀنوَر مون کي به ميڙي اوهان سانگڏ هتي ڪٽي آيو. پنهنجو مقدر پڙهي، پنهنجي نصيب کي سمجهڻ، اهو رڳو عالمن جو ڪم ناهي، ماڻهوءَ کي پنهنجي ذات جو حياءُ، پنهنجي زبان جو اخلاق ۽ نظر جي نيڪ نيت، انسان کي پنهنجي قسمت جو ڪتاب زير، زبر سان پڙهائي ڇڏيندا آهن“.

پر ويچارا اڻ پڙهيا ملاح، جن جو اَنُ مڇي هو ۽ مڇيءَ جي اک ۾ پنهنجو گهر ايڏندڙ جن جي سوچ ۾ سمنڊ، آسمان جي اکين جو سُرمو هو انهن جي سهپ ۽ سادگي به هڪ عجيب ۽ نرالي هئي، جن جي مٽيءَ سان محبت ۽ پاڻيءَ سان پيار، هڪ زندهه تاريخ هئي. سندن دليريءَ جي به اها حد هئي، جو ساموندي اجهاڳ رڻ ۾، جتي دنيا جي خالق رڳو بس جهڙو شيطان کي ڊوڙايو

هجي ۽ سمنڊ جڻ پاڻ کي اُٿلائي اونڌو ڪندو هجي. اُتي به سندن رفاقت جو رسو نه ڪڍهن ڪچو ٿيو ۽ نه سندن دلين جي ڪا ڏڙڪن خطا ٿي.

پر هي پاٽيءَ جي ان کُلي ميدان ۾ سمنڊ سان جنگ ڪندڙ جڏهن جيل جي ان ننڍڙي دنيا ۾ آيا. ته ان سندن سهپ ۽ بهادريءَ کي گهٽا ڏيئي سوڙهو ڪري سندن همٿ ائين ڪسي ورتي هئي، جو هي ڪنهن ڪنهن مهل هڪ ٻئي جي سڃاڻپ به وڃائي ويهندا هئا. بس قربان هڪڙو انهن مان هو جنهن زندگيءَ جي سمنڊ سان جنگ وڙهي محبت جي مايا ميڙي هئي ۽ پنهنجي انسانيت جي پاڻ تربيت ڪري، عدن جي محبت ۾ عبد ۽ معبود جو ويڇو وڃائي، دنيا سان تعلق ائين رکيو هو جيئن رڃ ۾ ڦاٿل مڇي، سمنڊ ڪان پنهنجا سپ رشتا ٽوڙي ڇڏيندي آهي.

هڪ ناول نگار ليکڪ کي اهو افسوس ضرور ٿيندو ته، سمنڊ جو بي رحم سينو جيڪو هر جاندار کي رڳو موت لاءِ سڏيندو هجي، اتي هي دراوڙ نسل جا اپوجهه ملاح، سمنڊ جو اهو سينو ڪيڙيندي، سندس ڪا پرواهه نه ڪندا آهن. پر جيل جي هڪ چؤديوار ننڍڙي دنيا ۾ خود کي ايترو ته بيوس، لاچار ۽ ڪمزور پيا سمجهن، جو سندن سيني ۾ جڻ اها دل ئي ناهي، جيڪا سنڌو درياهه کان بحرِ اسود تائين سمنڊ سان جهيڙيندي، رات ڏينهن جو فرق ئي نٿي رکي.

پر شايد اهڙن عجيب دل رکندڙ زندگيءَ جي ويڙهاڪ ماڻهن لاءِ خدا تعاليٰ، قربان جهڙا ماڻهو پيدا ڪري، انهن سان گڏائي ڇڏيندو آهي، جيڪي سندن سورهيائي، ڏاهپ ۽ غيرت جي سلامتيءَ جا پرجهلا ٻڌجي سندن ستل دليون جاڳائيندا آهن.

قربان هنن کي ليڪچر ڏيندي ڏيندي کين پنهنجي اهميت کان واقف ڪندي چوڻ لڳو. ”ماڻهو ڪيترو به لاچار ۽ ڪمزور ٿي پوي، تڏهن به پنهنجي وجود جو ڪتاب ته ڦاڙي ڦٽو نه ڪري. اسان سنڌي، سنڌ ملڪ جا آهيون. هتي پاڻ لڄائڻ معنيٰ پنهنجو ديس لڄائڻ آهي. اوهان کي خبر ڪانهي، جڏهن سڪندر اعظم سنڌ فتح ڪري چڪو هو تڏهن به اسان جهڙن عام سنڌي ماڻهن ويڙهه ختم نه پي ڪئي ۽ پوءِ هُن جڏهن ان معاملي جي جاچ ورتي، تڏهن خبر پيس ته اهي عام سنڌي ماڻهو پنهنجن سنڌي ڏاهن ماڻهن جي اثر هيٺ آهن. تڏهن انهن ڏاهن ماڻهن کي پڪڙيو ويو ۽ پوءِ سڪندراعظم ۽ سندس يوناني ڏاهن، انهن سنڌي ڏاهن ماڻهن جي ڏاهپ پرکڻ لاءِ شرط وڌو ته، اسان جا ڪجهه سوال آهن. انهن جا جواب اوهان درست ڏنا ته اوهان جي جان بخشي ويندي، ٻي حالت ۾ اوهان کي قتل ڪيو ويندو.

هنن پهريان سنڌ جي هڪ سيوهاڻي ڏاهي کان پڇيو:

”مري ويل انسان ۽ زندهه انسان جو صحيح تناسب ڇا آهي؟“

ان سنڌي سيوهاڻي جواب ۾ چيو. ”ڪجهه به نه. ڇو ته جيڪي مري ويا سي ڳاڻيٽي ۾ نه ايندا!“

ٻئي کان پڇيائون. ”سيني جانورن ۾ وڏيڪ چالاڪ جانور ڪهڙو آهي؟“

هن جواب ڏنو ”اُهو جنهن تي اجا انسان جي نظر نہ پيئي آهي!“
ٽئين کان پڇيائون، ”جانور زياده ڪٿي پيدا ٿين ٿا، پاڻي يا خشڪيءَ تي؟“
ان ڏاهي ٻڌايو” ڌرتيءَ تي، ڇاڪاڻ تہ پاڻي بہ ڌرتيءَ جو حصو آهي“.
۽ وري هڪ ٻئي ڏاهي کان پڇيائون، ”ڏينهن اڳ ۾ آهي يا رات؟“
هن هڪدم جواب ڏنو ”ڏينهن، ڇاڪاڻ تہ اُهو رات کان هڪ ڏينهن عمر ۾ وڏو آهي!“
تڏهن اهي يوناني ڏاها، اٺجاڻ ماڻهن وانگر هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا ۽ پوءِ سنڌين جي ڏاهپ کي سڪندر اعظم اڳيان نيچ ڏيکارڻ جي نيت سان پڇيائون، ”انسان ڪهڙي طرح خدا بڻجي سگهي ٿو؟!“
۽ سنڌي ڏاهي کين ٻڌايو ”اهڙين ڳالهين ڪرڻ سان، جيڪي ماڻهو ڄاڻن ٿا تہ، تي نٿيون سگهن“.
ان ڏاهي جي جواب سان، هو پنهنجي نيت ۾ ڪامياب نہ ويا ۽ تڪڙو ئي هڪ ٻيو سوال پڇيائون، ”زندگيءَ ۽ موت ۾ وڌيڪ طاقتور ڪير آهي؟“
ان سنڌي ڏاهي سندن منهن ۾ ڏسندي چيو، ”زندگي...! جيڪا مصيبتن باوجود باقي رهي ٿي“.
ان کان پوءِ هن بہ سياسي سوال پڇيا. هڪڙي کان پڇيائون، ”ڪهڙو عمل عوام ۾ مقبوليت جو سبب بڻجي ٿو؟“
ان ڏاهي پنهنجي جواب ۾ چيو ”اُهو اقتدار حاصل ڪرڻ، جنهن سان عام ماڻهوءَ کي خطرو محسوس نہ ٿئي“.
۽ ان جي پاسي ۾ بيٺل ڏاهي کان پڇيائون، ”ڪو انسان ڪيستائين ذميوار سمجهي سگهجي ٿو؟“
جواب مليو ”اُهو جيڪو جيستائين زندگيءَ کان زياده موت جي تمنا رکندو هجي“.
۽ پوءِ آخري سوال ۾ چيائون، هن سوال جو جواب ڪير بہ اوهان مان ڏيئي اسان کي ٻڌائي تہ ”اُهو ڪهڙو دليل آهي، جنهن سان اوهان عام ماڻهن کي، اسان سان ويڙهائڻ تي آماده ڪريو ٿا!؟“
ان سوال جو جواب هڪ ڏاهي سنجيدگيءَ سان ڏيندي چيو ”ٻيو ڪو بہ دليل ناهي، سواءِ ان جي تہ ذلت جي زندگي گذاريو يا عزت سان مري وڃو!“
اهڙي طرح جڏهن سنڌي ڏاهن سڪندر اعظم ۽ سندس ڏاهن کي لاجواب ڪري ڇڏيو تڏهن سنڌي ڏاهن سڪندر اعظم کي چيو تہ ”هاڻ صرف هڪڙو سوال پڇڻ جي اجازت اسان کي بہ ڏيو جيڪو اسان، توهان سڪندر اعظم کان ئي پڇنداسين“.

جڏهن ان جي اجازت ڪين ملي، تڏهن هنن ڏاند جو سُڪل ڇوڙو وچ تي رکيو ۽ سڪندراعظم کي چيائون، ”هن سُڪل ڪل تي بيهي ڏيکاريو!“

۽ سڪندر اعظم اڳتي وڌي جيئن ان ڇوڙي تي اچا پنهنجو پير رکيو ته ڇوڙو اٿل ڪائي سندس منهن ۾ پي لڳو تڏهن مجبورن بُل ڏيئي، ڇوڙي جي وچ تي ٿي بيٺو اُن مهل سنڌي ڏاهن چيس ته، ”اي فاتح! ٻڌاءِ اسان توکان ڪهڙو سوال پڇيو آهي؟“

سڪندر اعظم ۽ سندس ڏاها انهيءَ سوال جو ڪو به جواب ڪيڏي ڪونه سگهيا. نيٺ سنڌي ڏاهن کان پڇيائون، ”توهان جو سوال ڇا آهي؟“

ڏاهن چيس، ”توهان جو مرڪز مقدونيه آهي، اهو ڇڏي هتي ڇو آيا آهيو؟ توهان وٽ ته هن سڪل ڇوڙي جي سنڀالڻ جيتري به ڏاهپ ناهي“.

قصو پورو ڪندي، قربان ملاحن کي چيو ”سو منهنجا ادا اها آهي اسان جي زندهه ۽ عظيم تاريخ. جنهن کي اسان هن قيد جي ڪجهه ڏينهن جي ڏکيائيءَ ۾ ضايع پيا ڪريون. خدارا مڙس ماڻهو ٿيو. پنهنجي وجود کي نه لڄايو. اچا ته سختي ڪانه ڏني اٿئون. بس رڳو لاوارث آهيون. ڪو ڌڻي سائين اسان جو ناهي ٿيو سو وڏيڪ هڪ ٻئي سان وڙهي، پنهنجي قومي سڃاڻپ ته نه وڃايو“.

قربان جي ان هدايت کان پوءِ سڀ خاموش ٿي ويا، ۽ گهڻن ته پوءِ ان رات واري ماني به ڪانه کاڌي. جڏهن صبح ٿيو ته اها رات واري پيل ماني صبح جو ڪائڻ جي نيت سان ڏٺائون ته ان ۾ جيئريون جاڳنديون گڏرون پي هليون. بس پوءَ ان کاڌي کي ئي سبب بڻائي، هنن بک هڙتال جو اعلان ڪري ڇڏيو. سڄي جيل ۾ اها ڳالهه پکڙي ويئي ۽ انتظاميا لٽ ۽ چٽ وارو رويو اختيار ڪيو.

انسان جتي ڪجهه وقت لاڳيتو رهي ٿو ته اتي پنهنجي پوري جسم کان روح تائين جي رسواين توڙي محبتن جو ٻج پوکي ڇڏيندو آهي، جنهن جو فصل سنڌن وڃڻ کان پوءِ به، سندن تعلقدار پنهنجي پوري عمر تائين پيا ان جو لاب حاصل ڪندا آهن.

جيل ۾ قربان جو ڪردار به ائين هو. هفتي ۾ هڪ ڏينهن لاءِ سيني قيدين کي جيل اندر کُلو ڇڏيو ويندو هو. ان جو فائدو وٺندي، جيل جي ٻن سنڌي پراڻن قيدين، ڪامل شاهه ۽ مصري ڪولهيءَ جي معرفت قربان سڄي جيل ۾ پنهنجي فڪر جو روح ڦوڪي ڇڏيو هو. جن قيدين جي ٻولي ڪيس نه ايندي هئي، انهن سان به ڪامل شاهه جي ذريعي هن پنهنجي خيالن جا واجهه ويڙهي ڇڏيا هئا. تنهن ڪري قربان جي بک هڙتال جو ٻڌي، تقريبن هڪ سؤ جي اندر بيا قيدي به سندس حمايت ۾ اچي ويا ۽ اهو معاملو جڏهن جيل سپرنٽينڊنٽ کان اعليٰ اختيارين تائين پهتو

ته شام جو سج جڏهن پنهنجي حد جي زماني ڪي اطلاع ڪندو ويندو آهي ته، ”مان انصاف لاءِ وري اپرندس. پر انهن لاءِ جن اونداهيءَ ۾ به پنهنجي ضمير کي روش رکيو“.

ان شام جي ميرانجهڙي وقت، جڏهن جيل انتظاميه جو هڪ بااليٰ عملدار وزٽ تي آيو ته، هر قيديءَ جي زبان تي قربان جو نالو پڏائين.

هڪ جيل آفيسر جي حيثيت سان، جيل اندر ڪنهن قيديءَ جو ايڏو نالو پڌي، سندس طبيعت ۾ يوم عاشورا جي ڏينهن جهڙي گرمي چڙهي ويئي ۽ پڇا ڪيائين ته، ”هي قربان نالي، ڪهڙي ڏوهه جو قيدي آهي؟“

کيس پڌايو ويو ته، اهو مڇي مار قيدي آهي. تڏهن حڪم ڪيائين ته، ”هن کي آفيس تي وٺي اچو“.

پر جڏهن قربان کي چيو ويو ته، ”هل، صاحب توکي آفيس تي ٻاهين لاءِ گهرايو آهي“.

تڏهن قربان چيو، ”آئون هڪ قيدي آهيان. صاحب کي پڌايو ته ٻاالهيون قيدين جي اڳيان ٿينديون ۽ هر ڪارروائي قيدين جي اڳيان ٿيندي، چاهي ان ۾ مون کي ڪا سزا چو نه ڏيو“.

قربان جو اهو جواب جڏهن صاحب وٽ پهتو، تڏهن سندس برنڊڙ طبيعت کي جڻ ڪنهن بارڻ ڏيئي چڏيو. هُو ان تئو ۾ ئي اٿيو ۽ چار صحتمند سپاهي پاڻ سان گڏي، قربان جي وارڊ تي آيو ته صرف قربان ئي اٿيو ته قربان کي ڏسي، سپاهين کي چوڻ لڳو ”هي مڇي مار قيدي ته نٿو لڳي، هي ته ڪو آفيم جو اسمگلر ٿو لڳي.“ ۽ وري قربان کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ”ليڊري ٿو ڪرين جيل ۾... هان... آءِ.ايس.آءِ جا ايجنٽ – هتي آءِ.ايس.آءِ جون هدايتون وساري ڇڏ. ڪهڙو معاملو ڪٽي بک هڙتال ڪرائي اٿئي؟“

”ڪاڏي جي تڪليف آهي!“ قربان سندس دڙڪن کي نظرانداز ڪندي چيو.

”اڇا، ڪاڏي جي تڪليف آهي، هي ڪو تنهجي محبوب زال جو گهر آهي، جو توکي ڏهه ڏهه ڊشون تيار ٿي ملنديون؟“

”محبوب زال!“ اهي لفظ قربان جي اندر واري محبت جي قيديءَ لاءِ ته جڻ هڪ اهڙي متوازن غذا هئي، جو گهڙي کن لاءِ سپرنٽينڊنٽ جي منهن مان به کيس عدن جي صورت ڏسڻ ۾ پي آئي ۽ ان جي ياد ۾ ويڙهيل پنهنجي دل کوليندي چوڻ لڳو ”هي ته منهنجي محبوب جو گهر ناهي، پر منهنجو پورو وجود، منهنجي محبوب جو گهر آهي. آئون ته اوهان جي جيل جو زهر به ڪائي ضايع ڪري ڇڏيندس پر هنن بيگناهه قيد ڪيل ماڻهن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جن کي بدترين کاڌو کارائي، مختلف مرضن ۾ مبتلا پيا ڪريو ۽ جيڪڏهن اسان کي ڪنهن سنگين ڏوهه ۾ قيد ڪيو ويو آهي، ته پوءِ ان کان بهتر آهي، اسان کي گوليون هٽي ڇڏيو. جيل ۾ ته اسان کي مڇي مار

قيدين جي نالي سان سڏيو پيو وڃي ۽ سليقو اهڙو آهي، جو پيو ته نهيو پر رڳو ڪاڏي جي شڪل ٿا ڏسون، ته الٽيون ٿا ڪريون!“

قربان پنهنجي ان شڪايت جا لفظ تميز سان جهلي جهلي اهڙي مهذباڻي انداز ۾ چيا، جو جيل سپرنٽينڊنٽ جي طبيعت تي ڄڻ برف جا ڳڙا وسي پيا. پر پوءِ به هن پنهنجي آفيسر واري آڪڙ ۾ چيو ”چا، ڪاڏو توهان کي وقت تي نٿو ملي يا ضرورت کان گهٽ ٿو ملي؟“

”اهڙي ڳالهه ناهي سائين، بند جيل ۾ قيديءَ جي عمر جو نالو ئي انتظار آهي. ۽ سندس ضرورت بس رڳو آزادي هوندي آهي“. ايترو چئي، قربان ناڪئي کي چيو ”ناڪئا، اهو ڪاڏو ڪڻي صاحب کي ڏيکاريو جيڪو اسان کي رات مليو هو جنهن جي ڪري اسان بک هڙتال ڪئي آهي.“

اُهي ڳُل ڇهه لوهي پليٽون هيون، جيڪي ناڪئي نمبر وار ڪري جيل سپرنٽينڊنٽ جي اڳيان رکيون. جيل سپرنٽينڊنٽ انهن پليٽن تي نظر وڌي ته انهن ۾ ڪيس اهي جيئريون گڏرون نظر آيون ته ان مهل هن هڪ پليٽ کي اهڙو ٺڏو هنيو جو اها روحاڪي پڪي جيان اڏامندي اهڙو ڪڙڪو ڪندي ويئي، جو ان جو آواز پوري اڌ جيل جي قيدين پي ٻڌو.

اهو جيل سپرنٽينڊنٽ هندي آريا نسل مان پي لڳو. قداور هڏ ڪاٺ، اڇي چمڙي ۽ ڊگهو نڪ، سندس ڊول ڊال مان ائين پي لڳو ڄڻ ڪنهن يورپي ڪراس نسل مان هجي، جيڪا هن ٻولي پي ڳالهائي، ان جو متن مڏيا پرديشي پي لڳو جيڪا اتي جي مقامي ٻولي هئي. هن ان مهل هڪ شخص کي گهرايو جنهن کي ڪا سرڪاري وردي پاتل ڪانه هئي ۽ سندس حليي ۾ اهڙي ته ڪراهت لڪل هئي، جنهن جي ڏسڻ سان، ماڻهوءَ جو ڪاڏي تان روح ڪڇي وڃي. شايد اهُو جيل جو راڏارو هو تنهن کي هن نفرت مان چيو ”اي ٻاؤ توکان ته نرڳ به نفرت ڪندو – ناستڪ جا اولاد، هي ڪاڏو ڏس، هن جا تون ڇهه روپيا ٿو وٺين. تنهنجو ته اولاد به انهن ڪيڙن وانگر رلي مرندو.“

۽ اهو شخص منهن مهاندن ۾ به ٻاؤُ پي لڳو. ان کي ڏسڻ سان خوف ته ڪونه پي ٿيو پر خواب ۾ اهڙي ماڻهوءَ کي ڏسي، وري سڪون جي ننڊ سمهڻ وارو خيال خراب ٿي پي سگهيو.

۽ پوءِ وچڻ وقت، آفيسر قربان کي چيو ”هي جيل آهي، هتي توهان کي توهان جي پسند جو ڪاڏو ڪونه ملندو ۽ توهان لاءِ بهتر به ائين آهي ته، مون تي اعتماد ڪريو توهان کي هن کان ڪجهه بهتر ڪاڏو ملندو. توهان هيءَ بک هڙتال ختم ڪريو ۽ جيل ۾ سليقي سان رهو. چا خيال آهي، بک هڙتال ختم ڪريو ٿا؟“

”آئون ذاتي طور ته، فورن ڪو فيصلو نٿو ڏيئي سگهان، ڪجهه مهلت کان پوءِ مصلحت تي سگهي ٿي“. قربان چيو.

اهڙو جواب جيتوڻيڪ ان جيل آفيسر کي نہ وڻيو، پر انتظامي لحاظ کان هن اهڙي معاملي کي وڌائڻ جي بجاءِ معاملو ڪُٺائيندي چيو "نيڪ آهي، مان توهان جي بهتر جواب لاءِ ڪلاڪ ٻن ٽائين جو انتظار ڪري سگهان ٿو پر بعد ۾ معاملو ڪجهه اڳتي ويو تہ پوءِ ڪجهه ڪونہ ٻڌو ويندو ۽ نہ ئي پوءِ توهان کي هتي گڏيل طور رکي سگهجي ٿو".

۽ پوءِ ان ڳالهہ کي ساڻ وٺي ويو ۽ پوءِ ڪجهه دير ۾ ئي، جيل جا ٻہ سينيئر قيدي جن مان هڪ ڪامل شاهہ هو اهي قيدي پنهنجي سزا ۾ رعايت خاطر جيل انتظاميا جي هر حڪم جو احترام ائين ڪندا هئا، جيئن مسجد ۾ مُلوءِ مندر ۾ سامراج دعائن ۾ ماڻهن لاءِ پنهنجي سفارش ڪندا آهن.

انهن قربان کي جيل سپرنٽينڊنٽ جي لاءِ ائين ئي راضي ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، جنهن ۾ هو ڪامياب ويا، پر قربان، ڪامل شاهہ کي چيو "سائين ڪامل شاهہ اوهان بک هڙتال ۾ اسان جي مدد بہ ڪئي، ان لاءِ اوهان جي مهرباني، پر اوهان جي چوڻ سان هيءَ جيڪا بک هڙتال ختم پيا ڪريون، اهو اوهان تي ٿورو ڪونهي. ڏسو اسان هڪڙي ديس جا آهيون. اسان جي غيرت ۾ فرق نہ هئڻ گهرجي".

"اسان جي غيرت ۾ فرق نہ هئڻ گهرجي!" اهو جملو ڪامل شاهہ کي پنهنجي ارڙنهن سال واري قيد کان بہ وڌيڪ ڳرو لڳو پر هن تمام تڏي لهجي ۾ چيو "اوهان ڪيئن ٿا سمجهو مون کي پنهنجي غيرت جي سلامتيءَ لاءِ، ڀارت جي نيوي هٿان پڪڙائي هنن قيدن ۾ هنيو ويو آهي؟! مون بہ دفعا جيل ٽوڙي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ٻيو دفعو جيل ٽوڙي جنهن مهل ڀڳس پئي، تہ مون هڪ سنتري جو هڪ لوهہ جي سريي سان مٿو ڦاڙي وڌو هو پر مون کي تمام دير سان خبر پيئي تہ اهو مون سان دوکو ڪيو ويو هو. اسان هڪ ديس جا آهيون. اسان جي غيرت ۾ تہ فرق ڪونہ ايندو پر پنهنجي غيرت کي پارسل ڪري وڪڻندڙ جيڪي پنهنجا ٻويان چڙي آيا آهيون، انهن جي غيرت جو آسرو نہ ڪجو. پنهنجو خيال پيا رکجو. اُنهن رهزنن جو ڪميٽو راڄ جهڙو اُتي آهي، تهڙو هِتي آهي!"

اهو ڪامل شاهہ قربان کي درست پئي چيو جنهن کي هاڻ انهيءَ قيد ۾ اوڻيهون سال پئي هليو. ڪامل شاهہ ۽ مصري ڪولهي، اهي ٻئي اُهي سينيئر قيدي هئا، جن پنهنجي وطن جي واپسيءَ واري اميد ئي ماري ڇڏي هئي ۽ انهن کي هاڻ انهن جيلن ۾ ڪافي تجربو ٿي ويو هو. هنن اهو سکي ورتو هو تہ دنيا واقعي بہ هڪ اهڙو انساني جانورن جو جهنگل آهي، جنهن ۾ انسان جانورن جي ڏٽن جيان پنهنجي پنهنجي ڪردار جي حدن ۾ ورهايل آهي. حڪومتون چورائيندڙ شاهي چورن جو ڏڻ، عدل ۽ انصاف وارن امينن سان ڪڏهن بہ گڏ نہ وينو آهي.

اهڙيءَ طرح ظلم ۽ انصاف جي وچ ۾ دنيا اڄ بہ وائڙي آهي ۽ چڪيءَ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ ڪڻڪ جي داڻن جيان پيي رهي آهي.

هاڻ ان بک هڙتال واري ڏينهن جو سج لهي چڪو هو. بک هڙتالي معاملو حل ٿيڻ کان پوءِ جيل انتظاميہ جو معمولي سپاهي بہ سَرهو نظر پيي آيو.

قيدي ۽ بک هڙتال، يعني بک جو بک سان جهيڙو، انتظاميہ لاءِ تہ اهو مرحلو وڏي آزمائش ۽ عذاب هوندو اهي، پر قيدي ۽ بک هڙتال جو پاڻ ۾ رشتو ڪيڏو نہ انصاف پسند آهي. بک جو بک سان جڏهن جهيڙو مچندو آهي، تڏهن ڏؤ وارن جا عقل ڏرا ٿيو پون. سٽيين چمڙين جو سونهن سهميو پوي، ۽ هٿيلي قانون جي تہ هستي مريو پوي. پر اهڙي عمل جي اهميت قربان سان گڏ قيد ٽيل، انهن مڇي مار ملاحن ۾ سواءِ خوف ۽ هراس جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو.

---

**هاڻ** هنن کي ان جيل ۾ ڇهہ مهينا ٿي چڪا هئا. هڪڙي ڏينهن هنن کي جيل انتظامہ جي چال معمول کان ڪجهہ وڌيڪ تيز نظر آئي ۽ ڏينهن جو پارهن لڳي ڏاري، جيلر ڪمار هنن جي وارڊ تي آيو ۽ قربان کي چوڻ لڳو "اڄ جيل ۾ هڪ اسپيشل وزٽ اچڻي آهي، تنهن ڪري پنهنجا رويا بهتر رکجو. جيڪڏهن ڪا شڪايت آهي، تہ آئون آهيان، مون کي ٻڌائي ڇڏيو. منهنجي خيال ۾ اسان هڪ ٻئي سان بهتر هليا آهيون؟"

پر ان ڏينهن قربان کي جيلر بہ ڪجهہ بدليل بدليل ۽ اڳي کان مختلف پيي لڳو. سندس چهرو سڪڙيل هو منهن ۾ کِلَ واريون ريکائون سپ سُن هيون. ڳالهائيندي ڳالهائيندي، اجنبين جيان هيڏانهن هوڏانهن لوٽا بيني هنيائين. جهڙو هن ڪجهہ چوڻ پيي چاهيو سو چئي ٻڌائي نہ پيي سگهيو. سندس اهڙي خشڪ ڪيفيت قربان کي پوري طرح سمجهہ ۾ نہ آئي. هو بار بار ان تي سوچي ڪو بہ نتيجو ڪڍي نہ سگهيو.

انسان لاءِ، سندس هر عضوو، سندس ڇهين حِس سان تعلق ۾ رهندو آهي ۽ ايندڙ حالتن کان ڪيس اڻ سڌي طرح اطلاع لاءِ واقفيت ملندي رهندي آهي، پر اها ڇهين حس بہ هڪ اهڙي محبوبا جيان آهي، جيڪا بس رڳو خاموش اشارن ۾ ڳالهائيندي آهي! باقي ان جي علم لاءِ دنيا ۾ نہ ان جو اسڪول، نہ مدرسو نہ استاد. پوءِ بہ انسان سان سندس اهڙو نيڪ تعلق رهيو آهي، جو انسان کي ولايت جو عالم ۽ حوضِ ڪوثر جو اڳواڻ ڪري ڇڏيو اٿس.

انسان پنهنجي اندر ۾ ڀلي برائين جا پاڻدار پرِيو ويٺو هجي، پر اها الهام جي سڳي پيڻ ڇهين حِس، هر نيڪ، بدنيڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو فيض رسائي ٿي. پر ان جي ٻولي سمجهڻ لاءِ نيڪ دل ڪردار هجڻ ضروري آهي.

اُهي اهڙا سڀ گڻ قربان ۾ ائين نظر ايندا هئا، جو اُهي جڻ سندس مٽي جي وارن کان ٻه ڇايل هئا ۽ هن جيل اندر جيلر جي اُها اوچتي بي رُخي چال ڏسي، سوچي سوچي هن پنهنجي وارڊ جي ساٿين کي هدايتون ڏيڻ شروع ڪيون، "منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو. اوهان مان جنهن کي ٻه پنهنجي موت جو خوف وڏيڪ آهي، سو سين جي موت جو سبب ٻڌجي، ان کان اڳ ۾، هن کي ائين سمجهڻ گهرجي ته اهو هاڻ زنده ناهي ۽ جيڪو سمجهي ٿو مون کي آزاد ڪانه ملندي ۽ آئون هن جيل ۾ مرندس، سو سين کي گيدي ٻڌائي، انهن جي غيرت کي ٺڪون هٽائڻ کان اڳ ۾، اسان جو ساٿ ڇڏي، جيل انتظاميه کي پنهنجي غلامي پيش ڪري پنهنجي جان ڇڏائي سگهي ٿو ته ان کي اجازت آهي، پر جيڪو سمجهي ٿو جهڙو موت هتي، تهڙو پنهنجي ديس ۾، ته پوءِ دل نه هاري ۽ ساٿين سان گڏ ساڳي هڪڙي ٻولي ڳالهائي ۽ خود کي ٻين کان مختلف نه رکي.

هي عذاب، اذيتون رڳو اسان ماڻهن لاءِ ناهن. اهي سڀ جهالتون ۽ عداوتون جڻ آدم جي انتظار ۾ هيون، جڏهن آدم ۾ پساهه پيو ته سڀ سندس پويان لڳيون.

"ياد رکو هر ماڻهو زندگيءَ جي جيل ۾ مري ٿو. پر عزت جي خيرات ۽ غير جي مهلت گهري مرڻ کان بهتر آهي ته، زندگيءَ جي جيل جا سڀ اصول ٽوڙي ان مان پنهنجي غيرت آجي ڪري، آزاديءَ جو موت مرجي.

جيل ته جهڙو ديس جو تهڙو پرديس جو ڪوئي جيڪڏهن سمجهي ٿو ته، منهنجا ٻچا رُلندا هوندا ۽ بک مرندا هوندا، ان کي سمجهڻ گهرجي ته، جيڪڏهن هر حال ۾ پاڻ زنده موجود آهي، ته سندس اهو خدا ٻه زنده موجود آهي، جيڪو سندس ۽ سندس ٻچن جو ساڳيو هڪڙو ئي سنڀاليندڙ خالق آهي".

شايد سڀ سوچيندا هوندا ته، هي اڄ آئون ڇا پيو ڳالهائيان. پر پريشان ڪير ٻه نه ٿئي. موت جو دعوت نامو ان ڏينهن لاءِ لکجي ويو جنهن ڏينهن اسان مان هر ڪوئي، پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ پي پليو پر عقل اسان مان، اُن کي تڏهن سمجهه ۾ آيو جڏهن ڪو عذاب سندس عمر ۾ آيو ۽ ڪيس اڪيلو ڪري ويو!

"مون کي الئي ڇو هاڻ ائين لڳڻ لڳو آهي ته، اسان مان هرڪو پنهنجي لاءِ سوچي، پنهنجي قيد جي عمر وڌائڻ لڳو آهي. ان کي بس اهو سوچڻ گهرجي ته، هن جيل ۾ اچڻ کان اڳ ۾ اسان ڪنهن ساموندي طوفان جي پڪڙ ۾ اچي اتي ٻڏي مرڻ لڳون ها، ته ان وقت پنهنجي گهر، اولاد ۽ عزيزن لاءِ ڪهڙي سوچ هجي ها؟ شايد ان جو ڪوئي جواب ڪنهن وٽ ناهي ۽ اسان لاجواب

آهيون. ائين زندگي جڏهن لاجواب واري دڳ تي اچي ٿي، تڏهن انسان نه رڳو پنهنجا رشتا، پر دل جا تعلق به سڀ وساري بس پنهنجي زنده رهڻ لاءِ اڪليو سوچي ٿو ۽ اها اڪيلي سوچ سندس زندگيءَ جي اهميت، ان جي وصف ۽ صفت جو موت آهي.

سو منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته، پاڻ کي اڪليو رکي پنهنجي لاءِ سوچڻ ڇڏي ڏيو سوچون گڏايو ته جيئن برو وقت اسان جي همٿ چورائي نه سگهي!"

قربان پنهنجي ان گفتگو ۾ محو هو ته اوچتو پنج نوجوان سپاهي هڪ جيلر ڪمار ۽ ان سان گڏ هڪ پوليس آفيسر جنهن جي ڪلهي تي به ڦول لڳل هئا. سندس قد ڊگهو انب جي ڦار جهڙو منهن، مٿو ڊگهو ۽ صورت تمام حسين ۽ خوبصورت، ائين پي لڳو جهڙو ڪرد نسل مان هجي، تنهن جيلر ڪمار کان پڇيو "هنن مان قربان ڪهڙو آهي؟"

۽ جيلر، فورن قربان کي پاڻ ڏانهن سڏيندي آفيسر کي چيو "سر هي آهي قربان".

"هن کي ٻاهر وٺي هلو". آفيسر قربان جي منهن ۾ غور سان ڏسندي چيو.

جنهن مهل قربان کي وارڊ مان ٻاهر ڪڍي پي ويا، ته ناڪئي صديق احتجاج ڪندي چيو "ڇو هن کي ڪيڏانهن پيا وٺي وڃو؟" ته جيلر ڪيس آڱر جي اشاري سان خاموش رهڻ لاءِ چيو ناڪئي صديق وڏيڪ اوچي آواز ۾ چيو "پر معاملو ڇا آهي، اسان کي هڪ ٻئي کان ڌار ڇو پيا ڪريو. اسان احتجاج ڪنداسين".

لفظ احتجاج، ان پوليس آفيسر کي جهڙو گار تي لڳو ۽ هڪ دفعو وري به قربان جي منهن ۾ ڌيان سان ڏسندي، سپاهين کي چوڻ لڳو "وٺي هلو انهيءَ کي به هن سان گڏ".

۽ جڏهن ناڪئي صديق کي قربان سان گڏ هٿڪڙي لڳي، تڏهن ان سڄي وارڊ کي جهڙو ڪنهن ٻاهه ڏيئي ڇڏي، سيني قيدين جيلر تي وٺ وٺان ٻاري ڏني. ڪو چوي پيو ته، "اسان کان انهن کي الڳ ڪندا، ته پاڻ کي ماريندا سين". ڪو چوي پيو "اسان ڌوهاري ناهيون. اسان کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪندا ته ان جو نتيجو خراب نڪرندو!" ته ڪنهن چيو پي، "ڇو ڪٽي اسان سان ظلم ٻاريو اٿو روز روز نئون عذاب" ۽ سڀ کان وڏي آواز ۾ ناڪئي جي سرنگ، بصر چيو "اسان جانور ناهيون. پٽيا اسان کي لاوارث ڏسي اسان سان ويل ڪري ڇڏيو اٿوَ. اسان کي ته پاٽي به گٽر جو ٿا پياريو!"

پر سندن ڪنهن به ڪونه ٻڌي ۽ جيلر، جنهن کي پنهنجو جيل انتظام هلائڻ جو وڏو ڏانءُ هو جيڪو ڪيس چوندو هو ته، منهنجو ڏاڏاڪو سنڌ جو هو تنهن به ڪين رڳو لوٺو هٽي به ڪونه ڏنو. جڏهن سندن دانهن ڪوڪ جو ڪو اثر نه ٿيو ۽ سندن همراهن کي وٺي هليا ويا، تنهن مهل هرڪو پنهنجي منهن ولِ هڻڻ لڳو. ڪنهن جي ڪهڙي ڪيفيت هئي ته ڪنهن جي ڪهڙي، پر

پاندراري عرس ڏکاري ڪيفيت ۾ چوڻ لڳو ”يار نڌڙڪا آهيون. هجي ڪو ڏٽي سائين. ته ڪير اسان جي ٻڌي به سهي!“

تنهن مهل ڊرائيور محمد. جيڪو طبيعت جو تمام مانيٽو هو جنهن ان سڄي عرصي دؤران. ان معاملي تي پهريون ڀيرو پاندراري عرس کي چيو ”او ائين يتيم سڏيو پاڻ کي. هاءِ ڙي پٽيا سنڌي مهاڻا. گهر ۾ رکو مڇيءَ جو پٽو قسي ٿو پوي. ته زال سان ڪيڏو ويل ٿا ڪريون ۽ جيل ۾ وري اهڙا پاڙيا جو هيترا سارا گڏ هوندي به جهڙا هڪ ٻئي لاءِ ڌاريا. متان هڪ ٻئي جو ڏڍ ڪيو آٿان. نڌڙڪو ڪريو پاڻ کي ته خدا به اسان مان هٿ ڪيڍي. بس پوءِ سِگهو هلي هرڪو پنهنجي زال سان سمهندو!“

ڊرائيور محمد. ايترو چئي بس ڪئي ته ان موضوع تي هنن جو پاڻ ۾ وڏو بحث چڙي پيو. جنهن مهل هو ان بحث جي ڏکهي تڪرار ۾ هئا. تنهن مهل ناڪئي صديق ۽ قربان کان هڪ بند ڪمري ۾ آفيسر پنهنجي پڇا ڳاڇا پئي ڪئي. پهريان هن پڇيو ”اوهان مان ڪئپٽن ڪير آهي؟“. ته ناڪئي صديق پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ رکندي چيو ”آئون آهيان“.

تڏهن هُن قربان جي طرف گُرڙي نظر ڪندي پڇيو ”پوءِ هي ڇا ڪندو آهي؟“ ان سوال تي ناڪئو منجهي پيو ته. ”ڪهڙو جواب ڏيان!“ سندس ان ٻڌتر کي قربان سمجهي ويو ۽ هن پاڻ جواب ۾ چيو ”آئون مڇي مار ملاح ناهيان“.

قربان جي ان سؤ سيڪڙو سچي جواب. آفيسر کي اهڙو بدگمان ڪري ڇڏيو جو هاڻ قربان مان هن کي ڪوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر ئي ڪونه پي آيو ۽ هن پنهنجو رويو سخت ڪندي چيو ”ته پوءِ تون ڪنهن جي لاءِ ڪم ڪندو آهين؟ ايم. آءِ. لاءِ يا آءِ.ايس. آءِ. لاءِ؟“ قربان آفيسر جو ارادو نه سمجهي سگهيو ته. هي ڪهڙي ڪارروائي ٿو ڪرڻ چاهي. پوءِ به هن پنهنجي بردباري سان جواب ڏيندي چيو ”مون کي توهان جو سوال سمجهه ۾ نه آيو؟“

”مان تنهنجي پهرئين جواب مان ئي سمجهي ويس ته توسان ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو پوندو. نيڪ آهي. ڳالهايون ٿا ان ٻوليءَ ۾ به“.

۽ پوءِ وري ناڪئي کان پڇڻ لڳو ”اوهان رشتي ۾ هڪ ٻئي سان ڇا لڳندا آهيو؟“

پر ناڪئي جي بدقسمتي. جو ان سوال جو جواب به ويچاري کي ڪونه پي آيو ۽ قربان جي منهن ۾ ڏسي. پريشان ٿيڻ لڳو ته وري به قربان جواب ڏيندي چيو ”اسان ٻئي سنڌي آهيون. اسان جي ٻولي ۽ تهذيب هڪڙي آهي. اهڙي طرح اسان پنهنجي هڪڙي ذات جا رشتيدار آهيون“.

”ڪنهن سوال جي. سڌي جواب ڏيڻ جي توکي منع ٿيل آهي... هان... ڇا هن جي منهن ۾ زبان ناهي. جنهن کان جيڪو پڇيو وڃي. اُهو ٻڌائي. تون پنهنجي وڪالت بند رک“ ۽ پوءِ آفيسر ناڪئي کان وري به ساڳيو سوال پڇيو. ”آئون توکان ٿو پڇان. رشتي ۾ ڇا لڳندا آهيو پاڻ ۾؟“

هاڻ ويچارو صديق. جيڪو پنهنجي سٽ فوٽن واري هوڙي جو ناڪئو هو. جنهن کي آفيسر ڪئپٽن پي سڏيو. اهو ائين ششدر ٿيو جو جڻ پنهنجي هوڙي سمت سمنڊ ۾ پي ٻڏو. جڏهن آفيسر جو موڊ وڏيڪ تبديل ٿيندي ڏٺائين. تڏهن هن قربان جي جواب سان سهمت ٿيندي چيو. "سائين اوهان کي. صوفي قربان غلط ڪونه ٻڌايو آهي".

"صوفي... قربان...!؟" آفيسر حيرت جي نگاهه سان ڏسندي چوڻ لڳو "گهڻا نالا آهن تنهنجا ۽ ڪيترن ملڪن جا جيل گهميو آهين؟" پر اهو هن هڪ دابي واري انداز ۾ چيو ۽ ان سوال واري جواب جو بغير انتظار جي سپاهين کي قربان لاءِ چيائين. "هن جا هٿ ۽ پير ٻڌوا" ۽ ناڪئي صديق لاءِ چيائين. "هن کي پنهنجي وارڊ ۾ ڇڏي اچو".

سپاهين هڪدم پهريان قربان جون پنيريون بانهون ٻڌيون ۽ پيرن ۾ لوهه ڪڙيون هٽي ڇڏيون. ان کان پوءِ جنهن مهل اهي چارئي سپاهي. ناڪئي صديق کي ساڻ وٺي ڪمري مان ٻاهر نڪتا تہ آفيسر قربان کان پڇيو "رانجهن شاهه سڃاڻين؟!"

ان مهل قربان جي دل جهٽڪو کاڌو. هن کان هلڪو چرڪ نڪري ويو. پر اهو هن محسوس نہ ڪرايو. هن کي پنهنجي هم وطن قيدي. ڪامل شاهه جا اهي لفظ ياد آيا. جنهن ڪيس چيو هو تہ "پنهنجي غيرت کي پارسل ڪري وڪٽنڊڙ جيڪي پنهنجي پوبان ڇڏي آيا آهيون. انهن جي غيرت جو آسرو نہ ڪجو انهن رهزنن جو ڪميٽو راج. جهڙو اُتي آهي. تهڙو هِتي آهي".

هن ان تي سوچيو پي تہ آفيسر وري چيس. "ڇا پيو سوچين. جيڪي پڇان پيو سو سڌو سڌو ٻڌاءِ. پاڻ کي عذابن ۾ نہ وجهہ. نہ ڪجهہ لڪائي سگهندين ۽ نہ توکان لڪي سگهندو. ٻڌاءِ تہ رانجهن شاهه سڃاڻين؟"

"ها!" بس قربان ايترو چيو.

"۽ ان جي ڌيءَ. عدن؟" آفيسر پڇيو.

"ان سان رشتو عظيم آهي. اها منهنجي محبت آهي..." قربان چيو.

"بڪواس – سڀ بڪواس". آفيسر چيو.

"آئون ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندو آهيان". قربان چيو.

"۽ سچ ڳالهائڻ بہ توکي نہ ايندو آهي!" آفيسر ڪڙڪ لهجي ۾ پڇيس. "اُها عدن هن وقت ڪٿي آهي؟"

ان سوال قربان جو جڻ سڄو سرير سُن ڪري ڇڏيو ۽ هن هڪدم آفيسر جي منهن ۾ اهڙي گهبراهٽ سان ڏٺو جهڙو سندس سڀ ڪجهہ لُٽجي ويو هجي. پر سندس ان گهبراهٽ آفيسر کي وڌيڪ مشڪوڪ ڪري ڇڏيو ۽ قربان. آفيسر کي خوفزده محسوس ٿيو. تنهن ڪري قربان کي

تڪڙ ۾ ئي چيائين، ”تنهنجي لاءِ بهتري ان ۾ آهي ته مون کي سچ سچ ٻڌاءِ ته اها عدن ڪنهن جي حوالي ڇڏي آيو آهين ۽ هن وقت اها ڪنهن وٽ رهيل آهي؟“

”مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آئون توهان کي ڪهڙو سچ ٻڌايان. جيڪو توهان جي سمجهه کي سچ لڳي. بس اُها عدن، هن وقت منهنجي روح ۾، منهنجي وجود سان گڏ آهي، پر توهان ان کي بس ڪوڙئي سمجهندا!“ قربان چيو.

”ها! اهي فلمي ڊائلاگ سچ تي مبني هوندا آهن. پر هي سچو پچو جيل آهي ۽ تون سچو پچو ڏوهاري آهين. عورتن جو واپاري ۽ مان آفيسر آهيان ڪو اداڪار ناهيان. جنهن کي پنيلائڻ جي ڪوشش پيو ڪرين!“

ايتري ۾ اهي چار سپاهي ناڪئي صديق کي پنهنجي وارڊ ۾ پهچائي واپس ڪمري ۾ پهچي ويا ته آفيسر کين چيو ”هن صوفي کي ٽنگيو هن مان صوف جو رس ڪڍڻو آهي!“

هاڻ قربان کي ابتو ٽنگي بانس جي لٺين سان جنهن مهل سندس پيرن جا تر ڪٽڻ لڳا، ته شروع ۾ کيس پنهنجي جسم جا هڏ ڀرندي محسوس ٿيا. پر ٿوري دير ۾ ئي سندس پير سُن ٿي ويا ۽ هنڪي لاهي فرش تي تيز تيز هلڻ لاءِ چيو ويو پر هي ٻه قدم به هلي ڪونه پي سگهيو ۽ پنهنجو جسم پاڻ کان ڇڏايو پي ويس ته هي فرش تي ڪِري پيو. ائين هن کي ٽي چڪر ڪُٽ ڏني ويئي، ته بار بار فرش تي ڪِرڻ سان سندس گوڏا ۽ ٺونٺيون رتورت ٿي پيون ۽ کيس مٽي ۾ لوٽڻ کان به زخم ٿي پيا ۽ پوءِ آخري چوٿون پيرو هن کي ٽنگي جنهن مهل سندس پير، پُٺا ۽ پنڊڻ ڪُٽيا پي ويا، تنهن مهل آفيسر چيس، ”ماڻهن جون نوجوان ڇوڪريون اسمگل ڪندو آهين... هان؟“

ته قربان ڪاوڙمان چيو ”اهو ڌنڌو ته اسان تاريخ ۾ لکنؤ جي مشهور دلالن جو ٻڌو آهي!“

تڏهن آفيسر سندس جواب تي عجب ڪائيندي چيو. ”اُهي ورهاڱي جي وقت، سپ اوهان ڏانهن سنڌ لڏي آيا. جيڪي هاڻ توجهڙن جا پارٽنر آهن ۽ سنڌ جي زميندارن جا دلال پيا ٻڌون“.

ان کان پوءِ ته سندس جسم جو اهو حصو ڪونه بچو جتي لٺين جو نشان نه هجي ۽ آخر هي بي هوش ٿي ويو ۽ هن کي ڪجهه دير ان حالت ۾ فرش تي ئي ڇڏي ڏنائون ۽ پوءِ جنهن مهل هي هوش ۾ آيو ته آفيسر اڳيان ٽيبل تي رکيل پاڻيءَ جو گلاس کيس نظر آيو. سندس چپ خشڪ هئا ۽ جسم ساڻو. پاڻيءَ جو ڪلاس ڏسڻ سان سندس پياس جي تڙپ وڌي ويئي. هن ان پاڻيءَ لاءِ تانگهيو پي، پر نه اچا پنهنجو جسم ڪڻڻ جي سگهه ساري پي سگهيو ۽ نه آفيسر کان پاڻي گهرڻ جي لاءِ، سندس سوچ اجازت پي ڏني. هن ڀيو دفعو جنهن مهل پاڻيءَ جي گلاس ڏانهن ڏٺو تنهن مهل آفيسر چيس، ”هي سنڌو نديءَ جو آبِ شفا آهي، تنهنجي محبوبا عدن جي ڳوٺ جو!“

تڏهن هن کي وري ڪامل شاهه جو چيل اهو جملو ياد آيو ته ”انهن رهزنن جو ڪميٽو راڄ، جهڙو اُتي آهي، تهڙو هِتي آهي!“ ان مهل قربان آفيسر جي منهن ۾ ڏسي ۽ گلاس ۾ ڏسي پنهنجون

اکيون بند ڪري خاموش ٿي رهيو. تنهن مهل آفيسر سپاهين کي اشارو ڏنو ۽ هو ٻاهر هليا ويا ۽ پوءِ پنهنجي منهن قربان کي چوڻ لڳو. ”ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي؟“

پر قربان کي، آفيسر جي ان انسان سوز عمل کان وڌيڪ ان سوال پريشان پي ڪيو ته، ”عدن هن وقت ڪٿي ۽ ڪنهن وٿ رهي ٿي؟“ هي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو ۽ جڏهن به پنهنجي جيءَ ۾ سختي محسوس ڪندو هو ته پنهنجو پاڻ سان ئي ڳالهائڻ لڳندو هو. ان مهل به انهيءَ ڪيفيت ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو “اي خدا! هي ڇا اهي، مون عدن جي محبت، تنهنجي ئي بي مثال عشق سان ملائي ڇڏي، ڇا توکي مون کان به وڌيڪ عدن پسند هئي، ڇا توکي مون کان وڌيڪ عدن سان محبت آهي. پر عدن، آئون ۽ تون – انهن کي ته عشق هاڻ الڳ نه رکيو آهي. هاڻ عدن ۽ آئون کان تون جدا – پوءِ ته نه آئون، نه عدن آهي ۽ نه تون آهين!“

پر آفيسر هن کي وڌيڪ وقت سوچڻ جي مهلت نه ڏني ۽ نرميءَ سان پيش ايندي چوڻ لڳو. ”ڪنهن سوال جو جواب نه ڏيڻ تنهنجي لاءِ وڌيڪ خراب آهي. مان نٿو چاهيان ته تون ڪوڙ ڳالهائي، خود کي خطرناڪ حد تائين پهچائي ڇڏين. ڪوئي اهڙو تهڙو ڏوهه هجي ٿو ته، ان لاءِ رعايت به هجي ٿي، پر عورتون اسمگل ڪري وڪڻڻ، هڪ اهڙو عالمي جرم آهي، جنهن جي پاداش ۾ مجرم ڪيس جي فتوي کان اڳ ۾ ماريا ويندا آهن. منهنجي ڳالهه تون سمجهين پيو يا پنهنجي موت جي راهه تو پاڻ چونڊي ورتي آهي؟“

قربان فرش تي ئي هوءِ آفيسر جي منهن ۾ وينو ڏٺو. پيو هو هاڻ ڪري به ڇا پي سگهيو. ڪوڙ فريب ۽ اٽڪل سان ساهه واري تند بچائڻ ۽ سر سانڍڻ واري چوراٽي عادت، نه هن ڪنهن کان ورتي، نه ڪنهن کان هن کي ملي هئي. هن ته ساهه سانڍڻ جي بجاءِ، ساهه ۾ محبت سانڍڻ سکي هئي ۽ جيڪا محبت هن ساهه ۾ سانڍي رکي هئي، سا عدن جي نالي واري اها اصل صورت ڇهه مهينا گذرڻ کان پوءِ به سچ پچ غائب هئي ۽ ان جي گم ٿي وڃڻ واري تفتيش، آفيسر ان قربان نالي شخص کان پي ورتي، جنهن ان عورت کي پنهنجي وجود جو خدا پي سڏيو.

آفيسر هن کي وري چيو ”ايترو گهڻو نه سوچ، سچ انسان جي اندر ۾ گهڻو وقت ناهي لڪندو ۽ ڪنهن مرده جسم ۾ ته سچ رهي نٿو سگهي. زنده دل ئي سچ ڳالهائيندي آهي، ان کي اٿين مرده بنائي پنهنجي جان جي سلامتيءَ کي خطري ۾ نه وجهه. ٻڌاءِ عدن هن وقت ڪٿي ۽ ڪنهن وٿ رهي ٿي؟“

قربان پنهنجي ڪڪريل آواز ۾ چوڻ لڳو ”جيڪڏهن آئون چوان ته اُها هن وقت منهنجي اندر ۽ منهنجي دل وٿ رهي ٿي، ته اتان اوهان ان کي وٺي وڃي نٿا سگهو ۽ جيڪڏهن چوان ته، ان معاملي جي مون کي ڪا خبر ناهي ته، اهو سچ اوهان کي پسند ڪونه ايندو. آئون سمجهان پيو

پنهجي حالتن ۾ اوهان کي وڏيڪ مايوسي ملندي ۽ مون کي وڏيڪ سزا ملندي, تنهن کان بهتر آهي تہ توهان مون مان پنهنجي مرضيءَ مطابق تسلي ڪريو!"

" 'اڇا' تنهنجي جان ۾ تہ ايتري سگهہ نظر ڪانہ پيئي اچي, جيتري تنهنجي لفاظي ۾ سگهہ آهي. پلا ڪڏهن لفاظي بہ ماڻهوءَ جي گناهہ جو تحفظ ڪري سگهي آهي. نيڪ آهي, اسان توکي ڏهن ڏينهن جي مهلت ڏيون ٿا. سوچي وٺ ۽ پنهنجن ماڻهن سان صلاح مصلحت ڪر. ان لاءِ يارت ۾ اوهان جو ڪو دلال آهي تہ ان سان علحدگي ۾ ملاقات جو انتظام ڪري سگهجي ٿو."

ايترو چئي, آفيسر فرش تي پيل قربان ۾ نظرون وجهندو هليو ويو ۽ ان مهل قربان جڻ پنهنجي جسماني حالت ڏسي پنهنجي جيءَ جي جهان ۾ هليو ويو هو. جتي هن پنهنجي خدا کي جڻ روبرو ويٺي شڪايت ڪئي, "اي خدا! تون يارن جو يار, دوستن جو دوست پر دشمن سان بہ تنهنجو دنگل دنيا کي نظر نہ آيو ان ڪري جو اهو تہ سڀ تون پاڻ آهين. تنهنجي وڏائي آدم جي صورت ۾ ڪيڏي نہ عجيب آهي. صورت تنهنجي, سيرت آدم جي_ ثواب تنهنجا, گناهہ آدم جا, محبت تنهنجي ۽ سزا آدم جي. واهہ ڪيڏو عجيب رشتو جوڙيو اٿئي. اُن اڻ ڏٺي رشتي سان _ آدم صورت ۾ عظيم ۽ ان عظيم صورت ۾ عظمت تنهنجي, جنهن جي بقاءِ دوام لاءِ, تو هر صورت ۾ پنهنجي مشابهت جا بي مثال اهڃاڻ ڏيئي, آدم ۾ فنا جو خوف وجهي پاڻ کي امر ڪيئي ۽ فنا آدم جي, بقا تنهنجي!"

ايتري ۾ اهي ساڳيا چار سپاهي آيا ۽ ڪيس پير ڪڙيون هٽي هڪ اهڙي ڪوليءَ ۾ بند ڪري هليا ويا, جنهن ۾ نہ پائخانو نہ ڪمبل نہ توال, ويهاڻو. ان ڪوليءَ جي ڇت جي برابر هڪ ننڍڙي دري هئي, جنهن مان روشني جو گذر هو. اتي هن سان رات جو ڏهہ لڳي, جيلر ملڻ آيو جنهن ڪيس ٻڌايو "تنهنجي اڄ روٽي پاڻي بند ڪئي وئي آهي, پر روٽي مون بہ اڃا نہ کاڌي آهي. اڄ توسان گڏجي کائيندس!" ۽ وري هڪ بي خبر ماڻهوءَ وانگر پڇڻ لڳو "معاملو ڇا آهي؟ ڇا هي مڇي مار ملاح انهن سان تون گڏ ڪونہ پڪڙيو هئين, توکي الڳ ڪٿي پڪڙيو ويو آهي؟"

"اسين سڀ هڪڙي هوڙ ۾ گڏ هئاسين". قربان چيو.

"پوءِ هي رڳو تو هڪڙي تي جانچ پيئي هلي ۽ ايڏي سختيءَ سان, اهو ڇا آهي؟" جيلر چيو.

"اهو مون توهان کان پڇڻ پي چاهيو" قربان چيو.

ائين هي ٻئي اهڙي گفتگو ۾ هئا, تہ بہ سپاهي ماني کڻي آيا ۽ جيلر خاموش ٿي ويو. مانيءَ کان پوءِ جيلر سپاهين کي چيو "هن جون هي پير ڪڙيون ناهن کولٽيون. باقي انهيءَ حالت ۾ هن کي پنهنجي ساٿين واري وارڊ ۾ ڇڏي اچو. پر صبح جو وري بہ هن کي هن ساڳي ڪوليءَ ۾, اوهان کي ئي پهچائڻو آهي. شاباس وجو هي تنگ آهي, پهريان هن کي اتي پهچايو".

۽ قربان واقعي به عذاب ۾ هو. سچي ڏينهن واري جهليل پيشاب واري عذاب ۾ هاڻ ايترو تنگ هو جو سوچيائين پي ته، هي جيلر بس هتان نڪري، ته پنهنجو مثانو ڪوليءَ ۾ ئي خالي ڪريان" پر جيلر جي مهربان رويي جڻ سندس مثانو به هلڪو ڪري ڇڏيو ۽ جنهن مهل هن بار بار جيلر جو منهن پي ڏٺو تنهن مهل جيلر ڪيس چيو "مان صبح تو وٽ وري ايندس. هن مهل هنن سان گڏجي وڃ"

۽ پوءِ جنهن مهل پنهنجي ساڳئي وارڊ ۾ پهتو ته پنهنجن ساٿين مان ڪنهن کي به ننڊ ستل نه چيا، پر ڪنهن کي ٿلهو ليٽيل به ڪونه ڏٺائين. سڀ ائين اُيا لڳا ويٺا هئا، جيئن ماڻهو ڪنهن مُئي جي پتر تي ويهندا آهن. هي وارڊ ۾ اچي پهريان پنهنجي ضروري حاجت مان هلڪو ٿيو ۽ پوءِ هي سيني جو وچ وٽي ويٺو. هن گورين ڪائڻ لاءِ پاڻي گهريو. اهي ئي گوريون، جن مان به پين ڪِلر هيون ۽ هڪ آرام جي هئي، سي هن کي جيلر ڏنيون هيون. سندس سچو بدن درد هو. رات هئڻ ڪري، سندس زخمن تي ڪنهن جي چڱي طرح نظر نه پيئي هئي، پر صبح سج اڀريي مهل، جڏهن اهي بئي سپاهي جنهن مهل هن کي واپس وٺڻ آيا، ته پير ڪڙين جي ڪري هن کي اٿڻ ۾ تڪليف پي ٿي، ته صديق ناڪئي سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهي، هن کي ڪجهه ٽيڪو ڪرايو ته ٽونٽ ۾ زخم هئڻ ڪري هن ڪان هلڪي چنگهه نڪري ويئي. ان مهل سندس سيني ساٿين ڏٺو ته سندس ٽونئين ۽ گوڏن واري هنڌ جا ڪپڙا رت سان رڱيل هئا ۽ رت سُڪي وڃڻ جي ڪري، ڪپڙي جي انهن جاين تي جهڙو ڪو ڪلف ڪيو ويو هو. هن ان رات پنهنجن ساٿين کي ان معاملي بابت ڪجهه به نه ٻڌايو هو ۽ پوءِ جنهن مهل سپاهي هن کي ان ساڳي ڪوليءَ ۾ بند ڪري هليا ويا، ته ان مهل هن کي پنهنجي گهر جي اُها اونداهين واري ڪنڊ ياد آئي، جنهن ۾ هن کي پنهنجي محبوبا عدن جي محبت، عشق جا پرائمري سبق پڙهايا هئا ۽ سندس ياءُ حافظ امين اتي هن سان ڏگها بحث پيو ڪندو هو. پر هاڻ هن هڪ بند ڪوليءَ ۾ پنهنجو پاڻ سان پي بحث ڪيا، جنهن ۾ تڪراري به پنهنجو پاڻ هو ته اقراري به پاڻ.

ماڻهو جڏهن تڪرار ۽ اقرار جي مناظري ۾ پنهنجو پاڻ اڪيلو هوندو آهي، تڏهن هو اهڙي سچ کي وڌيڪ ويجهو هوندو آهي، جنهن لاءِ دل جا دليل واضح ڪري ڇڏيندا آهن ته خالقِ ڪائنات به پنهنجي ذات سان پاڻ ئي اقرار ڪندي چيو هو:

الاِنسان سري وَ اَنَاسرّهُ

"انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ آئون سندس ڳجهه آهيان".

"اهو سچ خدا پنهنجي ذات سان پاڻ ڳالهائي، پنهنجو پاڻ سان انصاف ڪيو." قربان اهو خود سان مخاطب هو "۽ انسان ان سچي انصاف لاءِ هزارين صديون پوءِ به رڳو پنهنجي ڳجهه جي سچاٽپ کي پهتو ۽ بعد ۾ پوءِ اتي پهتو جتي خدا کيس پنهنجي ڳجهه ۾ رکيو هو جنهن ڪان پوءِ

انساني محبت جنم ورتو جنهن يارن جا راج پيدا ڪري انهن کي سرن جو سودو سيکاريو جن ساهہ کان وڌ پنهنجي خدا جي محبت کي اهميت ڏني“.

هاڻ هي ان اقراري پهلوءَ مان جڏهن تڪراري پهلوءَ ۾ گهڙيو تہ هي پنهنجا واڻ پاڻ وڌڻ ويهي رهيو.

”انسان صدين کان تہ اڳ جو جايل آهي. ان کان اڳ ۾ لفظ ’ڪُن‘ جنهنکي خدا کان سواءِ اجا ڪنهن ڪونہ ٻڌو هوءِ ان حڪم کان اڳ ۾ هي جهان سجو هڪ قيد ۾ هو جڏهن جهان جُڙيو ۽ خدا پنهنجي خوبصورتيءَ کي آدم ۾ آندو تہ ابليس ۽ انسان، آدم ۾ گڏ رهي نہ سگهيا“.

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ هن پاڻ کان پڇيو.

”پوءِ خدا ابليس کي ڌوڙائي آدم کي اهميت ڏيئي ان ۾ انسان کي ويهاريو جنهن عشق آباد ڪيو. خدا جي ان خوبصورتيءَ کي عام ڪيو پر ان کان اڳ ۾، آدم کي سجدي جي سلامي ڏني ويئي، جنهن ڪري آدم جو سجدو سواءِ خدا جي روبرو باقي لاءِ ممنوع ڪيو ويو“.

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ خود کان پڇيائين.

”پوءِ پنهنجي وجود ۾ ويٺل، اڻ ڏني خدا کي ڪيل توڪلي سجدي، انسان کي پنهنجي سچي خدا ڏسڻ لاءِ بيچين ڪري وڌو ۽ پوءِ، انسان پنهنجي خدا جي ڳولا ۾ ورهائجي ويو ڪن آدم جي صورت ٺاهي ان ۾ خدا پي ڳوليون. ڪنهن هوا، باهہ، پاڻي ۽ طوفانن ۾، ڊوڙندڙ خدا پي ڳوليو ۽ ڪن وري پنهنجي اندر جي اونداهي ۾ اُجهامي ويل روشنيءَ کي ٻاري خدا پي ڳوليون. جنهن جي رڳو هڪڙي چڻنگ سان دوزخ ۽ بهشت سڀ جلي وڃن!“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“

”پوءِ انسان ان نوراني چڻنگ کان پنهنجو جيءَ سلامت رکڻ خاطر محبت جو سهارو ورتو ۽ عشق کي پنهنجو امام تسليم ڪري ان جي رهبري ۾ خدا جي خوشنودي حاصل ڪيائين. پوءِ اُها نوراني چڻنگ، سندس لاءِ ابراهيم جي آڙاهہ جيان گلزار بڻجي سندس جيءَ کي سلامتي بخشي ۽ پوءِ ابليس اڪيلو رهجي ويو!“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“

”پوءِ ابن آدم ان اڪيلي ابليس کي بدنام ڪري، پنهنجي خدا جي سلامتي لاءِ جنگي ڪاهيون ڪوٽي، ڌرتي تي موجود آخري آدم تائين. پاڻ کي ان محاذ جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جي جيت ۽ هار جي فيصلي لاءِ، خدا انسان جي انصاف خاطر، دنيا جي آخري ڏينهن تي وري ”ڪُن“ مخالف ڪو لفظ ڳالهائيندو تہ ابن آدم جي هٿ مان جنگي هٿيار ڇڏائي ويندا! سچ هڪ هنڌ ويهي ويندو- رات موڪلائي ويندي- آسمان گم هوندو ۽ باقي بس رڳو سندس اُهي يار سلامت هوندا، جن سندس سلامتي لاءِ، جنگين جون ڪاهيون، پنهنجن سسين سان پريون هيون.“

”پوءِ تنهنجي سچ کي ڪوڙ ثابت ڪيو پيو وڃي۔ اها ڪهڙي جنگ آهي۔ تون خود پنهنجي خدا جي سلامتي لاءِ چوين ٿو ته. آئون ۽ عدن آهيون. ته تون به آهين۔ اها ڪهڙي انتها آهي۔؟“

ائين هن کي پنهنجي ان تقراري ۽ اقراري بحث ۾ ان ڏينهن وارو ڪافي وقت گذري ويو هو. هن کي جيلر چئي ويو هو ته. صبح تو وٺ وري ايندس. پر ان ڏينهن جيلر ڪمار جي بدلي وري به سندس هم وطن قيدي ڪامل شاهه آيو ۽ ان سان گڏ هڪ سپاهي هو جيڪو ڪامل شاهه کي. سندس حوالي ڪري ۽ ڪولي کي تالو هڻي هليو ويو.

هاڻ قربان کي اهو شڪ پئجي ويو هو ته ”ڪامل شاهه جيل ۾ صاحبن جو ماڻهو آهي!“ ۽ ڪامل شاهه به ان مهل ئي جهڙو سندس اندر پڙهندي چيو ”تون مونکي پاڻ وٽ ڏسي. اهو ضرور سوچيندو هوندين ته. هي ڪامل شاهه بار بار منهنجي معاملن ۾ ٽنگ چو ٿو اڙائي؟“

”نه. آئون ائين سمجهان به ٿو ته اُهو ان حوالي سان ته. اها تنهنجي مجبوري هوندي!“ قربان چيو.

”صحيح. اها به حقيقت آهي۔ ڪامل شاهه چيو۔ هتي بااختيار ڪير آهي يار۔ سڀ مجبور ته آهيون۔ پر اِهو اسان کي هڪٻئي تي اعتماد هئڻ گهرجي ته. اسان هڪٻئي جو نقصان نه ڪنداسين!“

”ها! پر انسان زندگي مان جڏهن ٿڪندو آهي. ته پنهنجو به نقصان ڪري ڇڏيندو آهي“ قربان چيو.

”مان ارڙاهن سال قيد ڪٽي. جيل مان ضرور ٿڪو آهيان. پر نااميد ناهيان. زندگي مان نه ٿڪو آهيان.“ ڪامل شاهه چيو.

”هلو! ان بحث کي ڇڏيون ٿا۔مقصد تي اچون ٿا. پر پهرين مونکي اهو ٻڌائي ته. هي مون تي ڪهڙي باهه ٻري آهي؟“ قربان چيو.

”قربان. هتي اسين سڀ انهيءَ باهه جا ٻارڻ آهيون۔ هي جيڪا ٻارن ٿا ۽ اُجهائين ٿا۔ اهو راز هي ڪنهن غير ملڪي قيدي کي ڪيئن ڏيندا!“

”ته پوءِ ارڙانهن سال. هنن مان تو ڇا سکيو آهي؟“ قربان چيو.

”ذلت. بيوسي ۽ جيل انتظاميه جي اُها ضرورت. جنهن ۾ سندن ترقيءَ جا سبب آهن۔ ها! بس ان ۾ پنهنجا ذاتي ڪجهه مفاد ضرور آهن. جنهن ۾ ڪنهن قيدي ياءُ جي ڀلائي هجي.“ ڪامل شاهه.

جيل جو تجربو قربان کان ڪامل شاهه ۾ وڌيڪ هو ۽ زندگي جي جيل جو تجربو قربان ۾ وڌيڪ هو. تنهن ڪري ٻنهي جي وچ ۾ اهو فرق صاف هو ته. قربان پنهنجي سزا جي هر عذاب کي سر تي وسائڻ واري حالت ۾ هو ۽ ڪامل شاهه هر سزا کان بچاءَ واري حالت ۾ هو ۽ ڪامل شاهه

هر سزا کان بچاءَ وٺڻ جو ماهر هوءِ سندس نيت ۾ قربان کي وڌيڪ سزائن کان بچائڻ واري سوچ هئي. توڙي جو هن کي جيلر ڪمار ٿي پنهنجي ڪنهن مقصد لاءِ موڪليو هو ۽ هن ان مهل به قربان کي کولي ٻڌايو "ڏس قربان، معاملو ڇاهي. ۽ ڪهڙو آهي، ان جي خبر هڪ ان آفيسر کي، جنهن وٽ تنهنجي ڪيس جي جانچ آهي ۽ ٻي خبر توکي. مان توکان ان معاملي جو نتيو پڇان. توڙي جو جيلر ڪمار، مونکي ان مقصد لاءِ ئي استعمال پيو ڪري. ته توکان اهو سچو راز حاصل ڪري ڪيس کي ٻڌايان."

"تنهن جي معنيٰ جيلر ڪمار به مون وانگر ان معاملي کان بي خبر آهي!"

"قربان هڪڙي ڳالهه ياد رکجان. ڪامل شاهه چوڻ لڳو. جيڪي مون هنن جيلن ۾ سکيو آهي، ان لحاظ کان جيل انتظاميه جو آفيسر جيڪڏهن سٺڻ لاهي اُگهاڙو ٿي سمهي ۽ تون ان جي مٿان سمهي. ائين ست دفعا ان آفيسر جي اوگهڙ مٿان تون لهين، چڙهين تڏهين به اهو اعتماد نه ڪجان، ته تو هن جي سچ، پچ به ڪا اوگهڙ ڏٺي آهي. بس بچاءُ. پنهنجو بچاءُ ڪري سگهين سو ڪر. اسان پنهنجي حال مطابق، سڄي سنگت توسان گڏ آهيون. پاڻ کي مضبوط رک ۽ پنهنجي تڪليف جو پنهنجن ساٿين سان اظهار نه ڪر، جيڪي سچا، پچا ساٿي هوندا آهن، سي پنهنجي ساٿي جي تڪليف پاڻ سمجهي ويندا آهن. انهن کي ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي هوندي!"

ڪامل شاهه جا تجربا، قربان جي حوصلي وڌائڻ لاءِ ڄڻ ڪجهه به ڪون هئا. انسان پنهنجي اندر ۾ مضبوط ٿي ويندو آهي، ته ان کي بس رڳو موت ئي فوت ڪري سگهي ٿو. باقي دنيا جون آٿتون، ان لاءِ دنيا ڄڻ پنهنجو احسان قائم رکڻ لاءِ ڪندي آهي.

اهڙي طرح قربان سندس احسان قائم رکندي چيو "سائين ڪامل شاهه تنهنجي مهرباني. ۽ وڌيڪ مهرباني ٿي سگهي ته، منهنجي ساٿين جو خيال رکجو. انهن جي اوهان کي پارت آهي. هُوا ڻ پڙهيا ۽ تمام سادا ماڻهو آهن. مونکي پنهنجي بچاءُ ۾ نه ڪجهه ڪرڻو آهي ۽ نه ڪجهه ٿي سگهندو. منهنجو سچ آفيسر کي ڪوڙ کان سواءِ ڪجهه نظر نٿو اچي. جيڪي شيون هُو مونکان وٺڻ چاهي پيو سي ڪوڙ هٽي قبول ڪريان ته ڏيندس ڪٿان ۽ جيڪي منهنجي اندر ۾ آهي، سو ته مون کان به نڪري ڪون سگهندو. تنهن ڪري ٻنهي حالتن ۾، ڪا قرباني آهي، جيڪا قربان کي پاڻ ڏانهن سڏي پئي!"

ڪامل شاهه، انهن لفظن مان سمجهي ويو ته، "همراهه مضبوط آهي." ۽ هم وطن قيدي هئڻ جي ناتي سان، خوشيءَ ۾ سندس بدن مان سيئانڊو نڪري ويو ۽ فخر مان پڇيائين "قربان، مون ۾ ڪو تنهنجو شڪ، گمان؟"

”نه سائين ڪامل شاهه. شڪ ۽ گمان نه هن وقت منهنجي گرد پيا گهمن- مونکي افسوس آهي جو، آئون اوهان سان ڪوڙنتو ڳالهائي سگهان. بس!“

ائين پورا ٻه ڪلاڪ، ڪامل شاهه هن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، وچ ۾ قربان کي خيال آيو ته ”رانجهن شاهه جي باري ۾ ڪائنس ڪجهه پڇان.“ پر وري اهو سوچي خاموش ٿي ويو ته ”سيد هئڻ جي ناتي سان، منهنجي محبت ڪيس سمجهه ۾ نه آئي ته دوستي مان دشمني، وڏيڪ عذاب پيدا ڪري وجهندي.“

۽ ڪامل شاهه کي هن مان ڇا حاصل ٿيو جنهن جي ذريعي هو جيلر کان پنهجي چال چلت واري ڪردار لاءِ شاباشي وٺي پي سگهيو. جيڪڏهن ڪيس قربان مان ڪجهه به نه مليو هو تڏهن به هن وٽ اها ڏانءُ هئي ته، پنهنجي شرافت لاءِ شاباشي ڪيئن حاصل ڪجي.

هاڻي ڏينهن جي ته پهري جو وقت هو قربان کي سڄي ڏينهن واري پيشاب جي روڪ، پريشان ڪري وڌو هو هن سوچيو ”مونکي ڪنهن ڪنڊ کان پيشاب ڪرڻو ئي پوندو.“

وارڊ ۾ هو پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو رات جو تهجد نماز تائين ذڪر ۽ فجر جو سپن کان اڳ ۾ اٿندو هو پر ڪولي ۾ بند ٿيڻ ڪانپوءِ سندس من جي اُٿل پٿل ڪانسواءِ باقي سندس انساني حق سيئي جڻ قيد هئا.

پيشاب کي به هن ڏينهن جي وقت جيڪو روڪيو پي، سو بس رڳو ان ڪولي کي صاف رکڻ خاطر، پر جنهن مهل ان اذيت دوران ڪيس اهو خيال آيو ته ”جيڪڏهن سياڻي مونکي پنهنجي محبت خاطر پيشاب پيئڻو پيو ته ڇا پنهنجي عشق سان انڪار ڪندس؟“ تنهن مهل اُتي هن ڏاکڻي اپرندي ڪنڊ ۾ پيشاب ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته ان مهل جيلر ڪمار سندس ڪولي ۾ داخل ٿيو.

جيلر ڪمار ڪولي ۾ گهڙڻ شرط، ڪولي جي فرش تي نظرون ڊوڙائڻ لڳو. پر هن کي ڪٿان به ڪا غلاظت نظر نه آئي ۽ حيران گاڏڙ مسڪراهٽ سان پڇڻ لڳو ”توکي پنهنجي ڪا ضروري حاجت پريشان نٿي ڪري؟“

۽ قربان به ساڳي ادا سان ڪيس چيو ”توهان کي هن ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ پريشاني ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه محسوس ڪون ٿيندو- ان ڪري توهان پريشان آهيو ۽ ٻيو دنيا ۾ جنهن کي اسان ضروري سمجهون ٿا، سو بس پريشاني جو سبب ئي آهي.“

”تنهنجي چوڻ جو مقصد، ضرورت ئي پريشاني آهي؟“ جيلر چيو.

”ها! انسان هزارين حاجتن ۾ جڪڙيل آهي ۽ هر حاجت جي پويان غلامي جو هڪ اهڙو قيد آهي، جنهن ۾ هر ضرورت، هڪ اهڙي شڪل واري سزا آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجي خودداري کان خودشناسي تائين، خود کي وسريو وڃي.“

جيلر ڪمار ڪلي ڏنو ۽ اشاري سان چيائين "ويهه!" ۽ پوءِ پاڻ به فرش تي ويهندي چيائين "صوفي قربان، جيل اندر هي تنهنجا فلسفا اجايا آهن. توکي ڪنهن جي ضرورت ناهي ته اها الڳ ڳالهه آهي. پر تنهنجي ڪنهن کي ضرورت هوندي، اهو احساس توکي هئڻ گهرجي. ڏس تون هن وقت جنهن ڪرب ۾ آهين ان کي اسان سمجهون ٿا. پر تون اسان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر يائي؟"

ماڻهو ان وقت ڪيڏي نه عجيب حالت ۾ گذرندو آهي، جنهن وقت هو سؤ سيڪڙو سچ ڳالهائيندو هجي ۽ سندس هر تعلق ۽ واسطي وار و ڪين سؤ سيڪڙو ئي ڪوڙو تصور ڪندو هجي. اهڙي ڪرب ۾ ته هر ماڻهو ان وقت هڪ اهڙي سزا ۾ هوندو آهي، جنهن جو ڪو مدو مقرر ئي نه هوندو آهي.

قربان هاڻ اهڙي حالت ۾ داخل ٿي چڪو هو پر خود ڪانسواءِ ڪنهن کي ڪيئن چوي ته "منهنجي لاءِ منهنجو هر خيرخواهه ماڻهو به. منهنجي بيگناهي جي سزا ڀڳجي پيو آهي."

پر ضرورت به انسان ۾ ڪيڏي نه ڇڙواڳ سگهه واري حاجت آهي، جو منصور حلاج جهڙو عاشق به سنگسار ٿيڻ وقت ان مهل پنهنجي ضرورت روڪي نه سگهيو. جنهن مهل سندس حال محرم دوست شيخ شبلي ڪيس هڪ گل اڇلي هنيو هو.

۽ ڪربلا ۾ شهادت جي وقت امام حسين به پنهنجو اظهار ڪيو هو ته "جنهن وقت ڪو ٿڌي پاڻي جو ڍُڪ پيو ته اسان کي ضرور ياد ڪجو!"

قربان کي جيلر ڪمار سمجهي ڪون سگهيو. جيڪڏهن سندس اهڙي حالت کي سمجهي به وٺي ها، ته وري ان جو تدارڪ ان جي سمجهه ۾ نه اچي ها ۽ پيو ته هڪ جيل عملدار جي حيثيت سان ڪنهن قيدي جي اهڙي ڪيفيت سان سندس ڪا خاص دلچسپي ڪان هئي، پر قربان سندس لاءِ هڪ اهڙو ضروري قيدي بڻجي پيو هو. جيڪو سندس لاءِ سندس آفيسر جي ٽيبل تي پيل سندس ترقي جو ڪوئي سنديسو هو.

جنهن مهل هن قربان کي چيو "توکي ڪنهن جي ضرورت ناهي ته اها الڳ ڳالهه آهي، پر تنهنجي ڪنهن کي ضرورت هوندي."

ان مهل قربان کي پنهنجي عدن ائين ياد آئي، جو سندس هر قيدي عضوو ڪيس چڻ دانهيندو هجي ته "اَي قربان، پاڻ وسارڻ ۾ ته انسان آزاد آهي. پر پنهنجا پيارا وسارڻ، اها ڪهڙي آزادي آهي؟"

تنهن مهل هن جيلر کي چيو "مونکي خبر نٿي پوي ته، ڪيترين ضرورتن ۾ ورهايو ويو آهيان. جيڪڏهن توهان به ڪنهن اهڙي ضرورت خاطر منهنجو خيال رکو ٿا، ته توهان کي يقين

ٿو ڏياريان ته، توهان کي نااميد نه ڪندس ۽ ڪوشش ڪندس ته، توهان جو اعتماد منهنجي لاءِ قائم رهي."

"تون پلا پنهنجو پاڻ کي ايذي عذاب ۾ چو پيو وجهين- جيلر چوڻ لڳو- چو نٿو آفيسر کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏين- جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته، سڀ ڪجهه ٻڌائڻ سان ڪنهن ڏکي سزا ۾ نه هليو وڃان، ته اهو تون غلط پيو سوچين- جيڪڏهن تو پنهنجي ملڪ جو ڪو ڏوهه ڪيو آهي، ته ان جي سزا ڏيڻ جو هتي جي عدليا جو اختيار ناهي- ۽ هتان تون آزاد ٿي سگهين ٿو ۽ پوءِ تنهنجي لاءِ تنهنجي پنهنجي وطن ۾ تنهنجا، پنهنجا به ته آهن- هتي هي سڀ ڪجهه لڪائي پاڻ مارائڻ مان توکي ڪنهن فائدي جي بجاءِ نقصان آهي ۽ الٽي چو منهنجي دل چوي ٿي- تو جهڙي، اهڙي ذهين ماڻهو کي، اهڙي چريائي ڪري پاڻ مارائڻ نه گهرجي- ڏس قربان پائي- مان توکي کولي ٿو ٻڌايان- جنهن آفيسر کي تنهنجي تفشيش لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي- اهو ڪرپٽ ۽ تمام خطرناڪ قسم جو ماڻهو آهي- هو ڪهڙي به حد تائين وڃي سگهي ٿو. جيڪڏهن توکي مون ۾ اعتماد آهي، ته معاملو مون سان ڪليئر ڪر، مان توسان واعدو ٿو ڪيان، هتان ڪان آزاد ڪرائڻ منهنجو ذمو آهي.؟"

اهو جيلر ڪمار هن کي دلي طرح پي چيو ۽ ان ۾ جيڪڏهن سندس ڪو مفاد هو به، ته اهو سندس سروس مطابق ان جو آفيشلي حق هو پر قربان کي هاڻ پيشاب جي تنگي ۾ سندس مٿانو چڻ تندور جيان تپي پيو هو. سندس منهن تي هلڪو پگهر ۽ اکيون ڳاڙهيون ٿي پيون هيون، سندس اهڙي حالت کي، جيلر ڪمار وتس اچڻ وقت ئي سمجهي ويو هو ۽ ان مهل ئي سندس لاءِ انتظام ڪري پي سگهيو پر هن چاهيو پي ته اهڙي ڪنهن هلڪي سزا ۾ ئي راز کلي وڃي ته باقي سزائن کان جان ڇٽي پوندس.

اهو هاڻ ڏينهن جو اهو وقت هو جنهن وقت سج سڄي جهان جا ڏينهن وارا، انتظار پاڻ سان گڏ ڪٽي تڪڙو لهي ويندو آهي ۽ دنيا وري سندس ئي انتظار ڪندي آهي. جيڪڏهن ان مهل ڪو مشاهدو ڪندڙ هجي ته ائين چوي ها ته "قربان جي منهن جو رنگ ۽ سج جي ڻامٽي ۾ ڪو فرق نه هو.

ان مهل قربان جيلر کي تنگ حالت ۾ ٻڏندي چيو "آئون جيڪڏهن ڪنڌ ۾ ويهي پيشاب ڪري وٺان، ته توهان غلط ڪون سمجهندا!؟"

جيلر جي دل سندس ان حالت تي ايتري نرم ٿي پئي جو هن هڪدم چيو "اٿي، تنهنجي ساٿين واري وارڊ ۾ ٽا هلون."

۽ ان وارڊ تائين پهچڻ جو فاصلو تقريبن چار سؤ فوٽ ڪن هو پر اوستائين پهچڻ به هن لاءِ هاڻ چڻ زندگي ۽ موت وارو مفاصلو هو. هي اٿي جيلر سان گڏ هلڻ لڳو پر سندس دل خراب ۽ مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳا. رستي ۾ هن کي جيلر چيو "جيل ۾ سينيئر قيدين جي صحبت جو خيال رکجو-

قيد دوران قيدي پنهنجي آزادي لاءِ وڏيڪ سوچيندو آهي۔ هو جيل ۾ صرف انهن رستن ڏانهن گهڻو ڏسندو آهي۔ جيڪي سندس غير قانوني آزادي ڏانهن ويندي سڏيندا آهن. پر انهن رستن ۾ نظر ئي نہ وجهندو آهي، جتان سدس قانوني آزادي جا دروازا قانون پاڻ کوليندو آهي.“

پر هن جي طبيعت ان مهل نيم بيهوشي واري هئي. تنهن ڪري جيلر جيڪي ڳالهايو پي، تنهن ۾ هو رڳو پنهنجي مقصد ۾ مطمئن هو۔ باقي قربان جو ذهن ۽ نظرون ان وارڊ ڏانهن هيون، جتي هن کي پنهنجي پرندڙ جان مان پيشاب جي باهہ خارج ڪرڻي هئي.

جڏهن هو ان وارڊ ۾ پهتو تہ سندس سڀ ساٿي هن لاءِ اٿي بيٺا. پر ان مهل سندس نظرن ۾ تِرورا اچڻ لڳا ۽ سندس ساٿين تان سندس نظر ترڪڻ لڳي ۽ پاءِ خانو هڪڙي پاسي تہ هي ٻي پاسي وڃڻ لڳو ان مهل ناڪئي صديق تڪڙو اچي سندس ٻانهن پڪڙي چيو ”ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”پيشاب؟“ هن پنهنجي خشڪ زبان سان آهستي چيو. تڏهن ناڪئي صديق کيس پاءِ خاني جي طرف روانو ڪري ٻانهن مان هٿ ڪڍي ڇڏيو تہ هي پاءِ خاني جي طرف رخ رکي روانو ٿيو تہ ان مهل سندس نظرون گم ٿي چڪيون هيون ۽ اکين اڳيان اونداهہ اچڻ سبب هي پاءِ خاني جي دروازي ۾ منهن ڀر وڃي لڳو ۽ هڪدم پاڻ سنڀاليندي دروازي ۾ هٿ وجهي اندر گهڙي پنيري هٿن دروازو ورائي بيٺي پيرن پنهنجو مثانو خالي ڪيو پر ڪافي دير هي پوءِ بہ اکيون پوري پاءِ خاني ۾ پنهنجي نظر جي واپسي جي انتظار ۾ بيٺو رهيو ۽ پوءِ جنهن مهل هن پنهنجي جان هلڪي ۽ ٿرندي محسوس ڪئي تہ هي ٻاهر نڪتو پر ٻاهر نڪرڻ مهل هن دروازو ڪليل ئي ڇڏيو. شايد دروازو بند ڪرڻ کيس وسري ويو هو. هي جنهن مهل ٻاهر نڪتو تہ جيلر ڪمار سندس ساٿين سان ڪچهري ۾ ويٺل هو ان کي پنهنجي ساٿين سان گڏ ويٺل ڏسي پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو ”مهربانيون ماڻهو جيڪڏهن هٿ سان ٺاهيندا هجن ها، تہ هن ماڻهو لاءِ آئون هڪ اهڙي مهرباني ضرور ٺاهيان ها.

جيڪا سندس هر حسرت کي پياري هجي ها۔ پر افسوس انسان هڪ اهڙو مهربان آهي۔ جيڪو پنهنجي حسرت جي مهرباني لاءِ بہ ملول آهي!“

ايترو سوچيندي هي هاڻ پنهنجن ساٿين وٽ جيلر جي سامهون اچي ويٺو هو ۽ جيلر کيس ڏسي چيو ”چا خيال آهي۔ هُن گهر ڏانهن هلڻ جو پيو سوچين.... ويهہ، ويهہ!“

ان مهل ناڪئو صديق جيلر کي ويجهو ويٺل هو تنهن اٿي هن کي پنهنجي جاءِ ڏني. هي ويٺو تہ جيلر ڪمار سيني کي مخاطب ٿي چيو ”اوهان پنهنجي هن دوست جي عزت ڪريو ٿا۔ ۽ آئون بہ خبر ناهي چو. سندس هردم خيال رکان پيو۔ پر هي نہ پاڻ کي ٿو سمجهي ۽ نہ اسان سين جي مهربان روبي کي۔ آئون اڄ هن کي هتي ڇڏي ٿو وڃان، توٽي جو هن جو هاڻ هتي اوهان سان گڏ رهڻ منهنجي لاءِ مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو۔ پر پوءِ بہ مان چاهيان ٿو تہ هڪ دفعو اوهان بہ هن

ڪي سمجهايو. ۽ پوءِ به هي نٿو سمجهي تہ پوءِ ڪيس ٻڌائي ڇڏجو تہ هن ملڪ ۾ مري ويل ماڻهو لاءِ اڪثر اگني سنسڪار جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي..... مونکي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ هي پنهنجي جان جو دشمن ڇو ٿي پيو آهي، جيڪو آفيسر سندس جانچ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ان لاءِ مون ڪيس ٻڌايو آهي تہ هو تمام بي رحم قسم جو ماڻهو آهي – هو پنهنجي تفتيش دوران قيدي کي انسان تہ تصور ئي ناهي ڪندو ۽ هو ڪلاڪن جي اندر پنهنجي مقصد جو نتيجو حاصل ڪرڻ جو قائل آهي. ۽ اُن جيڪا مهلت ڏني اٿس، اُن ۾ مان پريشان آهيان، تہ اها هِن لاءِ وڌيڪ نقصانڪار نہ ثابت ٿئي.“

سندس سڀ ساٿي خاموش هئا، ۽ ايترو وقت اهي سڀ سندس اهڙي ڳنڀير معاملي کان غير واقف هئڻ ڪري تمام پريشان هئا ۽ سڀِن ائين پي سوچيو تہ قربان جيل ۾ قيدين کي ڏکيا، ڏگها ليڪچر ڏئي، بک هڙتالون ڪرائي جيل اندر قيدين جي ذهنن ۾ جيڪا تبديل آندي. ان عملي سرگرمي جي ڪري مٿس سختي ڪئي وئي آهي، پر جنهن مهل جيلر ڪمار ڪين، سندن ان ساٿي لاءِ ڪنهن ابتڙ نئين صورتحال کان واقف ڪندي چيو ”بس هڪ دفعو هي ان آفيسر سان حقيقت واضح ڪري. يا ان کان مطمئن ناهي تہ پلي مونکي علحدگي ۾ ان معاملي کان واقف ڪري – مان اوهان سڀني سان واعدو ٿو ڪريان، تہ سڀِن قيدين کان اڳ ۾ اوهان کي آزادي ملندي نہ تہ بي حالت ۾ اوهان سڀ سالن تائين اهڙن گم نام قيدين واري صورتحال ۾ رهندا. جو اوهان جي رپورٽ سفارتي سطح تائين بہ پهچي نہ سگهندي.“

تنهن مهل سڀِن جون نظرون قربان ڏانهن هيون ۽ قربان کي سندن نظر مان، جيلر جي هدايتن جو اثر چٽو نظر پي آيو.

۽ پوءِ جنهن مهل جيلر اٿي هاڻ ويو پي، تنهن مهل وري بہ چيائين تہ ”صوفي قربان، جيڪڏهن اسان سڀني کي ڇڏي، تون رڳو پنهنجي سمجهہ تي قائم ٿو رهين، تہ سڀاڻي وري بہ هُن ڪولي واري گهر ۾........ ٺيڪ!“

جيلر روانو ٿيو تہ سندس ساٿين ۾ ٿوري دير لاءِ هڪ عجيب پُڻ پُڻ شروع ٿي وئي، ناڪئو صديق ساڳي جڳهہ تي هن سان گڏ ويٺل هو بصر سرنگ، ساٿين جي اها پُڻ پُڻ ٻڌي ڪاوڙ مان چيو ”بند ڪريو اها ڪروڌي پٽاٽ، پيٺان ڪون ٿا سڀ ڦاهي چڙهو. ۽ جيلر جي نالي چوڻ لڳو. هو ڪو اوهان جو بابو آهي ڇا. جيڪي چئي ويو سو سڀ سچ آهي. ائين؟“

تہ خلاصي مورڙي چيو ”اسان کي ڪهڙي خبر اهو سچ آهي يا ڪوڙ پر اها خبر ضرور آهي تہ، فلحال لوهہ آهيون!“

تڏهن سرنگ چيس ”ڪون ٿو تون لوهہ ٿئين پيٺان ڪروڌي. تون گوشت جو نهيل آهين، گوشت جو ئي رهندي پيٺان گونهہ“

تہ ان مهل ناڪئي صديق سرنگ ڪي منع ڪندي چيو ”تهيو بند ڪر هاڻ تون بہ اها پيٽان، پيٽان۔ مت چڙي بيٺا آهيو سيئي.“

۽ قربان، جيڪو هنن ۾ هاڻ جهڙو معاملي مدامي قيدي بڻيل هو. تنهن ناڪئي کي منع ڪندي چيو ”چڏ همراهن کي تہ پلي هڪبئي سان پنهنجي سوچ ورهائن۔ ويندڙ وقت کان ايندڙ وقت جي رفتار تيز آهي۔ آئون سمجهان پيو منهنجو اوهان کان الڳ ٿيڻ وارو وقت، رات ۽ ڏينهن وانگر ويجهو آهي۔ هنن کي سنيالڻ هاڻي تنهنجو ڪم آهي۔ ائين نہ ٿئي جو هڪ، هڪ ڪري اسان کي الڳ ڪري ڇڏن.“

۽ پوءِ وري سين کي سڏي گڏ ويهاري چوڻ لڳو ”منهنجي باري ۾ اوهان کان ڪا پڇا، ڳاڇا ٿئي، تہ آئون جيئن ۽ جهڙي حال سان جنگسير تڙ تان اوهان سان چڙهيو هئس، اهو سارو قصو سربستو ٻڌائجو۔ پر جيڪڏهن توهان کي مار ڪُٽ ٿا ڪن تہ اوهان مونکان لاتعلق ٿي وڃجو ۽ چئجو اهو ماڻهو اسان سڃاڻو بہ ڪون ٿا۔ مونکي يقين آهي، اوهان جي اهڙي ڪوڙ کي هو سچ سمجهندا ۽ اوهان وڏيڪ سزا کان بچي ويندا۔ ڪير بہ، نہ پريشان ٿئي ۽ نہ ٻين کي مايوس ڪري ۽ سچ بہ اهو آهي تہ منهنجي اوهان سان مائٽي بہ ڪهڙي آهي۔ آئون اوهان سان اوهان جي هوڙي تي بہ هڪ مسافر هئس ۽ هتي هن جيل ۾ بہ هڪ قيد مسافر آهيان۔ منهنجي ڪري اوهان سڀ عذاب جي منهن ۾ نہ وڃو۔ بس ياد رکجو منهنجي پلائي چاهيو ٿا، تہ مون منجهان هٿ ڪڍي ڇڏيو۔ ۽ ائين جيڪڏهن ڪريو ٿا۔ تہ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ، منهنجو ٿورو ڪجهہ جسماني نقصان ٿي سگهي ٿو۔ باقي سڀ سلامتي سان، پنهنجي سنڌ وطن گڏ هلنداسين.“

ان ڪانپوءِ جيستائين انهن سان وارڊ ۾ گڏ هو تہ اهڙي هدايت هر رات انهن کي ڪندو رهيو ۽ ناڪئي کي بار بار چوندو رهيو تہ ”مون ڪانپوءِ، توکي پاڻ بہ سنيالڻو آهي ۽ هنن سيني جي ذميواري بہ توتي آهي۔ آفيسرن سان پنهنجي سوچ هڪبئي لاءِ هڪجهڙي رکجو۔ ۽ هڪبئي لاءِ ساهہ تائين جي قرباني کان نہ ڪيٻائجو.

---

**هاڻي** قربان کي پنهنجي ساٿين واري وارڊ کان باقائده الڳ ڪيو ويو هو ۽ جيلر ڪمار واريون رعايتون به هاڻ نه رهيون هيون. سندس ضروري حاجتن لاءِ ان ڪوليءَ تي هڪ شودر کي مقرر ڪيو ويو هو جيڪو صبح ۽ شام جي وقت ڪيس رڳو پاڻي جي بوتل ۽ پلاسٽڪ جي هڪ شاپر ڪيس ڏيندو هو. هي پنهنجي ضروري حاجت لاءِ اها شاپر استعمال ڪندو هو ۽ اها شودر کي واپس ڏيندو هو جيڪا هو ڪٽي وجي ٻاهر ڪنهن گند جي ڍير تي اڇليندو هو.

ڏهه ڏينهن واري مهلت کي هاڻ پندرهون ڏينهن هو. ته هن کي جيل ۾ معمول کان ڪجهه وڌيڪ خاموشي محسوس ٿي. ٻارنهن وڳي جو وقت ۽ اربع جو ڏينهن هو ته اُهو آفيسر سندس ڪولي جي در تي بيٺل هو.

”هن کي ٻاهر ڪيو؟“ اهو ساڳيو آواز ۽ ساڳيو حڪم جيڪو قربان ان آفيسر جي زباني پنهنجي وارڊ ۾ پندرانهن ڏينهن اڳ به ٻڌو هو. سندس انهن ساڳي لفظن مان ئي سمجهي ويو ته ”آفيسر جي سخت روين ۾ ڪا به تبديلي ناهي.“ هن کي ان ڪولي مان ڪڍي، هن پيري هڪ خلاصي ڪمري ۾ آندو ويو جنهن ۾ صرف هڪ ٽيبل ۽ به ڪرسيون رکيل هيون. هن جون پير ڪڙيون کولي هن کي ڪرسي تي ويهڻ جو چيو ويو. ٿوري دير ۾ اهو ساڳي شهزادو آفيسر آيو. جيڪو قربان کي منهن مهانڊن ۾ تمام گهٽو پيو وٽيو. هن دفعي به ڪمري ۾ چار سپاهي هيا. آفيسر قربان کي سامهون ڪرسي تي ويهڻ شرط چيو ”سمجھ ۾ ڳالهه اچي ٿي- يا اڃان خود کي سمجهائي نه سگهيو آهين؟“

آفيسر جو اهو جملو هن کي جيلر ڪمار جي گفتگو جو تسلسل لڳو. هي خاموش ئي رهيو ۽ ان سوال جي جواب ڏيڻ جو هن ارادو ئي ڪون ڪيو ته آفيسر وري چيو ”تنهنجي خاموشي مان لڳي ٿو توکي پنهنجي زندگي جو ڪجهه احساس ٿيو آهي!“

اهو آفيسر هن کي آهستگي سان چيو ۽ باقي ماڻهن کي ڪمري مان نڪري وڃڻ جو اشارو ڏنو ۽ پوءِ ٿوري دير ۾ ئي هاڻ ڪمري ۾ صرف هي ٻه هئا. ۽ پوءِ آفيسر پنهنجي مسڪراهٽ سان. پنهنجي چهري ۾ خوبصورتي آڻيندي چيو ”زندگي کان اتم ٻيو ڪجهه ناهي هوندو- مونکي يقين هو ته، تون هڪ سمجهو ماڻهو آهين ۽ زندگي کان وڌيڪ غلطي کي اهميت ڪون ڏيندين- هاڻ ٻڌائي- تفصيل سان ٻڌائي ته هينئر ويجهڙ ۾ ٻارت مان گهٽيون چوڪريون وڪرو ڪيون اٿوا؟“

۽ قربان بہ ساڳي مسڪراهٽ سان جواب ڏيندي چيو ”مونکي افسوس آهي، جو آئون تو جھڙي آفيسر سان ڪوڙ نٿو ڳالهائي سگھان، نہ تہ اها حقيقت پوري طرح سمجھو ٿا تہ، ڪوڙي دنيا لاءِ سمنڊ بہ سوڙهو آهي ۽ ان جو ڪو دين، ڌرم نہ هوندو آهي!“

آفيسر جي چھري مان خوبصورتي موڪلائي وئي. منهن جي اڇي چمڙي ڳاڙهاڻ مائل ٿيڻ لڳي ۽ بي رخي وچان چيائين ”واهہ..... ۽ تنهنجو..... ڌرم ڪھڙو؟“

آفيسر جي پڇڻ جو مقصد هو تہ ”سچ، يا ڪوڙ“ پر قربان ان جو مختلف جواب ڏنو ”سيدا فاطمہ جي اولاد سان ٿيل ظلمت تي لعنت وجھڻ ڪان وڌيڪ، ڪنهن بي دعوتِ دين جي ضرورت ئي نہ اٿم۔ مونکي مولا حسين پنهنجو ڪيو آهي، آئون ان جو آهيان،“

”تہ معنيٰ منهنجي سوچ غلط ثابت ٿي۔ تون هڪ گوشت خور قوم جو نسل آهين، تو مان اها هنيلي وهشيت ڪيڏي پوندي۔ افسوس مون اجايا ڏينهن ضايع ڪيا!“ هاڻ آفيسر ڪرسي تان اٿي بيٺو ۽ وڏي آواز چوڻ لڳو”ڪوڙ...! تنهنجو تہ دين، ڌرم ئي ڪوڙ آهي!“ سندس اهو آواز ڪمري ڪان ٻاهر سپاهين ٻڌو تہ اهي جيئن ئي اندر ڊوڙي آيا تہ انهن کي حڪم ڏيندي چيائين ”هن جو منهن بند ڪريو اکيون ٻڌو ۽ سلوار لاهي هن جي جان ۾ لڪل سچ جتي بہ آهي مونکي اڌ ڪلاڪ ۾ اُهو ڪيدي ڏيو؟“

هاڻ هن جي اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي ويئي، وات تي پلستر چاڙهيو ويو ۽ سلوار لاهي ابتو ٽنگيو ويو تہ قميص پاڻهي ابتي لهي سندس منهن ڍڪي ڇڏيو هو. هن کي ٻن ڄڻن بيهہ چمڙي جي مخصوص پٽرن سان ڪٽڻ شروع ڪيو تہ ٻن منٽن ۾ ئي سندس ٻنڊڻ ۽ پنن جي چمڙي تي ڪارا داغ ٿي، چمڙي ڦاٽي پئي، جنهن مان رت سمڻ شروع ٿي وئي، وات پلستر سان بند هئڻ سبب، سندس دانهن ڪوڪ بس رڳو سندس دل تائين هئي، پنجن منٽن ڪانپوءِ سندس ڦاٽل چمڙي وارا ڪارا داغ هاٽي ڦٽ ٿي پيا هئا. هاڻ سندس چمڙي اهڙي ڪچي ٿي پئي هئي جو اُهي چمڙي وارا پترا، هاڻ سندس جسم جو گوشت ڇٽي رهيا هئا.

۽ پوءِ هن کي کولي فرش تي ڇڏيو ويوڪ، وات تان پلستر لاٿو ويو ۽ اکين تان ڪاري پٽي کولي وئي، پر هن پنهنجون اکيون بند رکيون، پر سندس اکين بند رکڻ وارو عمل آفيسر کي پسند نہ هو ۽ دابي سان چيائين ”اکيون کول.... پنهنجي غيرت کي اکين سان ڏس؟“ هن اکيون کوليون تہ آفيسر ٺٺول واري لهجي ۾ چيو ”شاباش.... هاڻ ٻڌائي رانجھن شاهہ جي ڌي، عدن کي تون ڪنهن سان وڪٽي آيو آهين؟““

ان مهل قربان جي اکين مان بہ لڙڪ ائين ڪريا، جيئن پيپر جي پن تان ماڪ جا ڦڙا ترڪي ڪرندا آهن ۽ هن آفيسر کي چيو ”توهان هڪ اهڙي سچ کي قتل ڪرڻ تي اتل آهيو جنهن جي مقابلي ۾ اگر ڪوئي ڪوڙ آهي تہ اها اوهان جي غلطي آهي يا اوهان کي پلايو ويو آهي۔ مون

توهان کي اڳ به ٻڌايو آهي ته، هُوءَ منهنجي محبت آهي- پر هاڻ سچ اهو آهي ته، جو ڪجهه هُن سان ٿيو آهي، سوئي شايد مون سان ٿيڻ وارو آهي!“
”بند ڪر پنهنجي طلسماتي تقرير، افلاطون جي اولاد!“ ۽ سپاهين کي چيائين”مسالو لڳايو هن کي؟“ ۽ پُوءِ ان مهل هن جي قميص به لاٿي وئي ۽ هن کي اونڌو ليٽائي هن جي زخمن تي لوڻ ۽ ڳاڙهن مرچن جو پائوڊر هنيو ويو. ته چند گهڙين ۾ ئي، سندس بدن ڪنهن تازي ڪٺل گوشت جيان رڙڻ لڳو تنهن وقت آفيسر سندس پاسي ۾ ويهي ڪيس چيو ”زندگي کان وڌيڪ ڪنهن سان پيار ڪرڻ واري عمل کي ڇا چئبو....!؟“
”عشق!“ قربان چيو.
”خودڪشي چو نٿو چوين نادان!“ آفيسر چيو.
ته هڪڙي سپاهي چٿر مان چيو ”سر هي ايڪيهين صدي جو عاشق آهي!“
”ته پوءِ هن کي سوم رس جو شربت پيارو ۽ گنگاجل جو شنان ڪرايو!؟“
هاڻ هن کي اگهاڙو ئي اونڌو ٽنگيو ويو ۽ مرچن جو پائوڊر پاڻي سان ملائي سندس نڪ جي ناسن ۽ وات ۾ وڌو ويو. هن بچاءُ خاطر اکيون بند ڪيون ته سندس اکيون کولرائي هڪ سڄو گلاس سندس اکين ۽ منهن ۾ اڇلي هنيو ويو ۽ به گلاس ان مسالي جا سندس ٽُنگن ۽ ٻنڊڻ کان اهڙي طرح هاريا ويا، جو اهو پاڻي سندس پٺن جي زخمن کي جلائيندو ڪنڌ تائين آيو.
ايڏي ساري اذيت ڪانپوءِ به، هن هڪ لفظ به وات مان ڪون ڪڍيو ته آفيسر پنهنجي شڪست محسوس ڪندي باهوڙجي پيو ۽ سپاهين کي چيائين ”وارڊ مان تي مچي مار ڪٽي اچو. هڪ ڪيپٽن، ان جو اسٽنٽ ۽ ان جو باورچي؟“
جڏهن سپاهي انهن کي وٺڻ ويا ته، آفيسر کي اڪيلو ڏسي قربان پنهنجي جهيڻي آواز ۾ چيو ”انهن بيگناهه غريبن کي سزا ڏئي توهان پنهنجي ڪيفيت کي وڌيڪ شڪستا چو ٿا ڪرڻ چاهيو؟“
آفيسر کي سندس اهڙا بهادر لفظ تمام ناگوار گذريا. پر شڪست انسان کي وقتي طور بزدل به ڪري ڇڏيندي آهي، ان مهل آفيسر پنهنجو جهڙو حوصلو برقرار رکندي چيو ”تنهنجي بدن تي ڪجهه گوشت وڌيڪ هجي ها، ته هُنن کي گهرائڻ جي ضروت ئي ڪون هئي!“
ايترو چئي آفيسر ڪمري مان نڪري ٻاهر تي ويٺو، شايد فرش تي پيل قربان جو رت سان رنگيل اگهاڙو جسم سندس ناڪامي هئي، جنهن ڪري هن هاڻ انکي ڏسڻ به پسند نه پي ڪيو.
جنهن مهل ناڪئو صديق، بصر سرنگ ۽ عرس پانداري، اهي پهتا ته، پهريان انهن کي فرش تي پيل قربان جي حالت ڏيکاري وئي ۽ پوءِ ان کي ڏوهاري قرار ڏيندي آفيسر چيو ”هن جي ته هاڻ

ارڻي ڪٽڻ جي بہ اوهان کي تڪليف ڪون ڏيندا سين- پر ڇا اوهان بہ هن وانگر زندگي مان بيزار آهيو- جيڪڏهن ائين آهي تہ لاهيو ڪپڙا؟“

تنهن مهل پنهنجي ٻرندڙ جسم سان اونڌي منهن قربان چيو ”انهن جو ان معاملي سان ڪو تعلق ناهي- مون توهان کي اڳ ۾ چيو هو تہ آئون مڇي مار ملاح ناهيان. انهن جو بس اهو ڏوهہ آهي تہ اسان هڪڙي ديس جا آهيون!“

پر آفيسر قربان کي اڻ ٻڌو ڪري، ملاحن کي چيائين ”لاهيو ڪپڙا“ تڏهن ناڪئو صديق ۽ سرنگ بصر ڪپڙا لاهڻ لڳا تہ پاڻداري عرس دل ٻڌي آفيسر کي چيو ”سائين، هو صوفي صحيح پيو چوي“ پر پاڻداري عرس، اها جهڙي آفيسر کي گار ڏئي ڪيڏي ۽ آفيسر کي رانجهن شاهہ جي سيٺ، عمر قلياٽي جي معرفت جيڪا رپورٽ مليل هئي تہ ”اهو قربان نالي شخص، صوفين جي ويس ۾ پارٽ ۽ سنڌ جي وچ ۾، نوجوان ۽ خوبصورت عورتن جو ڪاروبار ڪندڙ آهي ۽ هن وقت اهو ماڻهو رانجهن شاهہ جي ڌيءَ عدن کي يرغمال ڪري ان جي وڪري، واپار لاءِ عربي سمنڊ جي رستي سرحد تي پڪڙيو ويو آهي.“

هاڻ اهو ساڳي صوفي قربان آفيسر جي اڳيان موجود هو تہ هاڻ ان رپورٽ کي ڪير بہ ڪوڙو ڪري ڪون پي سگهيو ۽ پنهنجي ملڪ جي نوجوان عورتن جو ڪاروبار کي روڪڻ يا ان مان مال ڪمائڻ لاءِ آفيسر کي هڪ لاوارث قيدي هٿ چڙهي ويو هو جنهن کي پاڻداري عرس هڪ دفعو وري بہ گرم ڪري وڌو هو- آفيسر ان مهل قربان ۾ نظر وڌي تہ ان ۾ هاڻ هن کي باقي موت نظر پي آيو ۽ پوءِ هن ناڪئ صديق، بصر سرنگ ۽ پاڻداري عرس جا ڪپڙا لاهرائي، انهن جا پير ۽ پنا ڪترايا، پر انهن وٽ تہ نہ قربان جو ڪو راز هو ۽ نہ ڪجهہ حاصل ٿيو قربان جو حال محرم بس اُهو ڪڙو ئي ٻيڙياتو ناڪئو قاسم هو جنهن وٽ سندس سڀ راز هئا. پر سو تہ ان وقت سنڌودرياهہ ۾ ان تڙ تي وڃي روز قربان کي پيو ساريندو هو جنهن تڙ تي هن قربان ۽ عدن جون ملاقاتون پئي ڪرايون.

هاڻ ان ڏينهن آفيسر پاڻ کي ٿڪائي، آخرڪار قربان کي ائين چئي هليو ويو تہ ”پنهنجي هڪ محفل اجان ٿيندي، تيستائين جيلر کي چئي ٿو وڃان تہ تنهنجي باقي جسم کي هو زنده رکندو.“

آفيسر جي وڃڻ کان پوءِ ترت ئي جيلر ڪمار پاڻ سان هڪ ڊاڪٽر وٺي آيو جنهن قربان کي ڏسندي، پهريان تہ سندس علاج کان انڪار ڪندي چيو ”او ٻاءِ گاڊ.... ڪمار صاحب توهان چيو پي تہ هڪ مڇي مار قيدي آهي.... پوءِ هن سان هي حالت.... توهان سمجهو ٿا..... هي صورتحال جيڪڏهن ميڊيا تائين وڃي- تہ دنيا ۾ اسان جي جمهوريت کي جيڪي هار پارايا ويندا ان جو ذميوار ڪير آهي-!“

۽ وري اونڌي منهن پيل قربان جي پاسي ۾ ويهي سندس زخمن ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو "هي، هن ويچاري ۾، اڳ ۾ هو بہ ڇا ۽ پوءِ باقي اوهان هن ۾ ڇڏيو بہ ڇاهي. هن کي هسپتال ۾ ايڊمٽ ڪرڻو پوندو. هي هتي تہ هن کي جيل جا ڪيڙائي ماري ڇڏيندا؟"

پر جيلر ڪمار کي، آفيسر سخت هدايتون ڏئي ويو هو تہ "هن کي جيل جي اندر اهڙو محفوظ رکي، جو هن تي ڪنهن جي بہ نظر نہ پوي ۽ مهيني جي اندر، هي ماڻهو مون کي وري صحيتياب کپي."

پنهنجي آفيسر جون اهي هدايتون، جيلر ڪمار ڊاڪٽر کي تفصيل سان ٻڌائيندي جنهن مهل ان آفيسر جو نالو ڪنيو، تہ جيلر جي منهن ۾ ڏسندي ڊاڪٽر جا لڱ ڏرا ٿي ويا، ۽ قربان کي اتان ڪڍائي جيل اندر هڪ محفوظ ڪمري ۾ هن جو علاج شروع ڪري ڇڏيائين. مئي ۽ جون جا ٻئي مهينا سندس علاج ۾ گذري ويا. سندس جسم جا ڦٽ ائين ڪڙيون ٻڌي چڪا هئا، جيئن وڻن ۽ ٻوٽن جا گل ڇڻي هاڻ انَ وجهي چڪا هئا، سندس آخري ڏينهن واري چيڪ اپ دوران ڊاڪٽر صرف ايترو کيس چئي ويو هو تہ "جيڪڏهن اهو ساڳيو آفيسرتو وٽ وري تفتيش لاءِ اچي ٿو تہ پوءِ پنهنجو هي تون مڪمل علاج نہ سمجهجانءِ پوءِ تي سگهي ٿو هي تنهنجو آخري علاج هجي!"

۽ پوءِ سندس جسم تان ڪڙيون بہ لهي باقي سندس جسم تي رڳو پنهنجا نشان ڇڏي ويون هيون، انهن نشانن ۾ ڏسندو هو تہ انهن مان بہ کيس عدن جي صورت پئي نظر ايندي هئي.

هاڻ جولاءِ مهيني جو پهريون هفتو هو تہ، اهو آفيسر وري اچي ڪڙڪيو پر هن پيري قربان کي آفيس ۾ گهرايو ويو هي جيئن ئي آفيسر وٽ پيش ٿيو تہ آفيسر کيس ڏسندي چيو "اڃان زنده آهين!؟"

"ظاهر ۾ تہ ائين پيو نظر اچان - ٿي سگهي ٿو اها توهان سميت ڪنهن ٻئي جي نظر جي بہ خواهش هجي" اهو قربان، سندس آفيسر واري حيثيت نظرانداز ڪندي ائين چيو ڇڻ هو آفيسرکي پاڻ لاءِ پڙڪائيندو هجي ۽ آفيسر جي طبيعت سندس ان انوکي جواب ۾ واقعي بہ ڇڻ وساٽل ٽانڊي جيئان دکي پئي، پر ڪنهن، ڪنهن جي طبيعت ۾ برندڙ ڏونهہ يا محبوبن جي يادن جي وروڻهہ بہ ڏٺي آهي؟

انسان جو ڪجهہ پنهنجي اندر ۾ ساري، سنڀالي ٿو اها ئي سندس طبيعت واري سيرت سندس صورت پسائيندي آهي.

هي پنهنجي يادن جي مزار جو ڏيئالي بہ پاڻ تہ ان مزار جو نظارو ۽ ديدار بہ پاڻ آهي.

قربان ان مهل پنهنجي محبوبا جي يادن واري طوفان جي گهيري ۾ آفيسر کي بہ ان ۾ گڏائيندي ائين چئي ڏنو هو تہ ”تي سگهي ٿو منهنجو جياپو توهان سميت، ڪنهن جي نظرن جي بہ خواهش هجي!“

۽ پوءِ ان مهل آفيس ۾ ڪا ضروري ڪاغذي ڪارروائي ڪري، هن کان ڪجھ صحيحون ورتيون ويون. جنهن ڪانپوءِ هن کي هٿ ڪڙي هٽي، اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي، هن کي ان جيل مان ڪٽي وچي ڪنهن ڳجهي ٽارچرسيل ۾ بند ڪري ڇڏيائون. جنهن ۾ هڪ ڏينهن هن کي پهريان سندس جسم جي گردن کي سامهون پاسن کان اليڪٽريڪل شاڪ ڏنا ويا. جنهن ۾ هن سان حالت اها هئي جو سندس اکيون ڇڻ منهن مان نڪري هيٺ ڪرڻ واريون هيون. پوءِ بہ هن رڳو ايترو چيو تہ ”مون ڪوڙ ناهي ڳالهايو“ پر سندس ساهہ ۾ ايڏي آنڌ مانڌ ٿي پئي، جو سندس ڦڦڙ ڇاتي ڦاڙي ڇڻ ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هجن! ۽ پوءِ ٻن ڪلاڪن جو وقفو رکي هاڻ هن کي سندس مرداڻي عضوي کي اليڪٽريڪل شاڪ ڏنا ويا، تہ ان ۾ هن جو ڪنڌ پوئتي وري ويو وات ڦاٽي ويو ۽ زبان سڄي ٻاهر نڪري آيس. سندس اکيون پوريل هيون ۽ ٽنگن ۾ اهڙي رڦٽي هئس، جو سندس ٽنگون ڄڻ ڪپي ڌار ڪيون ويون هجن. ان دوران آفيسر هن کان بار بار پي سوال پڇيا، پر هن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو. پر ٽيون دفعو جنهن مهل هن جي مرداڻي عضوي کي شاڪ ڏنائون، تہ ان مهل هي مڪمل بي هوش ٿي ويو.

ان کان پوءِ جڏهن آفيسر کي پنهنجي مقصد واروڪو نتيجو حاصل نہ ٿيو تہ ٽي ڏينهن ڇڏي چوٿين ڏينهن هن کي سندس لوڙن کان دماغن جا شاڪ ڏنا ويا. جنهن ۾ سندس پورو جسم جڪڙي ٻڌو ويو هو پر هن جي جسم جي هڪ آڱر بہ ڪان چُري هئي، هن بس دل ۾ رڳو اُهي لفظ دُهرايا. جيڪي حضرت عيسيٰ نبي پنهنجي اگهاڙي جسم سان ٽنگيل صليب تي وڏي آواز چيا هئا تہ:

”ايلي ايلي، لما سبقتني“

اي منهنجا خدا، اي منهنجا خدا تو مونکي ڇڏي ڏنو“

۽ پوءِ جنهن مهل ڊاڪٽر جي هدايت کان وڌيڪ وقت ۽ پاور وارو ڏکو شاڪ ڏنو ويو. تنهن مهل سندس وات مان اڇي گجي نڪري آئي ۽ سندس هينيون ڌڙ ٿڏو ٿي ويو هو تنهن کان پوءِ آفيسر پنهنجي مقصد کان نااميد ٿي هن مان هٿ ڪيدي ڇڏيو هو ۽ هن کي وري ساڳي جيل ۾ پنهنجي ساٿين واري وارڊ ۾ رکيو ويو پر ڪجھ ڏينهن ۾ ٿي سندس گردا ڪم ڪرڻ ڇڏي چڪا هئا. جنهن ڪري پيشاب جي تڪليف هن کي وڌي وئي ۽ مرداني عضوي واري شاڪ سبب سندس ڇهل مڪمل ڪم نہ پي ڪيو ۽ اٿڻ ويهڻ کان بہ لاچار ٿيڻ لڳو هو دماغ واري شاڪ هن کان سڀ ڪجھ کسي ورتو هو پر پنهنجي محبوبا عدن جي اداس ياد هاڻ هن کان ڇڻ سندس

ساھہ جي موڪل پي ورتي! هنن کي يارهن مهينا قيد ۾ ٿيا هئا تہ سفارتي ڪوشش سان 52 پاڪستاني ملاحن کي پارتي جيلن مان آزادي ملي، جنهن ۾ ڏھہ ڄڻا هي بہ هئا. جڏهن پنهنجي، پنهنجي ڳوٺ پهتا، تہ قربان جي حالت جو ٻڌي سندس عيادت لاءِ ماڻهن جا ميڙ وري پيا هئا. پر هن ڪنهن سان ڪجھہ بہ ڪون پي ڳالهايو سندس پاءُ حافظ امين، بہ مهينا اڳ ۾ تبليغ تان موٽي آيو هو پر سوهاڻ ڪيس ويجهوئي ڪون ايندو هو ۽ پنهنجي جماعت جي هڪ پناڻ ڪي بہ سان گڏ ڦاٿندو ڏسي پيجي آيو هو.

قربان اوطاق جي اڳيان هڪ وڏي نم جي وڻ هيٺان تڏو وڇايو سڄو ڏينهن ان تي پيو هوندو هو.

هڪ ڏينهن سندس حال محرم پيڙياتو دوست، ناڪئو قاسم سندس طبيعت پڇڻ جي بهاني سان آيو ۽ هن کي پنهنجي منهن چيائين "عدن سان ملندين- سانجهي هوڙو ڪٽي اچان، ۽ تون سانجهين مهل هتان رڙهي تڙ تي اچجئين- پوءِ هلنداسين!"

۽ پوءِ سانجهين مهل هي رڙهي تڙ تي پهتو تہ سج لهي چڪو هو ناڪئو قاسم هن کي هوڙي تي ڪٽي درياھہ جي ٻي پار وٺي لاٿو جتي درياھہ جي ڪنڌيءَ سان عدن جي مزار هئي، اتي هن قربان کي ٻڌايو تہ "تو صديق ناڪئي سان درياھہ ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ منهنجون پڇائون ڪيون هيون، آئون ٻي ڏينهن اسپتال مان پنهنجا پارڙا وٺي آيس تہ، تون ناڪئي صديق جي هوڙي تي چڙهي، هڪ ڏينهن اڳ ۾ نڪري چڪو هئين. پر مونکي تون هر رات ياد ايندو رهئين ۽ پوءِ الئي چو انهي هفتي جمع جي رات چار بجي مون ان تڙ تان رڇ پوکيو جتي آئون توکي تنهنجي هن محبوبا ڏانهن وٺي ويندو هئس- دريا ان وقت آلڙ تي هو. منهنجو رڇ هيٺ پاٽي ۾ ڪٽي رندجي ويو هو- جڏهن رڇ ڇڏائڻ لاءِ درياھہ ۾ لٿس ۽ هيٺ پاٽي ۾ ويس تہ هي عدن رڇ ڪي جهڙو پاڻ پڪڙو پئي هئي- مون سندس لاش ڪيڏي پنهنجي هوڙي تي رکيو ۽ مون کي دل ۾ ائين لڳو تہ هن کي هٿ سان درياھہ ۾ لوڙهيو ويو آهي- ۽ پوءِ مون پاڻ کي بچائڻ خاطر، پنهنجا ماڻهو ان مهل ئي هٿ ڪري سج ايرڻي کان اڳ ۾ تنهنجي امانت سمجهي ڪيس هتي دفنائي ڇڏيم!!"

۽ پوءِ شايد پهريون دفعو هو جو قربان جي اکين مان جيئن پاٽي وهڻ شروع ٿيو هو تہ ان حال ۾ ئي سندس جان ڪان روح موڪلايو هو ۽ اتي ئي پاڻ بہ دفن ٿيو هو پر 2010ع واري مهابوڏ ۾ سنڌودرياھہ ٻنهي جون مزارون پنهنجي پيٽ ۾ وجهي هميشہ لاءِ دنيا کان محفوظ ڪري ڇڏيون!!

**حيدر دريا**

25_05_2012

هر جاءِ جلوا مون ڪيا، غائب بہ تي حاضر بہ تي.
اول بہ تي آخر بہ تي، باطل بہ تي ظاهر بہ تي.

خوش خيال پنهنجي ڪي ڪيم، مسجد مندر مئخان ۾،
موڪي بہ تي مئڪش بہ تي، مومن بہ تي ڪافر بہ تي.

العشق واري انگور سان، اعليٰ غُليلايون ڪيم،
آدم بہ تي حوا بہ تي، شجر بہ تي، شرر بہ تي.

پولي حُسن جي ۾ وجي، هر رنگ ۾ رلجي ويس،
ڪرمز بہ تي زردو بہ تي، احمر بہ تي اَخضر بہ تي.

ڪِيئن رئاريم ڪِيئن ڪلايم، ڪِيئن پُلايم ڪِيئن ملايم،
ظالم بہ تي سالم بہ تي، رهزن بہ تي رهبر بہ تي.

هر سن ۾ هوسو هرطرح، هر ڪا خبر هر هر ڏنم،
انبياءُ تي اولياءُ تي، سالڪ بہ تي رهبر بہ تي.

اعجاز واري ويس ۾، پنهنجو پروڙيم پاڻ ۾،
پاڳل بہ تي سياڻو بہ تي، بي زر بہ تي با زر بہ تي.

(اعجاز شاهہ)